# کُلیاتِ احمد

(پاگوپیو)

## مولوی احمد ملاحؒ

تحقیق ءُ ترتیب

پروفیسر ضرار رُستمانٹي

Gul Hayat Institute

روشني

# ڪُلياتِ احمد

(ڀاڱو ٻيو)

## مولوي احمد ملاح رح

تحقيق ۽ ترتيب

## پروفيسر ضرار رُستماڻي

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2019ع

Gul Hayat Institute




مولوي احمد ملاح رح

Gul Hayat Institute


مولوي احمد ملاح رح
آرٽ
عبدالحفيظ قريشي

# فهرست


- اڄ ته ملڪن تي ملهاريون — ڊاڪٽر اسد جمال پلي — ٠٥

١. رديف الف — ٢١
٢. رديف ب — ١٠٠
٣. رديف ٻ — ١١٠
٤. رديف ڀ — ١١٢
٥. رديف ت — ١١٥
٦. رديف ٿ — ١٤٥
٧. رديف ٽ — ١٤٧
٨. رديف ٺ — ١٥٩
٩. رديف ث — ١٦١
١٠. رديف پ — ١٦٦
١١. رديف ڦ — ١٦٧
١٢. رديف ج — ١٧٠
١٣. رديف ڄ — ١٧٦
١٤. رديف جھ — ١٨٢
١٥. رديف ڃ — ١٨٧
١٦. رديف چ — ١٨٩
١٧. رديف ڇ — ١٩٢
١٨. رديف ح — ١٩٥
١٩. رديف خ — ٢٠٥
٢٠. رديف د — ٢٠٦
٢١. رديف ڌ — ٢١٤
٢٢. رديف ڏ — ٢٢٣
٢٣. رديف ڊ — ٢٢٥
٢٤. رديف ڍ — ٢٢٩
٢٥. رديف ذ — ٢٣٥


Gul Hayat Institute

| | |
|---|---|
| ۲۶. ردیف ر | ۲۳۸ |
| ۲۷. ردیف ژ | ۲۵۹ |
| ۲۸. ردیف ز | ۲۶۰ |
| ۲۹. ردیف س | ۲۶۷ |
| ۳۰. ردیف ش | ۲۹۱ |
| ۳۱. ردیف ص | ۲۹۵ |
| ۳۲. ردیف ض | ۲۹۸ |
| ۳۳. ردیف ط | ۲۹۹ |
| ۳۴. ردیف ظ | ۳۰۱ |
| ۳۵. ردیف ع | ۳۰۴ |
| ۳۶. ردیف غ | ۳۰۵ |
| ۳۷. ردیف ف | ۳۰۶ |
| ۳۸. ردیف ق | ۳۰۸ |
| ۳۹. ردیف ک | ۳۱۱ |
| ۴۰. ردیف ک | ۳۱۲ |
| ۴۱. ردیف ګ | ۳۱۴ |
| ۴۲. ردیف ګ | ۳۱۶ |
| ۴۳. ردیف ل | ۳۱۷ |
| ۴۴. ردیف م | ۳۲۴ |
| ۴۵. ردیف ن | ۳۴۴ |
| ۴۶. ردیف ڼ | ۴۳۲ |
| ۴۷. ردیف و | ۴۳۵ |
| ۴۸. ردیف هـ | ۴۸۴ |
| ۴۹. ردیف ء | ۴۸۸ |
| ۵۰. ردیف ي | ۴۹۵ |


Gul Hayat Institute

# اڄ نه ملڪن تي ملهاريون

مولوي احمد ملاح جي سوانح ۽ ڪلام تي ڪجهه به لکڻ ڪان پهرين پنهنجي ڪم علميءَ جو اعتراف نه ڪرڻ جهالت چئبي. بلڪ هيءَ تحرير سج کي ڏيئو ڏيکارڻ جي مصداق آهي. البت ’عاشقانِ احمد‘ جي لسٽ ۾ رجسٽرڊ ٿيڻ جو ذريعو ضرور آهي. ورنه هن علم جي درياءَ جي تشريح لاءِ ته وري ڪو بحر العلوم قلم کڻي. شايد انهيءَ خوف ڪان ته اسان جي اهلِ قلم حضرات ملاح تي لکيو ئي ڪونهي ته متان هو ساڻس انصاف نه ڪري سگهن. مولوي صاحب ۾ ڪا هڪ خصوصيت يا هڪ رخ هجي ها ته ڪو انهيءَ رخ جو اسپيشلسٽ به سندس انهيءَ رخ ڏانهن وڌي ها، مگر هن گهڻ پهلوئي شخصيت تي لکڻ لاءِ جِجها سارا ادبي شعبن جا عالم ۽ اسپيشلسٽ ئي لکي سگهن ٿا. باقي عقيدت جا گل جن به نڇاور ڪيا آهن، پاڻ انهيءَ گاڏيءَ جي پوئين گاڏي ۾ ويهي ٿا رهون ۽ ڪريون ٿا عشق جي آرزو پوري.

جڏهن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح پنهنجي ڪلام لاءِ فرمايو ته:

**جي تو بَيت ڀانيا، سي آيتون آهِنِ.**

تڏهن کان ڀٽائيءَ جي ڪلام جي محتاط عالمن چيو ته هيءُ بيت شاهه جو نه آهي ڇاڪاڻ ته ڀٽائيءَ جهڙو بزرگ ڪيئن ٿو بيت کي آيت چئي سگهي. انهيءَ احتياط ڪِن اڻڄاڻ ماڻهن جي اندر کي ته سڪون ڏنو مگر ڳالهه کي وري وڃي گرهوڙي صاحب ڇِٽو ڪيو. گرهوڙي صاحب، جيڪو هڪ عالم، فاضل، مجتهد، شهيد ۽ ولي الله هو بلڪ چون ٿا ته ڪيس بارگاهِ رسول ۾ حاضري به نصيب هئي ۽ حضرت شاهه عبداللطيف جي صحبت به ملي هئي ۽ ڀٽائي طرفان عطا ٿيل تحفا اڄان به سندس پوين وٽ محفوظ آهن، پاڻ عام ماڻهن جي انهيءَ ڳڻتيءَ جو هن طرح ازالو ڪيائين :

**آهي عَبداللطيف تي، رَضامندو رَحمان،**
**جوڙي جِنهن قُرآن، سِنڌيءَ ۾ صَحيح ڪيو.**

گرهوڙي صاحب جي هن سنڌيءَ ۾ قرآن واري مقولي تي ماڳهين ماٺار بدران بي چيني وڌي ويئي. اها ڳالهه ڪو مون ۽ پروفيسر ضرار يا فيض ڪوسو صاحب جهڙو غريب چئي ها ته ’تعزيرن‘ جي سخاوت ۾ ٿي چيچي وڃي ها، پر گرهوڙي صاحب جي گرفت وٺڻ ڪان گهٽن ڪيٻايو ۽ لنوايو. البت انهيءَ بيت کي ماڳهين پڙهڻ ڪان ئي پرهيز ڪيو. ڪو گهڻو وقت ڪونه گذريو جو گرهوڙي صاحب جي وقت وارو ٽالپرن جو دور ختم ٿيو ۽ انگريزن جو سئو ساله دور



Gul Hayat Institute

شروع ٿيو. هن دور جي آخري سالن ۾ مولوي احمد ملاح کي قرآن مجيد جي منظوم ترجمي جو خيال آيو ۽ دنيا جي نقشي تي ٺهندڙ هڪ نئين مملڪتِ خداداد پاڪستان سان گڏ انهيءَ جي ابتدائي ڏهاڪي ۾ قرآن مجيد جو منظوم سنڌي ترجمون به دنيا کي مليو. هيءُ ترجمون بيتن ۾ ٿيو ۽ الحمد لله 'جي تو بيت پانيا' تي تصديق جي مُهر لڳي ويئي ۽ بقول گرهوڙي صاحب، سنڌيءَ ۾ قرآن جُڙيو. نه صرف ايترو پر ملاح پڻ فرمايو :

اَٿي شِعر 'احمد' پُرپُل ذَوق بيحد،
رَسن بَيت هِڪ کي نه رَس ۾ رِسالا.

وري اجان ڳالهه کي ٻئي رخ سان ڏسو :

بي عَقل جي بات چِڏ، باقي نظم ۾ بي گمان،
جابجا 'احمد' تي عاقِل، آفرينون ڪن پيا.

آفرينون ڇو نه ڪندا، هيءُ اعزاز دنيا ۾ ڪنهن ٻي ٻوليءَ کي نصيب ٿيو ئي ڪونهي. ڇا ته قدرت سنڌي زبان جو شان وڌايو آهي، ڪهڙو نه سهڻو سلسلو آهي! دنيا جي وڏي ۾ وڏي شاعر ڀٽائي رح جي بيتن ۾ آيتون هن ريت سمايون پيون آهن :

نه ڪِنهن ڄائو ڄام کي، نڪو ڄام وِياءُ،
لَمۡ يَلِد وَلَمۡ يُولَد، اِيءُ نِجابت نِياءُ،
ڪِبر ڪِبرياءُ، تخت تماچي ڄام جو.

خشوع واري نماز لاءِ سمجهي پڙهڻ شرط آهي نه ته نماز ۾ خشوع يعني نياز مندي ايندي ئي ڪانه. هاڻي اگر نماز ۾ 'سوره اِخلاص' پڙهجي ته اُها سمجهه ۾ ته مٿئين بيت وانگيان ئي ايندي. يعني ساڳي 'جي تو بيت پانيا' واري دعويٰ صحيح ثابت ٿي ۽ ان تي مُهر هڻڻ وارو وري مولوي احمد ملاح آهي. يعني ڪلام پاڪ جي منظوم سنڌي ترجمي ڪان پوءِ حيثيت ۾ سنڌي زبان دنيا جي ٻين مڙني زبانن جي مهندار ٻولي بنجي ويئي ۽ انهيءَ زبان ۾ قرآن پاڪ جي مترجم جي حيثيت ڇا هئڻ کپي؟ اهو تعين به مولوي صاحب پاڻ ٿو ڪري ڏئي :

خَلق ۾ خالق ڪِيوئي، خاتمِ الشُعراءِ خاص،
هاڻ 'احمد!' آخرت سين، سِند مَٿي سالار هُج.

ضرورت ڪونهي ته اڳتي کي ٻيا لفظ ڳولجن جيڪي مولوي صاحب جي شاعرانه حيثيت کي اجان به چٽو ڪن.

مولوي احمد ملاح جي ڪلام جو مطالعو نه ڪرڻ ۽ سنڌي زبان جو سچڻ سڏائڻ، اها عجيب غير ذميواري چئبي. مولوي صاحب جي ڪُليات جو پهريون حصو سڄو انهن ڳالهين، واقعن ۽ اشارن سان ٽمٽار آهي، جنهن جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته مولوي صاحب هڪ سجاڳ شاعر،



Gul Hayat Institute

حالات حاضره کان باخبر، پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار ڪندڙ ۽ سنڌ جو سڄڻ ۽ خير خواهہ شاعر آهي. جيڪو سنڌ سان گڏ ساري عالم جي آبادي ۽ خوشحاليءَ جو خواهان آهي. هتي اسين ڪُليات جو ٻيو حصو جيڪو 'ديوانِ احمد' تي مشتمل آهي، انهيءَ جي هر ڪنهن بيت ۾ اها ڳالهہ چڱيءَ ريت پسون ٿا تہ پنهنجي نوجوان نسل، سنڌي سماج ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ هيءَ شاعري هر لحاظ کان ڪارج واري شاعري آهي. شاعريءَ ۾ ديوان لاءِ جيڪي شرط شرائط آهن، اهي سڀ هن ديوان ۾ پورا آهن. بلڪ ڪي وري اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي هن ديوان ۾ اڃان بہ اضافي ۽ انفرادي آهن. هن ديوان جي ابتدا ۾ عربي ۽ فارسيءَ جا غزل وري ديوان ڪي 'نورالقرآن' سان نسبت ڏين ٿا تہ قرآن مجيد جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمون ڪندڙ مولوي احمد ملاح نہ صرف عربي زبان جو عالم آهي پر هو هن ٻوليءَ جو هڪ سُڄاڻ شاعر پڻ آهي. ساڳيءَ طرح هو دنيا جي هڪ ٻي وڏي زبان جنهن ۾ اسان جو تمام گهڻو ديني علم پڻ موجود آهي، يعني فارسي ٻوليءَ جو بہ معتبر شاعر آهي. اهڙيءَ طرح اردوءَ سان گڏ پاڙيسري زبان جي حيثيت سان سرائڪيءَ ۾ بہ سندن شعر موجود آهن. هنن ڳالهين کي ذهن ۾ رکي جڏهن اسين ديوان جي غزلن ۾ داخل ٿيون ٿا تہ اسان کي هيءُ ديوان فني توڙي فڪري لحاظ کان تمام مٿاهون محسوس ٿئي ٿو.

هونئن بہ اها ڳالهہ سولائيءَ سان سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ جيڪو شاعر عربي، فارسي، اردو ۽ سرائڪيءَ ۾ شاعري ڪري سگهي ٿو ۽ جنهن کي علم بديع، علم بيان، علم معاني ۽ علم عروض جي سڀني پهلوئن تي ملڪو حاصل آهي، ان لاءِ ڪا بہ صنعت يا تجنيس استعمال ڪرڻ تہ ٻاراڻي ڳالهہ هوندي. هن پايي جو شاعر جيڪو بہ شعر لکندو ان ۾ تجنيسون، صنعتون، محاورا، اصطلاح، پهاڪا، چوڻيون تہ خود بخود شعر جو حصو ٿيندا ويندا مگر قافين جي بہ ڪا ڪمي ڪونہ ٿيندي. آخري قافيا، اندريان قافيا ۽ رديف جا قافيا سڀ جا سڀ سهڻا لڳن اهو ڏکيو ڪم آهي. انهيءَ ۾ بہ آخري قافيو منتخب ڪرڻ ۽ نباهڻ سڀ کان ڏکيو ڪم آهي. ٻاونجاهہ اکرن جو ديوان هجي يا عربي الف.بي جو تتبع هجي، ڪيترن ئي استاد شاعرن ڪجهہ قافين لاءِ رديف استعمال ڪري گاڏي اڳتي ڌڪي آهي. مثال طور 'ث' جي اکر ڪي ديوان ۾ پورو ڪرڻ لاءِ، غوث، عبث، يا الغياث جي رديف جو استعمال ڪيو آهي. مولوي صاحب جڻ هن معاملي تي سڀني شاعرن کي سيکاري وينو ۽ پهريائين الغياث جو روايتي رديف استعمال ٿو ڪري پوءِ وري الغياث کي آخري قافيو رکي الاثاث، خباث، ثلاث، وراث ۽ تراث جهڙا مشڪل قافيا اهڙي شاندار نموني سان پيو استعمال ڪري جو پڙهڻ واري کي لغت کولڻ جي ضرورت ئي ڪونہ ٿي پوي ۽ بند جون بہ سِٽون نہ صرف ڪيس ان لفظ جي معنيٰ پيون سمجهائن پر شعر بہ پنهنجي رس چس ۾ لاجواب بيٺو آهي. هن منزل تي جڏهن شاعر

پهچي ٿو تڏهن تہ ڪيس قادر الڪلام شاعر چئجي ٿو.

جڏهن اسين ’اها ها‘، ’ها ها‘ ۽ ’ها ها ها‘ جي لفظن تي غور ٿا ڪريون تہ اهي اسان کي غزل جا رديف محسوس ٿين ئي ڪونہ ٿا، پر جڏهن ملاح جي شعر ۾ هي رديف پڙهون ٿا تہ وات پاڻي پاڻي ٿيو پوي :

نہ چاتان هُو وَراڪا وِچ، ڪِ هُوندي رات راسيو سِڄ،
سَڄڻ سامهُون سُٽايِر اَڄ، اِهي مُنهنجا اُها ها ها!

سَڄڻ مَهندان سَلامي سَوُ سِپاهي،
عَجب جا دَبدبا دَب دَب اَها ها!

ڪجھ شاعر قافين جي کوٽ جي پورائي لاءِ رديف جو سهارو وٺن ٿا، مگر رديف خود شاعر لاءِ هڪ وڏو فن ۽ فن جو امتحان آهي. غزل جي مختلف بندن ۾ رديف جي معنيٰ برقرار رکڻ ۽ ان ۾ غزل جي دلڪشي ۽ برجستگي پيدا ڪرڻ هر ڪنهن شاعر جي وس ۾ نہ آهي،وارث ۽ احتياج بہ ڏکيا رديف آهن. مولوي صاحب نہ صرف هي قافيا استعمال ڪري ڇڏي ڏنا آهن پر احتياج لاءِ سورهن ڏريون ۽ وارث لاءِ سورهن وارث ڳولڻ سندس مطالعي ۽ مشاهدي جو ڪمال آهي. وٽس هن فن ۾ کوٽ ئي ڪونهي، پڙهندڙ سوچي بہ نٿو تہ هو هر نئين بند ۾ نئون احتياج ۽ نئون وارث ڳوليو اچي. آخر ۾ نقاد وٽ ٽِڪي چڙهي کان سواءِ ٻي ڪا واهہ ئي ڪانهي ۽ مجال وري ڪٿي شعريت ۽ معنويت متاثر ٿئي. اچو تہ بہ ٽي شعر پڙهون:

ڪِيئن لِکان تو يار پُرزو؟ پاڻ ٿياسُون هِڪ پرِين!
پاڻ ڏي خَط پَٽ خَبر جو آهِہ ڪهڙو اِحتياج؟

چِيو مِٺي مَحبُوب مُون کي، مَر نہ ميلو ماڻِين،
هاڻ ’احمد‘ کي عُمر جو آهِہ ڪهڙو اِحتياج؟

سَدَر جو آهِہ سَيڪو ۽ اَدَر جو،
نہ ڪو غمِّار ۽ غَمخوار وارِث.

ڪيَہ واڪا ويهي ويجهو وِڃھ کي،
نہ نالي ڪاڻ ٿيو نِروار وارِث.

Gul Hayat Institute

هيءُ آخري شعر دودي سومري جي مقبري جي اتر طرف بيهي ڪو سنڌ جي تاريخ کان واقف اهلِ دل پڙهي ۽ پوءِ ٻڌائي تہ مولوي صاحب ڪٿي پيو ڳالهائي.

مولوي صاحب ’رديف گر‘ شاعر آهي. هو نہ صرف ۵۲ لفظن تي ۵۲ غزل لکي ديوان جي تقاضا پوري ڪري سگهيو ٿي، مگر هو هڪ لفظ تي ۵۲ رديف ڏيئي، ۵۲ غزل لکي سگهڻ جي سگهہ وارو شاعر آهي. اها سندس زبان تي عبور جي حيثيت آهي. مولوي صاحب وٽ رديف ۽ قافيا نہ صرف غزل جي شاعرانہ تقاضائن کي پورو ڪن ٿا پر اعليٰ فڪر ۽ فهم جي اظهار جون بہ سڀ ضرورتون پوريون ڪن ٿا. هو جڏهن پنهنجي ڪلام ۾ رديف ۽ قافين جو وسڪارو ڪري ٿو تہ ائين ٿو لڳي تہ سانوڻ سوڙهہ لاٿي، ٿيون ساٽيهہ ۾ سڻايون.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جي ڪلام جي لغت ۽ صحت کي سمجهڻ جو هڪ معتبر طريقو اهو بہ آهي تہ رسالي جا اهي لفظ جيڪي سمجهہ ۾ نہ اچن انهن کي ڀٽائيءَ کان پوءِ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام ۾ ڳولجي. انهن سنڌي زبان جي ڪلاسيڪي شاعرن ۾ گرهوڙي صاحب، خليفو نبي بخش لغاري، سچل سرمست، صوفي صديق فقير صادق، حمل فقير، مل محمود پلي، سانوڻ فقير، منٺار فقير راڄڙ ۽ مولوي احمد ملاح خاص آهن. هي سڀ بزرگ شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح جا لغوي توڙي فڪري شارح پڻ آهن. هن شرح ۾ مولوي صاحب جو حصو سوايو آهي. مولوي صاحب ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ فهم سان گڏ لسانياتي پهلوئن ۽ رسالي جي زميني داستانن جي نقطن کي بہ نروار ڪيو آهي. مثال طور ’رپ ۽ بروي‘ جي عوامي داستان جي وضاحت ڪري هن شاهہ جي رسالي ۾ پنجن سرن تي محيط هن داستان کي وڏيڪ کولي ۽ چٽو ڪري رکيو آهي. هتي اسين بہ بند نموني طور رکون ٿا:

بِرهہ خود بَروو بَناس، بُت بَجائي چا ڪَريان؟
مَر ڪُلهن تان ماس ڪورين، ڪوريو ڪوريندو وَت.

آهِہ ’احمد!‘ عِشق ۾، ڪورڻ ڪُلهن تان ماهہ ڪَم،
وَقت بَروي جو لنگهيو، بيٺو اَسان سِر بار اَڄ.

هي بہ بند ’بروي ۽ رپ‘ جي داستان جي مختلف مرحلن کي واضح ڪن ٿا. سيني ڪلاسيڪي شاعرن هن داستان جي راڳ واري پهلوءَ کي تہ چوريو آهي مگر داستان جي واقعن کي شاهہ عبدالطيف ڀٽائيءَ کان پوءِ مل محمود ۽ مولوي احمد ملاح ئي چورين ٿا ۽ کولين ٿا. ’ ديوانِ احمد‘ ۾ اگر ڀٽائيءَ جي فهم ۽ فڪر جا پيرا کڻبا تہ غزل جهڙي رومانوي صنف ۾ وک وک تي ڀٽائي پيو وڄ وانگيان ڪِوندو. دليل جي طور هتي مولوي صاحب جي ڪجهہ شعرن مان لطف وٺون ٿا :

سهڻو خيال ۽ احسن طريقو جڏهن به ملن ٿا ته ڳالهه دل مان بست پار ٿئي ٿي. ’ديوانِ احمد‘ ۾ جڏهن اسين تجنيسن ۽ صنعتن کي تلاش ڪريون ٿا ته وک وک قلن چانيل آهي. اهڙي کهڙي صنعت يا تجنيس آهي جيڪا ديوان ۾ موجود ڪونهي. بلڪ ديوان کي اڳيان رکي ڪافي نين تجنيسن ۽ صنعتن جون وصفون پڻ ٺاهي سگهجن ٿيون.

جڏهن به ’ديوانِ احمد‘ جو تفصيلي مطالعو پيش ڪبو ته هن صنعت گريءَ کي وضاحتن سان لکبو. هتي جيڪڏهن اسين ڪنهن به هڪ صنعت کي ڪٺنداسين ۽ ان جا ايترا مثال ديوان ۾ موجود آهن جو هڪ تجنيس هڪ مضمون جي برابر ٿيو وڃي. اهڙيءَ طرح ديوان ۾ ڪي اهڙا بند به موجود آهن، جن ۾ تجنيسن ۽ صنعتن خواهه ٻوليءَ جي ٻين خوبين جي اپٽار ڪبي ته اهڙي هڪ بند تي هڪ مضمون تيار ٿي ويندو. تجنيس تام، مراعا ة النظير، تجنيس مرڪب، صنعت لف و نشر، تجنيس ذوقافيتين، تجنيس خطي، تجنيس زائد ۽ تجنيس ايهام ڪان سواءِ محاورا، پهاڪا، چوڻيون، اصطلاح، تشبيهون، استعارا ۽ صرف و نحو جا مولوي صاحب اهي تجلا ٿو پسائي جو پڙهندڙ جي طبيعت سير ٿيو وڃي. ڪهڙو عقلمند هوندو جنهن کي هن لاجواب ديوان جي هوندي ڪنهن ٻئي طرف لوڙو ڦيرڻ جي ضرورت پوندي. هن ديوان ۾ غزل جي سيني لوازمات کي نه صرف پڙهي ۽ سکي سگهجي ٿو، پر غزل جي صنف جي هن سُهڻي شاعرانه هٿيار سان پڙهندڙ جنهن ڪارگر ۽ قيمتي ڪلام سان آشنا ٿئي ٿو اها به بخت جي ياوري آهي. هي ٽي شعر غزل جي لباس ۾ پڙهو:

مُبارڪ آهِ مارُئيءَ کي، نه مارُئن تي مَٽيَن مارُو،
ٻَڌا ’احمدا‘ اَحد سان تو، مَ ڪَج اَنجام سي اَڏڙا.

سَندم هِن سُونهن صُورت جو، سُڻايو سُومري کي جِن،
پَوي تِن پير ڪاري تان، ڏِسن ڏَنگيل نه ڏانگيڙا.

چَمَن ۾ نِينَم، چُمني ڏِينَم هَٿ ۾،
چَوان ري نُون چُمني ڏي، نه چَئي نا.

آخري شعر ۾ صنعت تجاهل عارفانه جو ڪيڏو نه عمدو مثال آهي. اهڙيءَ طرح صنعتن جون هيٺيون سٽون به ملاحظه ڪجن:

ساهه ۾ سِڪ ساڏُهيَن جي، سا ڏُهيءَ جي رات اَج،
اَج اَهاها! اُو اوهيرو، آهِ نَٿ تي نيٿ نيٿ.

Gul Hayat Institute

سُونهن مُنهنجي جِنهن سُٽائي، سُومري ڪي سو مَري،
تا حياتي بي حَيا جي، مُنهن تي ٻَئي هَٿ هيٺ هيٺ!

عُمر گُذري آسرن ۾، اَي عُمر! آخر ٻُڌاءِ،
هِن عُماڻيءَ کي نِپَر، ڪيڏيندين نه ڪيڏيندين نيٺ نيٺ؟

ڪَندا ڪاهه ڪي ڪوهه، سَئُو ڪوهه ڪوهه؟
رَکي پِرت پُوري، پِرِيَن پار پُور.

صُبح سانجهيءَ ۾ پَسائي، زُلف زوراور زَنجير،
وار وِسيَر وِهه پَرِيَل، تِنهن چَنڊ تي چاڙهي چَڙيا.

ڦَڻ ڪنئي وِسيَر ڪِي وارن ۾ ڦَٽي ڦِرندي ڏِنم،
چيلهه چابُڪ ڪان سَنهي، ڪَر هَٿ وَڏي پيو وار وَٽ.

ديوانِ معمور تي مهاڳ لکندي مون صنعت عڪس و تبديل جو مطالعو ڪيو انهيءَ غزل جو مطلع هن طرح هو :

اَجان وري نه واڳ ٿي، نه واڳ ٿي وري اَجان،
اَجان پَري مُفاصلو، مُفاصلو پَري اَجان.

هيءَ خوبصورت صنعت وري ڪٿي به منهنجي مختصر مطالعي ۾ نه آئي ۽ وري اڄ معمور صاحب جي محبوب شاعر مولوي احمد ملاح جي ديوان ۾ پڙهيم ته دل ٺري پئي :

دَم ڏِنِ ٿا تو ڏارا، دِلدار! دَرد وارا،
دِلدار! دَرد وارا، دَم ڏِنِ ٿا تو ڏارا.

آءُ تان ڏِيَئِين اوتارا، ’احمد‘ چَئي اَندر ۾،
’احمد‘ چَئي اَندر ۾، آءُ تان ڏِيَئِين اوتارا.

سڄو غزل هڪ صنعت ۾ ۽ ستر (٧٠) غزل هڪ حرف ’الف‘ لاءِ ڪير ٿو هن بحرِ بيڪران سان سينو ساهي سگهي!



Gul Hayat Institute

اسان وٽ غزل جي ٻوليءَ ۾ غير سنڌي لفظن جو استعمال نه هجڻ ۽ غزل لاءِ عروض جي پرهيز ڪان وٺي ان ۾ موضوعن جي حد بندين هجڻ نه هجڻ تي ڪيترائي ڏگها ڏگها نه طئي ٿيندڙ بحث ڪيا ويا ۽ بحثن وجي ڇڙواڳ شاعريءَ کي ڇيڙيو. بحر و وزن ڪان بغاوت ڪري غزل کي غونزل ۽ گزل جهڙا اڏينگا عنوان ڏنا ويا. غزل مان قطعه لکڻ تائين جي استادانه فن کي ستون سمجهي سُڪائي سُڪائي اڇي سِڱرن مان ڪوڪا، يعني چَوسٽن مان ڏيڍ سٺا ٺاهيا ويا، جن جي پڙهڻ سان شاعريءَ تان روح ڪڄڻ شروع ٿيو. مگر پوءِ ايمان انهيءَ ڳالهه تي مضبوط ٿي ويو ته جيستائين 'ديوانِ احمد' ۽ ٻيا معياري ديوان سنڌي ادب ۾ موجود آهن، سنڌي غزل جي حسن ۽ واڌ ويجهه کي ڪوبه جوکو ڪونهي.

'ديوانِ احمد' ۾ اسان کي غزل جون اهي سڀ تقاضائون پوريون مِلن ٿيون جيڪي هڪ سٺي، معياري، پُرمعنيٰ ۽ فني لحاظ ڪان مڪمل غزل ۾ هئڻ گهرجن. مولوي صاحب جا غزل پڙهڻ سان اها ڳالهه پليءَ پٽ پروڙي سگهجي ٿي ته غزل نج سنڌي ٻوليءَ ۾ لکڻ ڏکيو آهي ئي ڪونه، بشرطيڪ اسين نج سنڌي ٻوليءَ کي سمجهون. باوجود انهيءَ جي جو اسين اها خبر رکون ٿا ته غزل اسان وٽ عربيءَ مان، فارسيءَ جي گهوڙي تي چڙهي پهتو آهي ۽ انهيءَ گهوڙي جون واڳون وري اردو مضبوطيءَ سان جهليون آهن. واهه ملاح واهه! توسان ڪير ريس ڪري. ديوان کي شروع ڪيو عربي غزل سان، پوءِ فارسي ۽ پوءِ اردو غزل، بعد ۾ سرائڪيءَ کي پاڙيسري زبان طور پاٻوهي پرسان ٻيهاريو. استاد شاعر ايئن ئي ته گس سونهائيندا آهن. جيستائين اسان جو سيڪڙات شاعر هنن حقيقتن کي نٿو سمجهي تيستائين هو پنهنجي لاءِ ڪا راهه متعين نٿو ڪري سگهي. ڇاڪاڻ ته غزل معنيٰ عروض، عروض جي فريم اندر رهي غزل جي موضوعن ۾ پڪيڙ به نهي ٿي ۽ فنڪاريون به ٿهن ٿيون.

مولوي احمد ملاح جو ديوان عروض ۾ وڏو رهنما آهي. هو طويل بحرن ڪان مختصر بحرن ۾ هڪ جهڙو شاناٿتو آهي. سندس مصرعن ۾ دلڪشي ۽ برجستگي جيئن جو تيئن برقرار آهي. ڪيس عروض تي دسترس حاصل آهي. اها ڪا تعجب جي ڳالهه ڪونهي ڇاڪاڻ ته هو عروض جو باقاعده زانوئے تلامذ ڪوڙڻ ڪان وٺي، اوچي ڳاٽ استاد آهي. وٽس سڀ سالم، مقصور ۽ محذوف بحر ۽ وزن موجود آهن، جن جو مطالعو به هڪ طويل بحث آهي. انهيءَ سان گڏ سندس غزل ۾ اڪيچار موضوع پڻ آهن. اسين 'ديوانِ احمد' جي موضوعات تي بحث ڪنهن ٻئي دفعي ڪنداسين، ڇاڪاڻ ته موضوع جو انتخاب ۽ ان سان نباهه شاعر جي ذهني اوسر ڪان پختگيءَ جي پنڌ، سندس عقيدي، ايمان ۽ نظريي جو پتو ڏئي ٿو. ملاح پنهنجي عقيدي ۽ عمل ۾ هڪ موحد مسلمان آهي. هو عاشقِ رسول آهي. اهلِ بيت جو حبدار آهي. سندس نظم 'يارسُول الله رسيج' سندس منزل طرف وک وڌائڻ جو طريقو واضح ٿو ڪري جنهن ۾ هو چئي



Gul Hayat Institute

يارن ڪان وٺي پنج تن پاڪ جا واسطا ٿو وجهي. هيءُ سڄو رنگ سندس مڪمل ديوان تي حاوي آهي. هو توحيد جي پچار احد ۽ احمد جي لفظن جي تجنيس استعمال ڪري، پوءِ ڪري ٿو:

اَولياءَ ۽ اَنبياءَ، اَللهُ اَللهُ ويا ڪندا،
پُٽ نه پَروَر ڪي ڏيئي، وَڻ، پَن، پَٽ ڪي سَڏ ڪجا.

وري ٻيو توحيد جو مدلل مثال ڏسو:

خُدا باقي، بَندو خاڪي، ٻه ڏِسُهن اِنسان اوطاقي،
بَندو خاڪي هُجي باقي، ته وَڃجن ڪِيَنَ وَرنا ها.

توحيد کان رسالت ڏانهن ويندي هو مجازيءَ کي ڪيئن حقيقي عشق جي پيالي ۾ اوتي ٿو:

عِشق ٻيا سَڀ فِسق، اَفضل عِشق اَحمد ڄام جو،
مُون کي مَولا پاڪ! ميڙين، مَل مَديني شَهر جا.

وري جڏهن حاجي سڳورا حج تان واپس ورن ٿا پر سندن اندر ۾ ڪا به تبديلي ڪونه ٿي اچي، نه وري سندن عمل صحيح گس ڏانهن روانه ٿيا آهن ته مولوي صاحب انهيءَ حج جي هيئن ٿو وضاحت ڪري:

ڏِسيون ڏوري ڏِٺائون گهر، نه ڳَڏيا گهر جي صاحِب کي،
هِمت مان پوءِ هِتان حاجي، هَلي حَج کي رَسيا ته ٻه ڇا؟

حضرت محمد صلعم جي ذات بابرڪات رحمة اللعالمين آهي. ’ رحمة اللعالمين‘ جي تشريح ڪيترن ئي طريقن سان ٿي آهي، پر ملاح انهيءَ تشريح ۾ يگانو آهي. مثال:

اُپرندا آيا گهڻان، عالَمَ تي ’احمد!‘ آفتاب،
پَر نه سَڀ تي سوجهرو ڪِيو، ڪِنهن ٻه سَروَر! توسَوا.

توحيد ۽ رسالت جي مرڪزي موضوعن تان ملاح جي نظر پنهنجي ڳوٺ ڪنڊي ڪان وٺي سڄي سنڌ پوءِ سڄي عالم تي آهي. وٽس غزل جي زمين ۾ غزل جا روايتي موضوع به ڪر ڪنيو بيٺا آهن. خاص طرح ڪاڪل ڪلهن تي، صراحي، ساغر و مينا، گل و بلبل،عدوءَ جون اٽڪلون ، درين جا ديدار ، درن جو بند ٿيڻ ۽ سرو قد ڪان وٺي محبوب جي سونهن اڳيان شمس و قمر جو شرمائجڻ تائين سڀ غزل جا موضوع موجود آهن. هيٺيان شعر پڙهو ۽ مشرقي شاعريءَ ۾ غزل جي موضوعن جي وسيع دامنيءَ ۾ مولوي صاحب جو مقام ڳوليو:

هيٺرِي سارِي حَياتي، هَر نشو هُوندو حَرام،
پَر نِيَس مَيخان ۾ اَڄ، ڪِنهن ٻه مَخمُورِ نَظر.

ڪُلهن سِر ڪُنيا وار ڪارا ڪَڪر،
صَفا مُنهن صُبح جي سِتاري طرح.

ڇَيو دِلبر ٻُڌم ٻِئي سان ٻَڌئي دِل،
ڇيَم ڇُغلن ٻَڌي ڇَب ڇَب اَهاها!

ڇَپن مان ڇَڪايوم ڪا چاشني،
ڇَيائين ڇَريا! ڇُپ، نہ ڇِيراءِ ڇَد.

وَڃي هاڻ وَڌندي حُسن تي زَڪوات،
ڪَرين ڪِينَ ڇا ڪان اِهو حَق اَدا؟

ڪالهہ قاضي ڇيو اُٿي قِبلي طرف ڪريون نماز،
ٿِي ويو دِلگير جو، دِلدار دِلبر ڏانهن رُخ.

باغ ۾ ڏِينهن جو بيهڻ، بِلڪُل نہ ڏِئي ٿو باغبان،
مُنهن اَنڌاري مَهل ميوا، ڇو نہ ڇاڻيون رات اَڌ.

گُلبدن جِي گُهور وَڌ، يا چابُڪن سان چُور وَڌ؟
اَنب وَڌ، اَنگُور وَڌ، يا مَنجهہ مِٺي مَذڪُور وَڌ؟

Gul Hayat Institute

مٿين چند شعرن ۾ غزل جي رومانس جي جيڪا مستي جهلڪي ٿي اها شاعر جي غزل جي صنف تي مڪمل دسترس جي گواهہ آهي، مگر هيءُ سجاڳ شاعر صرف هنن غزلن جي غزالن ۾ گم ٿيءِ مصروف نہ آهي. هو پنهنجي زندگيءَ جو هڪ مڪمل با عمل انسان آهي. انهيءَ ڪري سندس اسلوب بيان هتي پهچي غزل جي روايتي پابندين ۾ پنهنجو گس پاڻ ناهي ٿو ۽ غزل جي رواني ۾ موضوع جو انتخاب سجاڳ ٿو ڪرائي تہ هيءُ غزل ’ملاح‘ جو ئي آهي. هو سنڌ جي تهذيب، تمدن، ريتن، رسمن ۽ مُندن خواهہ ماحول کي پنهنجي غزل ۾ سانوڻ جي وسڪاري جيئن وسائي ٿو ۽ غزل جي زمين ۾ بناحساب ۽ حجاب اهي اوپڙ ٿو اپاري جن لاءِ هيءَ صنف اڃان سيراب ئي نہ ٿي هئي. ۽ پوءِ اها دعويٰ ڪرڻ ۾ نقاد کي ذرو بہ ڏکيائي نٿي ٿئي تہ ’سارنگ جي سڪار ۽ پلر جي پالوٺ‘ کي جن سوڻن ۽ ساڻن سان سينگاري ملاح پنهنجي غزل

۾ پيش ڪيو آهي، اهو ملڪو صرف ڪيس ئي حاصل آهي. غزل جي ٻئي ڪنهن بہ شاعر کي نہ آهي. هونئن بہ مولوي صاحب جي سوانح ۾ بہ اچي ٿو ١٩٥٥ع ۾ پاڻ ماڻهن جي اسرار تي ڏڪار ۽ خشڪ ساليءَ جي حالت ۾ مينهن لاءِ نظم ۾ دعا گهريائون. الله پاڪ جي حڪم سان برسات جو وسڪارو شروع ٿيو ۽ تل ترايون تار ٿي ويا. وري ماڻهن مينهن بند ڪرڻ لاءِ دعا جو چيو. پاڻ مينهن بند ڪرڻ لاءِ نہ پر، وچڙيون واري ٻئي ڪنهن ولهار تي وسائڻ لاءِ نظم ۾ دعا ڪيائون. جڏهن خلقِ خدا خوشيءَ ۾ ايئن اچاريو تہ مولوي صاحب دعا گهري مينهن بند ڪرايو آهي. جيڪڏهن هن مرحلي تي ڪو روحانيت کان فارغ مصنوئي مسند نشينيءَ جو داعي هجي ها تہ قميص جو ڪالر چنڊي، وتي ها لوڪ کي گمراهہ ڪندو تہ 'مون ۾ مان' پر ملاح جي ٻولي تہ ٻڌو. سبحان الله!

آهہِ 'احمد' چَئي اَبر! توتي اَحد جو اِختيار،
تَوبہ تَوبہ! آئون چا توکي ڪريان تَشبيهہ، وَس!

هو تہ صرف ايترو ٿو چئي تہ:

عِشق مان 'احمد' ڪيو اَڄ، شِعر وَحدت جو شُروع،
قَول آخر اِيءُ هُوَس، اَلله بَس، باقي هَوَس.

مولوي صاحب جي غزل ۾ سنڌ جي جاگرافي، تاريخ، زميني قصا ۽ داستان، گاهہ ٻوٽا، وڻ ٽڻ، آثار قديمہ، جيت جڻا، پکي پکڻ کان وٺي وقت جا ٽاٽا ۽ فلڪياتي ماحول تائين سڀ موضوع موجود آهن. هنن موضوعن سان نباهہ ۽ ڪامياب نباهہ صرف ڪنهن وڏي شاعر جي ئي وس ۾ آهي. هيئنيان بہ شعر ۾ غزل جي نازڪ مزاجيءَ جو برقرار رهڻ، وڏي شاعر هجڻ جو دليل آهي:

زار کي زاري ڪرايئون، رُوس ۾ جو هو رَئيس،
تُون! نہ تِنهن کان پَند پَراهُون، رَنگ لائيندين ضَرُور.

فَنا فَوج فِرعَون، نَمرُود ناس،
ٻِنان ذات جَبار جالِي تو ڪير؟

مير بجار خان جي جوڌپور جي ايلچين هٿان شهادت بعد اهو پهاڪو مشهور ٿيو تہ 'ميرن کي ڪنن جي ٻگالهين مارايو' وري 'ديوانِ احمد' جو هيءُ شعر ڪيئن نہ هن واقعي جو واضح نمونو احاطو ٿو ڪري:

ڪڏهن خان لئي ڪڏ بہ ڪوٺِن پيا،
ڪڏهن جوڌپُر لاءِ جوڌن جي جُڌ.



Gul Hayat Institute

وڏا ماڻهون اهي آهن جيڪي پارس وانگيان لوهه کي به سون ڪن ٿا ناهين، اڄ به ڏسو ته ڪنڌو ڳوٺ ديوين جي جهڳٽن ۾، ڊٻل اسڪول، ڪڪائين اوطاق ۽ لاڪڙ جي پتر سان مسجد شريف ڪان وڏيڪ ڪابه اڏاوتي حيثيت ڪونه ٿو رکي، جنهن کي هرسال سمنڊ جو ويرون ويڙهين ٽيون ۽ وڳهه جي پٻن تان اڏامندڙ متي لٽي تي چڙي، نڪي روڊ نڪو رستو نه اسڪيم نه آسرو. مگر جڏهن مولوي احمد ملاح جهڙو وارث ٿو هن ڳوٺ کي ياد ڪري ته محمد عثمان ڏيپلائي، عبدالرحيم پچمي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، شيخ محمد سومار، معمور يوسفاڻي ۽ عزيز جعفراڻيءَ ڪان وٺي، خالد رُستماڻي، دوست محمد مگريو، عبدالحفيظ احمداڻي، فيض کوسو ۽ ارباب عبدالجبار جهڙا ڪيترا ئي وحدت جا پروانا اچي ٿا هن ماڳ تي سلامي پرين ۽ ملاحن ۽ جتن جا ٻول ٻڌن ۽ پروفيسر ضرار جهڙا ڪلامِ احمد جا عارف مولوي صاحب سان پنهنجو نينهن نئون ڪندا اچن :

آئون ڪندو خود، يا ڪندي ۾، يار مُنهنجو گُل گلاب،
گُل، ڪندو گُلزار ۾، گفتار گُل گُل آس پاس.

سِندِ وَطن مُون، اِسمِ ’احمدُ‘ مَنجهه ڪندي وِٺل قَديِم،
هاڻ ڪريان هِن گهٽيءَ ۾، گُلبدن! گُذران روز.

هتي اسين ديوان جي مطالعي ۾ جڏهن داخل ٿيون ٿا ۽ پوءِ کهڙي به غزل وٽان ٻاهر نڪرون ٿا ته ملاح جي رنگ ۾ رنگجي نڪرون ٿا، اهو رنگ نه صرف ملاح کي پڙهڻ سان ملي ٿو بلڪ ٻڌڻ سان به ملي ٿو. جڏهن لاڙ جي ڪڇي پائرن جي خوشبوءِ ڏيندڙ ماستر ڪريم ڪڇي، محفل ۾ ملاح جا غزل ڳائي ٿو ته ڪيترو به مضبوط اعصابن جو صاحب سڄي رات هڪ جاءِ تي ويهي ٻڌي نٿو سگهي ۽ قربان ملاح جهڙي پهلوان آفيسر وانگيان پنهنجو وجود وڃائي پنهنجي ئي هٿن جي تال جي ردم ۾ جهومي ٿو. ايڏو نشو نينهن جو صرف ملاح جي غزل جو ئي آهي، اعتبار نه اچي ته ڪي.ٽي.اين نيوز جي ويب سائيٽ کولي ڏسو.

حرفِ آخر ته هيءُ باڪردار، باعمل ۽ سنڌ جي نوجوان نسل جي رهبري ڪندڙ سڄاڻ شخص اهو پيغام ٿو ڏئي ته انصاف ۽ برابريءَ وارو سماج کپي، جتي ڪنهن سان ظلم نه ٿئي، مسڪين جي آهه ۽ آواز اونائجي، ڪنهن جو به حق نه کائجي، هن کي براين، بدعتن ۽ شرڪ کان پاڪ ۽ مهذب سنڌ کپي، بلڪل اهڙي سنڌ جنهن ۾ ڪو به بُت يا پوتار نه هجي :

ايڪتا ڏي ڪوٺ ’احمد!‘ قَوم توڙي ڪَن ٻَڌا،
ته به هُجن مَر دَرج داڻهون، داستاني تُنهنجي ۾.

Gul Hayat Institute

ملاح هڪ موحد، متوڪل ۽ مجتهد ڪردار وارو شخص آهي، هو دنياوي وسيلن کان وڌيڪ ايماني وسيلن تي اعتقاد ۽ ڀروسو رکندڙ آهي. سچ جو ساٿي آهي ۽ سچ ٻولي ٿو دنيا جي فنائيت کي سمجهندڙ ۽ ان جو مبلغ آهي. ههڙو نج نبار، قول ۽ فعل ۾ يڪتا شخص غزل جهڙي مبالغه آرائيءَ واري صنف کي ڪيئن ٿو پنهنجي نياپي لاءِ استعمال ڪري اهو سندس ئي علم جو اعجاز آهي. هيءُ عاشقِ رسول ۽ مظلومن جو يار پنهنجي فن خواهه فڪر جو يگانو شاعر آهي. ڀٽائيءَ جو سچو پيروڪار ۽ شارح هيءُ معصوم صفت شاعر انهيءَ سياسي بيان کان بلڪل بي نياز آهي ته ڀٽائيءَ کان پوءِ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ڪير آهي.

هن کي رڳو اها خبر آهي ته هو دنيا جي وڏي ۾ وڏي، حقيقي ۽ سچي دين جو داعي آهي. هن هيڏي وڏي شاعر کي اسين پنهنجي طريقن جا ٺپا هڻي ڪنهن هڪ گروهه،ٽولي يا ڪنهن دائري ۾ بند ڪريون، اها ملاح سان زيادتي ٿيندي. بس اهو ڪافي آهي ته هو سنڌ تي سانوڻ ۽ سڪار جو خواهان آهي، اهو سانوڻ جنهن لاءِ ڀٽائي چيو ته:

وِڄڙيُنِ واري ڪُنڍِ، ڪَعبي تي ڪَر نائيا،

هو انهيءَ ئي سارنگ جي ڪوڏين جي ڪيلن جو متمني آهي ۽ چاهي پيو ته:

نہ عاشِق ٻِئي مَٿي ’احمد‘ اکيون عالَمَ وِچان تو ۾،
مِٺا! ماٺين ڪَيَس مَشهُور، ڪُجهه مَشهُور تُون ٻِڻ ڪَر.

آخر ۾ جس هجي پروفيسر ضرار رُستماڻيءَ کي جنهن مولوي احمد ملاح جو ڪلام سهڻي نموني سهيڙي ۽ تحقيقي چنڊ ڇاڻ کان پوءِ اوهان صاحبن جي خدمت ۾ پيش ڪيو آهي. ڀاڻ اڄان به ان ڪم کي وڌيڪ سنوارڻ ۾ مصروف رهن ٿا ۽ گڏو گڏ مولوي صاحب جي قرآن شريف جي منظوم ترجمي تي سالن کان تحقيق ڪري رهيا آهن. اميد ڪريون ٿا ته سندس اها ڪاوش به جلد ئي اسان جي هٿن ۾ هوندي. الله تعاليٰ کان دعا آهي ته ڪيس ان سفر ۾ پيش ايندڙ سيني مشڪلات کي آسان ڪري ۽ سندس هن محنت کي پنهنجي بارگاهه ۾ شرفِ قبوليت عطا فرمائي. آمين!

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر اسد جمال پلي

عمرڪوٽ

# غزلیات

Gul Hayat Institute

# بسم اللّٰہ الرحمان الرحیم

ردیف (الف)

(۱)

هُوَالرَحمَانُ آمَنا بِہٖ صِدقاً وَ اِقرَارا،
وَاَقرَرنا بِوَحدَتِہٖ علَانِيَةً وَ اِسرَارا.

جَلّيٰ اَنوَارُ عَظمَتِہٖ جَرٰيٰ اَنهَارُ نِعمَتِہٖ
نَرٰي آثَارَ رَحمَتِہٖ فَيَسقِي الاَرضَ مِدرَارا.

لَقَد اَرسَلَ مُطهرَہٗ فَمَن آمَنَ فَاَطهَرَہٗ
وَدِينَ الحَقِ اَظهَرَہٗ فَشَاعَ النُورُ اَطرَارا.

فَمَن يَشكُر لَہٗ يَسلُكُ وَمَن يَكفُر بِہٖ يهلكُ
فَغَيرُ اللهِ مَن يَملِكُ لَنَا نَفعاً وَ اِضرَارا.

لِيَومِ الجمع يَحشُرُهُم وَبَعدَ الموتِ يَنشُرُهُم
فَمِنهُم مَن يُبَشِرهُم يَصلَي النَارَ اَشرَارا.

وَيَفصِلُ بَينَهُم بَارٍ يُدَانِيهِم بِاَطوَارٍ
فَاَشرَارٌ اِليٰ نَارٍ وَفِي الجَنَاتِ اَبرَارا.

Gul Hayat Institute

مَغَارِبُ فِي مَشَارِقِكُم لَقَد خَطَفُوا شَوَارِقَكُم
فَاَينَ اليَومَ طَارِقُكُم وَاَينَ الجَيشُ جرَارا.

مِنَ السُعدَاءِ بَاعَدتُم وَبِالاَعدَاءِ وَاعَدتُم
فَيَا اَسَفاً تَقَاعَدتُم وَطَعنَ القَومُ جرَارا.

اَلَیسَ السَیفُ بِالسَنَہ، وَمَن یُقتَل فَفِي الجَنَہ،
فَمَاذَا الجُبنُ وَالضَنَہ، فَصَل کَالاَسَدِ کَرَارا.

اِلَاهِي! اَحمَدُکَ شَوقاً، وَاَرجُو رَحمَتَکَ تَوقاً،
بِذِکرِ اِسمِکَ اَجِدُ ذَوقاً، کَضَوعِ المِسکِ تَکرَارا.

*

Gul Hayat Institute

(٢)

حَمِيدٌ لَہٗ الحَمدُ حَمداً کَثِیرا،
مَلِیکٌ لَہٗ المُلکُ مُلکاً کَبِیرا.

مَنجهان ڪِينَ ڪَئِين رَنگ 'ڪُنْ' سان ڪَيائين،
فَڪَبِّرتُ اللّٰہ اکبر کَبِیرا.

مُنو سو مَجي جو نہ مالِڪ مِني کي،
سَيَصلىٰ سَعِيراً وَ ساءت مَصِيرا.

پَلن سان ٿيا پال، پُلين تي پالا،
بَعثَ فِي البَرايَا بَشِيراً نَذِيرا.

مَرض، مَوت، مَحشر مِڙوئي مَٿي تي،
فَكُلٌّ عَسِيرٌ وَ تَحسِبُ يَسِيرا.

مُنهان مُنهن پُڇا آهِ مَهندار مَهندان،
فَمِن دُونِہٖ لَم تَجِد لَکَ نَصِیرا.

ڪَندو پاڻ قادِر قَضا مَنجهہ قَيامت،
فَيَوماً عَبُوساً كَذَا قَمطَرِيرا.

عَجِبين اَچڻ سان عالَمُ اُجاريا،
كَمَا كَانَ فِي اللَيلِ قَمراً مُنِيرا.

پَلاري نَبِيءَ جي پَلن کان بِشارت،
لَقَد جَاءَ عِيسىٰ بِاَحمَد بَشِيرا.

*

Gul Hayat Institute

(۳)

نہ این حسن دادند حور و پري را،
نہ این نور باشد مہ و مُشتري را.

بدین نازکي گل بگلشن نہ باشد،
ندیدم پري، این پري پیکري را.

دلِ شیر دارد، لبش شِیر و شکر،
بشکر شکستہ است شکر تري را.

چہ در آبِ حیوان، چہ در جامِ جنت،
چشیدم ندیدم چنین خوشتري را.

بمن کرد گاھے، نگاھے براھے،
عجب راہ زد، لشکرِ لشکري را.

سفالین و گوھر بر سفلہ یکسان،
ولي قدر گوھر، بود گوھري را.

نہ ہر شاعرِ شعر گوید چون 'احمد'
نہ ہر دلبر داند این دلبري را.

*

Gul Hayat Institute

(۴)

نگارِمن! ز زلف و رخ نموده سنبل و گل را،
ببوۓ آن گل و سنبل ربوده صبر بلبل را.

بملکِ جان نشستِ او، ز گلدستہ بدستِ او،
چون نرگس چشم مستِ او، ندیدم ساغر مثل را.

پرستارِ بت اینم، گلِ از باغ او چینم،
خوش آن روزِ کز و بینم، تجلي و تجمل را.

چون بسم اللہ ابرویش، منم بسمل بسر کویش،
چون ماهِ چار ده رویش، شبِ تار تامل را.

منم خونِ جگر خورده، دلم بے دوست پژ مرده،
فراقِ او ز من برده، صبوري و تحمل را.

بمژگانش دلم دوزد، گہِ سازد گہِ سوزد،
پري و حور آموزد، ز نازش صد تعلل را.

چون 'احمد' نظم فرماید، ثریا رشک بنماید،
چون گلرخ زلف بکشاید، بگیرد رشک سنبل را.

*

Gul Hayat Institute

(۵)

بادِ بہار گل کو، کہنا سلام میرا،
کہنا نیاز میرا، کہنا پیام میرا۔

خاروں پہ خستہ سونا، آنسو سے داغ دھونا۔
گل گل بلا کے رونا، قل قل کلام میرا۔

گل در کنار لیں گے، مت بول مار دیں گے،
مر مر کے یار لیں گے، مرنا ہے کام میرا۔

محبوب ماہِ پارہ، قد سروَ بر کنارہ،
رخ صبح کا ستارہ، وہ زلفِ شام میرا۔

جلتا ہے داغِ فرقت، گر ہو نہ کچھ مشقت،
کردو براہِ شفقت، گلزار گام میرا۔

Gul Hayat Institute

جب راہ سے گذر دیا، پاؤں کو سر پہ دھر دیا،
کیسا بلند کردیا، منزل مقام میرا۔

اے تاج سر پدر کا، کردو کرم نظر کا،
احمدؔ غلام در کا، تو ہے امام میرا۔

*

(٦)

مِٺا مَحبُوب! مِل مَينُون، مِلڻ ڪَڻ مَين تہ هان مَردا،
پَري پَيڪر! نہ پَردے ڪَر، نَهين پَريان دي پَر پَردا.

چَلن ڪَتيان قَطاران ڪَر، رُوَن نيڻان نِهاران ڪَر،
ٻُرن بُلبُل بَهاران ڪَر، جُدائي باد صَر صَر دا.

نہ ٻُڌدے سَڌ نماڻان دے، مَرِيندا نال ماڻان دے،
نَهين دِل نال ناڻان دے، نہ سانگا سَربسر سِر دا.

وَساوين گهَر غَريبان دے، چُمان قَدمان قَريبان دے،
هِنيين وِچ گهَر حَبيبان دے، اَڏاوان سَنگ مَر مَر دا.

سَدا سِڪندي هے دِل تينُون، مُلاقاتي ڪَرين مينُون،
نَظر شَفقت منگے پينُون، نہ زَردالُو، نہ زَر، زَردا.

ڪِيا ڳاوان ڪَرم ڪيڏے، هُوے گُلزار گهَر ميڏے،
ڏِتم دَرخواست دَر تيڏے، نہ چاسان دَرد دَر دَر دا.

دِلاسا دوست مِل ڏيسي، مَرض مُنهن ڏيک لَهہ ويسي،
پَرے ٿيا پَنڌ پَرديسي، سَفر هے پُر ظَفر فَردا.

پَڙهيَم لا تقنطُوا فَرمان، ٺڳئَ 'احمد' اُتان اَرمان،
مِلي دِل دي دَوا دَرمان، ڪَلمان پاڪ پَروَر دا.

*

(٧)

ٿيوان قُربان قَدمان تُون، ڪَڏانهن جاني قَدم ڏيندا،
ٻنان دِلدار دے دِيدار، هے دِلگير دَم ڏيندا.

سَجڻ! صَد مَرحبا تَينڪُون، ڏِتم دِل دِلربا! تَينڪُون،
صُبح بادِ صَبا تَينڪُون، سَنيها سِر سَندم ڏيندا.

غُلامان دي غُلامي هے، نہ حاصِل هَم ڪَلامي هے،
سُنت سِر دي سَلامي هے، خَزانے ڪِيا خَدم ڏيندا؟

جَهان موقعا نہ جاوڻ دا، ڪِيا ڪَم نِينهن لاوڻ دا،
نہ ڪو آثار آوڻ دا، دِلاسے دَم بَدم ڏيندا.

مِلڻ دِيان هِن مَقالاتين، ڪَڏهن مِلسن مُلاقاتين؟
اَجل چاتي وَتے ڪاتين، نہ مُهلت مَوت دَم ڏيندا.

نہ وَس هَلدے وَزيران دے، نہ ڦيٽے فَن فَقيران دے،
اِرادے پَن اَميران دے، اوتارے وِچ عَدم ڏيندا.

اَحد ڏے آب ۽ دانے، نہ ’احمد!‘ ہے دے سَهہ طعنے،
مِلن اَورُون ڪَنُون آنے، تہ پَروَر لک پَدم ڏيندا.

*

(٨)

قَتي دوست دِل، مار تِير نَظر دا،
نَظر نال مِل گيا نَظر مُنتظر دا.

ڪَريندے ڪِيون روز تيلين قُليلين؟
نَهين حُسن مُحتاج زيوَر نہ زَر دا.

نہ اَندر ڪُون آرام اَوندا اِرم وِچ،
ڪَڏهن يار! آسين؟ نَهين ڏِينهن گُذردا.

اکيان روندِيان آب، دِل وِچ دَليلين،
هووين يار! حامي سَفر دا، حَضر دا.

تِهے داغ دِل وِچ، جِهے تِل تُساڏے،
هويا غَم ڪَنُون رَنگ رُخسار زَردا.

هَزارين مَياران، ڪِروڙين قُصُورين،
نہ دِلبند! ڪَر بَند دَر دَرگُذر دا.

صُبح نال بادِ صَبا دے ذريعے،
ڪِتا پيش 'احمد' عَريضا عُذر دا.

*

Gul Hayat Institute

(۹)

حُسن تَیڈے ھِیان حَیران کِیتا،
کَرشمے نال کُھ قُربان کِیتا.

خُمارین نال کٹندے نَین خُونی،
نظر مَستان دے مَن مَستان کِیتا.

اَثر دِیوانگي دیوَ و پَري دا،
بِنان دیوان دے تَین دِیوان کِیتا.

نہ نازُک تَن مِثل گُل نازکي وِچ،
دَھن کُون غُنچۂ خندان کِیتا.

تِران ھِن داغ لالا، تِیر تارے،
ڈِسان کُون مار کَر مَیدان کِیتا.

گِیا داڻ چُگڻ کَڻ مُرغ دِل دے،
جَکڑ زَنجیر وِچ زِندان کِیتا.

سَجڻ دے آمسامھین اَج صُبح دا،
اُپر کَر سِج اَپر اَرمان کِیتا.

ھَزارین رات وِچ کَردے رِھاڻیان،
مَگر مَینُون نہ اُھن مِھمان کِیتا.

نہ آوڻ دے اَساڈے آستانے،
عَجیبان اَج عَجب اِحسان کِیتا.

Gul Hayat Institute

ٿيوَن قُربان لَڪ قَدمان ڪُون چُم چُم،
بَحر، بَر، هَر شَهر شُڪران ڪِيتا.

ٻِنهان گھوريے هَزارين گَنج گوهر،
تہ مَين صَدبار صَدقے جان ڪِيتا.

ڏِتس غَمزے، غَمين هَشيار چوڙيے،
فِراقين فَوج ڪُون فَرمان ڪِيتا.

نہ ’احمد‘ ڪُون آوڻ اوڏے ڏِتائين،
پَرُون سَٽ پَرتوے پَروان ڪِيتا.

*

Gul Hayat Institute

(١٠)

اکيون توکي سارينِ اَي دِلربا!
هَنجُهون روز هارينِ اَي دِلربا!

ڪُنيون قُرب تُنهنجي، مُنيون مامري،
گَهنگهر ڏِينهن گهارينِ اَي دِلربا!

وِهاڻي ويچاريون پِرين! پار تو،
نَظر ڪيو نهارينِ اَي دِلربا!

وِيَن پاڻ وِسري، نه وِسرينِ تُون،
نه ويرم وِسارينِ اَي دِلربا!

نماڻيَن مَٿي نِنڊ هَردم حَرام،
نه سُک کو سَنپارينِ اَي دِلربا!

گهڻان ڏِينهن گُوندر ڏُکويَن ڏِنا،
اُپيون سِج اُپارينِ اَي دِلربا!

سَوا تو سَجڻ! سي اُونداهيءَ ۾ اَڄ،
وِرُونهن ڪِنهن سان وارينِ اَي دِلربا!

اُونداهيءَ ۾ آهي طَلب تُنهنجي تِن،
ڏِئو ٻيو نه ٻارينِ اَي دِلربا!

دِلاسا جي دِلبر! ڏِنان تو ڏُکِيَن،
اِهي گُڻ ٿا ڳارينِ اَي دِلربا!

نَظر ناز 'احمد' کي تُنهنجا عَجيب!
موهيو مُحب مارينِ اَي دِلربا!

*

Gul Hayat Institute

(١١)

مِل مِنا! ڪِهڙي به مُل تي، جِيئَن مِلين تِيئَن مِل مِنا!
سِر، ڪِ گَهر، گوهر، ڪِ گُل تي، جِيئَن مِلين تِيئَن مِل مِنا!

ڪِنهن به قِيمت تي غَنيمت، تُنهنجي تَشريف آوري،
مِلڪ مايا، مُلڪ ڪُل تي، جِيئَن مِلين تِيئَن مِل مِنا!

ساهه حاضِر، ماهه حاضِر، هَڏَ هِنيون حاضِر حَبيب!
ڪُل اَثالي جِي اُٿل تي، جِيئَن مِلين تِيئَن مِل مِنا!

سانگ ساوَڻ، سَير سانجهي، بيا سَڳورا ڏِينهن سَوين،
ڪِنهن به اَنگل، ڪِنهن اُچل تي، جِيئَن مِلين تِيئَن مِل مِنا!

موتيا گُل خواهه موتي، مُلهه چوَڻ مُون لاءِ مَوت،
مُل ڪِٿان آڻيان؟ اَمُل تي، جِيئَن مِلين تِيئَن مِل مِنا!

سِير ۾ ساريان نه ڪو سِيءُ، تُنهنجي ڪَڍ ڪوسِي، ٿڌي،
مُون نلهو تارج نه تُل تي، جِيئَن مِلين تِيئَن مِل مِنا!

لائي چائي لوڪ مان، لالڻ! نه ڪِنهن لَحظي لَهي،
چِيهه چَڙهن مَر چُغل تي، جِيئَن مِلين تِيئَن مِل مِنا!

گُل! گهٽان ڏِينهن تُنهنجي گُلشن ۾، ڪَندا ڪاڌم قَريب!
ساڻ بُلبُل ڪِنهن به بُل تي، جِيئَن مِلين تِيئَن مِل مِنا!

آس اَهنجي واس جي، 'احمد' ڦِري ٿو آس پاس،
جِيئَن ڦِرن ٿا ڀَونر ڦُل تي، جِيئَن مِلين تِيئَن مِل مِنا!

*

Gul Hayat Institute

(۱۲)

ڏي دِلاسو دِلربا! دانهين اَچي دَر تي بيٺا،
ڪي هِتان ڳَن هاءِ، ڪي ڳَن هاءِ هُن پَر تي بيٺا.

رَت رُنون ڏِينهن رات ٿورو، دَردمندن ناهِ دوست!
لائي بادل بُوند بارو بار، ٿَر بَر تي بيٺا.

جي ڪُهائِن قَهر سان، هِت ڪير وَٺندو تِن قِصاص؟
اِن مُئن جا مَعاملا، مَحبُوب! مَحشر تي بيٺا.

جي قَدمَ ڏِينئون قَبر تي، تان ڳَريون مَهندان مَعاف،
جي اَسان جا خُون ناحق، دوست دِلبر تي بيٺا.

هِن گهٽيَن تي ڏِينهن گهارڻ، ٿيو اَسان جو ڪَم قَريب!
ڪِيو مِهت ڏي مُنهن بيَن، ڪي مَرد مِنبر تي بيٺا.

ڪوهہ ڪُندُون ڪاڪُل ڪُنڍي جُون، ٿو ڦِٽائِن سين ڦَٽي؟
چَڏ پِلين هُجنئي پَلا! اِي وار اِن وَر تي بيٺا.

ٿا چوَن پَڙهيا نہ، پريان ڏِئي سَڪر، سو پِئي سَقر،
هيج وارا اِن هُنر سان، حَوضِ ڪَوثر تي بيٺا.

ڪِينَ مارڻ ڪان مُڙي اڪ، صُلح جي ڏِيندي صَلاح،
ڪَر قِلعي جا قَهر ڪوڏيا، ڪوٽ خَيبر تي بيٺا.

قَيد ۾ ڪاڪُل ڪُهن، پيو تِير تارن مان اَچن،
اَبرُوئن جا اُت اِشارا، خاص خَنجر تي بيٺا.

Gul Hayat Institute

جِيئن ڪَڪر ڪارو بيهي، ڏيئي ڪِنارو چَندِ قَمر،
زُلف مُشڪي تِيئن مُحب جي، مُنهن مُنوَر تي بيٺا.

ڪوس جِي ڪَئونسل ڪَري، پاڻهين پِيارل پاڻ سان،
مامِ مارڻ لئي اِنهيءَ جا، مُون مُسافر تي بيٺا.

دَرد دِلبر دوست جي جو، چا بيهي ڪَريان بَيان؟
سُور سُوريءَ جي چَڙهڻ ڪان، سَرس مُون سِر تي بيٺا.

عُمر ’احمد‘ جِي پُني، اِنا اِليہ راجِعُون،
ڪوڏرُون ڪانڌي ڪٽي، گهوڙا! وَجي گهر تي بيٺا.

*

Gul Hayat Institute

(١٣)

سالِڪو! ساري سَدا، صاحِب سَڌر کي سَڏ ڪَجا،
مُلڪ جي مالِڪ مُقدس، مُقتدر کي سَڏ ڪَجا.

عُمر سارِي آهہ زارِي، اِنتظاريءَ سين اَدا!
عِجز سان اَللهُ اَحد، اَعليٰ اَپر کي سَڏ ڪَجا.

آبرُو آخر گهُرو تان، آب آڻي مَنجهہ اکين،
روز بَندا! بادشاهہ بَحر بَر کي سَڏ ڪَجا.

مُشڪلن ۾، مَنزلن ۾، مَحفلن ۾ هَر مَهل،
مُلڪ جي مُختار مالِڪ، مُعتبر کي سَڏ ڪَجا.

دوستو! واندا دُعا کان، دَم نہ وِهجو دائما،
بَلڪہ بارِي بي پِسر ۽ بي پِدر کي سَڏ ڪَجا.

سوز وارو ساز چوري، سِر نمائي ڏيئي سُجُود،
بي مِثل مَولا مُهيمن، مُتڪبر کي سَڏ ڪَجا.

سَپ هَندن جِنهن جُون سَخائون ۽ ثَنائون ٿيون هَلن،
تِنهن ڏَڻي داور جي نوڪي، دوست! دَر کي سَڏ ڪَجا.

عِجز وارِي آهہ زارِي، آهِہ دَر اَللهُ خُوب،
قُرب مان قَيوم قادِر، ڪارگر کي سَڏ ڪَجا.

اَدب وارِي آهہ زارِي، ٿِي ڏَڻيءَ جي دَر اگهي،
هيج مان هاري هَنجُون، حاڪِم حَشر کي سَڏ ڪَجا.

Gul Hayat Institute

غَم غَني غالِب ڪَٽيندو، غَرض ڪِهڙو غَير سان؟
بَلڪ بارِي جنهن بَنايو، جِن، بَشر کي سَڏ ڪَجا.

آهِه حاڪِم حاڪِمن، حَنان حَيٌ لَا يَمُوت،
ڪِينَ اُو اِهڙو مَٽيِ، اَهلِ قَبر کي سَڏ ڪَجا.

آهِه اَللهُ هيڪڙو اُو، آهِه اَللهُ هيڪڙو،
ڪِينَ دَر داور ڇَڏِي، دانا! ڊِگر کي سَڏ ڪَجا.

اَولياءَ ۽ اَنبياءَ، اَللهُ اَللهُ ويا ڳَنداءِ
پُٽ نه پَروَر کي ڏِئي، وَڻ، پَن، پَٿر کي سَڏ ڪَجا.

آهِه 'احمد' چَئي اَحد، اَوَل سو آخر، مَنجهه، ٻَهر،
بَن ڏِئي ٻانهان! ٻِين کي، مَنجهه ٻَهر کي سَڏ ڪَجا.

*

Gul Hayat Institute

(١٤)

جِيءَ ۾ جاڳائِين ٿو جاني! جوش جادُو سِحر جا،
مُون کي ماريو نِين ٽا، اِي ڳُڻ اکِيَن جي گهَر جا.

دِل نِهوڙي ساڻ نيڻن، ٿو ڪَرين ڪامِڻ قَريب!
قَلب کي قابُو اَچي پيا، ڪان ڪَئِين سي قَهر جا.

بَس نہ ٿيندِي مُنهنجي بِلڪُل، تو هَٿان مِلندي حَبيب!
پَل پِيارل! پيو پِيارين، پُر پِيالا زَهر جا.

مُنهنجو تُون محبُوب آهين، حال پائي هَر طرح،
بيو سَجڻ! ڪِنهن کي سَليان؟ هِي سُور سانجهي سَحر جا.

واءُ وَصل جو آهِہ وَريو، گهُرجي گڏجڻ هِن گهَڙي،
هِڪ طرح هُوندا نہ هَرگز، دَور دائم دَهر جا.

نِت کِجيو ڪَٽندس اکيون، خاطيءَ جي خاطِر خاڪ هيٺ،
مانَ! ايندا ڪي پَسان، پاندي پِرينءَ جي پَهر جا.

جو ڪَپر ٿو ڪُن ڪَري، تِنهن کي ڪَسي پائڻ قُصُور،
نِج ڪَپِن ڪي نُوح جِهڙا، ناڪُئا اِن نَهر جا.

دِل دَهي دِلگير ٿِي، آيو دَليلن ۾ دِلو،
رَس سِڱهو مَنجهہ سِير ساهڙ! لاهِہ لوڏا لَهر جا.

وِير ڪِنهن وَريام! آٽي، مُون کي نيو اِن مَنجهہ نِڪُونج،
جِت جَهازن مان جَهٽيو، ٽا نِين باگُو بَحر جا.

عِشق پيا سَپ فِسق، اَفضل عِشق اَحمد چام جو،
مُون کي مَولا پاڪ! ميڙين، مَل مَديني شَهر جا.

*

Gul Hayat Institute

**(١٥)**

وَصل جِي وَس نہ ٿِيِي، وَس ۾، پيا وَڻ ٽِڻ وَسيا تہ بہ ڇا؟
سَڄڻ ڏاران سَڄي ڏائي، سَڄا سِج چَنڊ پَسيا تہ بہ ڇا؟

مَلهي مَيدان ۾ رَڪجي، مَٿو لاهي مُحب مَهندان،
گهٽي، گَس، گام گوهر جي، مَٿي گوڏا گَسيا تہ بہ ڇا؟

بِرهہ جِي باھِہ ڪانئڻ ڪان، نہ اوريان بُت ڇَڏي بِلڪُل،
اِنهيءَ ڪاڙهي قُرب جي ۾، ڪَڏهن جي اڳ ڪَسيا تہ بہ ڇا؟

ڪَٽارين سان ڪَٽڪ چاڙهي، ڪَجن سِر نفس جي ڪاهُون،
وَٺي ڊِميون پيا دُشمن، دونالين سان دَسيا تہ بہ ڇا؟

ڪَپي ڪُل وَقت ڪَلمي جو، قَبر ۾ سوجهرو قائم،
پيو مَڙهہ خاڪ ۾ خالي، ڪَٿون خِيمان ڪَسيا تہ بہ ڇا؟

ڏِسيون ڏوري ڏِٺائون گهَر، نہ گَڏيا گهر جي صاحِب کي،
هِمت مان پوءِ هِتان حاجي، هَلي حَج کي رَسيا تہ بہ ڇا؟

مُدامي شل! مَ مُحباڻي، پَڇي مَيخان ۾ مَحفل،
حَشر ۾ حَوضِ ڪَوثر ڪان، اَڃن تَن کي تَسيا تہ بہ ڇا؟

ٻنان يُوسف، زُليخا جو اِرادو ناھِہ ڪِٿ ’احمد!‘
مِصر جي مُلڪ ري تِنهن کي، پيا سَپ ڏيهہ ڏَسيا تہ بہ ڇا؟

*

Gul Hayat Institute

(١٦)

سَڄڻ ساغر ڪٽي سامهُون، ٿِئي ساقي ته باقي ڇا؟
اَڇڻ تائين اَوهان جي دَم، هُجي باقي ته باقي ڇا؟

اِرادي سان اَوهان جي ڪو، اَچڻ جو آسرو ڪونهي،
اَچو جي اوچتا اَزغيب، اِتفاقي ته باقي ڇا؟

سَڄڻ! تو ري اُيا سِج چَنڊ، اُلهن اُيرن اکين سامهان،
ڏِني تِن کي طَبيعت جِي، کُلي طاقي ته باقي ڇا؟

سِڪي ساري سَوين راتيون، گُذاريم سال سالن جا،
اَچو مُون وَٽ اَڄوڪي رات، اوطاقي ته باقي ڇا؟

پِلي پيا سَپ چِڙهي مُون پَر، پيهن پيءَ پَر ته پَٽو ڪونهي،
نه هِڪ اَنوَر ڪَنان 'احمد' ٿِئي عاقي ته باقي ڇا؟

*

Gul Hayat Institute

## (١٧)

اَسان ڪان پوءِ بہ عالَم ۾، اَپر آڏار پيا ايندا،
اِنهيءَ مَيخان ۾ مَخمُور، مَل مُختار پيا ايندا.

ڳَندا ڪي دَور دُنيا ۾، ڪي رَهندا دِين تي دائم،
اِنهيءَ پَر سَگهہ سين صاحِب، سَوين سالار پيا ايندا.

اَسان ڪُن ۾ ڪَلر ڪاري، ڳَندا پيا هِت ڪَڪر ڪارُون،
پَريو ٿَر بَر مَٿي باران، بارو بار پيا ايندا.

وَليون پَهري پَٽن پَونديون، وَلر چَرندا وَلهارن ۾،
چَڙهيو گهوڙن مَٿي گهوٽيا، گهمڻ گُلزار پيا ايندا.

اَچي هِن هَنڌ حِشمت سان، هَلائيندا حُڪم حاڪِم،
مَيا مَيدان ۾ موڙيو، مُهڙ مَهندار پيا ايندا.

اَسين پُونءِ هيٺ هُونداسُون، مَٿان هَلندا هَزارين پيا،
بيهي پُڇندا نہ بِلڪُل توءِ، پَر مان پار پيا ايندا.

ڪَري ڪي ڏِينهن ڪَچهريون، اُو بہ ڏِيندا رُوح کي راحت،
ڳَندا ڪُوڪُون قَبر ڏي پوءِ، قَسم ڪَلتار پيا ايندا.

مَري مَسنَد چَڏِيندا هِڪ، جَمي جاموٽ ٿيندا بيا،
ڪي چَڙهندا تَخت، ڪي تَختي مَٿي تَڪرار پيا ايندا.

هَميشہ هِڪ خُدا ري، ڪو حَياتي ڪونہ هُوندو هِت،
ڳَندا وَيران ۾ وو وو، وَڏا وِينجهار پيا ايندا.



Gul Hayat Institute

تِنهان پوءِ مَوت مِڙني کي، ڳندو ماري مِٽيءَ پيڙو،
چَڙهيو ڪَٽ خاڪ ۾ خاقان، خِيميدار پيا اهِندا.

ڳندا وِيچار ويچارا، گهڻان ئي وَرهه واريءَ ۾،
قَبر مان پوءِ قِيامت ڏانهن، ڳلنگيدار پيا اهِندا.

ڪِنين صُورت صَفا ڪارِي، ڪي هُوندا صاف مُنهن سالِم،
ڪي ڏُک سان ۽ ڪي ڏِک سان، طرف ڏاتار پيا اهِندا.

اَثر وَٺ اِن نَصيحت مان، اَٿئي آخر فنا عالَم،
طرف حَق پاڪ، هِڪ هِڪ ٿيو، هَمه هيڪار پيا اهِندا.

نه 'احمد' مُئي کُٿي عالَم، اِتاهين اُپرندو رَهندو،
نَکٽ پُنيان نَکٽ اَڻ کُٽ، نَظر نِروار پيا اهِندا.

*

Gul Hayat Institute

(١٨)

جِيئڻ جاڙ ٿيو مُون کي جانيٌ! جُدا،
ڪِلي نيڻ خُوني ڪَنج لڳ خُدا.

رَهيو رُوح ۾ آهينم راتو ڏِينهان،
لھي سِڪ سَندئي ڪِينَ ساجن! سَدا.

قَلب ۾ قُرب ڪان ماريو قَريب،
ڦَٽي ڪَئس ڦوڙاءِ فاني فِدا.

ڪَري شال! تو ڏانهن قِسمت ڪَريم،
گَهٽيَن ۾ گُذاريان ٿِي گولو گدا.

وَجي هاڻ وَڏندي حُسن تي زَڪوات،
ڪَرين ڪِينَ چا ڪان اِهو حَق اَدا؟

حَياتيءَ ۾ هيڪار تُنهنجو حُضُور،
ڪَري مانَ! حاصِل مُون هادي هُدا.

مِلڻ لئي مِني محُب مَنٺار ڪي،
عَرض چَئيج 'احمد' جو اوني اَدا!

*

Gul Hayat Institute

(١٩)

دوست دِلبر! تُنهنجي دِيدن، داغ دِل ڏاري وِڌا،
مَرض، مَحبت، مامري، مُشتاق مِڙ ماري وِڌا.

هِڪ حُسن تُنهنجي اَڳي، هِينئڙي سَندم سان ڪِيو حَشر،
ٻيو سَجڻ سُرمان وَري، صُورت کي سِينگاري وِڌا.

قُرب وارن ساڻ ڪيڏو! ڏِس ڪَيو هاڃُون حَبيب،
ڪَن ڪَنان ڪاڪُل مَٿي، ڪِنهن ڊول سان ڏاري وِڌا.

ڪُنڊ ڀَڃي ڪارِيَن اکِيَن جي، ڪان چوڙيا کي قَريب،
تِن سَندم سَند سَند اَندر، سوراخ سَئو ساري وِڌا.

جان جِند، جيرا جِگر، مِڙ جِسم جهوريءَ ۾ پيام،
ڪِنهن وِڇوڙي جي وَراکي، وِيڌ وَڍ واري وِڌا.

ٻاهه لائي وِئين لِڱن ۾، مَنجهه لَڪن لاتون لڳيام،
ٻاڻ ٻاروچل! سَندئي، ٻارڻ مَٿم ٻاري وِڌا.

اڳ سَچو ’احمد!‘ نه آهِم، پيَم اَڏ اَڏ ٿِي اَندر،
قُرب جا آٽي قَلب ۾، ڪات ڪوهياري وِڌا.

*

Gul Hayat Institute

(۲۰)

صَبر ڪِهڙو؟ سَڏي ساهڙ، صُبح ۽ شام سانبارا،
سُمهڻ ڪِهڙو؟ سُمهان ساعت، نه ساهڙ چام سانبارا.

پَلين دَهشت رَڪي دَرياءُ، دَڙڪا ڏُوم ڏِئي دَم دَم،
هَٿيڪو تُنهنجو هَٿ هَٿ ۾، نه هَٽڊِس هام سانبارا.

اُڇل اوڙاهه ۾ آڏي، پَرن آڙاهه اَندر ۾،
جَلي چو ڪِينَ جَر ۾ جان، جَلوا جام سانبارا.

ڪَندا مُون ڪُن ڪُجاڙو؟ ڪَن ڪُنديون ڪانهن ۾ ڪُڏ ڪارا،
وَران چو وِير پَر؟ واري وَڇُون وَريام سانبارا.

گَهڙي ۽ گهيڙ ڏاران، هِن گهڙي گِرداب ۾ گِهڙندِس،
پَڪيئڙا! پار پُهچائج، پَهي پيغام سانبارا.

بَگا، بيلا ۽ بيٺاريون، پَڳيڙي ساڻ بيگهوءَ ۾،
ٽِپي ڪانهين ۾ ڪامِل سان، ڪَميني ڪام سانبارا.

نه دِلبر دوست ڏاران دِل، سَهي ديري نه دُوري دَم،
گَهنگهر گهارڻ گهڙي پاسي، هُجي گهر گام سانبارا.

Gul Hayat Institute

مَٿي جا وار مُشڪي رَنگ، مُنهن تي مِينهن ڦُڙا موتي،
پَلا چو دِل نه ڦاسي دوست! داڻو دام سانبارا.

رَهي جِيئن ساهه ساهڙ ۾، نَهي جِيئن سُونهن مان سُهڻي،
اَحد 'احمد' اَندر اِيئن، جِيئن اَلف ۽ لام سانبارا.

*

(٢١)

سَلامي سُونهن تُنهنجي جا، سَجڻ! سِج، چَنڊ، سَڀ تارا،
بَدن هَٿ حُسن ۾ حُورُون، ۽ پيرن پَر پَرين پارا.

قُطب، ڪَتيون قَدم تي ڪُل، موتي، لَعل، موتيو مُل،
گَهٽيون گُلزار، گهر گهر گُل، اَچن پيغام هَر پارا.

اکيون اکين سَمهُون اَڙيون، نِگاهُون جان ۾ جَڙيون،
سُونهَن ٿا تِر، تِروڪڙيون، ڪُهن ٿا تِير جِيئَن تارا.

ڪُنس نازُڪ ڪَمر ڪِهڙي؟ ڪَمر نازُڪ قَمر جِهڙي،
اَٿم لازِم اَمر اِهڙي، پيَن جا بار دِل بارا.

مِٺي حَرفات حَلوَن کان، بَلاءِ جان بَلوَن کان،
جَلي ٿي جان جَلوَن کان، نه ٻاهِر ٻاڦ، مَنجهه ٻارا.

نه بيهي دِل بيهاريان جِت، هَنجُهون هَر روز هاريان هِت،
نِهوڙيَس نِينهن نِهاريان نِت، وَهن ٿا نيڻ جا نارا.

ڪيَم هِڪدم قَدم بوسِي، ڪَري دِلبر نه دِل ڪوسِي،
نه سِڪ ۾ سيڪ يا ڪوسِيءُ، نه ساريان پُور ۾ پارا.

مِليَم هَمراهه هَڏ ڏوکي، مَحبت مَن موهن موکي،
اَندر ۾ پِرت مُون پوکي، نه ٻيون ٻَنيون، نه ٻِج ٻارا.

سَجڻ سِڪ پاڻ سيکارِي، ڏِنائين ڏُور ڏيکارِي،
ڏِسيو ڪَر ٿو کِجي کارِي، ڏِٺم ٿيڏي ڪَنان ٿارا.

سَجڻ! تُنهنجو سُجاڻان سَڏ، اَچي 'احمد' کي اوڏو اَڏ،
گَهڙيون ڪي پاڻ گهاريون گَڏ، اُهي ڏِينهن ياد ڪِج يارا!

*

(٢٢)

اَجان اُو سِج، اَجان اُو وِج، اَجان اُو چَنڊ، اُو تارا،
عَجب آهِن عَجيبن ري، نہ اَڄ آباد اوتارا.

جَجهو جانِب ڪي مُون جهليو، تہ هَي هَي! هُو وَڃي هَليو،
نہ اڪيَن آسرو پَليو، اَجان اُو نِير، اُو نارا.

نہ پُهچي هَٿ پياري ۾، نہ جَس اِهڙي جِياري ۾،
نہ اُن ري سُک سِياري ۾، بِنان آرام اُونهارا.

لِکيم ڪاغذ قَريبن کي، تہ ڳاريو غم غَريبن کي،
هَلي مُنهنجي حَبيبن کي، ڏِجا اَحوال اوتارا!

نَماِس نِينهن نَموني تي، گُلابي رَنگ گُوني تي،
رَسيَس اَڌ رات اُونهي تي، ڏِنم ڪي آر اوپارا.

بَچان ڪِيئن؟ جي بَچڻ ڏِينَم، پُچان پَر جي پُڇڻ ڏِينَم،
نہ اَوَل مَر اَچڻ ڏِينَم، ٿِيَن اِحسان اوپارا.

اَلستي روز جو عَهدو، وِسارڻ حَق نہ سو وَعدو،
اَڳِيان عُمدو گُهرين عُهدو، تہ 'احمد!' لاهِہ اوبارا.

*

(۲۳)

مِني محبُوب جِي مُورت، وِڌا موهي مُلڪ سارا،
سِجهايا صاف صُورت سين، سَجڻ سِج، چَنڊ، ڪَتيون، تارا.

جَهڪا جوهر اڳيان جاني، پَرين ۾ پَئي پَريشاني،
لڳي حُورن کي حَيراني، پَسي رَنگ رُوپ رُخسارا.

ٿيَن موتي نه ماڻڪ مُل، ڳُمايا يار گُلشن گُل،
ٿيو هَرجا حُسن جو هُل، پيا چوطرف چمڪارا.

مُلڪ مخمُور مَستانا، وَتن دَرسن کان دِيوانا،
پيا مَنجهه پُور پَروانا، سَڙيا ساهي کي سانبارا.

نه آيا بَر بَني آدم، شَمع قِنديل ڪُل ٿيا ڪم،
سَبب محبت سَچو عالَم، هُجي حَيران همَوارا.

ڀڳين کان حَوضِ ڪَوثر هِڪ، پِياري جِن کي پِرين پِڪ،
ڪَيا جانِب جي جَلوي هِڪ، بِهشتي باغ بيڪارا.

لَبن لائي ڪا لالائي، ڏِنئون تَن کي تَسلائي،
اَٿن لَعلن کي لَڄ لائي، ڪيئون مرجان مَرميارا.

سَجڻ صُورت کي سِينگاري، ٿيو دِلڙيون ڦُرڻ ڌاري،
ڦَهر جا کان ڪوهياري، چِٽيا چَشمن سان چوڌارا.

تُفنگ ۽ تِير تَلواريون، نِهاريندي هَنيَئِين ناريون،
هُنر ڪِنهن ساڻ هوشياريون، ڪَري تاراج ويا تارا.

Gul Hayat Institute

مُحب ماڻ سين مُنهن موڙي، وِڏو جانِب جَنجل جوڙي،
سَجڻ سِر تي چَڏيا چوڙي، زُلف زوري زَهر وارا.

جِنين هيڪاند حاصِل ٿِي، ويا وَحدت ۾ واصِل ٿِي،
مُئا مانجهي مُقابِل ٿِي، وَڍيا ڪِنهن ويڙ ويچارا.

پَڳو پاڻئڙ سَندو پيلو، ٿئَن مِهراڻ ۾ ميلو،
اُنين جي رَت سَندو ريلو، هَٽي نِروار ٿيو نارا.

سَدا ساريان نہ ڪو ثاني، ڳَريان ڪونَن قُرباني،
جِيَس! جَلوا وِڏا جاني، لٿا عالَم تان اُونڌارا.

ڪيَم ڪا رات ڏئي ڪارُون، پيون ڳَن ڪانڌ ڪُوڪارُون،
اِجهي عَربيءَ جُون آڌارُون، ٿيون دارُون دَوا ڏارا.

سَمهُون ساٿيهہ کي اُپريو سِج، وَطن تي ڏِئي وَراڪا وِڄ،
طرف 'احمد' جي آيو اَڄ، لِڪيل پُرزو پِرين پارا.
*



Gul Hayat Institute

(٢٤)

اکيَن اَڄ پڻ ڪَيا آگم، اکيَن جا ڻار! تو ڏارا،
رَندن تي رَت رَڳُون روئي، رَتم رُخسار تو ڏارا.

وَڻيو واٽون وَڻيون واهيان، ويهڻ ٿيو وهه وِڇوڙي ۾،
ڪٽان پَل پَل پرين مُنهنجا! پِرهه ۾ پار تو ڏارا.

هَزارين لک حَڪيمن جا، چُڪا حِيلا هَلائي هِت،
نه چَڙهيو ڪِنهن بِلي بِلڪُل، بَدن بيمار تو ڏارا.

حَياتي حَيف تان هوءِ، هُجڻ تُنهنجي بِنان هِڪ دَم،
مَرڻ پڻ ناهِه موچارو، مِنا مَننار! تو ڏارا.

مَهند مُنهن چاڙ! مُنهن تُنهنجو، ڏِنو مِيثاق ڏِينهن هو مُون،
نه سَرتو ساهه ڪِنهن ٻِئي سان، سَڄڻ سَنيهار! تو ڏارا.

سِرو ڪوڙي سُمهان جي تان، اُپا ڪَن سُور سَڏ سامهان،
اُٿيان تان اڳ وَڻي ٻوڙن، اَپر آزار تو ڏارا.

سُڄي سِڄ ڏيهه سَڄو جِنهن ۾، ٿئي سِڄ چَنڊ سَوا ساهو،
مَگر مُون ڪِٿ نه ڏيکيو مُنهن، مُحب مَهندار! تو ڏارا.

گهَٽان گُذريا وَرهه پُڇندي، اَوهان جي گام جا گَس پَنڌ،
نه واقف ٿِي سَگهيَس سُڄ ۾، سُونهان سَردار! تو ڏارا.

وِڇائي سيڄ تي سَئُو گُل، سُمهان ته ٻه سيل ٿا لڳنم،
گهڙي گهَڙي نه غَم تو ري، گهمان گُلزار تو ڏارا.

پَچارن ۾ پِرين! تُنهنجي، پيو پُورا ڪَريان ڏِينهڙا،
اَٿم پيو ڪونه 'احمد' ڇَئي، ذِڪر اَذڪار تو ڏارا.

*

(٢٥)

دَمِ ڏِينِ ٿا تو ڏارا، دِلدار! دَرد وارا،
دِلدار! دَرد وارا، دَمِ ڏِينِ ٿا تو ڏارا.

قُربان قُرب وارا، تُنهنجي قَدم قَدم تان،
تُنهنجي قَدم قَدم تان، قُربان قُرب وارا.

حَيران لک هَزارا، هَردم حَبيب! تو لئي،
هَردم حَبيب! تو لئي، حَيران لک هَزارا.

مَحبُوب! مُلڪ سارا، مُورت تي تُنهنجي موهيا،
مُورت تي تُنهنجي موهيا، مَحبُوب! مُلڪ سارا.

سِجُ، چَنڊ، ڪَتيون، سِتارا، صُورت سَندئي سِجهايا،
صُورت سَندئي سِجهايا، سِجُ، چَنڊ، ڪَتيون، سِتارا.

توکي سَڄڻ سُونهارا! سارِيان ڄمار سارِي،
سارِيان ڄمار سارِي، توکي سَڄڻ سُونهارا!

پَيغام مُنهنجي پارا، پُهتو پِرين! ڪو توکي؟
پُهتو پِرين! ڪو توکي؟ پَيغام مُنهنجي پارا.

ڏُونگر کي پُونِ ڏارا، ڏُسڪي جي ڏُک سَلايان،
ڏُسڪي جي ڏُک سَلايان، ڏُونگر کي پُونِ ڏارا.

پَرچيا پِرين پِيارا، پاڻُ پَلاند پوتيون،
پاڻُ پَلاند پوتيون، پَرچيا پِرين پِيارا.

آءُ تان ڏِئَين اوتارا، ’احمد‘ چَئي اَندر ۾،
’احمد‘ چَئي اَندر ۾، آءُ تان ڏِئَين اوتارا.

*

Gul Hayat Institute

(۲۶)

ٻِياءَ وَ مي ٻِيارو، رُو ٻِيارا،
پِيارج پِڪ پِيالي مان پِيارا!

گُهمون گُلزار، گُل دَستا هَٿن ۾،
سَدا گڏ پاڻ ۾ سانوَڻ سِيارا.

پَلو پيڙو رَهڻ، نه ته پال پيرو،
نه هِڪ ۾ ڪَر بَخيلي بَختيارا!

مِٺي آهيان، مِٺي آخر مِٺيءَ ۾،
جُدا جِيئَري نه ڪَر جِيءَ جا جِيارا!

هَلي ٿو هيل تائِين حال هِهڙو،
نه آئون ياد، تُون نِت ياد يارا!

سُونهَن توساڻ طوطن جُون تَنوارُون،
ٻِنان گُلزار بُلبُل ٻي مَيارا.

نه دِل وَس ۾، نه دِلبر دَسترس ۾،
جِتي تَيار دِلبر، دِل تَيارا.

اَلف قَد، عَين اکيون، مِيم مُکڙي،
پِرُون پَرپُور تِيرن سان تَيارا.

نه آهوءَ جُون اکيون اِهڙيون نه اکروٺ،
نَظر ۾ ناز نيڻن جا نِيارا.

اُپو 'احمد' اکيَن مان آب هاري،
گُلن ۾ گُل گُهمن ٻي اِختيارا.

*



Gul Hayat Institute

(۲۷)

ڏِٺان ڪو يار سو يارا! ڏِٺي جنهن سال ٿيا سارا،
ڏِٺي جنهن سال ٿيا سارا، ڏِٺان ڪو يار سو يارا!

وَرن شل! وَصل جا وارا، وَسيلا گُم وِڇوڙي ۾،
وَسيلا گُم وِڇوڙي ۾، وَرن شل! وَصل جا وارا.

اَجان اُو نِير، اُو نارا، ڏِسي نيڻن نہ لاٿي سِڪ،
ڏِسي نيڻن نہ لاٿي سِڪ، اَجان اُو نِير اُو نارا.

ڪَڏهن تو ري پوَن پارا، ڪَڏهن ٿَڌ، سِيءُ، ڪَڏهن ڪوسِي،
ڪَڏهن ٿَڌ، سِيءُ، ڪَڏهن ڪوسِي، ڪَڏهن تو ري پوَن پارا.

دَوا دارُون نہ تو ڏارا، ڏُکي دِل دَرد ۾ دِلبر!
ڏُکي دِل دَرد ۾ دِلبر! دَوا دارُون نہ تو ڏارا.

اَندر ڳَنڍيَن ٻَڌا ڳارا، ڳِلن سِر ڳاڙِيان ڳوڙها،
ڳِلن سِر ڳاڙِيان ڳوڙها، اَندر ڳَنڍيَن ٻَڌا ڳارا.

نہ پَل پَيغام تو پارا، پَچان ڪامان پَچارن ۾،
پَچان ڪامان پَچارن ۾، نہ پَل پَيغام تو پارا.

وَسن ٿا مِينهن موچارا، مِلڻ جهڙي مَهل ٿِي، مِل،
مِلڻ جهڙي مَهل ٿِي، مِل، وَسن ٿا مِينهن موچارا.

اَکيَن ايڏهين ٻَڌا آرا، اَگڻ 'احمد' اَچڻ گهُرجي،
اَگڻ 'احمد' اَچڻ گهُرجي، اَکيَن ايڏهين ٻَڌا آرا.

*

Gul Hayat Institute

**(٢٨)**

سَدا توکي سِڪان ساريان، سَجڻ مُنهنجا سُڏاتُورا!
سُجاڻي ڳَر چَڙهان سُوري، سُجي اِهڙي جِيئڻ سُورا.

مُحب موتي ڳَٽان! تو ري، مَٿم ڏِينهن مَوت جو چاڙهج،
بِلاتو مَنجھه بَلا آهيان، بِنان تو اَي ٻَلا ٻُورا!

مَحبت ميڻ ڪِيو مُون کي، اَڃان تُون مُحب! ماڻن ۾،
نڪِي ميڙين، نڪِي مارين، نہ مَڃين ڪا مِنت مُورا.

لنگھيو ماڻهن جي مَن، اَي يار مُحرم! ماهہ مُحرم جو،
اَڃان اَفسوس ۾ آهين، عاشِق ڪاڻ عاشُورا.

نہ مارِيَس جِن ڳِچي ماڻڪ، مُنيَس جِن ماڻڪيون ڪارِيون،
نہ لايمِ نِينهن جِن نُورا، نِهوڙِيَس جي رَتان نُورا.

ٻَنيوران وِئي ٻَنِين وارن، سَڃي ٻُت کي لڳيم ٻاهُون،
کِڃان ڏِسيو ڪَٺون خالي، لڳا ڪامڻ مَٿم ڪُورا.

مِرُن جي ماڳ ۾ مُون کي، مُنجهاءِ ڪِيمَ مارڳ ڪان،
پِرين! ڏَس ڳام پَنهنجي جا، پَرا، پَنڌ، پيچرا پُورا.

اَٿم اُميد 'احمد' چَئي، اُٺايو اِڃهه وَٺان اوٺين،
ڏِنم ڏيرن ۽ ڏاگَن کي، چَڙهي ڏُونگر مَٿي ڏُورا.

*

(٢٩)

مَٿا مَيدان ۾ ڏِيندي، ڏِٺم سِڪندرَن کي سَئو پيرا،
ڪِري قُربان قَدمن تان، ڏِهاڙي ٿِين ڏَهه ڦيرا.

اَوَل اُن جو عَجيب سان، اَلستُون ويو اَڙي اَرواح،
پِريان جي پار پوءِ تِن کي، پيا پِرتُون پَرڻ پيرا.

مِڙيا سي مَحبتي مَچ تي، لِڳي موٽڻ جِنين مِهڻو،
ٿيا يَڪ يار سان يَڪدم، جَلائي جان، جِيءَ، جيرا.

اَڳي ئي آڳ کان اوري، پَچي پَروان ٿيا پُختا،
تِنهان پوءِ تِن کي تَعميلُون، ڪَرڻ پيا جَر، جِيون، جيرا.

لِڳيَن مِيثاق کان مَستي، ڪَڍيائون هَر طرح هَستي،
اُڏامي تِن عَجيبن وَٽ، ڪَيا اَرواح آڪيرا.

نه سالِڪ سَندرو چوڙِين، سُوريءَ سِر مَٿي ايندي،
نه موٽن مَوت کان مانجهي، هَلن مَهندار مَهنديرا.

وِسارڻ لاءِ وَس لايم، نه هُو وِسرن نه ڪِنهن ويلي،
اَچي دِلگير جِي دِل ۾، ويٺو دِلبر اَڏي ديرا.

مُئان پوءِ مُنهنجي مَڙهه کي، جي لِڳن هَٿڙا حَبين جا،
نه لاشڪ ساهه لاشي ۾، پَوي بيهر، جِيَن پيرا.

ڪُسڻ جو قُرب وارن جي، نَتيجو ناز مان نِڪتو،
ٿيا گهايَل مَٿي گهاٽا، وَري گُهورن سَندا گهيرا.

پَري پالا اَچي بيٺو، سَڄڻ سِيني کي سانبارا،
لِڳم دِل ۾ دونالِيون ڪَئِين، ڇِني ڇاتي لنگهيا ڇيرا.

جَڙون جِيءَ ۾ هَنيون جاني، ڇُرڻ ڪان ڇُور ٿيا اگرا،
ڪَڙي قابُو ڪَيَس ڪاڪُل، وِڙهي ڪا جا وِيَم ويرا.

ڪٿي سَگهندو نه 'احمد' آس، اَهنجي آستاني تان،
مُحب! ميڙين ڪِ مارين مُون، مَجيَم حاڪِم! حُڪم تيرا.

*

Gul Hayat Institute

**(٣٠)**

جُدائيءَ ڪان وَري جاني! پيَم جَولان ۾ جيرا،
اَڳُوٽيان پڻ اڳِر آڳُون، اُٿيون لائي اَندر چيرا.

وِڇوڙي ۾ وِڏئي والي! پُٽان بيمار بيحالي،
ڪِجان ڪامان ڏِسيو خالي، اَڳيان دِلبر! سَندئي ديرا.

جُدا ٿِئين يار جاني جَت! بَچي بُت باهِ ڪان ڪِنهن پَت؟
رُوان راتو ڏِينهان نِت رَت، ٻَرن ٻَڙڪن اَندر ٻيرا.

هَٽي هِيٽي حَشر هِڪ ۾، لَنگهي لَڪ لوڪ ڪان لِڪ ۾،
سَڄڻ! تُنهنجي سِڪي سِڪ ۾، ڏِنم سَڪرات سَئو ڦيرا.

لَغارُون ڪي لڳيم لُون لُون، پِرت آنديَس پِريَمَ! پَرپُون،
مَٿا مارڳ ۾ ڏِيندي مُون، مُحب! اَڄ پڻ مَٿي ميرا.

اَچي سَڪرات پيئي سوڙهِي، مِرُون آيا مَٿم ڊوڙِي،
وَتان واٽن تي واڏوڙِي، وِهان وِنجهلان وِڇيڻءَ ويرا.

نِهاريان رات ڏِينهن راهُون، وِجهان وَٽڪار ۾ واهُون،
ڪيَم ڪوهن مَٿي ڪاهُون، ڪِٿان مَن! هَٿ پوَن ڦيرا.

جَلايم جِيءُ جَتن جوتن، هَنيَم ٿَر بَر، نه ٻُوءِ ٻوتن،
هُلاچا هُل سَندا هوتن، اَچان ڪِنهن ماڳ مَهنديرا.

اُپو 'احمد' ڪَري آزي، پِرين! پَرتو اَٿان پازي،
تِنهين غَمناڪ تان غازي! ٻَلائيءَ سان مَ پيچ پيرا.

*

**(٣١)**

مِٺن مارُن تي وُٺڙا مِينهن، ٺَر تي ڏِينهن ڪي ٺَڏڙا،
وَطن ۾ وَس، وَلِيَن ۾ واس، بي وَس تي وِرهه وَڏڙا.

ڪَٺُوريءَ واس ڪيرِيَن ۾، ڪَٿيرِيون ڪِير سين ڪائن،
ٻَڪر ٻيرِيَن مان چاري ٻُور، ٻاٻاڻن وَري ٻَڏڙا.

عُمر! آسروَندي آهيان، ته اوڏهين اوڏيهر وينڌِس،
چَٻيندِس ڏيهه جا ڏَونرا، چَڏيندِس ڏُوڙ تي ڏَڏڙا.

سَڳَينڻ ساڻ سَڳ مُنهنجو، سِگر سيڪيَل سِڪان سارِيان،
رُوان آئون رَت رَتولن ۾، هُتي پِس رات پڙ رَڏڙا.

ڪٿي ڳاگهر چَڏيَم جي ته، ڳَڏيَس ڪوهه گهنگهر ۾؟
نه ٿِي ساٿيهه ۾ سُڻ سُڻ، نه چو ڪي سَڏڙيا سَڏڙا.

وَهن رَڳَ رَڳَ مَنجهان ريشا، نه ريجهي رُوح ريشم سان،
ٿماٽي نام ۽ نامُوس، لوئي لال ۾ لَڏڙا.

مُبارڪ آهِ مارُئيءَ کي، نه ماڙِيَن تي مَنيَئِين مارُو،
ٻَڏا ’احمد!‘ اَحد سان تو، مَ ڪَج اَنجام سي اَڏڙا.

*

**(۳۲)**

مِهر جا موهر مَٿي، مَحبُوب! وُنڙا مِينهڙا،
دَرگُذر ڪَر، ڪَر نَظر، تو ساڻ نيڻن نِينهڙا.

مِينهن وَنڙا، ڏِينهن ٿَڌڙا، شِينهن ٻَڌڙا نِينهن ۾،
ڪا مَهل مَحبُوب جو، مُنهڙو پَسان وَس مِينهڙا!

مُفت مارڻ ۾ نه مُوران، تَرس ڪَن تِر جيترو،
روز شاغِل مَنجهه شِڪارن، نِينهن، شِڪرا، شِينهڙا.

هاءِ! هِينئڙي جو نه هِينئر ساڻ، هِهڙو حال ٿيو،
مَس لِڳا تو ڏُور هُوندا، ڏِينهڙا اُوٽِينهڙا.

گُل ڦُلاريا، ڦُل ڦُلاريا، ڪُل ڦُلاريا وَڻ وَلهار،
ڏُور ٿيا اَڄ ڏيهه تان، ڏولاءِ وارا ڏِينهڙا.

دوست هِڪ بَس، دوستيءَ جو ديس ۾ دَسٿُور آهِه،
هِت هُتي هَر ڪِنهن تي هِرڪي، ٿِي مَ هَرڙو هِينئڙا!

واهه! 'احمد' ڪي اَحد، آسيون اڪيَن ڏيڪارِيون،
وَٽ هَٿيڪو هَٿ تِنهِين، هادي ڏِنون سَپڪين هَڙا.

*

(٣٣)

ڪَري ياد ڳالهيون، ڳَڙيَمِ ڳَل تي ڳوڙها،
وَري لاهِہ والي! وَرهن جا وِڇوڙا.

دَريچي مان دِلبر، ڪَڍيو مُنهن مُنوَر،
گَڏيَس گُوندرن ۾ اِنهيءَ گُهور گهوڙا!

اکِيَن جي اِشاري، وِڌو مُون کي ماري،
اَچي پيا عُمر جا سَندمِ ڏِينهن سوڙها.

جِتي يار جاني، پَسائِن پيشاني،
تَراڙيَن تَجلو تِتي آهِہ توڙا.

ڪَيا ناز نيڻن، سَنجي فَوج سيڻن،
فَقط ڦير هِڪ سان ڪُسي ويا ڪِروڙا.

ڌَڻي دِل دِليرن، مَٿا ويا مَٿيرن،
سَوارن سَوا پيا گهَرين پَند گهوڙا.

پِرُون پوِنر پالا، وَتن خود خِيالا،
ٻَئِي هُونِ هَرجاءِ مَنجهہ جَنگ جوڙا.

زُلف زَهر وارا، نہ ڪَن ڪَهل ڪارا،
چَڙهيا چَنڊ تي چَوڏس وِڄهي وَر وَنگوڙا.

اکيون اُن جُون ’احمد!‘ ٻُڪيا باز بيحد،
اَنئي پَهر جِن جو هُجن قُوت ڪوڙا.

*

(۳۴)

اَڀر اُڪنڊي عُمر! آهيان، اکيُن مان آب اوهيڙا،
وَسايم مِينهن ماتم جا، ٿيم مُنهڙي تي موهيڙا.

لِڱن تي لال لُڙڪن سان، لوئي لال وئي لُڙجي،
سَدا مَنجهه سوڳ سانگين جي، چِڏيم سِينگار سوهيڙا.

اَباڻن عاج، اَطلس عَيب، اُنهن جو آبُرو اِن ۾،
نه ڀَڄجي ٻانڌڻن سان دِل، ڌُهُوڻن ڌوهه ڌوهيڙا.

ٿيئي ساٺيهه سانوڻ مُند، ساوا گاههه ساماڻان،
رُوان ڏِينهن رات رَت ريلا، رَهن مَنجهه رُوح روهيڙا.

وِڇيڙءَ ويلي وَلر وارِن، وَلوَلڙو وَلهارن ۾،
پَليون سي پائيَم باتيون، پَلين پائيُن نه ٻوهيڙا.

نه وَڻ وانگي، نه جَهڻ جهانگي، نه سَڌ اوڏا سَڄڻ سانگي،
هَنجُهون هِت هِير تي هاريان، هِنيين لئي هار هوهيڙا.

عُمر! اِنشاءَ الله تُون، نه ڪيندين اَنب اُميدن جا،
پُڄاڻي جانچ، پوکين تُون، ڪَلر ۾ ڪوهه ڪوهيڙا؟

اَيُونئين هِت آهيان 'احمد!' اَباڻن پاس آباديون،
ٻُڌم هِن ٻِن ڪَنن سان، ڌوٿيَن جا ڌُور ڌوهيڙا.

*

Gul Hayat Institute

(٣٥)

ڦِٿو سُک سُومرا! مُنهنجو، سُتي سارِيام سانگيئڙا،
ڪَڏهن ايندم، وَٺي ويندم؟ مَنجهان هِن ڪوٽ ڪانگيئڙا!

حَويليون، هار، هِيرا، هَس، حَوالي حاڪمياڻيَن جي،
جَواهر، لَعل، جُهومڪ، جُهوڙ، جُهولائن نہ جهانگيئڙا.

وِڇڻيءَ ويلي وَرڻ جو، ساڻ ويڙهيچن وَچن وِچ ۾،
عُمر! ويٺي ڏِسان واٽون، وَرن ڪي شال! وانگيئڙا.

پَرم پارُوڙيَن ۾ پائم! پُونگا پِٽ مَٿي پيڙا،
پَلا مُون لاءِ پاڳيئڙا، پُليا پائِين پانگيئڙا.

سَندم هِن سُونهن صُورت جو، سُڻايو سُومري ڪي جِن،
پَوي تِن پير ڪاري تان، ڏِسن ڏنگيل نہ ڏانگيئڙا.

اَباڻا اَڄ نہ اڳين هَنڌ، ويا ’احمد!‘ اُٺي اُڪرِي،
ڪَٽي مارنگ، وَٺي مارڳ، ويا ٻِئي ماڳ مانگيئڙا.

*



Gul Hayat Institute

(٣٦)

سَڄڻ! توکان سَوا سَنڌ سَنڌ، سَٽ سَٽ سُور جا سَٽڪا،
ڦَٽي ڦوڙاءِ ڦوڙي دِل، اُڦٽ ڦَٽ، ڦَٽ مَٿي ڦَٽڪا.

ٻَچائي ٻُت ٻَچايان ڪِيئن؟ ٻَچي شل! باز ٻَحريءَ کان،
جُري جِيئن جِيءُ جَهٽي جَهٽ پَٽ، اڪيون جَهٽ جَهٽ هَٽن جَهٽڪا.

ڏَڙا ڏَڙ ڏار سِر ڏَڙ کان، دونالِيون ڏُور ڏَڪ ڏَڪ ۾،
سِسيون پُڄو ڪِرن پَٽ تي، نِپٽ پَٽ جا ٻه پَٽ پَٽڪا.

مِٺا! مُنهن مِهر مان ڏيکار، وُڻڙا مِينهن موهر تي،
چَرن چالُون چِلڙ چِيها، چِلا چَل بُوند ڏئي چَٽڪا.

ڏِڪارين دوست! چو دَم دَم؟ قَدم تي دَم سَندم پُڄندم،
لَٽن ۾ لاش هِيءُ لاشڪ، وَٽي لَٽ، لوڙهه، يا لَٽڪا.

Gul Hayat Institute

سَدا مُنهنجون صَدائون ڪِنهن سَدر سُلطان جي دَر تي،
پَلِين پَٽڪي پِٽن ۾ پَٽ، پَلا لاهِن پَٽن پَٽڪا.

سَڄڻ هو سِج لٿي اَچڻو، لٿو سِج، ٻيو ٻه سِج اُڀريو،
اَچان ’احمد!‘ نه اوڏيءَ ۾، اَلا ڪِهڙي پِيَن اَٽڪا؟

*

## (٣٧)

عُمر! مُون کي اَباڻن جا، لڳا اَندر ۾ آڙِيڪا،
تَڏهن هِن تَنگ تاڙيءَ ۾، ڏِيان چاڙيءَ تي چاڙِيڪا.

هِتي ڪاڙها ڪَڙهن ڪارا، وَطن ۾ واس، وَسڪارا،
وَٺيم تاڙا، ڳَنڍيم تارا، لڳي تاڙِي نہ تاڙِي ڪا.

ڏِيا وَس، ويس واندِيَن ۾، ڳُنيو مَن مُنهنجو ڳانديَن ۾،
لويارِيون لال لانديَن ۾، ٻُڌي مارُن نہ ماڙِي ڪا.

عُمر اَرڏو عَرض چُوندي، هُتي هِينئڙو، هِتي هُوندي،
جَلي ڏِي جان جَر رُوندي، سَندم سَنڌ، سُور ساڙِي ڪا.

وَلهارن ۾ وَلر وَڙڪن، هِنيِن تي لُڙڪ مُون لَڙڪن،
بَدن ۾ باهِيون ڀَڙڪن، اَندر آهِم اُماڙِي ڪا.

هَنجُهون هاريان، نہ حُب هارن، نہ ويڙهيان ويڙهہ ري وارن،
اکيَن تارا، اَندر تارن، ڀِيندي ڏِي پَچاڙِي ڪا.

ڪِڙيون خَيرن جُون هُت ڪيريون، ٽِڙيون ٻُورن مَنجهان پيريون،
ڦَرن ڦوڳن اَندر ڦيريون، وِيَمِ وِسري نہ واڙِي ڪا.

اَدا 'احمد!' مَ ڪَر آڪڙ، ڦِري پَئي مُلڪ ۾ ماڪڙ،
رَهي لاندي نڪا لاڪڙ، نہ ماڙِي چِٽ، نہ چاڙِي ڪا.

*

## (٣٨)

نہ ڪَرھو ڪاڪ تي آيو، اُڏر ڪاغذ ڪٽي ڪانگا!
سَلامي ٿِي سَنيھو ڏِج، چَڏيان ڪِھڙي سَبب سانگا؟

رِھاڻيون رُوح ۾ رَھنَم، رُسڻ سان رِڻ ڪيَئي راڻا!
لڳان اَج لوڪ ۾ ليزم، ٿيا لازِم مَٿم لانگھا.

سَڙيِمَ سُورن ڪَنان صُورت، سَوا تو سيج ٿِي سُوري،
وَنھيَل! ويھي وِھايِم رات، اُٿيا ٻانگ تي ٻانگا.

نہ واھي چو ٺماڻي نار، نارا نِير نيڻن مان،
جَڏھن نامُوس وارا نَر! نِھوڙي نِينھن ڪَيا نانگا.

پَٽوريون پَٽ مَٿي اُڇليان، پَٽر، پَٽراڻيَن بَدران،
نہ باغن ۾ بَھاريون اَج، ٿيا ڦوڙاءِ ۾ ڦانگا.

مَيارن مارڙي آھيان، مَعافي ميندرا! گُھرجي،
رُوان رَت، ٿِي رَوانو ھِت، رَوا راڻا! نہ رُوسانگا.

نہ ڇاڻي ميندري مُنھن موڙِيو، مُومل جِي ماڙيءَ ڪان،
اَحد گُھرجي تہ 'احمد!' رَک، نہ اَندر تُون ٻہ آلانگا.

*



Gul Hayat Institute

(٣٩)

اَج ته سُرمون پائي سُهڻا، سِينڌ سِينگارڻ لڳا،
مُحب مُرڪائي مِنٿيءَ سان، مُلڪ مِڙ مارڻ لڳا.

شَمس شَرمايو ڏِسي، تِنهن شاهزادي جو شُعاع،
حُجتون حُورن پَرِيَن جُون، حُسن ۾ هارڻ لڳا.

خُوب صُورت، خُوب سِيرت، خُوب خِلوت خواب ۾،
ڳالهه ڪِهڙي ڳائِيان؟ ڪي گُڻ ڳُجها ڳارڻ لڳا.

خُون خَلقت ٿِي ته ڪهورِي، هُونِ ڪِلمُڪ شل! خَليل،
ساهه، سَنڌيون، دِل سَندم، سالُون جِنين سارڻ لڳا.

جوش جاڳايو جِگر ۾، تُنهنجي جَلوي ۽ جَمال،
ٻاڦ ٻاهِر ڇا ڪَڍان؟ ٻارڻ مَنجهين ٻارڻ لڳا.

Gul Hayat Institute

گُوندرن گُريون جَهليون، گهارڻ ڏُکيو گهوڙا! ٿيوم،
ڏِيل مُنهنجي ڪي ڏِهاٽي، ڏُک وَڏي ڏارڻ لڳا.

آسِيون 'احمد' جُون آهِن، ٿِين اوڏا مَن! عَجيب،
ڪَڻ تِنين ڪي يا خُدا! جي ڪَر وِچان ڪارڻ لڳا.

*

(۴۰)

پَکيَن لاتيون وَري لايون، ٻُڌم لالڻ! لَلا لالا،
گُهميو گُلزار ۾ گُل ڦُل، ڪٿِن ٿا لال، لا لالا.

جَڏهن ڪاڪُل ڪُلهن لاهِن، تہ ڪوڙين قَيد ۾ ڪاهِن،
اکيون آهُن مِثل آهِن، پِرُون ٻَٽچيون پَلا پالا.

مَحبت شل! مَ ٿِئي مانيِ، وَٺي وِئِين دِل ڏِني وانيِ،
ڪُشادا وار، قَد ڪاني، بَرابر ٻَئي ٻَلا بالا.

وِجهن وَڍِ ساڻ وِيٽن مُون، نہ ڪوڏي ڪَهل ڪيٽن مُون،
نِهارج پَلڪ نيٽن مُون، اَجان چا ڳَئون اَلا آلا؟

ڪَڪر ڪارُون ڪَري آيا، ٻِنان بادل، پَري آيا،
پَلر پَلٽي پَري آيا، ٿُيا ٿُب اَج ٿَلا ٿالا.

چَنون چَانچر، چَپر چوليون، ٻَهُون ڳَن ٻابيهل ٻوليون،
لِيارن ۾ لڳن لوليون، وَٽن ۾ وَلوَلا والا.

جِنين مَحبت ري مُنهن مَکيا، چُهاڪا تِن جَڏهن چَکيا،
اُنهن پَچندي پَچي رَکيا، تِڪر نوبر ٿَلا ٿالا.

رِهاٽِين ڪان ٿَڪم روڪي، ڏِنو دِل دوست کي ڏوڪي،
ٿِياڪر چو اَجان ٿوڪي؟ جَهليندا ڪي دَلا دالا.

سِکي 'احمد' عَجين کي، تَڙي ڪَڏيمَ طَبين کي،
نہ هوءِ حُب حَبين کي، تہ چَم چَم هِي چَلا چالا؟

*

Gul Hayat Institute

(۴۱)

خُدا لڳ ڪَٽي نيڻ ڪِل خوش خِيالا!
سَدا شال! سَرهو رَکئي رَب تَعاليٰ.

سَڄي عُمر ساريان، نہ ويرم وِساريان،
وَڃي ڪِيئن تُون وِئين وِساري وِصالا؟

سَنديَم يار جانِب، پَرُوڙيَم پَرايون،
اگڙ پَنهنجي ايندي ڪَجي شَرم چالا؟

صَدا تان سِياڻا! مَ ٿِي رَنج راڻا!
رَهن سائي وَٽ ڪِينَ سائل سَوالا.

دَهن تُنهنجو دِلبر! حَقي حَوضِ ڪَوثر،
ڪَري پُر پِيارج پِيارل! پِيالا.

ڪَيا تِير تارن، سَمهان سوز وارن،
پَري سِينگ بينا پِرُون پَونر پالا.

جَهڪو سِج سَڄڻ وَٽ، نہ ماڻڪ سَندس مَٽ،
نڪو گُل گُلابي، لڳن بَر نہ لالا.

مِٺا مُحب مِصري، وَڃن ڪِينَ وِسري،
ڪَڇهري سَندن لئي قَبوليَم ڪَشالا.

اَٿئي شِعر 'احمد' پَرِيَل ذَوق بيحد،
رَسن بَيت هِڪ ڪي نہ رَس ۾ رِسالا.

*

(۴۲)

اَحد اَللہ اَڪبر، عَز وَ جَل، عالمَ ذَڻي اَعليٰ،
اُپن، پُونيَن، بَحر، پَٽ، بَر جو بارِي بادشاھہ بالا.

پُٽي باتيون ڪَندي بُلبُل، اَٿس گُفتار گھوڙا! گُل،
سُٽايو ڪِٿ سَمن، سُنبُل، ڪِٿي گُلزار، گُل لالا؟

جُدايون جوش جَل جاڳيم، نہ مُوران مَن مُحب! ماڳيم،
تَتا آڙنگ، ٿيا آڳم، اگڙ اڪيَن ڪَيا آلا.

مُحب جي مُنهن موچاري تي، سُونهَن ڪاڪُل ڪِناري تي،
پيا تِنهن پيچ واري تي، نِيَر، سَپ، نانگ سَپ نالا.

اڪيَن جِيءَ سان وِڌم جهيڙا، ڪَيا ڪارِيَن ڪَٽڪ ميڙا،
بَلائون، بَند پَنپِن پيڙا، پَري بينا پِرُون پالا.

سَجڻ سَنيهار سوپارا! وَريمَ ڪي قَعر ڪوپارا،
اُٿيم آزار اوپارا، اُپي بيو ڏي نہ اوپالا.

سَدا ساريان سَجڻ سائِن! وَرو آھُن مَٿي آئِن،
هَلي آءُ گڏ حَشر تائِن، رَهون خوش خُوب خوش حالا.

اَٿم چارئي پهر چَل چَل، هِنيين ۾ هَول جِي هَل هَل،
پِيادا پَنڌ ڪَندي پَل پَل، چِنيون تِريون، پيَم چالا.

بَڏيو بانهَن مِٿل بانُهون، عُمر 'احمد!' ڪيَم آنُهون،
مِليَم دِلبر سُٽي دانُهون، چَنان چانيان نہ پوءِ چالا؟

*



Gul Hayat Institute

(٤٣)

ڪان قَهري ڪو لڳو، جِنهن قَلب سين ڪَئي ڪَربَلا،
ٻُت چَنبن ۾ باز جي پيو، ڳُهور پانيان ڪَر ٻَلا.

چَنڊ واڙو وار، مُنهن جِي وَصف، شامِل صُبح شام،
يا گُلابي گُل جِي پَر ۾، ڪَر ڪٽي ٿِي ڪَر ٻَلا.

حَوصلو جيڪر هِنيين ۾، ناز نازُڪ جو ڇڏيم،
ٻُت وِجهي تان باهِه ۾، باسي ٻيهان ڪِيئن ڪَر ٻَلا؟

Gul Hayat Institute

حَرف ’هُئو‘ ۾ حاضِرن کان، جي حَيا پائِين حَبيب!
تان ٻَلائيءَ سين ٻَلا، ٻولي ٻَليءَ ۾ ڪَر ٻَلا.

عاشِقن جو آهِه ’احمد!‘ اِئِن وِڇوڙي ۾ وُجُود،
هُو ڪُڙها جي ڪِهر جا، جِيئن ٿي ڪُنا مَنجهه ڪَربَلا.

*

(٤٤)

گُل بِهشتي باغ جا، مُون لئي بِنان تو بَر ٻَلا،
دِل سَندم کي ڏي دِلاسو، دِلربا، دِلبر! ٻَلا.

ڇا سَڄڻ! تو کان سَوا، سُک کي ڪَريان، ڇا ساهه کي؟
تو بِنان مُون کي مَرض، ماتم، مَرڻ، مَحشر ٻَلا.

مُنهن پَسائين جي مُون کي، تان مُحب! مُرڳوئي مَلُوڪ،
پَر ڏِکا ڏُومان بہ دائم، دوست! تُنهنجي دَر ٻَلا.

ٻيا ڪَٽي جي خان ڇُونم، تہ بہ نہ ٿِئي خوش دِل خَليل!
تُنهنجي پُڙ پُڙ مان لڳن، بيڪس بَندا، بَدتر ٻَلا.

ڇا ڪَندين مُنهنجي کُهڻ لئي، ٻيو ڪَٽڪ ميڙي قَريب!
گُرز غَمزا، تِير تارا، لاڏ جا لَشڪر ٻَلا.

مُحب! موچارو ڪَٽئي، موتي چوڻ، گُل، مِهر، ماهه،
پڻ سَڏڻ توکي سَڄڻ! سائين، سَڏر، سَروَر ٻَلا.

عُمر 'احمد' جِي سَڄي، آئي اَوهان جِي مَنجھ اُداس،
تِنهن کي پيشاني پَسائين، پاڪ پيغمبر! ٻَلا.

*



Gul Hayat Institute

(٤٥)

مِنا محبُوب! مُون، تُنهنجا هُئا مِيثاق ڪان ميلا،
وَريو ڪِهڙو وَري واءُ؟ جِيئن ويا وَرهن جا پَئي ويلا.

ڏِسي جانِب! اکيون جايون، اَندوهيون مَنجهه اَندر آيون،
وِڌم وَڏڪار ۾ وايون، وِڇوڙي ويِرَ، واويلا!

مَٿي مُنهنجي مَتو ماتم، گهٽان ٿي پيم گُوندر غم،
اکيون آهِن مَنجهه آگم، رُوان رَت رات ڏِينهن ريلا.

جهليو دِل ۾ پُٽان دانهون، پِرين! وِجهه پير کو پانهون،
ٿيون اِظهار جي آنهون، نه پَرندا ٻاڦ سان ٻيلا.

نه آهِم سَند ڪا سائي، مُون سان ڪَئي سُور پَر سائي،
جِيئن ڪاتيءَ کي ڪاسائي، ڏِيئي چيرو ڪُهن چيلا.

ويا وَڏڪار کي واسي، بيٺس بَر ۾ بُکون باسي،
ڪَندين ڪِنهن ڏِينهن ڪُتل پاسي؟ اَچڻ جِي يار اَلبيلا!

عَرض 'احمد' اَچج آرِي، وَجي ڪَج ڪا وَرڻ وارِي،
قَيامت ٿِي لنگهي ڪارِي، چِنان پوءِ تُنهنجي چاٽيلا.

*

Gul Hayat Institute

(٤٦)

حِسانَ الوَجهِ قِدماً قَد هَوِينَا،
فَمِثلَڪَ فِي الصَباحَةِ مَا رَئَينَا.

پَريشان حال پَريون پَرتوَن ڪان،
حَسد ۾ حُسن تي خود حُور عَينا.

اَمُل آندا اَمُل ماڻڪ عَمل ۾،
نہ جِهڙس چَندِ توڙي چُوندِ چَينا.

چيَم جا نار، سا خود نُور نُوري،
چيَم تارو، نہ تَجَلي طُور سَينا.

ڪيَس بي تاب، بُلبُل باتيَن سان،
مِٺي ٻولي ٿو ٻولي مُرغ مَينا.

سَجڻ! تو ري سَجو ڏِينهن سِج نہ ڏِسجي،
ٻِنان تو دوست! پانيان باغ ٻَينا.

هُئِين تُون ڪِٿ؟ نہ هِت، هُونهِين هَٽِين دَم،
نہ مَين ڪَر ٻول مَينا! مِثلِ مَينا.

چَمن ۾ نِينَم، چُمني ڏِينَم هَٿ ۾،
چَوان ري نُون چُمني ڏي، تہ چَئي نا.

وَسي اُن جي اکيَن ۾ خُون 'احمد!'
سَلامُ اللهِ وَ رَحمَةٌ عَلَينا.

*

Gul Hayat Institute

(٤٧)

دِل وَجي ٿِي دَست ڪان، دِلدار دِلبر! تو سَوا،
سا نہ ساعت ڪا سَگھي، سُهڻا! ٿِي صابِر تو سَوا.

ڪي دَوا دارُون ڪَري، پاڻيَم نہ واريان دوست! دِل،
ٿيو نہ حِيلي ڪِنهن هِنيون، هيٺي ڪان حاضِر تو سَوا.

ٿا ڪَهن قاضي نہ ٿيندِي، ڪُل سَندي اڳتي قِيام،
مُون ڏِنو مَحبُوب مُنهنجا! ڏِينهن مَحشر تو سَوا.

سُڌ نہ آهِم تان سَڄڻ! مِلنديم هيڪر مَنجھہ حَيات،
يا اُڏامي آهہ سان، اَرواح آخر تو سَوا.

تو مَٽان گھر گھوريان ها، پَر نہ آئين تُون عَجيب!
پوءِ وَجي سُج ۾ سَڄڻ! صَدقو ڪيَم سِر تو سَوا.

مُون گدا جِهڙا گھڻان ئي، تُنهنجي گادِيءَ جا غُلام،
مُون سَندو ساريان نہ بيو، سَرتاج ءِ سَر تو سَوا.

اُپرندا آيا گھڻان، عالَم تي 'احمد!' آفتاب،
پَر نہ سَڀ تي سوجھرو ڪِيو، ڪِنهن بہ سَروَر! تو سَوا.

*



Gul Hayat Institute

(۴۸)

مِلن لالڻ مَٿي لَب لَب اَهاها!
وَڃان ٿِي غَرق مَنجهہ غَبغب اَهاها!

ويهڻ ڏِئي ڪِيئن حَب ري حُب حَبين؟
پُڇان حُب مان ڪِٿي حَب حَب اَهاها!

ڪِٿي قُو قُوءِ ڪِٿي قُل قُل ڪَنن ۾،
ڪِٿي ڪَبڪن سَندي ڪَب ڪَب اَهاها!

اَگهان شَبنم اکين جِيءَ ساڻ شَبنمِ،
رُوان يا رَب! هَب هَب هَب اَهاها!

مِلڻ جو روز جِيئن نوروز فيروز،
ڏِسڻ سان شَب قَدر شَب شَب اَهاها!

جِنائيءَ جِن چوَن ٿا جان ۾ مُونءِ
طَبين چِيو تہ اِيءُ تَپ تَپ اَهاها!

چَيو دِلبر بُتم بِئي سان بَدَئي دِلِ،
چَيم چُغلن بَدي چَب چَب اَهاها!

مَگر محبُوب کي مَعلُوم مُنهنجيءَ،
تہ گهُرجي لَب مَٿي لَب لَب اَهاها!

سَجڻ مَهندان سَلامي سَئُو سِپاهيءَ
عَجب جا دَبدبا دَب دَب اَهاها!

عَرض اَحوال 'احمد' جا اَحد سان،
سَدائين رُوح ۾ رَب رَب اَهاها!

*

Gul Hayat Institute

(۴۹)

سَڄڻ! هِيءُ سوجهرو سِج جو، ڪِ تُنهنجو ضَو ضُحا هاها!
اکيون آهُن مِثل آهِن، اُها تُنهنجو اَهاهاها!

نہ ڄاڻان هُو وَراڪا وِڄ، ڪِ هُوندي رات راسيو سِڄ،
سَڄڻ سامهُون سُٽايِم اَڄ، اِهي مُنهنجا اُها هاها!

ڪِلِين تان ڪِيرِ ڪائيندس، چيَئِين چابُڪ چَڪائيندس،
چيَم راڻا! رَڪائيندس، ڪي پاسن تي پَها هاها!

ٻُڌِن ڳالهِيَن چَڏِيَس ڳاهي، ڪيَم ڪُوڪُون نہ رَس راهي،
پِرين آيِم، نہ ڪو آهي، هِڪيءَ ۾ ساهہ هاهاها!

اکيون ڳاڙهيون ڪَٽيو ڳارِين، هِنيين واريون هَٽيو مارِين،
مَتان سُهڻا! تُون ٿو سارِين، ڪِ ساهن کي سَها هاها!

جُدائيءَ کان جَلي جيرو، نہ پيو ڦوڙاءِ ۾ ڦيرو،
ڪَندين پُلجي نہ تُون پيرو، پَلين ڪَر بي بَها! هاها!

دِلاسا دِل لَڳڻ خاطِر، نہ دارُون دَم ٽِڪڻ خاطِر،
ٺَلهي مُنهنجي ٺَڪڻ خاطِر، عَجب آهي اِها هاها!

نہ اکيون آسرو لاهِن، رُوئن ڏِينهن رات رَت واهِن،
چوَن ٿا سَڀ چَڱان آهِن، ڏُکين ڏِينهَن ڏَها هاها!

نِهارين گرم ٿو ناظِر! حُڪم جِي دير، سِر حاضِر،
اُجهي ’احمد!‘ چيَئُون آخِر، اکر مَنجهہ اِنتها هاها!

*



Gul Hayat Institute

**(٥٠)**

دَردوَندن ساڻ دِلبر! چو ڏَريئي ڏُوري اِها؟
سَچ ڪِ ڪَئي ڪِنهن خَر خَرابي، ڏي خَبر پُوري اِها.

نِينهن وارا ناحقي، نازُڪ! مَتان نُقصان ٿِين،
ناهِ مِهتر تِنهن ڪَري، مَحبُوب! مَغرُوري اِها.

تُنهنجي غَمزن غم رَساٽيم، ڪَئَس گهايل تُنهنجي گهُور،
تُنهنجي غَبغب ڪان رَسيَم، گُوندر ۾ غَرقُوري اِها.

پِرت وارن لئي پِرين! پِنبٽيون سَندئي پَيڪان ٿيون،
سُور ڪِيندن لئي سَدا، سِينگار پڻ سُوري اِها.

هِن صَبر ڪَس جو سَبب، ساريان نہ بيو سارِي جَمار،
نَظر مان نِڪتم مَگر، نازُڪ! شِڪل نُوري اِها.

دَم ڏيکارين مُنهن دَريءَ مان، دَم ڏِين آڏِي دَري،
ٿِي ڪَري مُون کي مُدامي، مَست مَستُوري اِها.

دَر جهليو دائم ڪَريان، دِيدار لئي دَرخواستون،
مَن! مِلي مِسڪين کي، ڪِنهن مَهل مَنظُوري اِها.

ڪَر چَگون 'احمد!' عَمل ڪو، عالمي آهر مَ لڳ،
ڪَم نہ ايندئي، ڪَم سَوا، مَحشر ۾ مَشهُوري اِها.

*

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

(٥١)

نہ اُٺ اوڏا، نہ اوٺيئڙا، پيا مَنجهہ آهُڙن آها!
ڪيَم لَڙ لال لُڙڪن سان، لَڙي ليڙا ٿيا لاها.

هَڪل هُونگار هاڙهي ڏانهن، هَٺيڪو هِت بُدم هاٺي،
هَزارين هَٿ ڪنيَم هَي هَي! وَڃن پيا هُو، نہ ڪَن ها ها.

پُنهل سان پيچ ري، ٻيو ڪير پَوندو پيچري پُنيان؟
مِرُون مَوجُود مارڳ ۾، نہ مَهندان مال ڪي ماها.

نہ ڪَريان ڪوهہ آيم؟ ڪوهہ ڪاهيَم؟ ڪوهہ ڪوهن تي؟
نہ ڏِسجي راهہ رائي ۾، هُئا هُو روهہ جا راها.

گِسيون گَس تي اَجان آهِن، ڪِٿي گَس ۾ گُسائي ويا،
ڏِٺان ڪي ڏير ڏُونگر ۾؟ ڏُکيءَ ڪي ڏَس ڏِيو ڏاها!

اُونداهي رات اوجهڙ ۾، اُجهان آئون، مُنجهان آئون،
سَڄڻ گڏجي نہ سِڄ ڏاران، سَڄو پَٽ سوجهرو ساها.

نہ اُونداهي، نہ اَنديشو، نڪا آڏي رَهي 'احمد!'
ٿيو سُهڻو سُونهون، جِنهن جي صِفت ياسين ۽ طاها.

*

## (٥٢)

سَڄڻ مُنهنجو سَدا سُهڻو، سِٽيءَ جو ڦُل اَهاهاها!
مِٺو محبُوب مَن مُهڻو، مَٺيون بي مُل اَهاهاها!

لڳو اِن حُسن جو هُل هُل، ڪِٿي ڦُو ڦُو، ڪِٿي ڦُل ڦُل،
ٻُرن ٻُلبُل، چوَن گُل گُل، سُخن صُلصُل اَهاهاها!

ٻَهاريون باغ ۾ بَرجا، اُٿين اُٻڪار عَنبر جا،
هِتي هُت حُسن تي هَرجا، هَلي ٿو هُل اَهاهاها!

ڪِٿي وَهه واهه جِي وائي، ڪِٿي پَل پَل پَلا پائي،
ڪِٿان صَد آفرين آئي، ڪِٿي ڪَن ڪُل اَهاهاها!

ڪوول ڪَٽ، چيلهه خود چابُڪ، نيلوفر نَڪ، نَظر ناوڪ،
پِرُون پالا، بَدن نازُڪ، ڪَمر ڪاڪُل اَهاهاها!

لَبن ڪان لال لَب لَب ۾، غَضب جو ذَوق غَبغب ۾،
شَمع مُنهن، زُلف شَب شَب ۾، نه تِر جو تُل اَهاهاها!

ڪَڄي قَد، ڏَند ڏاڙهُون ڪَڻ، چَڪيم ميوا، چَڪاسيَم وَڻ،
ڪنئي وِسيَر ڦَٽيءَ سان ڦَڻ، ٻَلا ڪان ٻُل اَهاهاها!

ٿيم ڏِينهن چانث ڪي چُمندي، سِڪان ساريان، نه سُک سُمهندي،
لڳي گهَر، گام، گَس گُهمندي، گَلي سان گُل اَهاهاها!

نه جي جِيئَري مِليَم جاني، ٿِيَس مَنجهه قُرب قُرباني،
ڪَجل جِي شل! وِجهي ڪاني، ڪَڏهن ڏِئي ڦُل اَهاهاها!

گَهڻان گِرداب ۾ گُوندر، ڪَپر ڪوري هَٽي ڪُوندر،
اِنهيءَ دَرياءَ مَٿان تُون ڏَر، پِريَمِ! ڪا پُل آهاهاها!

اَحد ڪان ڪُل، نہ 'احمد!' رُل، گَهڙي پيا گُل، نہ بُلبُل! پُل،
ڪَرم سان ڪُل، بَچان بِلڪُل، بَچان بِلڪُل آهاهاها!

*

Gul Hayat Institute

### (٥٣)

گِهڙيَس مَنجهہ بَحر بِسم اللهُ، مَجريها وَ مُرساها،
تَران تِک تار تاريءَ تِنهن، سَندا جِنهن بَحر بَرساها.

اکيون ساڳي اُڀريون سي، هِنيين ۾ لوڙهہ لَهريون سي،
قَربن جُون ڪَچهريون سي، هُجن اَيامِ عَرصاها.

خُدا تَن ۾، خُدا مَن ۾، ٻيا پيري هَٽن پَن ۾،
اَجان قالُوا بَليٰ ڪَن ۾، اَندر سا ها، ٻهر سا ها.

خُدا جِي خَلق تي چائين، نہ طاقت ٻِئي ڪي تِر تائين،
خُدا ثالِث هُجي سائين! تہ تَڙجن ڪِيَن تَرساها.

خُدا باقي، بَندو خاڪي، بہ ڏِينهن اِنسان اوطاقي،
بَندو خاڪي هُجي باقي، تہ وَندجن ڪِيَن وَرثاها.

وَصل، وَس آهِہ ۽ واسِي، عَمل سان عِيد جِي آسِي،
ٿلهي هاها نہ خود خاصِي، هِنيين سين هوت! ڪَر سا ها.

وُتا مِينهن، موٺ ميلن تي، ٿِئي خوش رُوح ريلن تي،
کِونڊ جا کيل کيلن تي، اَجان 'احمد!' اُتر ساها.

*

(٥٤)

ڏِينهن رات تات تُنهنجي، تَن مَن طَلب اَهاها!
حُب ۾ حَبيب ڳوليان، حَب ۽ حَلب اَهاها!

ڪي ڏِينهن ڏيام ڏُتڙي، ساريان سَري نه سُتڙي،
قالب هِتي نه هُتڙي، قابُو قَلب اَهاها!

ٻِي سان نه رُوح رِلندم، خوشحال دوست ڪِلندم،
مَحبُوب شال! مِلندم، لَب ساڻ لَب اَهاها!

گوهر نئو ڳڻايان، چو دِل ڪي تِل چُڻايان؟
صُورت صِفت سُڻايان، آهين عَجب اَهاها!

تُون گُل گُلاب آهين، تُون لاجَواب آهين،
عالي جَناب آهين، عالي لَقب اَهاها!

سُهڻو سَدا سُپيرِين، دِلنار دوست ديرِين،
شِيرِين ڪلام شيرِين، شِيرِينَ لَب اَهاها!

اک نُون جو نِظارو، قَد سَروَ کان سُونهارو،
آٿي اَلف اِشارو، ڪاتِب ڪَتب اَهاها!

ٻيا حُسن سَڀ هَوائي، تارا ڪَتيون تَوائي،
سَڀڪنهن جي وات وائي، صُورت سَبب اَهاها!

ڪهڙو ڪهام سان ڪَم؟ حاضِر هُمام لئي هَم،
غَمزا غُلام لئي غَم، غَبغب غَضب اَهاها!

ڪَنڌا ڪُنڌن پَچڻ ۾، سَئُو ڪان سَئُن سَچڻ ۾،
’احمد!‘ اَچڻ وَڃڻ ۾، ڪَر ڪو اَدب اَهاها!

*

Gul Hayat Institute

(۵۵)

نہ ڄاڻ مُون وَٽان ويندين، تہ لالڻ! لَنئُون نہ لايان ها،
مِٺن جي موڪلائڻ ڪان، تہ مَهندئي موڪلايان ها.

هَلي وَس جي سَندم هِڪ وار، وارڻ يا وِهارڻ ۾،
تہ ڪوهن تان ڪَنواٽن ڪي، جَبل جهاڳي جَهلايان ها.

مِٺا محبُوب! توکان پوءِ، مَرڻ جِي جي هُجي موڪل،
تہ راٽُن لاءِ راٽِن جيئَن، جِسم جِيئَري جَلايان ها.

وِڇُوڻ وانگر وِڇوڙي کي، وِهارِيَم سُول سِيني ۾،
وَلڻ سان سو وَري نِڪري، تہ وَر وَر ڏيئي وَلايان ها.

سَڄڻ! تُنهنجون سِڪُون مُون کي، لَهن جي لوڪ کي ڏِسندي،
تہ اکِيُن آسرو اَلبت، پَسي پَريون پَلايان ها.

ڪَبُوتر، ڪانگ يا قُمري، ڪِ ٻيو قاصِد وَڃي ڪوئي،
تہ هِيرن جِيئَن هَنجُون هاري، حَقيقت هُت هَلايان ها.

نِبيرِيو نِعمتُ الله[1] سان، نَفيسن نِينهن جو ناتو،
اَچي ها ڪو اُتان ’احمد!‘ تہ اَلبت ڪُجھ اَلايان ها.

*

[1] مولوي صاحب جو ڪاتب حافظ نعمت الله هاليپوٽو

## (٥٦)

اَللهُ ڪارڻ عَجين وَٽ، عَرض اوني! گُذارين ها،
ڪَدي ڪاغذ قَربن ڪي، ڏُڪوئِل جو ڏيڪارين ها.

طرف مُحتاج مُون جِهڙي، اَچڻ مَحبُوب جو مُشڪل،
پَلئو پانڌي! وِجهي ته بہ تُون، پِريان کي ڪُجهه پَچارين ها.

مُسافر مات ٿيو، جِنهن جي مِلڻ کان ٿي مَنين پانيَئي،
سِسي بَدلي سَلامن نيئي، سُپيريان هَٿ سُپارين ها.

ڏِنا تو ڳَر پِرين! پاٽان، پَکي پَوندا سَندم مَڙهه تي،
ڪٽي جي نيڻ نِجهري ڏي، سَندم نازُڪ! نِهارين ها.

سَجڻ سُهڻو سُتي آيو، ڇَڏيائين صاف سُهڇاڻي،
جَڏهن ايندا ڏِنئي 'احمد!' اَسان کي پڻ اُٿارين ها.

*



Gul Hayat Institute

## (۵۷)

ڪهي آيَس ڪوهن تان، ڪُجهہ ڪَهان ها،
رَهڻ ڏِينَم نہ ڪي راتيون رَهان ها.

ڏِڪي دَربان دَر تان دُور ڪِيو ڇو؟
نہ سَهنَم تہ بہ سُهم پيو اُت سَهان ها.

لِڳن تان لَڪ لَهي، جي لِڪ لَهن هِت،
پِيا لَڪ لاڳ لَحظي ۾ لَهان ها.

هَلي جِنهن پَهر تي هَر پَهر پَهرو،
اُتي کِهڙا پَسڻ جا پَهہ پَهان ها؟

سَڄڻ! اَڄ سوڳ لاٿم، تُنهنجو سَوڳند،
تَلهِين تِڪرين بہ تاهيو ڇا تَهان ها؟

صَحي سَمجهيَم تہ سامهُون يار سُهڻو،
پُلِيس، جي هُوند ٿاندي پَر ٿَهان ها.

ڇَئي دِل، جي ڏِنون دِلبر دِلاسو،
تہ پاٽي ٽِپي نہ پِنبڻيَن تان وَهان ها.

اَڇڻ جو آسرو ’احمد!‘ هُجي ها،
اَٿم ڊوهي تہ ڊِيهي تان ڊَهان ها.

*

Gul Hayat Institute

(٥٨)

نيڻ آيا ناز ۾ ڦري سَندن قانُون ٿيا،
گُلبدن جي گُھور جا، غَمزا نه گُوناگُون ٿيا.

هِڪ سَجڻ سُھڻو سَدا، بيو سِيند تان سُودي پَٽي،
ٿِيون ڪِلي جان نيڻ ڪَنئِين، تان خَلق ۾ ڪَئِين خُون ٿيا.

جِن سَدا سِج چَنڊ جو، ثاني نه سَمجهيو سُونهن ۾،
مُنهن پَسي مَحبُوب جو، مَجني مِثل مَجنُون ٿيا.

قُوت، قُوَت قَلب ڪارڻ، جِن گُھريو ٿي گُھور ڪان،
مُنهن چَڙهي مِزگان جي، سي ماگِهين مَعجُون ٿيا.

صاف سِڪ ۾ ساهه ڏِنائون، سانگو نه ڪِيائون ساهه جو،
وَئي نه مَحبت مُور، توڙي مَحبتي مَدفُون ٿيا.

شِعر 'احمد' شِعر آهي، شِعر جهڙا شاعِرن،
ڪِنهن جِي مَحبت سان مَگر، ماڪيان مِٺا مَضمُون ٿيا.

*

Gul Hayat Institute

(٥٩)

ڳُور تُنهنجي جا ڳِلولا، هَر گھَڙِي گھائِنِ پيا،
نيڻ ڪَٽندي دَم، خَلق کي ڪِيِنِ ۽ ڪائِنِ پيا.

ناهِه جاني! ٻِن جَهانن، جوڙ تُنهنجو مَنجهه جَمال،
چَنڊ سِج چَمڪار ۾، چاڪر سَندئي چائِنِ پيا.

جِيئَن قَمر پاسي ڪَڪر، تِيئَن مُنهن پَران ڪاڪُل قَرِيب،
پاپڙِيَن، ڪَن، ڪَنڌ پاسي، پيچ ڪَئِين پائِنِ پيا.

ڪُنڊ پَڳِي ڪارِيَن اڪِيَن، ڪَرِيو اَچن قَهري قَطار،
هيڪ لاهيان تان لِڳَن تان، لوهه ٻيا لائِنِ پيا.

سَنئُون سَنواري سِينڌ کي، سِر وار سُهڻي چوڙِيا،
نيش مارڻ لاءِ نِيلا، نانگ ڪَنڌ نائِنِ پيا.

مُلڪ ساري ۾ نه هُئا، مَحبُوب ماڻ جا مُدام،
ڪِنهن مَحبت سان مَگر، مَن ۾ سَندم مائِنِ پيا.

شِعر ’احمد‘ جو اَسان کي، آهِه وِڻو مَنجهه وُجُود،
نِت ڳَلي هَر ڳوٺ ۾، ڳالهيون گهڻان ڳائِنِ پيا.

*

Gul Hayat Institute

(٦٠)

تُنھنجي صُورت جِي صِفت، سَڀ اُپ زَمينون ڪَن پيا،
صِدق مان صَدقو سِسي، سِر، ساھہ، سِينون ڪَن پيا.

قُرب مان قُربان توتان، ڪِينَ ھِڪ آھيان قَريب!
لَک خَريدا خَرچ، مَنجھہ خِدمت خَزينون ڪَن پيا.

آبرُوءَ جِھڙو اَچي ڪو، لَفظ لالڻ ڪان نہ سُئوم،
دَم ڪُتو، دَم ڪانگ، دَم ڪَمتر ڪَمينون ڪَن پيا.

ڪِينَ پُورو پُور تي، آھي عَجيين جو اَنجام،
ڪِنھن مَهل ڏِينھن، ڪِنھن مَهل مُقرر مَهينون ڪَن پيا.

لب سَندئي شِيرينَ، شائق شُڪر سان شَڪر چوَن،
شِين شَڪر جِي مَٽيو، سِيني ۾ سِينون ڪَن پيا.

Gul Hayat Institute

لَک پَدم تي پَدمڻا! تِي پِرت پَئي پَدري ڪَنام،
يار ياريءَ جِي توسان، يَڪسر يَقينون ڪَن پيا.

بي عَقل جِي بات ڇَڏ، باقي نظم ۾ بي گُمان،
جابجا ’احمد‘ تي عاقِل، آفرينون ڪَن پيا.

*

(٦١)

مُون ڪَيا جي نانگ ڪارا، سي ته ڪاڪُل ٿِي پيا،
قَيد پائي قَلب کي، قُربان جِت ڪُل ٿِي پيا.

وار واري واس ڏِيئي، ڪي لال لاڙيا لاڏ سان،
گَڏ گُلابي گُل جي، سايه دار سُنبُل ٿِي پيا.

خاص پائِيم مُون کي ڪِيندا، هِن خَلق سَڀ خُون ڪَئي،
نيڻ بَحري باز بُکيا، بي تَوڪُل ٿِي پيا.

مَنجهه حَقيقت پَئي حَقيقي، قَلب ۾ هَر ڪِنهن ڪَشش،
هِي بَهاري گُل، بَهانا ڪاڻ بُلبُل ٿِي پيا.

مات ۾ مَحبُوب سان، پائِيم مِلي ماڻيان مُراد،
ڪِيو حُسن هُيڪار ڪو، جِيئَن هَر طرف هُل ٿِي پيا.

ڪِيا مُقابل مُحب پَنهنجا، عاشِقن آڻي اَلست،
تان سَڄڻ مُنهنجا، سَڄي عالَم ۾ اَڻ مُل ٿِي پيا.

رَک سَدا 'احمد!' اَندر ۾، عِشق عَربي ڄام جو،
سَڀ جُزِي جِنهن لاءِ جَڳ، گُلزار گُل قُل ٿِي پيا.

*

Gul Hayat Instutute

(٦٢)

سِر ڪُلهن ڪاڪُل ڪُندُون، لالڻ پَجي لاڙي چڙيا،
حُسن وارا مَنجهه حَسد، ساجن سَيئي ساڙي چڙيا.

صُبح سانجهيءَ ۾ پَسائي، زُلف زوراور زَنجير،
وار وِسيَر وِهه پَرِيَل، تِنهن چَنڊ تي چاڙهي چڙيا.

زُلف جو زَنجير آهي، مُنهن جي مُصحف تي غِلاف،
دِين جا دَر دائما، تحقيق تِنهن تاڙي چڙيا.

آهِہ ’احمد‘ ڪي اَزل کان، عِشق اُلفت اِختيار،
سَبق سُورن جا سَڄڻ، پِينگهي اَندر پاڙهي چڙيا.

*



Gul Hayat Institute

**(٦٣)**

ڻهاري سِير ۾ سِيران، سَڄڻ ٿي سِڄ لٿي ساريا،
اکيَن مان رَت ڦُڙا روئي، هِنيين تان هار جِيئَن هاريا.

ڪَري اَرمان اوسيئڙا، اَدن لايون اَويرُون اَڄ،
نه مان گهر موٽيا مُنهنجا، مَگر مانگر ڪِنهين ماريا.

سَنڀالج گهيڙ تي گهاتُو! اَٿئي ڪُوڪٽ ڪَلاچيءَ ۾،
اَٿئي اِسرار اُونهي ۾، اَٿس گَيچ جيترا ڳاريا.

ڀَلا پيڙا ڪٽي پالا، چَڏيَئين پاتال ۾ پِيرو،
ڪَري ويريءَ مَٿي وارو، وارِث وِير جِنهن واريا.

مَٿو مِهراڻ ڪي ڏيئي، اُڇت آٽي ٻهر اُڇليو،
اَڃان عِبرت ڪَندو اُن جو، ڏِسڻ سان ڏِيل جِنهن ڏاريا.

وَڏي ويريءَ مَنجهان ڪَڍيا، ٻَهادُر لاش ڀارن جا،
نه پُڇ اِن سُور جِي سُڌ مُون، سَڄا سِر سيج سِينگاريا.

جَهلي جَهلجي نه دِل ڪان دوست! دَهشت ڏُوم دَرياءَ جِي،
ٻُڏي ڪَرڳل ڪَلاچيءَ جا، ڪَنبي ٻُت وار ڪانڊاريا.

اَٿئي اِسرار اُونهي ۾، رَڪج اونو اِهو 'احمد!'
نه لاهو لاهه جو غَم لاهِه، لَهرن لال لَلڪاريا.

*

(٦٤)

هِت اَچِي ئي حُڪم وارا، لَڪ هُئا پوءِ ڪُل هَليا،
دَٻدٻي سان شاهه دارا، لَڪ هُئا پوءِ ڪُل هَليا.

هِن دُنيا جي دَور ۾، دانا وَڏا داور دِلير،
شاهه سِڪندر سوپ وارا، لَڪ هُئا پوءِ ڪُل هَليا.

جَمجَم جَمشيد سُلطان، جِن پُٺي هو جَڳ جَهان،
ساٿ ۾ ٻيلي ٻِيارا، لَڪ هُئا پوءِ ڪُل هَليا.

ڪي ٻُڌا تو ڪِينَ ڪِي، ڪِسرا ۽ قَيصر جا ڪَٽڪ؟
جِن سَندا نَعرا نَغارا، لَڪ هُئا پوءِ ڪُل هَليا.

ڪَٽ چِڙهي ۽ چَٽ چِڙهي، پيا خاڪ ۾ خاقان ڪَئين،
مَرد مانجهي مَل مَتارا، لَڪ هُئا پوءِ ڪُل هَليا.

لَڪ لَڪوتر فَوج لَشڪر، مَنجهه لَڙائي ٿي لَڙيا،
تِن سَندا مُلڪن تي مارا، لَڪ هُئا پوءِ ڪُل هَليا.

گُل، چَمن، گُلزار، گاديون، گهوٽ گهوڙن جا سَوار،
مَسنَدُون، ماڙيون، مُنارا، لَڪ هُئا پوءِ ڪُل هَليا.

نيڻ ڪارا، ناز ڪَندڙ، نَڪ ڪُنڍي، نازُڪ ڪَمر،
سُونهن ۾ ساڳي سِتارا، لَڪ هُئا پوءِ ڪُل هَليا.

Gul Hayat Institute

ڪو مَ باقي پاڻ پاڻي، ناهه بَندا! دَم بَقا،
صاف دِل سالِڪ سَچارا، لَڪ هُئا پوءِ ڪُل هَليا.

ڪُلُ شَيءٍ هالِڪٌ اِلا وَجهَهٗ اِت پَرُوڙ،
پاڪ پيغمبر پيارا، لَڪ هُئا پوءِ ڪُل هَليا.

*

**(٦٥)**

آءُ نہ گَڏجي ڏِينهن گُذاريون، بيا گُذاريا ڳوڙهيا،
ڳوڙهيَس اِن ڳوڙهن تان، گهر گهر گُهمن ڪي ڳوڙهيا.

دوست! ڳوليَم ديسِيون، بيا دَستخط دَستُور ڪَئِين،
ڏُور ڏوراپا نہ ڏي تُون، مُون نہ ڏُونگر ڏورڙيا.

ماس مُنهنجي مان، مَهيني ماس تي، ماسا نہ سير،
قُرب جِي ڪاتي ڪٺي، قاتِل ڪُٺن تان ڪورڙيا.

اَڄ ڪيَم اَڏ ڏِينهن ويلي، آمسامُهون اِمتحان،
ٿيو سَجڻ سِج کان سَوايو، ٻَئِي طَرف مُون تورڙيا.

هَر نَظر تو ڏانهن، مَنظُورِ نَظر! مَن مُنتظر،
ساهہ ساري، سَير تو لئِي مُون سَويرا سورڙيا.

يار شل! ڪَن يادگيري، ياد مُون ڪي يار يار،
اَک پِڇي ٿِي، جِيءُ جِهجي ٿو، هَڏ بہ جهورِي جهورڙيا.

اَنب آمان آمسامهان، پَر اَنبُورِيَن جِيئَن اکيون،
سي چُپا چُپ ٿا چُپينَم، پَر نہ چَپ تِن چورڙيا.

مُفت مَعذرتون نہ ويندِيون، غَم عُذر سان دَم گُذر،
رَب اَحد سان با اَدب، اَحوال ’احمد‘ اورڙيا.

*



Gul Hayat Institute

(٦٦)

حادثا تُنهنجي حُسن جا، هاڻ هِن حَد کي رَسيا،
جِيئن رُپي ڏَڪ، رُوپ وارا، رُو پَسي رَد کي رَسيا.

هُئي صَنوبر، سَروَ ۾، دَعوا سِڌائيءَ جِي سَدا،
ڪِينَ ڪِنهن پَر مَنجهه بيهڪ، ڪامِل سَندي قَد کي رَسيا.

عِشق ڏاران آدمي، آدم نه آدم جو وِياءُ،
اِن نَصيحت جا نَتيجا، نيڪ ۽ بَد کي رَسيا.

شاهه پاتو تاج شاهي، شام تائين پيو شُعاع،
مُنهن ڏِسي مَحبُوب جو، مُشتاق مَقصد کي رَسيا.

خواهه يُوسف، خواهه زُليخا، خواهه حُسن وند بيا هَزار،
مِڙ نه ماڻي هيڪ ۾، مُرسل مُحمد کي رَسيا.

سِنڌ مَنجهان جاڳي سَحر جو، ڪيَم صُحبت جو سَوال،
سي سَيِئي سَڏڙا سَندم، سَردار سَيد کي رَسيا.

دِل دِلاسن سان قَوي ٿِي، دَرد دُوريءَ جو لٿو،
اَڄ عَرب جي پار کان، اُهڃاڻ 'احمد' کي رَسيا.

*

Gul Hayat Institute

(٦٧)

واهه! جوڀن جَس جَواني، ڏِينهن سي آيا ويا،
واهه! زينت زِندگاني، ڏِينهن سي آيا ويا.

واهه! جِي وَس، واهه! جِهڙا واس، وَهه واهه! واسرا،
جابجا ڦُل، جُوءِ ڦُلاني، ڏِينهن سي آيا ويا.

تَڙ، تَرائيءَ تي، تَلاءَ تي، تيل، ڦَٽيون ۽ ڦُليل،
سِيندِ سَنئين، سُرمي جي ڪاني، ڏِينهن سي آيا ويا.

مُنهن ڪَيو هَليَس، ڏِنون مِهڻو نه مَن مُهٽي ڪِنهن،
هَر مَهل نئين مِهرباني، ڏِينهن سي آيا ويا.

حُور مَٽ هَردم حَويليءَ ۾، حَوالي ۾ هِنيون،
پِرهه تاري جِيئَن پيشاني، ڏِينهن سي آيا ويا.

هِڪ هَٿيڪو هَٿ رَتل، ٻيو هَٿ ۾ هَٿ، ٽيون هَٿ چُراند،
شِعر ۽ شِيرين زَباني، ڏِينهن سي آيا ويا.

شُغل شاديون، شان شَوڪت، روز شَب شَوق شِڪار،
ياد ڳالهيون يار جاني! ڏِينهن سي آيا ويا.

Gul Hayat Institute

ڪالهه قَبرن وَٽ چيَم، اَڄ قُرب ڪَريو ڪو قَريب!
چِي، اَٿئي ٿِي دِل دِيواني، ڏِينهن سي آيا ويا.

مَجلسُون مَخفي هُيون، مَخمُور اڪ مَيخان ۾،
نيڻ نَرگس جِي نِشاني، ڏِينهن سي آيا ويا.

قَبر تي ڪَلنگي ڏِنم، سَمجهيَم ته ڪَلنگيدار ڪو،
ڏِينهن ڏَهه هو ڏيهه ڏاني، ڏِينهن سي آيا ويا.

مال، مَستيون، مَسخريون، ميلا، مَلهون ۽ مَعرڪا،
دَم بَدم دَم پهلواني، ڏِينهن سي آيا ويا.

شوخ جاني، شيخ فاني، ڪَم نَظر، دَم دَرگُذر،
آهِه آخر عَيش فاني، ڏِينهن سي آيا ويا.

مُلڪ مالِڪ هيڪڙي جو، بيا ته مالِڪ مَنجهه مُقام،
عُمر خود ’احمد!‘ اَماني، ڏِينهن سي آيا ويا.

*

Gul Hayat Institute

(٦٨)

اَج نہ پَسجن هِت پيارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا،
دِل ڏُکي ڏِيدار ڌارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

هِن ۾ هالاڻي جو هُل ٿيو، آئون نِهوڙيَس نِندِ نِپاڳ،
ساٿ سَنبرائي سَوارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

سُور سَپڪنهن هَنڌ سامهان، سُک نہ ساعت ڪِٿ اَچيم،
نيڻ نَئِين سِج ٿيا نِهارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

پيَم دانهو دانهن دِل ۾، دَرد دُوريءَ جي ڪَنان،
سِر ٻَرِيَم ٻارڻ ٻِپارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

اُو سُجان ساجن سَوا چَٽ، اُو ڪَٿون خالي رَهن،
اُو سُجان آتڻ اوتارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

اُو مَٺي ڏيهہ ڏِينهن راتيون، اُو ٿِيَن سانجهي صُبوح،
اُو ڪَتيون، سِج، چَنڊ، تارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

اُو مَلهارن جُون مُندُون، اُو ميگهہ نِت ماندا ٿِيون،
اُو وَهن نَئي مُنهن نارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

اُو کِوڻ جا کيل کُڙ تي، گوڙ جا گَجگاهہ پوَن،
اُو ڪَڪر ڪَن ويس ڪارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

اُو تَرايون تار تازيون، اُو سَندي تاڙن تَنوار،
اُو تَماشا طَرح وارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

Gul Hayat Institute

اُو سُونَهن ساوڪ مَٿي، مِينهن جا ڦُڙا موتِيَن مِثال،
اُو وَسن بُوندُون بَهارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

اُو ڦُٽن گُلزار ۾ گُل، اُو چَنبيليون مَنجهه چَمن،
اُو سَندا نَرگس نِظارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

اُو رَتولُون رُوپ واريون، اُو مَٿي چاڙِهيَن جي چِٽ،
اُو مِڙئي نِيلُون مُنارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

اُو رَهن رِڻ ريل ۾، اُو هيٺ چانئُن جي چُڳير،
اُو ڪَچهريون بَرڪِنارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

اُو مِڙئي ماڻهون مُلڪ ۾، اُو مَحلا ماڳ پاڳ،
جُوءِ ڇَڏي جاني جِيارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

لَنئُون لڳي لالڻ سَندي، سا لوڪ ڏِسندي ڪا لَهي؟
قُرب ڏيئي ڪامِل قَرارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

هاڻ اِن هاڃي ڪَنان، هَي هَي ڪَريان هيڪار جي،
تان پوَن ڏُونگر کي ڏارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

هُو ڏيهان ئي ڏُور ٿيا، آئون نہ ڏُسڪان هَنڌ ڏِسيو،
ٿيا مَٿي مُون ماڳ مارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

آڻ 'احمد' چَئي وَري، آگا! وَطن ۾ اُو عَجيب،
جِيءُ جِهڄي، ساجن سُونهارا، دوست ڪِنهن ٻِئي ديس ويا.

*

Gul Hayat Institute

(٦٩)

مُنهن پَسڻ خاطِر پِرين! پينار پاڙي ۾ رَهيا،
ڪِن رِهاڻِيَن رُوح جي لئي، روج راڙي ۾ رَهيا.

مُنهن ڏِسڻ جي لاءِ جاسين، مُحب! موڪل ٿي مِلي،
چاڪ چينيندڙ بہ اوڍِهين، چار چاڙي ۾ رَهيا.

ڦَٽ وَجن دِل کي ڦَٽيندا، فَرق ڪهڙا مَنجهہ فِراق؟
ساهہ سَنديون، جِسم سُوڙا، سوز ساڙي ۾ رَهيا.

سِيند سُرمي سان بَڻي ڪِيو، سَير جو ساجن خَيال،
زُلف ڏاڍي لاڏ سان، لَوڻَن تي لاڙي ۾ رَهيا.

ناز سان نازُڪ نِگيو، نيزا نِظاري ۾ رَکي،
مِڙ مُئا ماڻهون، جيڪي مَهندان مُهاڙي ۾ رَهيا.

ٿو لِڳين مُون کي مِٺو، توڻي مَنو مَحبُوب! چئِين،
ڳُڙ، مِٺايون تُنهنجي ڳالهڻ، وَقت ڳاڙي ۾ رَهيا.

تُون تہ 'احمد' کي ڏِيِن پيو، عَدل جا عَرصا عَجيب!
دوست! تاسين دِيد، ڏارو ڏار ڏاڙي ۾ رَهيا.

*

Gul Hayat Institute

رديف (ب)

(٥٠)

مَهه جَبين مَحبُوب سان، مُنهنجي مَحبت بَرصواب،
ڪِنهن بہ صاحِب حُسن سان، صاحِب! صُحبت بَرصواب.

حُسن ڏاران حُب رَکڻ، حُبدار جِي حُب لاءِ داغ،
حُسن جي آهي، تہ آهي عِشق اَلبت بَرصواب.

حُسن گهرجي هَر هَميشہ، حُسن ڪهڙو هِڪ بہ ڏِينهن؟
هِڪ بہ ڏِينهن لاءِ ناهِ، نِينهن نَوبت بَرصواب.

ڏِس بَهاريءَ بَعد بيدِل! باغ، بُلبُل، باغبان،
گُل سُڪا، گُلشن چُڪا، هِيءُ غَم نہ غُربت بَرصواب.

موڪ ماڻهن ساڻ ماڻڪ، مَڻ مِڻاين ماڻيا،
روز شَب شِيرِينَ لب مِ، شَهد شَربت بَرصواب.

ڏارِيان، سي ڏارِيان، دِل مِ نہ ڏاريان دوست ڏار،
قُرب، قُرباني، قَرابت، ڪوڏ، قُربت بَرصواب.

Gul Hayat Instutute

هِيئَن هُجان يا هُونئَن هُجان، پَر جِيئَن هُجان تِيئَن هُت هُجان،
تَخت، يا تَختي مَٽي، يا تَنگ تُربت بَرصواب.

اَج بہ ’احمد‘ آسماهُون، اُرهہ ڏيئي بيٺو عَجيب،
تِير تارا پار تَن مان، تيغ ضَربت بَرصواب.

*

(۷۱)

ڀال جا ڀيرا ڀَڃي، ويٺين ڀلا ڪِهڙي سَبب؟
ڪالهه هَٿ هَٿ ۾ هِئي، اَڄ هَٿ ٿلا ڪِهڙي سَبب؟

ڀُڇ ڀيرن ۾ نه پَنڌ جِي، هَٿ نه وَرنھ هاڃ تي،
ڪِنهن به ڪَم جِي ناهِه ڪايا ۾ ڪَلا ڪِهڙي سَبب؟

پِرت ڪي ڪي ڀَڪ ڀَڪيءَ جِيئَن، پِرهه سَنئون ڀُٽس پِرِيَن،
اَڄ جَبل جابِر نه ڪِيا، جاني! جَهلا ڪِهڙي سَبب؟

ڀاڻ ڪوٺيءَ پاس ڪوٺي، هِن ڪُنيءَ ڪي ڪِيئَن ڪُٺيِ،
خَط هَلائِي آءُ هَلي، پوءِ هُل هَلا ڪِهڙي سَبب؟

اَڄ سُڃاڻِن ڪِينَ سُهڻا! سَچ سَپئي، صَدقي وَڃان،
اَڻ سُڃاڻو وَٽ سُڃاڻو، اِيءَ ڇَلا ڪِهڙي سَبب؟

واهه! ڪَجل ڪاني اکِيَن ۾، قَيد ڪاڪُل، ڪان قَد،
وار بالا سَروَ سان، ڀيڙي بَلا ڪِهڙي سَبب؟

تُون اَبر، تُون آبرُو، تُون آب، تُون آبِ حَيات،
سَئُو سِڪن، سِڪ جا سُڪن ساوا سَلا ڪِهڙي سَبب؟

چور چورِي، هَٿ نه ڪائِي، تُنهنجي ٻَچ، ڀيرو نه ڀَچ،
ڇَئُو ٿلهين ٺِڪرين ڀَلا، ڪِيندو ڪَلا ڪِهڙي سَبب؟

دوست! هَرڪو دوست جاڻي، دوست پَنهنجي دوست جو،
تُنهنجو ’احمد‘ تُون نه اَحمد جو اَلا ڪِهڙي سَبب؟

*

(٧٢)

دوست دِل ۾ خوش گهٽون، پَر دَم دَڙي ٿو بي سَبب،
پاڻ ماڙهو موڪلي، مُون تي مَڙهي ٿو بي سَبب.

مُنهن مُبارڪ ڪَعبة الله، حَوض زَم زَم جو ذَقن،
ڪُفر ڪاڪُل سِر ڪُلهن، ڪَلمون پَڙهي ٿو بي سَبب.

مَچ اُجهامن مِينهن تي، پَر مِينهن ۾ مُنهن لئي سِڪان،
دوست دِلبر! چَڏ دِلا، سِينون سَڙي ٿو بي سَبب.

هَر مَحلو هِن مَهل خوش، مِينهن وَسندي مُنهن ڏيکار،
قَلب ۾ وَسندي ڪَڪر، ڪاڙهو ڪَڙهي ٿو بي سَبب.

هَنجهه ڳِچيءَ وارا! هَنجُهون هاريو، پُوان تو لاءِ هار،
اِيئن جِيين جاني! مَ چَئُو، جوهر جَڙي ٿو بي سَبب.

لَڪ لِهي لَعلِ بَدخشان، لِڪ نہ مَن لَڪ ڏي لَڙي،
لَب چَڏيو لَعلن مَنجهان، لَب ڏي لَڙي ٿو بي سَبب.

دَب اَندر آواز ڪي، آڏي اگڻ 'احمد!' عَجيب،
چور ڪونهي چانٺ تي، چاڪر چَڙهي ٿو بي سَبب.

*

Gul Hayat Institute

(٧٣)

چو ٿِئين جاني! جُدا؟ جِيئَري جَلائين بي سَبب،
ويھ نہ تو مَھندان مَران، چو موڪلائين بي سَبب؟

شَوق شُوڪارا هَٽائيَم، ذَوق لئي دِل زير بار،
زير بارِ ساڻ زارِي، زور لائين بي سَبب.

ڪِيس ڪَرين قِياس ري، پڻ ڪيس چاڙهين تُون قَريب!
تُون هَلائون هِت ڪَرين، تُون هُت هَلائين بي سَبب.

هَر هَميشہ گڏ هُجون، نہ بہ حُسن ڏي رَهندو حِساب،
سَئو پَلوَ پاڻ، نہ سِڪ پَل ۾ پَلائين بي سَبب.

ڪاٿ ڪيڏا آئون نہ ڄاڻان، ڪَٿ چَڏڻ ڪوڏا خَيال،
جانچ ري مُون کي، جِيين جاني! جَهلائين بي سَبب.

جانچ ڪَر جِيئَري مُئي جِي، ڪير هِي جَلوا جَهلي؟
رُوح چاڪر جو چَليو، چاڪُون چَلائين بي سَبب.

بَعض هَٿ هَٿ ۾ هَوا تي، بَعض حُجري ۾ حِجاب،
بَعض ٿَر بَر ۾ بيهاري، بَرغلائين بي سَبب.

آستاني ري اَوهان جي، ڪِٿ وَڃي 'احمد' عَجيب!
ڪوهہ اَلبيلن طرح، اَلبت اَلائين بي سَبب؟

*

Gul Hayat Institute

(٧٤)

يار جاني! شال جِيوين! هِن جُدائيءَ جو سَبب؟
دوست! ڪِهڙو دَر مَٿي، دَربان، دائيءَ جو سَبب؟

رَب اَحد اِيجاد عالَم سان، عَدم آباد ڪِيو،
خاص حِڪمت هِڪ خُدا جِي، ڪُل خُدائيءَ جو سَبب.

ڪُل خُدائيءَ ۾، خُدا جو قَسم، تُنهنجو قِسم ناهِ،
حُسن تُنهنجو هِن فِدا لئي، سِر فِدائيءَ جو سَبب.

هِن هَزاري حُسن تان، صَدقي حَياتيون صَد هَزار،
هِڪ حَياتي هِت نه ٿيندِي، حَق اَدائيءَ جو سَبب.

باريابيءَ جي بَهاني، مَنجهه بَغل بَگري وِڌم،
گهورِيَس! اِيءَ گهور ٿِي، گَهر گَهر گدائيءَ جو سَبب.

آئون نه سَڀ جو خَيرخواهه، پَر خار خَر ڪي خواهه مَخواهه،
مِهر مُون سان، مُدعيءَ لئي مَن مَدائيءَ جو سَبب.

اَڄ طَبيعت ڪي تَپاسي، چِيو طَبيبن تَپ نه آهِ،
بِرهه هِن جِي بي سُڪائي، بي سُڌائيءَ جو سَبب.

ڪير گهُرندو گهَر ڇَڏڻ؟ پَر هَر گهڙي تُون گهٽ مَٿي،
آهِ ’احمد!‘ اَهنج اِيءُ، بَس اَلوداعيءَ جو سَبب.

*

Gul Hayat Institute

(٧٥)

شَمس جُون شاخُون نہ راسيون، سوجهرو ڪهڙي سَبب؟
مُنهن مَگر مَحبُوب جي، لايو اِهو اَعليٰ عَجب.

سِج بہ اُپري صاف ٿيو، پَر مُنهن لِڪائي مَنجھ مَلهار،
شَرم ۾ شايد پيو، صُورت سُپيرِيان جي سَبب.

مُلڪ سارا موهجي ويا، مُنهن ڏِسي مَهندار جو،
قُرب مان قُربان ٿيا، سِج، چَنڊ، ڪَتيون، تارا، قُطب.

حُسن جا حُورُون هَٽي دَم، رات ٿيون رُوبرُو،
شَرم کان، ڏِسندي شُعاعن شَرط، وَريون هيٺ شَب.

شُڪر، ساماڻو سَجڻ، سِينگار ڪِيو ساري زَمين،
هَڏ نہ حاجت ڪِنهن ڏِئي جي، هاڻ مَنجھ هِند، سِنڌ، حَلب.

حاج بَتِيَن جي نہ هَرگز، تا حَشر هُوندي حَبيب،
آهِ ڪافر، جو ڪَري، ٻي شَمع جِي تِنهن ڳَڻ طَلب.

چَنڊ سِج ڪي سوجهرو، جِنهن جو سِجهائي سو سُجهيم،
اِيءُ اَملھ نُورِ اِلاهي، رَب اُپاريو مَنجھ عَرب.

عِلم 'احمد' جو رَسي چا؟ وَصف اُن جِي ۾ عَجيب،
مُلڪ ۾ مَٿ تِنهن جو مُوران، ڪِيو نہ پيدا پاڪ رَب.

*

Gul Hayat Instutute

## (٤٦)

تُون عَجب، صُورت عَجب، سِيرت عَجب، صُحبت عَجب!
مُنهن عَجب، مُورت عَجب، محَفل عَجب، محَبت عَجب!

سَير ڪَندي سَروَ بالا، باغ ۾ پيڙو ٿيم،
قَد عَجب، قُدرت عَجب، قِسمت عَجب، قُربت عَجب!

رات تُنهنجي رُوبرُو، روشن بَروشن روز جِيئن،
زَهر ظاهِر تو هَٿان، شِير و شَڪر، شَربت عَجب!

ناز نَخرا نازُڪن جا، نوش دارُون، نيش نانگ،
اِن اُلين تي اَلڙ ڪي، ٿو لڳي اَلبت عَجب!

تِير تارا توَبه توَبه! گُهور گولو توب جو،
حُسن ڪان گُم حَوصلو، هِيءُ بُت ڏَڪي، هَيبت عَجب!

سونهن صاحِب جو، نه جَهلجي ساهه تُنهنجي سُونهن ڪان،
ناهِه راڻا! رَنگ هِن سان، رُوح جِي رَغبت عَجب!

راهه سارِي رَت رَڱي، ڏِينهن رات رِهُون روهه ۾،
تو طَرف ايندي ڏِٺم، تُربت پُنيان تُربت عَجب!

آهِه اَوَل ڪان پَڙهيو، 'احمد' اَلف اُستاد ڪان،
نُون پَڙهندي نيڻ سامهان، نُون سان نِسبت عَجب!

*

Gul Hayat Institute

(٧٧)

ناز سان تُنهنجو نِهارڻ، آهِ اِيءُ ڏاڍو عَجيب،
گهور ڏيئي، گهونگهٽ ۾ گهارڻ، آهِ اِيءُ ڏاڍو عَجيب.

مَنزلن مَهتاب جي جِيئن، مُنهن ڏِسڻ جا ماڳ ڏار،
بُرج جِيئن بُرقعو بيهارڻ، آهِ اِيءُ ڏاڍو عَجيب.

رات ڏِينهن جا پهر پُورا، پَر پِيارل! پَل اَندر،
سِج اُڀارڻ، سِج اُلهارڻ، آهِ اِيءُ ڏاڍو عَجيب.

سِج ڪَڪر چِيري چِڙهيو، يا چَندُ چوڏهين راسِيو
پوش مُنهن تان ڍول! ڍارڻ، آهِ اِيءُ ڏاڍو عَجيب.

واهه! جو سِينگار صُورت، سِينڌ تان سُوڌي پَٽي،
گُل مَٿان سُنبُل سَنوارڻ، آهِ اِيءُ ڏاڍو عَجيب.

حَوض دَريا حُسن جي وِچ، حَوض سامهُون مَوج هيٺ،
نَقش نيلوفر اُتارڻ، آهِ اِيءُ ڏاڍو عَجيب.

بي غَرض! بَر ۾ بيهاريئي، هو عَرض پَر ۾ بيهار،
داد جو دَستُور ڏارڻ، آهِ اِيءُ ڏاڍو عَجيب.

دُشمني يا دوستي، ٻَنهي ديس وارن سان دُرست،
پَر مُسافر مُفت مارڻ، آهِ اِيءُ ڏاڍو عَجيب.

Gul Hayat Institute

ڪُوهه زَم زَم جو زَنخدان، لال لَب آبِ حَيات،
پَر نه پاڻديَن کي پِيارڻ، آهِ اِيءُ ڏاڍو عَجيب.

مُنهن سَجڻ سِج صاف، 'احمد' آسماهُون اِندلٺ،
ته به اکيَن مان آب هارڻ، آهِ اِيءُ ڏاڍو عَجيب.

*

(۷۸)

ڪَشي ڪان ڦَهري هَنيَئي ڪو حَبيب!
وَري جِنهن وِجهي ويڌ گهايا غَريب.

اکين تُنهنجي اوري هِنيون ڪِيو هَلاڪ،
نهاري نهوڙيَئي نيئي دِل نَجيب!

ڪَري ڪان ڪَڙڪو وَريو ڏانهن وُجُود،
اَچي اوچتو پيو اَندر ڪان عَجيب!

وَڍي جان جيرا ڪَيائين ڪَباب،
لَنگهي وِيو لُون لُونءَ مان لورِي لَبيب!

سِڏا سُور سِيني ڪان چُٽڪي چَڙهيام،
وِڌس مَرض مَحبت جي ماري مُجيب!

مُڙين ٿو نه مارڻ ڪان مُنهنجا پِرين!
بهادُر ٿِي بيٺين ڪُهڻ تي قَريب!

ڏِينهان رات ڏِيندي مَرض سان مَٺام،
اَچي پيَم اوڏو اَجل عَنقريب.

حَياتيءَ جو حِيلو هَلي ڪونه هاڻ،
مَگر مَوت ٿيندو نماڻي نَصيب.

نه اَج ڪالهه گُل نال ريڌوم رُوح،
تَنواريو ٿي توڙان اُتس عِندليب.

Gul Hayat Institute

پڙهين جي تہ پڙهہ ڪو سَندو بِرهہ باب،
خَطا آهِہ خُطبو پڙهڻ بيو خَطيب!

ڪٿي نيڻ کِليو سان ’احمد‘ عَجيب،
پَسي رُخ رَضا جو رَهيو رَنج رَقيب.

*

Gul Hayat Institute

رديف (ب)

**(٧٩)**

قُرب اَٿي قَلب ۾، قُربان ٿي وَڃ ڪِينَ ڪَبِ،
نوڪ نيزي ناز جو، نِيشان ٿِي وَڃ ڪِينَ ڪَبِ.

مَرد مَولا پيش بَن، مَر پيا مُلان مُرتد چوَن،
سُونهن صُورت تي صَفا، صَنعان ٿي وَڃ ڪِينَ ڪَبِ.

بَر، بَيابان باغ پانءِ، وِهه مِنو ماڪيءَ مِثل،
مَوج سان مجني مِثل، مَستان ٿِي وَڃ ڪِينَ ڪَبِ.

ڪِينَ ڪَندين پَر ڪَباءِ، جي گهرين ٿو گُل گُلاب،
بَلڪ بِلڪُل بُلبُلِ بُستان ٿِي وَڃ ڪِينَ ڪَبِ.

سِر لهن، سَئو سِر نهن، سَهسين سَرن سامان جت،
سَچ ته اوڏهين بي سَرو سامان ٿِي وَڃ ڪِينَ ڪَبِ.

هَڏ صَدين جا جِيءُ پوَن، جي هُوند هَٿ لائن حَبيب،
اِن طَرف تُون هَر طَرح، تابان ٿِي وَڃ ڪِينَ ڪَبِ.

ڪوهه ديسان ديس ڊوڙين، دوستيءَ جا دَم هڻين؟
دوستن جي دَر مَٿي، دَربان ٿِي وَڃ ڪِينَ ڪَبِ.

دُور پَنڌان دَهشتون، پَر دَر لنگهڻ سان دِيد عِيد،
ڪِنهن مَهل محلات ۾، مِهمان ٿِي وَڃ ڪِينَ ڪَبِ.

Gul Hayat Institute

جيترو وِڇ ۾ جُدايون، تيترو جور و جَفا،
ڇَڏ جُدائي، يَڪ جِسم، يَڪ جان ٿِي وَڃ ڪِينَ ڪَب.

نائِي هِت ناهِ ڪِنهن نُوري نہ ناريءَ کي نَصيب،
خاڪ ٿِي، پوءِ خاڪ تي، خاقان ٿِي وَڃ ڪِينَ ڪَب.

عِشق ۾ ’احمد!‘ بَني، آڙاهہ گُل، اوڙاهہ پُل،
مَچ تي اَچ، رَچ پَچ، پَتنگ پَروان ٿِي وَڃ ڪِينَ ڪَب.
*

Gul Hayat Institute

رديف (پ)

(٨٠)

آءُ جِيين اَلحمدُ لِلّٰه! اَڄ لٿم اَرمان سَڀ،
جِت گُهرين وڃ يار جاني! جاءِ تولئي جان سَپ.

تو مَٿان سِر گهورِيان، گهر گهوريان، گُل گهورِيان،
تو مَٿان گهورڻ مَٽي ۾، آهِ مُون لئي مان سَپ.

ناهِ مُون وَٽ تُنهنجو مَٽ ڪو، مُلڪ ساري ۾ مُدام،
سِج، قمر، تارا، ڪَتيون، توتان ڪريان قُربان سَپ.

تُون نَظر ۾ نازنين، تُون نازُڪن ۾ بي نَظير،
حُسن تُنهنجي کان هُجن، حُورُون پَريون حَيران سَپ.

گُل، هَرڻ، هِيرا نہ تو جِهڙا، ڪِٿي هُوندا حَبيب!
بَر گُهمان توڙي بَحر، يا باغ ۽ بُستان سَپ.

مُلڪ جو مِهندار تُون، تو وَٽ مَلڪ ڪَن مَنزلُون،
ٿا رَکن خِدمت جِي خواهِش، خان ۽ خاقان سَپ.

شِعر ’احمد‘ جو اَچي، آخر پُنون اِن ڳالھ تي،
مَست اَهنجي عِشق ۾، عالَم، پَريون، اِنسان سَپ.

*

Gul Hayat Institute

(٨١)

سال گُذريا، شال گَذجن! ڪِنهن گهڙي ته به پَنهنجي سوچ،
ڏِينِ مَن مُهٽا به مِهڻا، مُنهن چَڙهي ته به پَنهنجي سوچ.

قَلب ڪاڪُل جِي ڪَڙيءَ ۾، ڪِيئن نه قَدمن ۾ ڪِران؟
هَٿ ڪَڙيءَ ۾، يا هَٿن هَٿ ۾ ڪَڙي ته به پَنهنجي سوچ.

دِيد تُنهنجو عِيد اِهڙي، عِيد دَر تي دَم شَهيد،
ڏي ڪَتل يا ڏي قَتل لئي، ڪا ڪَڙي ته به پَنهنجي سوچ.

وِهه نه ماري مُون مِيان! جِيئَن جِيئَن پِيان، تِيئَن تِيئَن جِيان،
تو هَٿان ڪِهڙي ڪَڙي، گُڙ جِي گِڙي ته به پَنهنجي سوچ.

اُڄ مَران، اُهڃاڻ لئي بَئي هَٿ اَوهان ڏي اُچليان،
هَٿ گَهڙيءَ ۾، پوءِ هَٿ ۾ هَٿڪڙي ته به پَنهنجي سوچ.

حَل ٿيا مُشڪل مِلڻ سان، ناهِه مَشهُوري مَلُوڪ،
حَق چوَن توڙي حَقيقت، هَٿ گهڙي ته به پَنهنجي سوچ.

دوست! اَڄ دَربان سان، سِر ڏَڙ جِي بازي دُوبدُو،
پوءِ دَني جي هُوءَ مَڙهي، يا هِيءَ مَڙهي ته به پَنهنجي سوچ.

هِن ڪَيو هِيٽي سان هاڻون، ساهه هاٽي مَنجهه هِڪي،
اَڄ به 'احمد!' جي اَچڻ، لالڻ لَڙي ته به پَنهنجي سوچ.

*

**(٨٢)**

سُور صُحبت سان لهن، صُحبت پُنيان سُوري بہ سوپ،
مُنهنجي مارڻ جِي، مِلڻ کان پوءِ مَنظُوري بہ سوپ.

گُل، ڪَندو گُڏ پاڻ ۾ جِيئَن، آئُون، تُون آهيون حَبيب!
دُر پُنيان دَرياءَ ۾، غوطا ڪِ غَرقُوري بہ سوپ.

ڪِٿ حُڪومت سان حَياتي، مَوت موتيءَ جا ڳَڻان!
مُنهن ۾ مَٿ مَهندار! تو مَهندان تہ مَزدُوري بہ سوپ.

هَر هَميشہ حُسن ري، هُوندي هِندورن هَند بَند،
پَر پَريءَ پارن جي پاڙي ۾، تہ پَل پُوري بہ سوپ.

دوست! تو ڏاران نہ دارُون، ڏارِيَن جِيئَن ڪَر نہ ڏار،
رُوبرُو، ڏِينهن رات راحت، خواهہ رَنجُوري بہ سوپ.

سونهن صاحِب جو، نہ وِسري، سُونهن صُورت ساهہ کي،
نُورُہٗ نُورٌ عَليٰ نُورِ نَظر نُوري بہ سوپ.

ڏِئي مَزو مُشتاق کي، جيڪِي مِلي مَعشُوق کان،
آبرُو، بي آبرُو، يا اَنب، اَنبُوري بہ سوپ.

عُمر آخر کي رَسي، ’احمد‘ اُميدن ۾ اَجان،
دوست آخر دَم مِلي، تان دير ۾ دُوري بہ سوپ.

*

رديف (ت)

(٨٣)

پيارا پرينءَ ساڻ پِريات بات،
ته سڪ ڪان لڳيم سخت سڪرات رات.

قَرارن ڪَڍهن پار بُت بي قرار،
وَهي مَن اَندر ري مُلاقات ڪات.

هِنيون مَنجهه حَويلي، حَوالات ۾،
حَوالات ۾ پيش حالات لات.

پِنبِرڪي ۾ چَڏيَم پَنبو هِيءُ پَنبور،
هَليا هُو وَجن هوت هَيهات هات!

لڳي رِيت، بي رِيت پِر سان پِريت،
پَلين ڏِئي نه مُون تي بَيانات نات.

ڏِسان وار مُشڪي ته مُشڪل چَڙهڻ،
پَسان مُنهن ته مِڙئي مُهمات مات.

هَٽين گُهنڊ، گهوڙا! ته وِهه ڪِير ڪَنڊ،
تُون مُرڪين ته مُون لاءِ ميوات وات.

ڏِسيو آهڙا آهه نِڪريو وَجيم،
اَچِن اکِيرو جي ته آفات فات.

پَلو تُون! پَلا ڪَر پُليءَ سان پَلي،
نه ڏِس ڪم ڪَمينيءَ جي ڪمذات ذات.

سَچڻ سِج ته 'احمد' اکِيان اِندلڻ،
نه اک مان بيهي بُوند بَرسات سات.

*



Gul Hayat Institute

(٨٤)

جَت نہ رَت پائي، نہ پَت پائي، پِرن ڪِھڙي تہ پَت؟
تِن جَتن جيڏيون! جَڏي ڪَئي جان، ويندِس جِت بہ جَت.

قافلي قافن ۾ ڪاهيو، ڪُوچ مُنهنجو ڪيچ ڏي،
هِن مُنجهاڙي ۾، رَنجاڙي ۾، رُوان ڏِينهن رات رَت.

پير پَھڻن ۾ نہ پَڌرو، پاڻ پَھڻ تي هَٽان،
هِن ڪِ هُن گس تان ويا، گونرن جِي گھوڙا! گت نہ پَت.

واٺ وَر وَر، وَر ڪَنان، وَر وَر وَرِيئيون وَر چوَن،
وَر لنگھي وَر ٻُول وَر، وَر وَر نہ ڏِيندي وات وَت.

ڪِنهن کي ڏوراپا ڏِيان؟ ڪِٿ ڏورِيان؟ ويا ڏير ڏُور،
ماڳ مارڳ مَوت جِهڙا، مَنزلن ڪَئي مات مَت.

رَت رُوان ڏِينهن رات، مَن! ڪِنهن رِيت رَهجي پَت پِريت،
ڪِيا پُسائي پارچا اَڄ، پِنبڻيَن پِرِيات پَت.

يار تُون، غَمخوار تُون، دِلدار تُون، دِلنار تُون،
تَن تُنهين تُون، مَن تُنهين تُون، تُون تُنهين تُون تات تَت.

آڏ تِرچن آهُڙن کي، آهہ سان ’احمد!‘ اُڏار،
بَر ڪَندا چا بِرهہ کي؟ پِڇڻون نہ مَنجھ بَرسات سَت.

*



Gul Hayat Institute

**(٨٥)**

هِيءُ هِنيون حَيران هَي هَي! آئون هِتي ۽ هوت هُت،
ياد آرِي پيو، اڪيَن مان، آب اوتُون اوت اُت.

آهِه هُن ٺَڪريءَ تي ٺانئو، يا پُنهل جو پَرتوو،
بيهه تہ جانچيان جوت ڪي، ڪَريان نہ جَت سان جوت جُت.

عِشق آهي اَرڙ جِيئَن، اَڙٻنگ مان رَڙ ٻَنگ سان،
اِن ڏَنگيل ڏينئُو چوَن، ڪارِيَل ڪي ڪوٺي ڪو تہ ڪُت.

ڏِينهن ساڙي، نِينهن ساڙي، پَنڌ ساڙي سامھُون،
رات ۾ ڪِنهن رِيت مَن! ٿَڌڙي ٿِئي، رَت رو تہ رُت.

هوت هُوندي، تُون نہ هُوندين، هوت تو هُوندي هوءِ،
هِت هُتي دِل هوت هِڪ سان، ڏيئي ڏادي ڳوت ڳُت.

جان سِسيءَ ۾ ساهہ سَسُئي! سَربسر سَونڪا سَوين،
جي لهي پائئين تہ مُون تان مَوت، قَبل المَوت مُت.

ڪانڌ ڪانڌي مَن! ٿِئي، ’احمد!‘ اِها آهِم اُميد،
تِنهن طَرف تُربت بجا، تانگهائي مَنجهہ تابوت بُت.

*

(٨٦)

پَئي پَتوڙيان پاڻ کي، پَرنديمَ پَنوهارن ساڻ پَت،
سوگ وَڏ سِينگار ڪان، سُهڻو سَنگهارِيَن ڪاڻ سَت.

مِير! مارُن ساڻ ميڙِين، ماڙِيون مارِين مُون،
موتيا گُل خواهہ موتي، مَوت جِهڙي آهِہ مَت.

مِينهن نَيو ۽ نَئي وَهي، نَئِين سِج نِياپا نِت نَوان،
وَر وَطن ۾ وَس، وَلِيَن ڪِيا ويس، وَنندي واس وَت.

خوش کَٿونبا ۽ کَٿا، ڪِيئَن کَٽ چَڙهي خُشڪا کِيان؟
پِت پَران بيٺي رُوان، ڪِنهن پَت نہ پوئي پانت پَت.

پاپ هِي پاپڙ، پُلاهُون، پاپڙيَن پايان نہ ڪُجهہ،
گوشت گوشي رَک، اَسان جو گاهہ تي گُذران گَت.

رات رُخصت سان رَضا، پَر رُخ ڦِرِيَل ڏِينهن جو ڏِسان،
سِر ڳَلن ڳوڙها ڳَڙن، ڪانهي ڳَنهيَر جِي ڳالهہ ڳَت.

چاڪ مان ناچاڪ بُت، چاڪُون بِنان دِل چاڪ چاڪ،
لال لُڙڪن ساڻ لوئي، بُوند بيهي ڪِنهن نہ پَت.

ڏِس نہ ڏِينهن ۾ هو اَچو، ڪِهڙو عُمر جو ڪوٺ ڪالهہ!
رات ۾ رُوئندي رَتولن کي لڳو ڪِنهن رِيت رَت.

اَمر آندِي آهِيان، 'احمد!' عُمر جي ڪوٺ ۾،
تَن اَباڻن، مَن اَباڻن، تِن اَباڻن ساڻ اَت.

*



Gul Hayat Institute

(٨٧)

جَهڪا جُملي جَواهر، لَعل، جَلوا يار جِت جِت،
مَلڪ، حُورُون، پَريون هَي هَي! هَمہ حَيران هِت هِت.

کُهو تہ بہ اِن طَرف ڪاهيان، سُڪُونت سان سِڪُون لاهيان،
نِهوڙي نِينهن نِيو آهيان، نِهارا نيڻ نِت نِت نِت.

سَوَن سالن جِي آهِہ سِڪ، نہ هِڪ پيري پَچي هِيءَ هِڪ،
چُڪيَل ڪَئي چانڻ روئي چِڪ، چِڪن ڦَٽ چاڪ چِت چِت چِت.

اَندر ساڙو، ٻَهر ساڙو، هَلي هَٽندياس حَب، هاڙهو،
ڪَندم چا قُرب ۾ ڪاڙهو؟ چَپر مُون لاءِ چِت چِت چِت.

لهي اَتڪاءُ ڪِنهين اَتڪل، سَنديون سَپ سُور، سِينون سَل،
هُجي سِيني تي سِينون شَل! هُجي پِت سان پِت پِت پِت.

جِتي مِهراڻ ۾ موهر، جِتي گُلزار، گُل، گوهر،
جِتي جَهلڪار ڪَن جوهر، تُنهين تُون تات تِت تِت تِت.

لٿم سُهڻي سَجڻ وَٽ سِج، ٿڌو واءُ، وَڏ ڦُڙو ۾ وِچ،
نہ 'احمد' لئي اَجهو بيو اَڄ، ڪَنديس آرام اِت اِت اِت.

*

Gul Hayat Institute

(٨٨)

اَڄ ٻہ پُونگَن تي ٻَهاريون، گُل پِٽن ۾ پات پات،
مُرڪ، مانڊاڻا، مَنڊيئڙا، مَڪ مِٽن ۾ پات پات.

هُو ڳَرو هُن ڪيٽ جو، ڪِڙيون ٻہ ڪيريون، پيرِيون،
ڪَن سَنهان سُر پاڻ ۾، سَرتيون سِٽن ۾ پات پات.

خَط ڳَٽي آيو ڪِنياتل، خاص ڪاهُڙ مان ڳَرو،
موڪليا سَرتيَن سَنيهڙا، سِٽ سِٽن ۾ پات پات.

مارُئِيَن ۾ مَن مُنجهي، مَن! ڪو وَري مارُن مَنجهان،
ڪوٽ ۾ ڪُوڪٽ ڪِروڙين، چِٽ چِٽن ۾ پات پات.

هِت اَدا! ڪِهڙي عَدالت؟ آدمي آزار ۾،
هُت پَکي پانوَر ۾ خوش، آنا اِٽن ۾ پات پات.

مارُئِيَن ۾ مارُئي، مارين مِهڻا مارُئن،
اَڄ ٻہ اوپالا مِليَم، اکرن چِٽن ۾ پات پات.

ديس ڪان ڪَئي دُور مُون کي، دِل دُعا ڪِهڙي ڪَري؟
پِرھہ پاراتا ڳَدان، پِٽيو پِٽن ۾ پات پات.

آسرا لاٿم عُمر مان، آس 'احمد!' مَنجھہ اَحد،
يا خُدا! ڪِڄ خَير تُون، ڪيٽا ڪِٽن ۾ پات پات.

*



Gul Hayat Institute

(۸۹)

گهوٽ! مان گهر آءُ ته گوهر، گنج گهوريان ڏِينهن رات،
گنج گهوريان، گُل به گهوريان، قُل به قوريان ڏِينهن رات.

قُرب ۾ قابُو ڪيئي، قُربان قدمن تان وَجان!
ساهه ڏوريءَ ۾ ٻَڌي وِئين، ڏُور ڏوريان ڏِينهن رات.

فَضل جو ڦيرو ڦِٽي ڪو، نه ته ٿو ڦاٽان مَنجهه فِراق،
سُور ڪان سِيرُون سَنڌين ۾، سَير سوريان ڏِينهن رات.

سارِيان، گَس سورِيان، سُرمي سُليمانيءَ بجاءِ،
خاڪ قَدمن جي ڪَٽي، پانيان ته پوريان ڏِينهن رات.

آئون هَٿيڪو، هاڻ پيرن هيٺ، هاٿيءَ تي حَبيب،
جي چِپينَم ته به يَڪي چُپ، چَپ نه چوريان ڏِينهن رات.

آهُووَن وانگر اکيون، پَر عادتين آهِن عُقاب،
قُوت ڪارڻ تِن، ڪُلهن تان ماس ڪوريان ڏِينهن رات.

جي ڪُهڻ جو قصد مُون ڪي ڪِينَ هوءِ، چِيو قَريب،
چو تَراريون، تِير تارا، توتي توريان ڏِينهن رات؟

دوست! تو ڪان دُور، دِل ۾ داستانا دَرد جا،
آءُ ته ’احمد‘ چَئي، عَرض اَحوال اوريان ڏِينهن رات.

*



Gul Hayat Institute

(٩٠)

آئون اُبو آهيان اَدب ۾، ڪَر عَرض تي اِلتفات،
هِڪ بہ غَمزي سان، غَريبن جي غَرض تي اِلتفات.

دوست! بيا سَڀ دَرد لاهين، آئون بہ دَر تي دَردمند،
ڪَر مِٺا مَحبُوب! ڪو، مُنهنجي مَرض تي اِلتفات.

لَک لڳي ٿو لاڳ، تُنهنجي حُسن تي موجب حِساب،
لَک نہ لَک پَر ڪک نہ رَکجي، ڪَر قَرض تي اِلتفات.

ڪِنهن سَبب سِج ڏي جُهڪائي، سِج سَجڻ کي خود جُهڪي،
ڪَر نہ اِهڙي مُدعي ۽ مُعترض تي اِلتفات.

ساهہ ۾ هِڪ ساهہ جو سِينگار، سَئو بيا وَر سِڪن،
جان ۾ جوهر جَهان، ڪِهڙو عَرض تي اِلتفات؟

حُسن جو حاڪم چڙهيو، حاضِر هَزارين هَر طرف،
هَر طرف کان سَرفروشيءَ جي فَرض تي اِلتفات.

عُمر سَڀ آزيون ڪَريان، آزار تي اڳيان تَيار،
پوءِ ڪجي 'احمد!' نہ اِهڙي اَلغَرض تي اِلتفات.

*

Gul Hayat Institute

(٩١)

جتي ڏُونگر سُجن ڏاڍا، ڪَٽيان ڏِينهڙا ڏِهاڙي اُت،
ڪندو رَب روز توسان، هِن رَهيَل جِي شل! رِهاڙي اُت.

ڪَڏهن هاڙهي هَنجُهون هاريان، ڪَڏهن ڪافي ۾ ڪُوڪاريان،
ويهڻ وَڻڪار ۾ وِهه ٿيو، وَنيون وَهندي وِهاڙي اُت.

اِهو وِيچار ويچارِي، نه آراميو جتي آرِي،
سِکو سائين! رَسائين مُون، سَبب سان اَڄ سُپاڙي اُت.

مِرُون ماڻهن جي مارڻ لئي، ڪَڙا نِت خُون ڪارڻ لئي،
ڪَيس چوليءِ چِپر راهِي، سَڄڻ جاڙي سُڃاڙي اُت.

سُڄي سارو سُڄون ساڙهو، مَنجهس ڪارو تپي ڪاڙهو،
رَڙيون ڪَريو رُوان رُڃ ۾، نه پَسجي سُرڪ پاڙي اُت.

قَدر سين ڪَم سَندم ڪهڙو؟ اَٿم 'احمد!' عَزم اِهڙو،
ڪُتا مَن! ڪيچ جا ڪِينَم، پَسهه ڏِيندِس پُڃاڙي اُت.

*

Gul Hayat Institute

(۹۲)

هِنيون ناريِءِ ٿِي، هُن پار جِي هاٺي هَوا اَلبت،
اَچي وارن جو وا ۾ واس، وَرنہ واسَوا اَلبت.

سَپئي سُهڻا سَوا لَڪ جا، سَوا لَڪ تو سَوا ڪَڪ جا،
نہ لائق لَڪ سَوا ہِڪ جا، سَري سَپنِي سَوا اَلبت.

سَجڻ هِڪ ياد سَحريءَ ۾، نہ حاجت حُسن شَهريءَ ۾،
قَبوليان جي ڪَچهريءَ ۾، تہ لِڪ ۾ لَڪ سَوا اَلبت.

لٿا ٿيڙُو، ويا ٽاٽان، اَچان ماڻن مَٿي ماٽان،
ڪَندا چا ڪار ڪوهہ جاٽان، هَلي پَئي چَوچوا اَلبت.

نہ راحت رُوح کي راتيون، ڳُهن ٿيون قُرب جُون ڪاتيون،
جَڏهن پيڙا ڪَريون باتيون، تَڏهن راحت رَوا اَلبت.

جِتي جَڳ مَڳ ڏِسان جَڳ ۾، وَٽي لَڪ ڪوهہ يا لَڳ ۾،
نہ آئون ڪَر اَچان اَڳ ۾، پَدم لَڪ پيشوا اَلبت.

اَکيون ’احمدؔ!‘ اُتر تَرسن، ٻَهاريون ٻُوند سان ٻَرسن،
دَرِي تان دوست جو دَرسن، اَٿم دِل جِي دَوا اَلبت.

*

Gul Hayat Institute

(٩٣)

وَهہ واهہ! نيڻ نِرمل، بُت نَرم نَرم اَلبت،
سِج چَنڊ مُنهن مُقابل، ڪَن شَرم شَرم اَلبت.

لَب لَعل لال لالي، اک خُون ڪان نہ خالي،
دِلبر! نہ سَٽ دونالي، سِک ڏَرم ڏَرم اَلبت.

جاني جِيئي ٻَچي شل! ميلو وَري مَچي شل!
رَهندو رَهي اَچي شل! پَت پَرم پَرم اَلبت.

نِڪريو ڪَريان نِگاهُون، رويو پَسان ٿو راهُون،
ڪُجهہ سَرد سَرد آهُون، ڪُجهہ گرم گرم اَلبت.

خِدمت فَرض خَدم تان، گهوريان پَدم پَدم تان،
صَدقي قَدم قَدم تان، ڪَر ڪَرم ڪَرم اَلبت.

’احمد‘ اُميد چُوندو، پِريان جي پيش پُوندو،
ٻيو دَر حَرام هُوندو، هِڪ حَرم حَرم اَلبت.

*

Gul Hayat Institute

(٩٤)

نِهارج، نِينهن نانگو آهِ اَلبت،
سَنپارج، جان ڪو سانگو آهِ اَلبت.

هَلن هِيرن تي هِيرا حُسن جا هُو،
ويهڻ اَڙ تي اَڙانگو آهِ اَلبت.

ڏيکاريو مُنهن سَگهن هَر مَهل مَحبُوب،
مَگر مُوڙو مَهانگو آهِ اَلبت.

مِٺي دِلدار جو دِيدار ڪو دَم،
سَري سِر سان، سَهانگو آهِ اَلبت.

ڪَڏهن سالُون، نہ صُحبت ۾ سَنيهو،
ڪَڏهن سِر ڪوٺ ڪانگو آهِ اَلبت.

ٻَڏو گِرداب گِرداگرد گِردو،
تَوڪل ساڻ تانگهو آهِ اَلبت.

نَديءَ ۾ يا خُدا! ٿِي ناخُدا تُون،
ڏُکيو لَهرين جو لانگهو آهِ اَلبت.

ڏُجهڻ ڪي ڏي نہ ڏَونري ڏِينهن ڏَس ڏي،
ٻُکيو، بَدخواهہ، پانگهو آهِ اَلبت.

اُنس اَڏ رات 'احمد' کي اَحد سان،
پُليو پائي نہ پانگو آهِ اَلبت.

*

Gul Hayat Institute

**(٩٥)**

ڦَٿي ڦارُون ڪَئي اڳ دِل، ڪانهي هَٿيار جِي حاجت،
وَڍيَس تاثير تارن جي، ڪيهي تَلوار جِي حاجت؟

ڳُجها خِيمان سَجڻ ڪوڙي، چَڙهي چاڙهيءَ مَٿان چَمڪيو،
ڪَئي پَردن مَنجهان پُوري، پِرين پينار جِي حاجت.

صُبح ويلي صَبا جِي واءُ، ڪَڙي خوشبُوءِ ڪَئي گُل جي،
پَئي بُلبُل بيراڳڻ کي، گُهمڻ گُلزار جِي حاجت.

ڪيَم حِيلا حَياتيءَ لئي، سَوا تُنهنجي سُئا جيڪِي،
پُني ناهي پِرين! ڪِنهن کان، گَهڙي غَمخوار جِي حاجت.

جِهجڻ جهوريءَ ۾ ٿيا مُنهنجا، سَنهان سُرمي ڪَنان اگڙا،
سَڏيَس سُورن، نہ سُوريءَ سين، نہ سِر سَنگسار جِي حاجت.

ڪُلهن تان ماس ڪاتيءَ سان، ڏِيان ڪوري ڦَرين کي،
پَئي جي ماهہ مُنهنجي ۾، مِٺي مَننار جِي حاجت.

هِنيين ۾ يار ٿيو هِڪ حَل، وِيَم وِسري وَظيفا بيا،
نڪا تَسبيح جِي طاقت، نہ دَم دَستار جِي حاجت.

بِنان دِيدار دِلبر جي، نہ ڪِنهن سان ڪَم ڪَمينيءَ جو،
جَڏيءَ کي مَنجهہ جُدائي آهِہ، جانِب يار جِي حاجت.

اکِيَن ۾ آدمي جِنهن پَر، وِجهن سِينگار لئي سُرمون،
پَئي آهيم تِيئن پَل پَل، پَٽي پيزار جِي حاجت.

چَوي 'احمد' اَحد کان مُون، نہ گُهريو گَنج خَزاني کي،
سَدا آهيم هَر ساعت، سَچي سَردار جِي حاجت.

*

(٩٦)

مُحب مَهندار! مُنهن موچار! مِل مُختار! ڪا ساعت،
سَجڻ! سِينگار ڪَر سَهوار، سُونهن ڏيکار ڪا ساعت.

سِڪان ساريان، گَهنگهر گهاريان، ڪِيهُون ڪاريان، هَنجُهون هاريان،
سُڻي غمخوار جِي گُفتار، گَڏجي گهار ڪا ساعت.

جُڙيو عالَمُ، بَنيو آدمُ، ٿيو جِنهن دَمُ، اَمر آ دَمُ،
تِنهان اڳوار، جِيءَ ۾ يار، ڪِيو جِنسار ڪا ساعت.

هِنيون حَيران، دِل وَيران، مَن مَستان مَنجهه مَيخان،
حُسن هُيڪار، هَر ڪِنهن پار، ڪَر هيڪار ڪا ساعت.

اڪِيَن آگمُ ڪَيو مَنجهه غَمُ، مَتو ماتمُ تو ڏاران دَمُ،
اڪِيَن جا ٽار! اُهڪيءَ وار، ڏي آڌار ڪا ساعت.

لڳمُ لورِي، جِهجهڙ جهورِي، ڏَرو زورِي، نه ٿِي ٿورِي،
اِهو آزار هَلڪو ڪار، هِينئڙي هار! ڪا ساعت.

ڳُڻن ڳاريَمُ، ڏُکن ڏاريَمُ، مُحب ماريَمُ، قَتل ڪاريَمُ،
تڳان دِلدار جي دِيدار، لئي دَمُ وار ڪا ساعت.

ڪَريان قُربان، جِيءُ، جِندُ، جانُ، ٿِئي مِهمان مُنهنجو مانَ!
رَکي پيزار تي پينار، نيڻن نار ڪا ساعت.

سَچا سَيدُ، مِنا مُحمد! اَچي 'احمد' جا ڪَر مَقصدُ،
سَندمُ سَردار! سُڻ سَڏُ، سار لَهه سالار! ڪا ساعت.

*

(٩٧)

هَزاري حُسن تُنهنجي ڪان، هَزارن ۾ حَسد حَيرت!
پَريون حُورُون پَريشان حال، سَپن سُهڻ ۾ صَد حَيرت!

وَريا وِلهه تي ڪُلهن تان وار، عَجب سُبحانہٗ سِينگار!
قَتل ڪارِيَن اکيَن جِي ڪار، ڪاڪُل قَيد، قَد حَيرت!

وَٽن ٿا ويڙ ويڙن ۾، سَدا خوش سيڙ سيڙن ۾،
اَڙاٻِ نيڻ نيڻن ۾، نہ سِر ناڻي نَقد حَيرت!

اکيَن مان آب اَرتو ٻُڪ، سَڙان سِڪ ۾ صَفا هِت سُڪ،
اَندر جيڪِي چوَڻ سو چُڪ، رُوئڻ دَر تي بہ رَد حَيرت!

پيَس هَٿ باز باشي کي، ڏِسين تُون اِن تَماشي کي،
لَنگهيندي مُنهنجي لاشي کي، لِڳائِي لَت لَقد حَيرت!

مَران مان، تُون ڪَرين ماڻان، ڪَڏهن مِلندينم ڪوهہ ڄاڻان،
سَنڌيون، ٻُت سُور ڪان ساڻان، هِنيَن جو حال بَد حَيرت!

جِيين جاني! وِڌم جهاتي، نہ پئِي ڪوئي، هُئَس پاتي،
ڪَرمِ بَدران ڪَڍين ڪاتي، ٻَڌين ڪيڏو تُون ڪَد حَيرت!

ڏِٺم دَئُو دُور دَرِيَن تي، جَلي جِيءُ جَلوَه گَرِيَن تي،
پَوي ٿو حال پَرِيَن تي، اَندر حُورن وَجد حَيرت!

ويهڻ ٿيو وِههُ، وِجهان وانهُون، چَندبيو ٻَرٻَر چَڏين ٻانهُون،
نہ 'احمد' جُون سُٺِين آنهُون، اَجايو زور ضِد حَيرت!

*

(٩٨)

اَللهُ توهار، ٻيڙا پار، بِسمِ اللهُ جِي بَرڪت،
ڪَريان دِلدار جو دِيدار، بِسمِ اللهُ جِي بَرڪت.

بُدم مَنجهه ٻانگ قَد قامت، قَيامت سانگ قَد قامت،
اکيون اِسرار، وِسيَر وار، بِسمِ اللهُ جِي بَرڪت.

مَلڪ موهيا اِنهيءَ مُورت، صَدق سُبحانهٗ صُورت!
چوَن چَمڪار تي چوڌار، بِسمِ اللهُ جِي بَرڪت.

گُهمين جَنت جِيين جاني! هَٽِين حُورن ۾ حَيراني،
نه جَهلجن يار جا جَهلڪار، بِسمِ اللهُ جِي بَرڪت.

رَکين ڪوهه قاف ۾ قَدمن، نه پيرن ۾ پَريون پَدمن،
وِچائن وار، هَٽ ۾ هار، بِسمِ اللهُ جِي بَرڪت.

ڏِسان تُنهنجو تجَمُل چا! آهين موتي، مَگر مُل چا؟
پَريءَ بازار، ڪُل بيڪار، بِسمِ اللهُ جِي بَرڪت.

سَنوارين گُل مَٿان سُنبُل، نه بَس ڪَن ٻاغ ڪان بُلبُل،
چَٽُون چِينگار، هَنجهه هُونگار، بِسمِ اللهُ جِي بَرڪت.

ڏِيان لالڙ سَندم لوليون، جَواهر گهورِيان جهوليون،
چَني چَٽڪار، گهر گُلزار، بِسمِ اللهُ جِي بَرڪت.

وُني جِي وِلهه وَلهارن ۾، مَزو ميلو مَلهارن ۾،
ڪَڪر جِي ڪار، وِج وَسڪار، بِسمِ اللهُ جِي بَرڪت.

Gul Hayat Institute

پَڪيَن ۾ پِرهه جُون لاتيون، پَلين آئين، سَنديون باتيون،
گوهر، گُلزار ڪَن گُفتار، بِسم الله جِي بَرڪت.

ڪَڏهن صُحبت ڏِيو سُهڻا! پَسان مُنهن پاڪ مَن مُهڻا!
چُمان دِيوار، دَر دَر ڏار، بِسم الله جِي بَرڪت.

اَندر آئي اُڪيرن ڪان، ڪِجا ڦيرو فَقيرن ڪان،
چُمن پيزار ڪي پينار، بِسم الله جِي بَرڪت.

اَندر 'احمد' اَحد اَلله، حُڪم بَرچشم بِسم الله،
گَهر گُفتار، ڪَلمي ڪار، بِسم الله جِي بَرڪت.

*

Gul Hayat Institute

(٩٩)

ڏِس خُلاصي خاص خِلوت، خار خَر! ڪائيندو وَت،
لَنئُون لڳڻ ڪي وَئي لڳي، جيڪا لڳي لائيندو وَت.

پيچ پِينگهي ڪان پرينءَ سان، لَنئُون لڳي لوليءَ اَندر،
عِشق جِي ڻَج آهِه اِيءَ، دائي چيَم ڏائيندو وَت.

سيج تي سِج يا سَجڻ! تُون، ڏيهه سَڄي تي ڏِينهن اَڄ،
رات ڇهري ساڻ چِمڪي، چَنڊ تُون ڇائيندو وَت.

گهائيو گهوڙا! وَڃِين تُون، گهورِيَس گهوڙي سَوار!
گهور پُنيان گهور ڏيئي، هَر گهڙي گهائيندو وَت.

سَئُون نِهاري سَئُو نِهوڙين، سَئُو نِهوڙي سَئُون نِهار،
نوڪ نيڻن ناز سان، نَوڪر مَٿي نائيندو وَت.

مُنهنجو سِينون طُور سِينا، تُون تَجَلي نُور جِي،
بَلڪه بِجلي، تَن تَجَلي، تاب سان تائيندو وَت.

دَم مَ ڇَئُو، تان دوست دِلبر، دُور مُون کان دير ڪان،
ڳُڻ مَٿي ڳُڻ، ڳَل مَٿي ڳَل، ڳالهيون ڳائيندو وَت.

هَٿ ٻَڌي سامهُون هِنيين تي، عَرض ’احمد!‘ پوءِ ڪَجي،
پاڻ پَرچن يا نہ پَرچن، پاند تُون پائيندو وَت.

*

Gul Hayat Institute

(١٠٠)

گُلبدن! مُنهنجي بَدن ۾، باهِه پَڙڪائيندو وَت،
ڪَر پَچي، ڪاني ڪَجل سان، ڪان ڪَڙڪائيندو وَت.

ڪول سُهڻا! سُونهن کي، رَک سِيند تان سُوڌي پَٽي،
دائما دِل دام ۾ پوءِ لال! لَڙڪائيندو وَت.

ڪِنهن گَڏهه، گابي هَٿان، گُل باغ پيلائي بہ ڪير؟
هِي هَرڻ اکيون هِنيين ۾ وِير! وَڙڪائيندو وَت.

ٻال کِهڙو ڳَن ٻَلا، جِن جا پِرُون ٻالن مِثال؟
داد ڪونهي دانهن جو، ٻَڙهه ٻَڙهہ تي ٻَڙڪائيندو وَت.

ڪانگ تِر جو قُوت کِهڙو؟ قَلب، قالب سان نہ ڳَم،
مُفت مُهري مِهر جِي سان، چو نہ چَڙڪائيندو وَت.

دِل بہ هِڪ، دِلبر بہ هِڪ، دِلبر گهڻان، دِل ڏهہ ڳَٺان،
تُون اکيون ڦاڙي، نہ ڦاڙهي رِيت ڦَڙڪائيندو وَت.

اِي اَٽيون اکين نہ ’احمد!‘ ڏَڪ اَندر مان آرپار،
ٻاڻ کي ٿورِي ٿيڻ سان، ڪِينَ ٿَڙڪائيندو وَت.

*

## (١٠١)

واهه سُهڻا! سُونهن تُنهنجي، ساهه کي سيرينديو وَت،
ڪَئين ڪَبُوتر ترِ ڪَٽي تي، ڪان سان ڪيرينديو وَت.

اُپ زَمين آڏا نه اک ۾، اک مِلائڻ کي اَچن،
گام، گس، گهر تَڙ گهٽيءَ ۾، گهُور سان گهيرينديو وَت.

ڪَن لڳائي ڪالهه ويٺو، پير جي کُڙڪي تي ڪَر،
سو چِٽو چَمڪار تي، چِرجي نه چا؟ چيرينديو وَت.

هيج مان پائين هُجن، هِي هَنج مُنهنجي هَنج ۾،
هَنج ۾ هاري هَنجُون، هِيرن مَٿي هيرينديو وَت.

دوست دَريا حُسن جو، وَئي دِل به اِن دَرياءَ ۾،
هَٿ اَچي هَي هَي! نه هاٿي، پَن پَلين پيرينديو وَت.

چُهنب ۾ نيئي چانٺ تي چَڏ، يا اُچل اَيوان ۾،
يا قِلعي تي ڪانگڙا! دِل جو ٽُڪر ٽيرينديو وَت.

هَر هَنڌان مُنهنجي هِنيين تي، حُسن جا حَملا هَزار،
اِيءُ اَمُلهه، اُو پڻ اَمُلهه، ’احمد!‘ اکيون ڦيرينديو وَت.

*

(١٠٢)

مَست، مَستو مَست، مَستو مَست، مَن مَستان مَست،
مَست مَستو مُلڪ سَپ، مَسجد، مَڙهي، مَيخان مَست.

تار تازي سان تَرايون، هَر طَرف تازن تَنوار،
مَست گُل گُل، مَست بُلبُل، باغ ۽ بُستان مَست.

مَست ڪرڻ لاءِ ڪُوٽي، مَست ڏِس چَنڊ تي چَڪور،
مَست شُعلن ۾ شَمع، پڙ ۾ پَچي پَروان مَست.

مَست مجنون، مَست لَيليٰ، مَست قاضي قَهر ۾،
مَست ساهڙ، مَست سُهڻي، مَست مُند، مِهران مَست.

دِل لَڳي، تَهدل تَڳي، مَنزل پَڳي، مَحفل مَڳي،
مَست ساقي، مَست ساغر، ساز ۽ سامان مَست.

هَر حُسن، هِيرا هَزارين، هَنجهه، هَرڻ، حُورُون، پَريون،
ناهِه جِيءَ ۾ جاءِ ڪِنهن، تولاءِ جاني! جان مَست.

حال مُون مِسڪين جو، مُشڪي بُڌج مُشڪينَ خال!
مَست دِلبر لاءِ دِل، پَر دَر مَٿي دَربان مَست.

گُهم سَجو سَنسار سُهڻا! پَر سُجي مُون سِج نه چَنڊ،
حُسن تُنهنجي ڪِيو هَٽي، هَي هَي! هِنيون حَيران مَست.

عُمر سارِي اِنتظارِي، آهِه 'احمد' کي عَجيب!
آءُ نه قَدمن تان ڪِري، قُربئون ٿيان قُربان مَست!

*

Gul Hayat Institute

(١٠٣)

مور! مُورت ۾ ٿو مارين، مارِيو ماريندو وَت،
دِل جِيئَن وِک ڏول! ڏارين، ڏارِيو ڏاريندو وَت.

مور! مُرڪڻ مان نه ٿيو، مَرهم مَرض مُنهنجي جو مُور،
بَلڪه ٻُرڪيو لُوڻ ٻارين، ٻارِيو ٻاريندو وَت.

تُنهنجو هَٿ ٿاري هِنيين کي، هَٿ هَٽائِين چو حَبيب!
هَڻ نه ٽَپ دِلدار! ٽارين، ٽارِيو ٽاريندو وَت.

چَندُ چوڏهين، سِج ڏِسڻ سين، سِج، لٿي تائِين بہ سِج،
دوست! تُون دَم ڏار ڏارين، ڏارِيو ڏاريندو وَت.

تو مَٿان تُنڪا مِلن، تِن مُنهنجي تَن ۾ تُن ڪيا،
تُون بہ چَئِين گهايَل ٿو گهارين، گهارِيو گهاريندو وَت.

چيلهه چابُڪ، نَرم نازُڪ، لوڏ لَک جِي لاڏلا!
وار جِيئَن هَر وار وارين، وارِيو واريندو وَت.

دوست چِيو دِيدار مِلندئي، دير، دُوريءَ بَعد، دَم،
شَرط سارڻ جو ٿو سارين، سارِيو ساريندو وَت.

پَنج يا پَنجاهه ڪوهن، پِرت کي پُورا بہ پير،
پِرهه سَنئُون پَيغام پارين، پارِيو پاريندو وَت.

آب 'احمد' جي اکِيَن ۾، اَڄ ڏِسي آکيو عَجيب،
هِير تي هِيرا ٿو هارين، هارِيو هاريندو وَت.

*

Gul Hayat Institute

(١٠٤)

نِت نَوان جِنسار جاني! جابجا جوڙيندو وَت،
سِر ڪُلهن چوڙي چِٽيون، چيرا پَلين چوڙيندو وَت.

گُلبدن جو گشت گُلشن ۾، گُلن تان هِير جيئن،
وِک وَٽي، ڪِل اک ڪَٽي، خَنجر هَٽي ڪوڙيندو وَت.

مُنهن مِڙئي پيا مِينهن ڦُڙا، تُون حُسن جو دَريا حَبيب!
لهر سان بيڙا ٿو ٻوڙين، ٻوڙيو ٻوڙيندو وَت.

سُک ڦِٽو، سِڪ ڪان ٿو ڦاٽان، ڏي نه سُهڻا! سُک جَواب،
جي نه ميڙين، مانَ! مارين، پَر نه مُنهن موڙيندو وَت.

هِڪ ڪَٽُوري، خُون ٻيو، لِڪڻان نه آهِن لوڪ ۾،
لوڙهه لالڻ! مَر لَٽين، يا لَهر ۾ لوڙهيندو وَت.

مُنهنجي حاجت ري نه حُجت، جي هلن حُجت هُتي،
مَغز تِن ڦوڙاءِ جي ڦوڙاٽ سان ڦوڙيندو وَت.

تُون بَرابر ٻاغ آهين، پَر نه 'احمد' جِي اُميد،
ڇَٺو ڪَڏهن ڪوني نه، گُل ٽاريءَ مَنجهان ٽوڙيندو وَت.

*



Gul Hayat Institute

(١٠٥)

بيهہ ساموُن، سُونهن ۾ سُهڻا! سَپن سانڍيندو وَت،
سِر ڪُلهن ڪاڪُل چَڏي، شَمس و قَمر ڪاڙهيندو وَت.

هِن مَهل موهر تي مِينهڙا، مِهر سان مُنهڙو ڏيکار،
وار واڙي جِيئن وَڻي، مَنڊ چَنڊ تان چاڙهيندو وَت.

توکي بابن جِيئن پَلا! پانيان تہ پيرا ڏيئي پڙهان،
تُون اَلف تان لام لالڻ! سِج لَڙيي لاڙيندو وَت.

ياد حافِظ، يار! تُنهنجي يادگيريءَ مان ٿيس،
نيڻ سُورت نُون جِي، پاڙي پَنڊن پاڙهيندو وَت.

هَنج ۾ هاريان هَنجُون، مَن هَنج! هِيرن تي هِرين،
پاڻ ڳالهائين تہ ڳوڙها، سِر ڳَلن ڳاڙيندو وَت.

حُسن حَيرتناڪ هَي هَي! هِي هَرڻ اکيون حَبيب!
کِل کَٽي، خَنجر هَٽي، ڦاڙهي مِثل ڦاڙيندو وَت.

آستانو چَڏ نہ 'احمد!' آس ۾ رَهہ آس پاس،
دوست دَر پُوري تہ، تُون تاڙيءَ مَنجهان تاڙيندو وَت.

*



Gul Hayat Institute

(۱۰٦)

رَب نہ رَب جِهڙو مِلي، ڳولين جِتي ڳوليندو وَت،
ڪُل خُدائي هِڪ خُدا جِي، اِيءَ خَبر ڪوليندو وَت.

چا مَنجهان موتي بَڻين تُون، سو مِڙئي مَعلُوم تو،
پوءِ نہ تُون ڦُل هار ٿي، ڦُلهيار کي ڦوليندو وَت.

مِير! مُورت تُنهنجي ناهِڻ، مُورتن جو ڪم نہ مُور،
ڇَڏ ڇَڏڻ جهڙن کي ڇورا! نہ تہ ڇَپر ڇوليندو وَت.

چَٽ چَٽيهه لَڳَلي جي جِن ۾، سي چَٽيءَ کان چَٽ ڏَٺي،
جِن ڇَڏيو اولو سَندس، سي اول جِيئَن اوليندو وَت.

پِير چا پُٽ کِير ڏِئي؟ اِيءَ شان پَرور پاڪ جو،
مُفت مُفتي! مُقبرن تي، راڄ کي روليندو وَت.

تُون ٽِڪاٽي جو، ٽِڪاٽو خود ٽَڪن تُنهنجي مَنجهان،
نِت ٽَڪر ڏيئي، ٽُڪر لئي ٽوليون ٽوليندو وَت.

وِرد 'احمد!' بيا اَجايا، ڪُل وَظيفا بيا وِسار،
قُل هُوَ الله اَحد جُون، ٻوليون ٻوليندو وَت.

*

Gul Hayat Institute

(١٠٧)

وَصف وَر وَر يار هِڪ جِي، وَرق ٻيا ويڙهيندو وَت،
وار سَپ جِيئَن، وات سِپ، موتي مَٽيان ميڙيندو وَت.

ڪوهہ گوگهيا تو گهورين، ڪوڏيون ڪَنڌيَن مَٿي؟
مَن! ڪِٿان موتي مِلن، ڪارو سَجو کيڙيندو وَت.

ناز سان نازُڪ نهاريو، مُون نَمي ڪيَڙو نِياز،
گهورِيَس اِن گهور تان، گهاءُ گهٽ اَندر گهيڙيندو وَت.

خار خَر! ڪِيندو نہ رَهہ، لاهيان نہ خِلوت جو خَيال،
پير تان پاٽهين ٽِڙن، تِن ٽيڙ ڏيئي ٽيڙيندو وَت.

رات ڏِينهن رَت رِيت ۾ رُو، ڪِل جَڏهن ڪو خير ٿِئي،
مُفت مُڪڙيءَ جِيئَن مَ مُڪ، ٺَهہ ٺَهہ ڪَندو ٺيڙيندو وَت.

هِن اکيَن سامهيون اکيون، آخر جَهلڻ جو آسرو،
قَلب کي ڦَهري جَهلڻ سان، ڪيترو ڪيڙيندو وَت.

عُذر اَنگل جو اَجايو، آهِہ 'احمد!' اِعتراض،
رِڻ ڪَرڻ راڻن جو ڪَمہ، جاسين رِڙهي ريڙهيندو وَت.

*



Gul Hayat Institute

(١٠٨)

گهور گهورُون جي بہ گهورين، گهورِيو گهوريندو وَت،
ڦور ڦُل جيڪِي بہ ڦورين، ڦورِيو ڦوريندو وَت.

مَرحبا! مَحبُوب آيو، هَر مَحلي مَحفلُون،
اور جو اَحوال اورين، اورِيو اوريندو وَت.

ڪوهہ ديسيون دُور ڳولين؟ دوست دِلبر دِل اَندر،
ڏُور سَمجهيو ڏيهہ ڏورين، ڏورِيو ڏوريندو وَت.

ڪِنهن بہ مِٺي تي، نہ مَن مُٺو مَٿي مُنهڙو مُدام،
پَل پَتر بَدخواهہ! پورين، پورِيو پوريندو وَت.

بِرهہ خود بَروو بَناس، بُت بَچائي ڇا ڪَريان؟
مَر ڪُلهن تان ماس ڪورين، ڪورِيو ڪوريندو وَت.

هَٿ حَياتيءَ تان کنيو مُون، حُسن ڏِسندي هوش گُم،
تُون تَراريون، تِير تورين، تورِيو توريندو وَت.

تُنهنجو توسان آهِہ، تِنهن هُوندي بہ تُون، تو ڪان پَري،
جِيءُ جِهجِڻ جهوريءَ ۾ جهورين، جهورِيو جهوريندو وَت.

جاڻ وَهراڙو وِهاٽيان اَڳ وَڪوڙي واٽ تي،
چُست چانگي چور! چورين، چورِيو چوريندو وَت.

دير جِيئَن جِيئَن خَير تِيئَن، ’احمد!‘ اَوَس ايندا عَجيب،
وَر سَويرا سَير سورين، سورِيو سوريندو وَت.

*

Gul Hayat Institute

(١٠٩)

ڪالهه قبرستان مان، ڪَن پَئي ڪهاڻي، تُون به هِت،
جِيئَن اَسين پَٽ ۾ پياسُون، تِيئَن پُڄاڻي، تُون به هِت.

مُون مُئَن کي ڪونيو، مُنهنجا ٿيو مِهمان اَڄ،
چِي، اَچڻ اُهڪو اَسان جو، آرِياڻي! تُون به هِت.

سَرد شُوڪارا پَرِيَمِ، سُج ۾ سُتل سُهڻا ڏِسي،
هِن وَڏي واڪي ڏِنَمِ، وو وو وَراڻي، تُون به هِت.

مَوت مِڙني کي مَٿي تي، مَنجهه مِٿي هَر ڪِنهن مَڪان،
مَنجهه مِٽي مَنزل اَسان، ڪُجهه مَهند ماڻي، تُون به هِت.

ڪالهه صُحبت صُبح تائِين، اَڄ سَلامن کي سِڪن،
وِرهه وارِي رات، وارِيءَ ۾ وِهاڻي، تُون به هِت.

دوست! دُنيا ۾ ڪَري سَگهندين نه دائم دَور دَمِ،
آيو آيو چاڻ ’احمد!‘ اَڄ سُڀاڻي، تُون به هِت.

*

(١١٠)

ساهہ تولئي ٿو سِڪي، سِڪ جِي ٿُوتي بَيت بَيت،
ڪَن صِفت تُنهنجي سَدا، تاڙا ڪِ تُوتي بَيت بَيت.

دُر ڪَڍي دَرياءَ مان، مُون دوست! ڌُري سَت سَري،
اَي پِيارا! تُنهنجي پائڻ ڪاڻ پُوتي بَيت بَيت.

هِت نڪا سَسُئي، نہ سُهڻي، سونهن تُنهنجي سُونهن جو،
پَر پَڙهن ڪِنهن بِئي اِرادي سان اَڌُوتي بَيت بَيت.

چَوچوا لئي چَئُو پيا، قاصِد ڪِٿان آٽيان قَرِيب!
دَرد اورڻ لاءِ تو دَر، دوست! ڌُوتي بَيت بَيت.

هِيءُ غَزل ڳائڻ غَلط، غَم ڪاٽ غَمزن ساڻ پاڻ،
دوست! داغن دَرد جي ڪان، دِل نہ ڌُوتي بَيت بَيت.

تُنهنجون ڳالهيون ڳائڻ ۾، ڳيت ڳائن ڳوٺ ڳوٺ،
رَنگ لائن ٿيون رِهاٽيون، راجپُوتي بَيت بَيت.

بُلبُلن ۾ بات تُنهنجي، تات ’احمد‘ کي عَجيب!
لاش کي لاشڪ بَنائي، لَا يَمُوتي بَيت بَيت.

*



Gul Hayat Institute

(۱۱۱)

رُوان رَت ڦُڙا، رات رَهه ڪِنهن نه رِيت،
اَسُر سين اُجاريون پُراڻي پِريت.

ٻُڌم هَٿ اَدب جا هِنيين تي حَبيب!
نه ڪُر ڪي لڄايان ڪَري ڪا ڪُريت.

مَحبت جو مَيدان مَحبُوب هَٿ،
وَٽي فاتِحه ڏِئي، وَٽي فَتح جِيت.

مَران دوست دَر، مَر دَفن ڪَن نه ڪَن،
ڪُتا، ڪانگ ڪِينم ڪِي جِيتام جِيت.

پَلين مار يا ميڙ پَر مُنهن نه موڙ،
نه ناتو ڦِٿائڻ سَندي نات نِيت.

رَکي خار خَر خَيرخواهيءَ بجاءِ،
وِجهي وات اَڌ رات اُبتو اَتيت.

نه مُون ڪان پَليو، تُون پَلئي ۾ پَلينس،
نه پَلجي پَليتن سين ڪِنهن پَل پَليت.

پَلي عِيد آيو اَڱڻ تي عَجيب،
ٻُڌم ڳوٺ ۾ ڳالهيون، ڳاچ، ڳيت.

عَجب فَيض ’احمد!‘ عَطا ڪيو عَجيب،
ڏِئي گهور گهوڙا! ڪيئِين گهر مَسيت.

*

Gul Hayat Institute

رديف (ٿ)

**(۱۱۲)**

ٿو ڏِسان دَم دَم دونالِيون، دوست دِلبر! تُنهنجي هَٿ،
مُنهنجي هالاڻي جو حِيلو، آهِ حاضِر تُنهنجي هَٿ.

ڪِيئن سَنڀالِي ساهه ڪي، سُهڻا! سَگهان سُورن ڳَنان؟
خان! خَنجر آهِ مَخفِي، خُون خاطِر تُنهنجي هَٿ.

ناهِ مُون ڪي اِختياري، آهيان بي اِختيار،
مُون ڪي ميڙڻ خواهه مارڻ، مِڙ مُيَسر تُنهنجي هَٿ.

قُرب وارن سِر ڪَپِي، قُربان قَدمن تان ڪَيا،
رَنگ تِن جي رَت جو راڻا! آهِ اَندر تُنهنجي هَٿ.

ناهِ جانِب! جان سان، تو ري غَرض ڪو هِن غَريب،
لاهي سانگو ساهه جو، ساجن! ڏِنم سِر تُنهنجي هَٿ.

ڪِيئن دَفع ٿِيي دَرد دِل جو، ڪِيئن وَهي واچا مَٿم؟
ويڙهجن واسينگ وانگر، زُلف ظاهِر تُنهنجي هَٿ.

مُلڪ سارو مِلڪ تُنهنجي، خواهه ماڻهون، خواهه مَلڪ،
عَرش، پُون، اُپ، فَرش عالَم، جُملي اَنوَر! تُنهنجي هَٿ.

حُڪم تُنهنجي هيٺ آهِن، حُڪم وارا لَک هَزار،
سَئو سُليمان زير فَرمان، سَئو سِڪندر تُنهنجي هَٿ.

Gul Hayat Institute

پير پائن جِت پِرين، سا خاڪ، چَٽ خاقان ڪاڻ،
ڪيترا ڪِسرا ۽ قَيصر، نِيچ نوڪر تُنهنجي هَٿ.

شَمس ۽ شَمشاد جو، نِيو تُنهنجي قَد ۽ مُنهن قَدر،
سَروَ وانگر سِر ڏِنون، نائي صَنوبر تُنهنجي هَٿ.

وِئِين سَڄي عالَم کان سَڄڻا! سُونهن ۾ سَرسي کڻي،
ٿا لڳن جانِب! جَهڪا، جَلوي ۾ جوهر تُنهنجي هَٿ.

موڪليَم مَحبُوب! تو ڏي، ڪيترا ساري سَلام،
ڪو ڪَميني جو ڏِنون، ڪاغذ ڪَبُوتر تُنهنجي هَٿ؟

ٻن جَهانن جا وَسيلا! وَر وِلهيَن پاسي وَري،
هُو رُليون جي روهہ ۾، تِن راهہ رَهبر! تُنهنجي هَٿ.

مَرض، ماتم، مَوت، مَحشر، مِڙ مَحبت سان رَهن،
جِيئن اَبُو بَڪر و عُمر، عُثمان، حَيدر تُنهنجي هَٿ.

عِلم عالَم ۾ گهٽون، عالِم گهٽان عالَم اَندر،
پَر سَچائيءَ جو سَبق، سَردار سَروَر! تُنهنجي هَٿ.

مُون مِلڻ ۾ مُور سُستي، ڪَئي نہ 'احمد' چَئي اَصل،
پَر ٿيئي قِسمت سَندم، قَيوم قادِر! تُنهنجي هَٿ.

*

Gul Hayat Institute

رديف (ٽ)

(١١٣)

گُهمڻ گُلزار ۾ آيس، ته مَن! جهورِي لهي جَهٽ پَٽ،
ته ساڳي بي قَراري ٻاغ ۾، جِهڙي اَندر جَهٽ پَٽ.

سَدا سِڪ ساهه کي ساڙي، ڳِلن سِر لُڙڪ سِج لاڙي،
پَکو اَڏيَمِ پِرِيَن پاڙي، چوَن پاڙان پَکو جَهٽ پَٽ.

چَڏيان صُحبت سُپيريان ڪِيئن؟ هِنيون هِيرن سان هيريان ڪِيئن؟
نه نِبري نِينهن نِبيريان ڪِيئن؟ لِڳم ڪو لوهه جو جَهٽ پَٽ.

جُهلن جهاٻا جُهمڪ جُهوڙل، توسان ڳالهيون گهٽيون ڳُوڙهل!
مَحبت آهِه پَٽ مُوڙهل، سَجڻ سَمجهي به ڪِيئن جَهٽ پَٽ؟

مَ ويهه مَحبُوب! مُنهن موڙي، وَري جَس ڪَٽ جَشن جوڙي،
اَندر ۾ ويهه اکيون کوڙي، جِتان جاني! وَٽي جَهٽ پَٽ.

وَجن تَن مَن طَبل تيرا، جَبل ڏِسيو جَلن جيرا،
پِرِين! تُنهنجا پَسي پيرا، سُجاتم پوءِ صَحي جَهٽ پَٽ.

ڪَيا سَجڻن سَنجهي سَعيا، پِرهه سان پير گهر پايا،
اَڱڻ موڙي اَڱڻ آيا، اُٿي 'احمد!' اکيون جَهٽ پَٽ.

*

(١١٤)

جَهليا جَهلجن نٿا جَهلڪار، جانِب! جِيءُ نہ جَهٽ پَٽ جَهٽ،
گُهمان هِن گَس ڪِ هُن گَس تي، تہ گُهونگهٽ گُهور گَهٽ گَهٽ گَهٽ.

سِڪن هِن حُسن کِي حُورُون، گَهٽون گهائِن ٿيون گهورُون،
چَڙهيون هُو تِير تي تُورُون، بِنهي پاسي ٻِسٽ سَٽ سَٽ.

حَقيقي حُسن جي هوئي، تہ پِڙ پاڙهين پَتنگ پوئي،
ٻيو مَر مُفت مُنهن ڌوئي، نہ هَلندو هاڻ پَٽ سَٽ هَٽ.

هَٽي پالا پِرُون رَسني، پُراڻان ڦَٽ پِرُون هَستي،
تہ ماري چَڏ مِرُون مَستي، لَٽن سان لوڙهہ لَٽ لَٽ لَٽ.

نَڪٽ پائِن نِقابن جِيئَن، چِڪي هِيٺون حِقابن جِيئَن،
اڪيون آهِن عُقابن جِيئَن، هَٽي اَندر اُڦٽ ڦَٽ ڦَٽ.

بِرهہ بازار ۾ بازِي، ڪُتا غَمزن گهٽان غازِي،
خَبر هِيءَ خَير جِي تازِي، تہ هَٽ هَٽ تي، مَهٽ هَٽ هَٽ.

پَڪي ڦاهِيءَ اَندر ڦاٿم، سَجڻ سُهڻو سَدا ساٿم،
لِڱن لالڻ جي هَٿ لاٿم، پَٽڙا ڪَر نِپٽ پَٽ پَٽ.

اَبر، آب و هَوا جانچيَم، سَندئي صُحبت سَوا جانچيَم،
تو ڌاران هَر دَوا جانچيَم، تہ جيڪِي مَنجهہ جَڳٽ ڳَٽ ڳِٽ.

گُهميَس بَر، باغ، بازاريون، اڪيون تہ ٻہ اُوءِ آزاريون،
زِيارت لئي ڪَريان زاريون، نہ وَڻيان ٻيو، تو وَٽ وَٽ سَٽ.

Gul Hayat Institute

تُون هِڪ لَکَ، لوڪ سارو لِکَ، تُون خوشبُوءِ، خَلق سارِي ڪِکَ،
مَتي ڪَر ڏُک سَندمِ کي ڏِکَ، تہ مَرڪان ڍول وَٽ ڍَٽ پَٽ.

نِبهندئي ڪِيئَن هِي ناٽا، مَنا ڪَر مال تي ماٽا،
وِهاٽي رات ڏِس راٽا! تہ چِٽ چوڏار چَٽ چَٽ چَٽ.

اَٽي 'احمد!' اَندر آرا، تہ ويروتار ويھ وارا،
اُپن اُپرن اڪُٽ تارا، اڪُٽ مان ڪو نَڪٽ ڪَٽ.

*

Gul Hayat Institute

## (١١٥)

هوشيار ٿِي هِنيان! تُون، چاڪاڻ چِرڪ جَهٽ پَٽ؟
تِرڪڻ ته توڙ تائين، توڙي نه تِرڪ جَهٽ پَٽ.

نيباهه ٿِئي نه ناڻُو، سِر مال مُفت ماڻُو،
هاڻي ئي هَٽ هاڻُو، سِر ۾ به سِرڪ جَهٽ پَٽ.

خاڪي بَندو نه باقي، مَرندي چُٽا مُلاقي،
اُڏري به اِتفاقي، ڪا جهار جِهرڪ جَهٽ پَٽ.

تَڙ تَڙ طَبل تَباهي، ڪو ڏِينهن به شَهر شاهي،
جَهمپير، جُنگشاهي، جَنهاڻ، جِهرڪ، جَهٽ پَٽ.

سُهيا سُگهڙ سُجاڻان، چاڙُو وَڏا به جاڻان،
پَر وِئي پَسهه پُجاڻان، بولي نه بِرڪ جَهٽ پَٽ.

هِيءُ سِج، سَجڻ! لَهڻ ۾، چا راندين رَهڻ ۾؟
پَوندين جَڏهن پَهڻ ۾، گُم ڪيل ڪِرڪ جَهٽ پَٽ.

جاني! به ڏِينهن جَلسو، جيڏو به زور، جَهل سو،
ايندئي جُهلي اَجل سو، اِيءَ گَبِد گِرڪ جَهٽ پَٽ.

سِر تي سَنجهي صُبح سَڏ، ڏاران ڏَٽي نه ڏُر گَڏ،
’احمد!‘ اَسُر ٿيو چَڏ، آرام اِرڪ جَهٽ پَٽ.

*

(١١٦)

ڪٿ دو فَصلي دوست! دائم، ڪِٿ ڪَتي ۽ چيٽ چَٽ،
ڪاٽ ڪاٽائُن نہ ڪم، تُون ڪوٽ ڪائي ڪيٽ ڪَٽ.

چال پَنهنجي رَک چَگي، چَلنديون نہ چالاڪيون پيون،
نيٺ ڪِهڙن ناٽون ڪي، ٽا چَڏائن نيٽ نَٽ.

خُوب صُورت خَلق ۾ تُون، خُوب سِيرت خُلق رَک،
تُون لَکن جو لَعل آهين، پوءِ نہ لِڏ ۾ ليٽ لَٽ.

اَج عَطر لائين لِڱن کي، مُشڪ لوئِن ميٽ ماڳ،
پَر مَرڻ کان پوءِ مَٽي ۾، مُشڪ مِٽِيون ميٽ مَٽ.

ري مُروَت ۽ صَفا، مَروو صَفا ڊوڙي نہ چا؟
پاڪ پاڪيءَ ري نہ ڪِنهن، پاڪيٽ جا پاڪيٽ ڪَٽ.

اُپ زَمين تو وَٽ اَمانت، ڇَڏ خِيانت جا خَيال،
پاٽ پَٽ تي سَٽ نہ پُٽ! پاڻين نہ پَنهنجو پيٽ پَٽ.

ڪالهہ چيو قالُوا بَليٰ مُون، تا قِيامت قَول هِڪ،
ڦِٽ مَ دِل! نہ تہ ڦُٽ اَسان ڪان، جي اَٿئي پيو ڦيٽ ڦَٽ.

عَيب 'احمدؔ' ۾ اَجايا، پَر اَحد ۾ آسرو،
بادشاهي بارگاهہ، پيٽڻ گُهرين ٿو، پيٽ پَٽ!

*

Gul Hayat Institute

(١١٧)

نہ تُون ڪو مِير! مارُئيءَ وَٽ مِٽن مَٽ،
پُٽين پُڙ پُڙ ڳَندو جِيئن مَنجھہ پِٽن پَٽ.

پَڪن مان ڪِنهن پَڪي پَيغام آندو،
تہ مارُئي! ڪِينَ مارُئين تي مِٽن مَٽ.

ڪِيائي ڪير ڏِئي ڪاغذ سَندن کي؟
نَظر مَنجھہ هِن نَوشتي جي سِٽن سَٽ.

ڪَرو مَنجھہ ڪيٽ، ڳالهيون ڳاهہ جُون ڳَن،
سُئم سَرتين جو سَڏ ويهي سِٽن سَٽ.

نہ سُمهنديَس سيج تي، مَر سِج نہ اُڀري،
اَٿم ڪُٺڪو تہ ڪَنئي چا لئي ڪِٽن ڪَٽ؟

مَٿي مِصري، وَطن ويندم نہ وِسري،
ڳَڻيان ٿِي ڳاٺ لئي ڳُڙ جي ڳِٽن ڳَٽ.

عُمر جو ڪوٽ آهُن سان اُڏايان،
ڇُهاڪن سان ڳَريان چارُين چِٽن چَٽ.

پَڙهان پَيغام پارُيچين، جِيئن تُون،
چِٽي چاڙين چِٽي حَرفن چِٽن چَٽ.

عُمر جو ڪوٽ 'احمد!' اَچ نہ آباد،
ڪَيو مارُين کي مارُئيءَ جي پِٽن پَٽ.

*

(١١٨)

ڪا گهڙي گُل سان ڪَئي، مُون گُفتگُو گلزار وَٽ،
ٻاغ جُون ٻاتيون اَچان، سي بُلبُلِ بيمار وَٽ.

ٻَحر ۾، بَر ۾ ٻَلي، يا ٻاغ، يا بازار ۾،
دوست! ڳوليَم ديسِيون، پَر دِل لڌم دِلدار وَٽ.

ڳوٺ ڪان ڳالهيون ڳِرائِيَن جي ڏيَڻ جُون ٿو ڳِٺيان،
هَٿ هَمارو هَي! هُجي ها، هُت حَمائل هار وَٽ.

ڪوڏ مان ڪوشش ڪَريان ٿو، قَلب ۾ ڪيڏِي ڪَشش!
هورڙيان هَٿ هار وَٽ، پَر هارڙيان رَت هار وَٽ.

ڦَڻ ڪنئُي وِسيَر، ڪِ وارن ۾ ڦٽي ڦِرندي ڏِنم،
چيله چابُڪ ڪان سَنهي، ڪَر هَٿ وَڏي پيو وار وَٽ.

مَن موهن مَحبُوب مِليَم، مِينهن وَسندي هِن مَهل،
زُلف ڪاري وَٽ قَمر، بِجلي ڪَڪر جِي ڪار وَٽ.

قُطب، ڪَتيون ڪوهه چَمڪن، خواهه قِنديلن قَطار،
رُوبرُو رَونق چَڏي، روشن قَمر رُخسار وَٽ.

Gul Hayat Institute

زُلف زَنگي فَوج جِيئَن، ڪِنهن زَر خَزاني تي ضَرُور،
چار تِر چارئي طرف، لاچار چارِي چار وَٽ.

رات ڪِهڙيءَ رِيت گُذري، رَس ڪِ رُوسامي اَندر،
آهه نِڪتي اَج به اُونهي، اُپريَم اِن ڪار وَٽ.

تُون سَڄڻ! سَرچين نہ سَرچين، تہ بہ سَدا سِر چانٺ تي،
دَر ڇَڏي دِلبر! نہ ويندس، صُلح لئي سَرڪار وَٽ.

عِيد ذُوالحج، عِيد رَمضان، ٻيون بہ عِيدُون عام جام،
عِيد ’احمد‘ لئي اُهو ڏِينهن، يار جِنهن ڏِينهن يار وَٽ.

*

Gul Hayat Institute

(۱۱۹)

مِٺا مِير مُرسل! مَديني جا گهوٽ،
مَٿم ويل مُشڪل جِي، مَحبُوب! موٽ.

نہ آرام آهِہ اَصل تو بِنان،
اَجهو آجڪو ناهِہ، آڏر نہ اوٽ.

هِنيون ٿيم هِيڏون حِجازي حَبيب!
ڪَري ڪانہ ڪائي چَڱيءَ ڏانهن چوٽ.

ٿيس هارجي هَند ڪَٿڻ جي ڪُٺل،
سَڄي ويَہِ سَودي جِي ٿِيٺي ٿِي ٽوٽ.

نَظر سان ڪَرين پَنهنجي نِرمل! نَرم،
ڪَٺڻ قَلب ڪارو سَندم سَخت سوٽ.

ڪَندين ڪِنهن ڪَميني تي جيڪو ڪَرم،
تہ پَوندي پِرِيَمِ! چا خَزاني ۾ کوٽ؟

جَڏهن گهوٽ! گهوڙي سُپا ٿِئين سَوار،
مَٿم ڪِج تِنهين مَهل مَحبُوب! موٽ.

اَچي وَقت اُهڪيءَ جي ’احمد‘ مَٿي،
تُون ڪِج پاڪ ڪَلمي جو قائم ڪو ڪوٽ.

*



Gul Hayat Institute

(١٢٠)

مَرڻ بَعد مُون لاءِ مُشڪل نہ موٽ،
جِيان جي مِلي جاءِ جانِب جِي جوٽ.

جَهلي دَر نہ دِيوار دِيدار ڪان،
پَڄي قَلب رَڪيا ڪَڙا، قُفل، ڪوٽ.

لڳي پِيڙ پِيڙان، پَڄان ڪِهڙيءَ پَٽ؟
چُرڻ ڪان ڪيَس چُور چَشمن جِي چوٽ.

اڪيون سُوڙهہ ڪَن ٿيون سِيڇاڙي مِثال،
ڪڻن ماهہ مُنهنجي مَنجهان ٻوٽ ٻوٽ.

وَٽن وار، ترِ، جَٽڪہ داڙي تي دام،
ڪَٽي قَيد ڪاريَس ڪَنڻ ڪَنڌ مَروٽ.

گُهرين ڏِينهن گهارڻ تہ ٻيا گهر گهٽان،
گُهميو گهم، نہ گُهم هِن گهٽيءَ ڏانهن گهوٽ!

بِرهہ آهِہ بَر جِنهن ۾ چِيٽا چَراخ،
ڦِري اُت سَگهن ڪِينَ ڦاڙها ڦَروٽ.

پَريو پَت پَري ڪو؟ پَري پَنڌ پِريت!
اُجهيو ڏِينِ اَرواح اَڌ ۾ اَڏوٺ.

مَيو ڏار مَهري مَهارن سَنئون،
مَٽان توڪي جهورينِ جَڙ تي جَڙوٽ.

Gul Hayat Institute

سَفر آهِ صُورت سَفر جِي صَحي،
اَٿي سوٽ ۾ سوٽ، ساٿي نہ سَوٽ.

بُڌن وَر نہ ٻيا قُل هُوَ اللہ اَحد،
اَحد ري نہ 'احمد' جو آڌار اوٽ.

*

Gul Hayat Institute

**(١٢١)**

مُلڪ تُنهنجو ڪو مَٿاهُون، اَي مُسافر! موٽ موٽ،
خان! خاني ڏانهن ويندي، ناهِه خاصِي ڪوٽ ڪوٽ.

ڏوهه ڏَهه ڏَهه ڏِينهن ۾، پَر ڏيهه جي ڏاتار ڏانهن،
تَپ، تَنگِي، تَڪليف ري، توکي بَدن ۾ ٽوٽ ٽوٽ.

جِيءُ ڇَئِي جَبار ڪوني، تُنهنجي جِيءَ ۾ تان به جي،
دَر نه ڏاريِن جو ڇَڏين يَر! خواهه ڇُونئي ڦوٽ ڦوٽ.

ماندِ سَڀ مَوجُود تو وَٽ، واهه! جهڙپي وَٽ وَلهار،
مُند مِيان! مَٽيو وَڃي ٿِي، جَلد جوڙو جوٽ جوٽ.

کِهڙا کِهڙا کِهر ٿيا، ڦَهري اَجل جو ڦُوت سَڀ!
سا نه سَهندو گهوٽ! تُنهنجو، ڪوٽ هِيءُ يَڪچوٽ چوٽ.

چِڪ مَهارُون ميندرا! پانئِين نه مُومل ماڙيان،
قَبر ڪُوڪُون ٿِي ڪَري، تُون گهر اِنهيءَ جو گهوٽ گهوٽ.

Gul Hayat Institute

دوست، دِلبر! ڏار ٿيندا، ڏُوڙ واري ڏَڙ مَٿان،
سَخت سارج سو سَفر، سُج جو سِناٽو سوٽ سوٽ.

اَگيرا اُلڪا گهڻان، 'احمد!' اَجهو ڳُولي لڌوم،
ڏِينهن قَيامت ءِ قَبر ۾، آهِه ڪَلمون ڪوٽ ڪوٽ.

*

رديف (ٿ)

**(١٢٢)**

ڏيهه ڪِهڙي ڏوهه ڇڏائِي؟ جِت ڏِينهَن کان ڏيٺ ڏيٺ،
هِت حَويلِيَن ۾ هِنيون، هَر روز هَي هَي! هيٺ هيٺ.

بَنگلا پَر ۾ نہ گُهرجن، آهِہ پُونگن ۾ پَرم،
قَلب ڪوٽن جي رَهڻ تي، پيو ڪَري نِت ڦيٺ ڦيٺ.

ڪَڻ مُربي ڪي، مَري رَهہ! مُون مَريڙو ياد پيو،
ڇا ڪَريان ميوَن مِيان! مُون لاءِ مَڪ ۾ ميٺ ميٺ.

ڪوڙ ڪاهُڙ ڏانهن ڪِيرُون، ڳوڙهہ ڳاگيون، ڳَمہ ڳِنڍير،
مُرت ماڻهوءَ جي مَٽي تي، پُرت ڪيڏا ٻيٺ ٻيٺ!

اَڄ اڪيَن آڏا ڦِرن، آڏائين جا آرڻ اَدا!
چيٽ ۾ نِڪرن ڇِيڙ، ۽ مِينهن مَوسم جيٺ جيٺ.

ساهہ ۾ سِڪ ساڌُهيَن جِي، سا ڌَهيِنءَ جِي رات اَڄ،
اَڄ اَهاها! اُو اوهيرو، آهِہ ٽَٽ تي ٽيٺ ٽيٺ.

سُونهن مُنهنجي جِنهن سُڻائي، سُومري ڪي سو مَري،
تا حَياتي بي حَيا جي، مُنهن تي ٻَئي هَٿ هيٺ هيٺ!

مِير! مَرضي آهِہ ڇا؟ مارِيِ مارُن جو مَرض،
ڇَڪ وِڇي ڇُهتي ڇَپائين، ڇاڪ پَئي هِت ڇيٽ ڇيٽ.

عُمر گُذري آسرن ۾، اَي عُمر! آخر ٻُڌاءِ،
هِن نماڻيءَ ڪي نِيَر، ڪِيندين نہ ڪِيندين نيٺ نيٺ؟

آب رُو 'احمد!' نہ ماڻين دَر اَحد جي آبرُو،
پَڙهہ اڪر اَلفَقرُ فَخرِي، بَن مَ سَٽ تي سيٺ سيٺ.

*

Gul Hayat Institute

(١٢٣)

هُيَم ڏِينهن گهٽان ڏيهہ ساري سين ڏيٺ،
نہ آيم مِٺا! ڪِنهن مَنجهان تُنهنجو ميٺ.

سُڌاريان نہ سُڌري سَوا تو سَرير،
وَڃي هِيءُ هِنيون پَوندو هَر روز هيٺ.

سَدا مُون کي سَعيو مِلڻ جو مُدام،
ڪَشي جِيئَن کُهڻ لاءِ بيٺِين تُون بيٺ.

بِرهہ ڪان بيٺي بَر ۾ مَجني مِثال،
مَٿان ماهہ موٽي ڏِنم چام! چيٺ.

چَڏيَم لال! لاهي اُميدُون عِلاج،
ڪَڍهن مانَ! چوئِين تہ پيو چاڪ چيٺ.

هَڙان مُنهنجي هارِي خوشي ۽ خَريد،
ڏِيِن سُور تُون کو سَنّي ساڻ سيٺ!

جِيارِيَس نہ ڪِنهن، ساڻ جِيءُ جِيءُ جَواب،
اُٿاريَس اَچي تو فَقط ساڻ ڦيٺ.

عِبادت بِي 'احمد' ڪَري چا قَريب!
نَظر ناز تُنهنجو نَفل آهِہ نيٺ.

*



Gul Hayat Institute

رديف (ث)

(١٢٤)

آهي آفت اک اِشارو، يا اِلاهي! اَلغِياث!
واهه! رَمزُون، واهه! غَمزا، واهه! غَمخواريون غِياث.

تُون سَلامت، آئون سَلامي، موڪليان سَئو سَئو سَلام،
بات مُنهنجي، رات رَهه، حاضِر بَتيون، بَيتُ الاَثاث.

ڪِل، جَزاڪَ الله خَيراً، خَير ڪَر خَيرات رات،
خَيرخواهي ٿي، پَلين پيو خار ماري خَر خَباث.

رات گهاريون رِيت موجب، رَس رِهاڻيون رُوح تي،
نيڪ صُحبت تا صُبح، وِچ ۾ نه ڪو ثالِث ثَلاث.

سال ساوَڻ ۽ سِيارا، صُبح سانجهي، ڏِينهن رات،
ڪِنهن به ويلي تُون نه وِسرين، وِسريَم وارِث وُراث.

مُلڪ موتين تي نِما، مَحمُود سان شامِل اَياز،
تُرڪ! تو لئي تَرڪ ڪِيا، مُون هَر طَرح تَرڪا تُراث.

آفتن وِچ ۾ اَڪيلو، آهه ’احمد‘ اَلاَمان!
اَلمدد اَلله! يا رَب! يا غَني! رَس يا غَياث!

*

Gul Hayat Institute

(١٢٥)

ڪِنهن بہ صُورت ساڻ صُحبت، تو سَوا آهي عَبث،
نُور مَهندان نار پُوڄڻ، نارَوا آهي عَبث.

سُک نہ ڪِنهن سان تو سَوا، سامهان سَوا لک جا سَوار،
تُون سَوا لک کان سَوايو، لک سَوا آهي عَبث.

نوش دارُون ڪُجهہ نہ ڪِيو، پَر نَبض نالي سان چُري،
دوست جي دِيدار ري، دِل جي دَوا آهي عَبث.

دوست ڌاران نارَوا، دِل جي دَوا، آب و هَوا،
گُلبدن گهرجيم، گُل جو واس وا آهي عَبث.

پاڻ پَردي پوش وارا، نَر پَکيءَ کي پوش پوش!
وا سَوا اُن جو وَنائڻ، واسَوا آهي عَبث.

سِڪ سَچي رَک ساهہ ۾، ڪَر سُڪ نِوائيءِ سُڪُوت،
چِڙ لڳي چَوٽي چوڙ تان، چَوچوا آهي عَبث.

آب اکيَن ساڻ 'احمد!' آبرُو، پَر اُن سَوا،
آبرُو، آبادِيون، آب و هَوا آهي عَبث.

*



Gul Hayat Institute

(١٢٦)

سَچي سَنسار جو جَبار وارِث،
مُلڪ ۽ مِلڪ جو مُختار وارِث.

اُين، يُونين، اُلهندي، اُڀرندي جو،
سَدا سائين سَنڀاليندار وارِث.

وَڃي سُڃ ۾ سُتا سَنجر، سِڪندر،
قِلعي ۽ ڪوٽ جو ڪَلتار وارِث.

سُڃون قارُون ڪاريو ڪارخانو،
خَزاني ڪُل جو خَلقڻهار وارِث.

ڪيَم واڪا وِيهي وِيجهو وِڃُهه ڪي،
نه نالي ڪاڻ ٿيو نِروار وارِث.

وِڙهيا وَرِڻ مَٿان سي پاڻ وِيڙا،
ڏِسان ڪُل ڏيهه جو ڏاتار وارِث.

ٽِليا جي صُبح دَم صِحنِ چَمن ۾،
گُهمي تِن مان نه مَنجهه گُلزار وارِث.

گهَٽان ئي گهوٽ ويا گهوڙا! گُذاري،
وَنيءَ جو واحِدُ القَهار وارِث.

پَڳا پيرا پَنّارن پاتين تان،
چَڏيئون پوين جو پالڻهار وارِث.



Gul Hayat Institute

وِيا وِڇڙي وِياءَ ڪَئين والدن کان،
يَتيمن جو نہ اَڄ ڪو يار! وارِث.

قَيامت ۾ ڪَڙا ٿيندا قَبيلا،
رَهي وارِث ڪَنان بيزار وارِث.

نہ ڪَر ڏاڍا! ڏِنگائي ڏيڊ ڏِينهن تي،
نہ لهندئي ڪو سُپاٽي سار وارِث.

وَڃي ڪانڌي ڪَندئي قابُو قَبر ۾،
نہ رَهندو گڏ ڏَٽيءَ کان ڏار وارِث.

سَڌر جو آهہ سَپڪو ۽ اڌر جو،
نہ ڪو غمثار ۽ غَمخوار وارِث.

ٻنان واحِد وِسارِيَمِ سَڀ وَسيلا،
اَحد 'احمد' جو اُهڪيءَ وار وارِث.

*

Gul Hayat Institute

(۱۲۷)

مِليا مَعشُوق ۽ عاشِق، عَبث آهي اَدا! ثالِث،
لهي وِچ چَنڊ چوڏهينءَ جا! نه گُهرجي سِج سَدا ثالِث.

سَجڻ آيو، نه سِج گُهرجي، ٿيئي وَسندي، نه وِچ گُهرجي،
نه هو سو اِڳ، نه اَڄ گُهرجي، فَنا فاني فِدا ثالِث.

مِلڻ جو شَوق شاڪِر کي، زِيارت بَخش ذاڪِر کي،
نه ڪَريون ٿيُن ٿياڪر کي، مَدد ۾ مَن مُدعا ثالِث.

اَسين گَڏ جاڻ گُل، بُلبُل، سَبق قالُوا بَليٰ قُل قُل،
هَلي هُو هُو سَندو هُل هُل، ٿئي جَلدي جُدا ثالِث.

اَسين جاني ٻئي جوڙو، ڳَلن تان بَند ٿيو ڳوڙهو،
ٻُڌي چو ڪِينَ ٿو ٻوڙو؟ سَندي ٻَڪرڻ ٻِدا ثالِث.

چوَن ٿا ذِڪر ۾ زاهِد، حَجر توڙي شَجر شاهِد،
نه خَلقي ٿو خُدا واحِد، نه ثاني يا سَدا ثالِث.

ڀَلو مُوسيٰ، ڀَلو عِيسيٰ، چَڱي جا ڳالهه چَئبي سا،
ٿلها ڪُل خَلق جا ڪِيسا، نه ڪِيئن هادي هُدا ثالِث؟

Gul Hayat Institute

ڇَڏيُم ثالِث ثَلاثت کي، خَبيثن جي خَباثت کي،
ڪنيو واحِد وَراثت کي، لَڏيو گهر مان گدا ثالِث.

اَحد ري ڪَڻ نه 'احمد!' دَم، غَني شامِل نه ڪِهڙو غَم؟
ڪَري الله اَوَل ڪَم، خَطا ڪونهُ خُدا ثالِث.

*

رديف (پ)

**(١٢٨)**

خَبر ناهِ ڪاڏس ڪِنهِن سَخت سَپ،
ڪِ وَرتو قَلب زُلف ڪاري جو ڪَپ.

چَڏيا وار چوڙي ڪُلهن سِر قَريب،
وِڙهڻ لاءِ واسينگ چورِنِ چَپ.

ڦِري ٿيم ساوا، سَجڻ! اڳ سَچا،
اَچي اوچتي ڪا وِيَم جهڙپ جَهپ.

ڏِسي ڏَنگ ڏاڍو، وَڏن وَس ڪَيا،
هَليو هَڏ نه ڪِنهن جو مَرض ساڻ مَپ.

اِنهيءَ وِهه وِهاريَس وِهاٽي وَجي،
تَپاسينِ ته به اِيءَ نه تَڪليف تَپ.

مِٺي مُحب ماٺِن سين مُرڪي مَگر،
وِڌو لُوڻ لالڻ، ٿَري ڪِينَ ٿَپ.

پَري ڪان ڪو پاڇو پَريَن جو پيو،
تُون خِلوت جو خَطرو رَکي خَر! مَ ڪَپ.

لَٺيان پوءِ نه ليڪِنِ ’احمد!‘ اَوير،
ڦُري دوست ويو دِل، ڦُريان پوءِ نه دَپ.

*

Gul Hayat Institute

ردیف (ق)

(١٢٩)

ساھہ، سَنڌيون سوز ساڙيا، مَنجھ ٻَري، ٻاھِر نہ ٻاڦ،
قُرب تُنھنجي قَلب ڪاڙھيا، مَنجھ ٻَري، ٻاھِر نہ ٻاڦ.

جل جُدائيءَ جا جِگر ۾، جِندڙو جھورِي جَھليو،
چاھہ تُنھنجي چِيھہ چاڙھيا، مَنجھ ٻَري، ٻاھِر نہ ٻاڦ.

ڪالھہ تَڙ تي تِير جِيئَن، تَن ۾ رَھيَم تارا ويھي،
اَڄ بہ گھايَل گھاٽ گھاڙيا، مَنجھ ٻَري، ٻاھِر نہ ٻاڦ.

تُنھنجي صُحبت لاءِ سُھڻا! سَئُو صُبح ڪيڙم ويھي،
اَڄ بہ لوڏي لال لاڙيا، مَنجھ ٻَري، ٻاھِر نہ ٻاڦ.

ڪوھہ ڇاڻان خود ڪُھڻ لئي، يا ڪَڇھريءَ لئي قَريب!
تو وَرائي طاق تاڙيا، مَنجھ ٻَري، ٻاھِر نہ ٻاڦ.

پيچ پِينگھي ۾ پيَم، پَر ۾ پُڇايان پيچرا،
ٻَر، جَبل، جَر، جَھنگ جھاڙيا، مَنجھ ٻَري، ٻاھِر نہ ٻاڦ.

Gul Hayat Institute

ٻَر وَڏوءِ ٻار ٻَرسر، ري پَتي پِيئَن جو ڪاڄ،
ٻَخت ڏِس، ٻُختي نہ پاڙيا، مَنجھ ٻَري، ٻاھِر نہ ٻاڦ.

آب اکيَن ۾ اَڇي پيو، نَبض نالي سان ڇُري،
تِن ڦُڙن ڪي ڦاٽ ڦاڙيا، مَنجھ ٻَري، ٻاھِر نہ ٻاڦ.

ٻاٻيهل! ٻانگي مَٿي، ڪَر ڪا چَڙهي چِينگار اَڄ،
ڪَن ٻُڌڻ لئي ٻانگ ٻاڙيا، مَنجهه ٻَري، ٻاهِر نه ٻاق.

وات تي وِهه جي وَٽي، مجنون پِيئو چَئي مَوج مان،
اَڄ نه ڪي ڳُڙ يار ڳاڙيا، مَنجهه ٻَري، ٻاهِر نه ٻاق.

دوست کي دَرخواست ڏِيندس، داد ڏِني کو دانهن جو،
هِن ڏُجهڻ ٻي ڏوهه ڏاڙهيا، مَنجهه ٻَري، ٻاهِر نه ٻاق.

آهه! رَهندم ياد ’احمد!‘ رُوبرُو عَهدو اَلست،
جيئَن پِرين پيغام پاڙهيا، مَنجهه ٻَري، ٻاهِر نه ٻاق.

*

Gul Hayat Institute

(١٣٠)

ڇا وَڃي تُنهنجو اَسان ۾؟ عَدُو اَبتر! تُون مَ رَڪ،
آئون سَندن، مَحبُوب مُنهنجو، مُفت مُنڪر! تُون مَ رَڪ.

مُون نَظر مَنجهه نازنين، مُون ۾ نَظر نازُڪ پِرين،
خُوبرُو خوش اِن ڪِلڻ ۾، خارجي خَر! تُون مَ رَڪ.

مال، سِر مِڙئي وِڃائڻ سان، مِلي مَحبُوب مَس،
ٻُول ڳَڻجڻ جِي ڳُهٽي ڪا، ڳهري سِر، تُون مَ رَڪ.

قُرب وارن تي ڪُتا، بيگاهه ڪَئين سي ڀَڪندا،
ڀَڪندا رَهندا بِلاشڪ، ڀَڪندن پَر، تُون مَ رَڪ.

جي اَٿئي قُربان ڪَرڻو، سِر مَٿان قَدمن قَريب،
پوءِ گِهڙ پِڙ ۾ پَتنگ پَروان وانگر، تُون مَ رَڪ.

اَڄ اَڏيءَ جي پاس آيو، هَٿ ڪَري ڪاتي حَبيب،
هِي ڪُهڻ جا ڪُوپ مُون تي، رَهه مُسافر! تُون مَ رَڪ.

آسرو 'احمد!' مَ لاهِج، عَفو مان اَللهُ جي،
رَحم ڪَندو رَب سَڀاجهو، روز مَحشر، تُون مَ رَڪ.

*

Gul Hayat Institute

رديف (ج)

(١٣١)

جِت سَڄڻ! تُون، اُت صَبر جو آهِہ ڪِهڙو اِحتياج؟
تِير ٿيا تارا، تَبر جو آهِہ ڪِهڙو اِحتياج؟

ڪَرِٺ ۾ قابُو اَچي، جيڪو ڪُسڻ ڪان ڪَئُو ڪَري،
بِرھہ ۾ اِن بي خَبر جو آهِہ ڪِهڙو اِحتياج؟

ڏَڙ سَندم ڇڏ دوست دَر، تان ڪَن ڪُتا ءِ ڪانگ قُوت،
قُرب وارن کي قَبر جو آهِہ ڪِهڙو اِحتياج؟

سُڄ، وَسنديءَ مان سَريکو، ٿو سَڄڻ جو ساءُ اَچيم،
باغ، يا بُستان، بَر جو آهِہ ڪِهڙو اِحتياج؟

سَئُو سُخن ساڄن سُٽايم، هو نہ جِنهن ۾ هِڪ حَرف،
پيش، زيرين، ضَم، زَبر جو آهِہ ڪِهڙو اِحتياج؟

ٿيون سَندم رِڻ ۾ رِهاڻيون، ساڻ حَيوانن هَميش،
مارڪي بِئي مُعتبر جو آهِہ ڪِهڙو اِحتياج؟

ڪِئَن لِکان تو پار پُرزو؟ پاڻ ٿياسُون هِڪ پِرين!
پاڻ ڏي خَط پَٽ خَبر جو آهِہ ڪِهڙو اِحتياج؟

عَرض ’احمد‘ جو نہ مِل، اَڳِتي اَوهان جو اِختيار،
تو سَمُهون جاني! جَبر جو آهِہ ڪِهڙو اِحتياج؟

*

Gul Hayat Institute

(۱۳۲)

سِج، سَجڻ! توسان، قمر جو آهِ ڪِهڙو اِحتياج؟
ڪَڻ خُماريَل اک، خَمر جو آهِ ڪِهڙو اِحتياج؟

مُنهن مِٺا مَنٺار! تُنهنجو، ٿيو مِڙئي مُصحف مَجيد،
سُور زُخرف ۽ زُمر جو آهِ ڪِهڙو اِحتياج؟

مُحب ماراءِ نه مُون ڪي، مُون ۾ آهين تُون مُجيب!
ڏِيل پَنهنجي تي ڏَمر جو آهِ ڪِهڙو اِحتياج؟

ٿا مَرن مُشتاق مَهندئي، ٿِين تان هِڪ سين حَبيب،
اُن ڪي اِن بابت اَمر جو آهِ ڪِهڙو اِحتياج؟

عِشق آيو جِن اَندر ۾، اُج بُکُون تن آجڪو،
سِڪ سَوا پڻ ٻِئي سَمر جو آهِ ڪِهڙو اِحتياج؟

چيو مِني مَحبُوب مُون ڪي، مَر ته ميلو ماڻِيين،
هاڻ 'احمد' ڪي عُمر جو آهِ ڪِهڙو اِحتياج؟

*

Gul Hayat Institute

(۱۳۳)

بُڌم گوڙ جِي طرف گُجرات گاج،
اَباڻن لٿو آب جو اِحتياج.

پَڳهہ پوک پَڳ پَڳ، ٿيئي پُر پُراڻ،
مُنگها، مُرٽ، مُونون اَسان جو اَناج.

ڪِيان ڪَندِ خُشڪا تہ خُشڪي ڪَٽي،
اَسان ڏوٿِيَن لاءِ ڏُٺ آهِ ڏاج.

سَڳيون مُنهنجون سَڳڙا ٻَڌن ٻانهن ۾،
اَدا! عاجِزن ڪي لڳي عَيب عاج.

هِنيون هِير هيراڪ، حَيران هِت،
نہ پورِي، نہ پِيني، نہ ريشم رَواج.

هَلن هِي نہ هِيٺِن تي هاٿان هَمير!
ڪَڌهن ساڻ تَختي بَدل تَخت تاج.

مِلان ماڙوئن، ماڙِيَس ماڙِيَن،
عُمر! مُون اگهيءَ جو اِهوئي عِلاج.

ڏِسان شال! ڏيهي، ڌُهي ڌُڌ پِيان،
مَهيءَ ري نہ مُنهنجو مَزي ۾ مِزاج.

اکيَن آب اوتيو، اَندر ۾ اُڪير،
عَرب ڏانهن 'احمد!' هَليو اَڄ حُجاج.

*

Gul Hayat Institute

(۱۳۴)

مُحب! ڪِنهن موقعي مُناسب تي مُلاقي ٿِي وَڃيج،
سُرڪ ساغر لئي سَڄڻ سَنبهار! ساقي ٿِي وَڃيج.

سِڪ وِڏم سَڪرات ۾، سوڙهو هِڪيءَ کي ساهه پيو،
ناهه بِلڪُل ڪا بَچڻ جِي، آس باقي ٿِي وَڃيج.

ڪِيئَن بَچان تو ري بَچين شل! پَر بَچان جي تُون اَچين،
تُرت تُون تِرياق کو، آڄ عِراقي ٿِي وَڃيج.

ٿِئين سَڄڻ! سالن جي پَند تي، شال! توسين سَڌ سُڃيم،
بَند تُنهنجي طاق وَٽ، طاقت جِي طاقي ٿِي وَڃيج.

دوست! توکان دُور ٿيو، پيو دِل ۾ دوڙايان دَليل،
مانَ! فَرمُودو ڦِري، فَردا فِراقي ٿِي وَڃيج.

مُون مُئان پوءِ ڇا ڪَندين، مِٺڙا! مِٺيءَ جي دير تي؟
عُمر ۾ 'احمد' وَٽان، اَرڏا! اوطاقي ٿِي وَڃيج.

*

Gul Hayat Institute

(١٣٥)

چَڙهہ مُحب! مَسنَد مَٿي، مِڙ مُلڪ جو مَهندار هُج،
سِر تي سونو ڇَٽ رَکي، سَڀني سَندو سَردار هُج.

ناهِہ ساجن! تو سَوا، جِنهن کي سَڏيون صاحِب ڪَري،
آءُ مِيان! موڙي مَيو، مِڙني مَٿي مُختار هُج.

تُون اَسان جي شَهر جو ٿِي، شاهہ سُهڻا! شَهريار،
سَڀ اَسين تُنهنجا سِپاهي، تُون سِپهہ سالار هُج.

مُون هِنيين ۾ هَنڌ تو لئي، تَخت پائي ڪِيو تَيار،
تو جُڳائي بِي نہ جاءِ، مَنجهہ جان، جانِب يار! هُج.

سارِيَم تان سال سارا، مَنجهہ رُسڻ راڻا! لنگهيا،
اَچ پِرين! پَرچاءُ ڪَري، ڪو پَهر وَٽ پينار هُج.

نيڻ نَرگس جي نَموني، وار سُنبُل گُل مِثال،
گُل گَهڻان تو وَٽ لِڳا، هاڻي گوهر گُلزار هُج.

آهِہ عالَمَ تو بِنان، اَنوَر! اُونداهي رات هيٺ،
رات اِن ۾ چاڳِلا! تُون، چَند چِٽي چَمڪار هُج.

دِل ڦُرڻ جي لاءِ دِلبر! آهِہ داڻو تِر دَوام،
زُلف کي فَرماءِ، مَٿس فِي الحال ڦاهيدار هُج.

آهِہ خُوبيءَ جو خَزانو، مُنهن سَندئي مَحبُوب! ڪُل،
چَوسري کي چَئو نہ تُون، چَوکي مَٿس چوڪيدار هُج.



Gul Hayat Institute

فَوج اکيَن جو اِشارو، تِير ڪَر تارن مَنجهان،
زِرهہ پائي زُلف جِي، جَنگي جَوان جُونجهار هُج.

وات پاڙي ٿيو ڏِسي، اَڄ وار وَرِيَل مُنهن مَٿان،
وار جِيئَن ويجهو ٿِئِين، تان وار جِيئَن هَر وار هُج.

رَهہ پَلائيءَ ساڻ پيڙو، نہ تہ بہ پيرو ڪِيمَ پَچ،
دِل وَٺي دِلبر! نہ تُون پوءِ، ڏارِيَن جِيئَن ڏار هُج.

هِت خَتم خُوبي تہ، هيڏي خاتمُ الشُعراءِ خاص،
هاڻ ’احمد!‘ آخرت سِين، سِند مَٿي سالار هُج.

خَلق ۾ خالِق ڪِيوئي، خاتمُ الشُعراءِ خاص،
هاڻ ’احمد!‘ آخرت سِين، سِند مَٿي سالار هُج.

*

Gul Hayat Institute

ردیف (ج)

(١٣٦)

سَئو شُڪر صاحِب سَندا، ٿِي شان سان شادي بہ اَڄ،
گهوٽ آيو گُل ٽِڙيا، گُلزار ٿِي گادي بہ اَڄ.

مَنجهہ چَني چِٽڪار ٿِي، عَطر، عَنبر ۽ مُشڪ جِي،
واسجي جِنهن سان ويا، وَڻڪار ۽ وادي بہ اَڄ.

Gul Hayat Institute

رَنگ رَچي ويا راڄ ۾، رَحمت وَسائي پاڪ رَب،
هَر طرف هَرجاءِ هَنڌ، هَمراهہ ٿيو هادي بہ اَڄ.

ٿيون خوشيون ڪُل خَلق ۾، اَڄ خوش خُدا، خوش مُصطفيٰ،
ٿِي ويئي ’احمد!‘ اَچڻ سان، عام آبادي بہ اَڄ.

*

(١٣٧)

گُلبدن گوشي ۾ مُون سين، گڏ گُذارِي رات اَڄ،
وِرهه وَرهن جا لٿا، ٿِي وَصل وارِي رات اَڄ.

هيڪ ويجهو هِڪ نه ماڻهو، ٻيو مِليو هِڪڙو حَبيب،
ڪاڻ مُون بيدِل بَڻي، بيحد پَلارِي رات اَڄ.

سِج لٿي ڪان پوءِ سَجڻ ڪِيا، جَڳ سَجي تي سوجهرا،
اوچتو روشن اُهاءَ سين، ٿِي اَنڌارِي رات اَڄ.

رُوح راحت ڪي رَسيو، ٿيا رَس رِهاڻيون ريل ۾،
عِيد ڪان اَفضل مُون ڪي، الله ڏِيارِي رات اَڄ.

دوست دِلبر ساڻ ڪوليم، داستانا دَرد جا،
ٿيو سُٺائيندي صُبح، مُون سُور سارِي رات اَڄ.

مُنهن ڏِنم مَحبُوب جو، يا هِيءُ مُنوَر ماهه آهه،
ڪار هُئي ڪاڪُل سَندي، يا پيئي ڪارِي رات اَڄ.

گُلبدن جِي گهور مُون تي، گهاءَ گُرزن ڪان وَڌيڪ،
قَلب ۾ ڪُنديَن سَنيَم، قابُو ڪَٽارِي رات اَڄ.

Gul Hayat Institute

نازُڪن ڪان ناز سُونهي، نِينهن وارن ڪان نِياز،
پاڻ ۾ مُون ۽ پِرين، اِيءَ پِرت پارِي رات اَڄ.

موڪلائي ٿو مِنو مَحبُوب، مُون مِسڪين ڪان،
خواب ٿِي ويا خور، خُدا جو قَسم ڪارِي رات اَڄ.

مُون وَٽان آهي وَڃڻ وارو، وِهاٽيءَ ويل دوست،
ڪَر وَڏي اَي بادشاهہ، بي مِثل بارِي! رات اَج.

حال ڏيکاريمَ هِنيين جي هار کي، هاري هَنجُون،
عِشق باريءَ سان ڪَئي، مُون اَشڪ بارِي رات اَج.

شال! سِڄ اُپرڻ ڪَنان اَڳ، ڳالهہ ۾ ايندو عَجيب،
آهِہ ’احمد‘ جي اَڱيان ٿِنهن، آهہ زارِي رات اَج.

*

Gul Hayat Institute

(١٣٨)

آهہ ڪو سالڪ سَچو؟ نِڪري ٿئي نِروار اَچ،
سَڏ ٿيو سُوريءَ مَٿي، ڏِئي سِر اَچي سالار اَچ.

شاهزادي شَهر جي وِچ، ڪَئي سِڻاءُ سُوريءَ سَندي،
هَٿ ڪَڄن پيا آءُ هيڏي، مَيَ حُڪم هيڪار اَچ.

سِر ڏيڻ تي سَڏ ٿيو، آهي صَليبيءَ تي صَلاح،
تُرت ٿِيبو تِنهن طَرف، تَڪڙو چَڙهي تَڪرار اَچ.

مَهل اِيءَ موٽي نہ ايندي، واهہ! جهڙو آهہ وَقت،
پاڻهين مِڙ مُلڪ مَرندو، مَر هَٿان مَنثار اَچ.

آهہ اِيءُ اِنصاف تُنهنجو، گهائجين هَٿ ڪان حَبيب؟
باب ناهين بِرهہ جي جو، ٿي پَچي بيزار اَچ.

ناهہ دَعوا دَم هَڻڻ جِي، دوستي دِلدار سان،
سِر تي شَمشيرُون شَهادت، چَمڪنديون چوڌار اَچ.

قُرب ڪافي آهہ پيو ڪَم، ڪَنڌ مَٿي ڪاتيون سُجن،
بِرهہ بازي ناهي، ڪَپبا باز وِچ بازار اَچ.

عاشِقن تي عِشق بابت، آهہ بينو اِمتحان،
دوست گڏجڻ دُور ٿيو، تا ٿِين سِر ڏَڙ ڌار اَچ.

هَڏ ڪَٽي ڪانيءَ تي، ڪاتي مُحب وِجهندا ماهہ ۾،
مَڙهہ ڪي آٽي سِر اَڏي، اَڏ اَڏ ڪَندا آڏار اَچ.

Gul Hayat Institute

ساهه ويو پَر بُت سَجو، چَٽڪي ڪَندا ذَرڙا ضَرُور،
پوءِ ڪُتن، ڪانگن ڪي ڏِيندا، يا ڪَندا ٻِي ڪار اَج.

توڙ ٿِئي تَڪبير ري، ٻَڪري نہ رِڊِ پڻ هَڏ حَلال،
آءُ مَٿي اَللهُ اَڪبر، مَر مَ ٿِي مُردار اَج.

آهِہ 'احمد!' عِشق مِ، ڪورڙ ڪُلهن تان ماهہ ڪَم،
وَقت ٻَروي جو لنگهيو، بيٺو اَسان سِر بار اَج.

*

Gul Hayat Institute

(۱۳۹)

مُنهن موڙي مُون ڪنان، ڪِيو مُحب واري هيٺ اَجِ،
آئون نَظر ڏانهس ڪريان، نازُڪ نِهاري هيٺ اَجِ.

بَخت وَريو پُونءِ سَندو، جِنهن تي قَدم پاتا قَريب،
ڏَڙ دَفن مُنهنجو بہ هوءِ ها، ڌُوڙ ڌاري هيٺ اَجِ.

هيترِيون سالُون سَلامت، هو اَسان جو ڏيهہ اڳِ،
تُنهنجي ماڻن کان مَگر، پيو مُلڪ ماري هيٺ اَجِ.

مَنجهہ ڳلي بينا ڳِلن تي، ويس اِهڙي ساڻ وار،
نانگ ڪارا ڪر رَهيا، چَنڊ جي ڪِناري هيٺ اَجِ.

سُک قِتامِ سُور نَين، ناهي پُراڻي جي پَچار،
نَوِبنو نيزا چِٽي، نازُڪ نِظاري هيٺ اَجِ.

مَهند توکان مُحب! هُئا، هِن مُلڪ کان وَڌ مُلڪ بيا،
ٿِي سَجڻ! سامائي تُنهنجي، سِنڌ سُڌاري هيٺ اَجِ.

سِج لٿو سانجهي ٿِيئي، تارا ڪٽان تارن طَرف،
هوت هِينئڙي نار هُوندم، هُن سِتاري هيٺ اَجِ.

ڪُوڙ جو لاچار ڪِهڙو؟ سُڻ وَٽان مُون صاف سَچ،
دِين جو دِيدار ماڻيم، ڪُفر ڪاري هيٺ اَجِ.

مُحب مُنهنجي ساڻ بيو ڪو، ناهِ شاهيءَ ۾ شَريڪ،
آهِہ سارو جَڳ سَچو، ساجن سُونهاري هيٺ اَجِ.

غَم رَسيو غَمزن مَنجهان، گُهنڊ گُهور سان گهائي وِڌم،
مُنهن اَنبُوريءَ جي چَڙهيو، ’احمد‘ اِشاري هيٺ اَجِ.

*



Gul Hayat Institute

رديف (جهہ)

(١٤٠)

جُدا جوت جَلوَن ۾ جاني سَمجھہ،
سَدا ٻيو سَندس ڪو نہ ثاني سَمجھہ.

اِجها ڏِئي اُهاءَ رات آڏيءَ اَندر،
اِهي پار پِريان پيشاني سَمجھہ.

چِڳائيءَ جو چِمڪي نَڪُ مَنجھہ نِراڙ،
حُسن تِنهن جو حِڪمت حَقاني سَمجھہ.

ڪَتيون، قُطب، تارا، قَمر، شَمس ڪُل،
جَهڪا ساڻ جِنهن جي جَواني سَمجھہ.

ٻِئو مُنهن ماڻُن سين موڙي مُحب،
مَٿي دوست اِن، دِل دِيواني سَمجھہ.

نِهوڙي نِسورو، نِهاري نہ دَم،
سَندس ناز جِي اِيءَ نِيشاني سَمجھہ.

وِڌي اَج وَري جا اکِيَن ۾ عَجيب،
اِهو ڪان آهي، نہ ڪاني سَمجھہ.

ڪَڙي ۾ ڪَڙيان پوءِ ڪَڙا ٿيم ڪاج،
زَهر زُلف ڪان زِندگاني سَمجھہ.

Gul Hayat Institute

ٿيو جاڙ مُنهنجو جِيئڻ مَنجهه جَهان،
قَٿَيل اِيءُ ڦوڙاءِ ۾ فاني سَمجهه.

رِيهُون ڪَئم رُوحان روئي رات رَت،
ذَرو سي نہ زاريون زَباني سَمجهه.

قَسم سان ڪُسان جي هَٿان تو حَبيب!
مِٺا! اِيءَ مَٺم مِهرباني سَمجهه.

عَجب ويڙ ’احمد‘ چَئي تُنهنجا عَجيب!
رُڳا راز رَحمت رَباني سَمجهه.

*

Gul Hayat Institute

(١٤١)

دَمِ بَدمِ ڏِئي دِل دَرِيَن مان، ڏَڪ دونالِيءَ لاءِ وَجهہ،
گُهور لئي وَجهہ، گهاءُ لئي وَجهہ، گوشمالِيءَ لاءِ وَجهہ.

گهورِيو گوشي ۾ گَڏجڻ، گهورِيون سَرگوشِيون،
دوست دِلبر ڏِئي نہ دَمِ، دِيدار خالِيءَ لاءِ وَجهہ.

ڏِينهن ڏِني ڏاڍا ٿيا مُون، مِينهن وُٺي موٽيا نہ مُور،
ناهِہ نيڻن کي نَوازش، نَيڻ نِرالِيءَ لاءِ وَجهہ.

دَمِ بَدمِ دَر کي قِران، دَربان دانهِن دُور دُور،
دُور ڳوليان دير کان، دَربار عالِيءَ لاءِ وَجهہ.

شامِ شايد شِڪل وارن، صُبح صُورت جو شُعاع،
هَر صُبح ۽ شامِ، صُحبت جي سَوالِيءَ لاءِ وَجهہ.

ويو سِڪي جنهن لئي سِڪندر وات، اُو آبِ حَيات،
اَي پِيارا! ڏي پِيڻ جو، هِڪ پِيالِيءَ لاءِ وَجهہ.

قَد اَلف، اَللہ اَڪبر! حَرف بِسمِ اللہ پِرُون،
مُنهن مُنوَر مِثل مُصحف، نيڪ فالِيءَ لاءِ وَجهہ.

هِير هِيءَ تُنهنجي هِنيون ٺاري، هِنيِن جي هار جِيئَن،
مِينهن! تُنهنجا ڏِينهن ٺڌڙا، واهَ وِصالِيءَ لاءِ وَجهہ.

هيل تائِين حالِ مِسڪين، خالِ مُشڪين جي مِثال،
هُت نہ ڪو هَرگز ٿيڻ، حالي حَوالِيءَ لاءِ وَجهہ.

Gul Hayat Institute

ساهه سانوَلڙن سَوا، سانوَڻ نه ساوڪ ۾ سُکي،
ري قَرين ڪِٿ به گهارڻ، قَحط ساليءَ لاءِ وَجهه.

مُون سُڏايس سُور، سُهڻي گهور سُوريءَ ڏي سَجي،
لُطف لَذت لازميءَ جو، لا اُباليءَ لاءِ وَجهه.

ڪانگ ڪانگورا ڪَرڻ ۾، ڪائرن ڪَرڳل ٻَڌا،
بُلبُلن لئي بَند اَچ، بانگِ بِلاليءَ لاءِ وَجهه.

صُبح سِج جو سوجهرو، خوشبُوءِ ڪَٿُوري خاصيَت،
نازُڪن جِي نازڪي، نازُڪ خِياليءَ لاءِ وَجهه.

واهه 'احمد!' آفرين! شاباس تُنهنجي شِعر کي،
گُل قَرين جُون ڪَچهريون، ڪُل قَواليءَ لاءِ وَجهه.

*

Gul Hayat Institute

(١٣٢)

ساهہ سالن کان سِڪي ٿو، وَر سَڀاجها ۽ سَبوجهہ!
ياد ڪريو يار! واهِن آب اکين مان اَبوجهہ.

گُل ڏِسان، گوهر ڏِسان، گَهر گَهر گُهمان، گُوندر نہ گهٽ،
رُوح رانجهن ري نہ ريجهي، جِيئَن نہ ريجهن روجهہ روجهہ.

دُور دِلبر دير کان، دَرين مَنجهان دِيدار کو،
سوجهري سانجهي صُبح، مَنجهہ ساهہ لائي سوجهہ سوجهہ.

آءُ اَجها! اوجر اکين جاءِ لاهِہ اوجهر اوجهراءِ
ڏِس اِجهو تو ري اُجهن پياءِ مَنجهہ اَجهورن اوجهہ اوجهہ.

سوپ سَيڪائي صَبر ۾، بي صَبر بُک جي بِليءِ
جُنجهہ ڪِهڙي جاجهہ ۾؟ خالي جَجهن کي جوجهہ جوجهہ.

بَخش 'احمد' کي اَحد! اَندر سَندم آباد ڪر،
ٻاجهہ ري ٻاجهر نہ ٿِئي، دَل ۾ ٻَڏائن ٻوجهہ ٻوجهہ.

*

Gul Hayat Instutute

رديف (ج)

(١٤٣)

موڪلائي مُون پرين! مُون کي مُحب! ماري مَ وَڃ،
مَڃ مجازن جا مَتم، ٻَر ٻَر ٻيهر ٻاري مَ وَڃ.

مُون کي صُحبت تُنهنجي سُهڻا! آهي صِحت ساهه لئي،
گَڏ گهڙيون گهاري، گهنگهر جا ڏِينهن ڏيکاري مَ وَڃ.

مُنهنجي مارڻ لئي مَگر، آهين سُپا سَنبريو سَفر،
پَرڏيهيءَ سان پَر اِها، پَرمل پرين! پاري مَ وَڃ.

مَڃ مِنت مِسڪين جي، مَحبُوب! ماڻا ڪيِمَ ڪَر،
ناز نيڻن کي ڏِياري، ڳهر سان ڳاري مَ وَڃ.

مَن نه ٻِيدين جي مِٺا! مُون مَحبتي مُحتاج سان،
ته به حُڪومت تي هَلي، هيڏو حَشر ڪاري مَ وَڃ.

رَهه اَسان جي راج ۾، راڻا! ته تي ڪي راتيون،
سِڪنديون سَڪرات ۾، ڍوليا! ڇڏي ڍاري مَ وَڃ.

ويهه پرين! تان ٽِين پُورا، مُنهنجا پويان هِي پَساهه،
واڳ ويراڳيءَ تان اڳ، وو وو سَڄڻ! واري مَ وَڃ.

دوست! پُڄندم دَم، اِنهيءَ دَم، دَفن ڪيو دِلبر وَڃيم،
مَنجهه جَنجل جِيئري وِجهي، جانب! جُدا ڪاري مَ وَڃ.

مَڙهه مِٽيءَ پيڙو ڪَري، پوءِ مُحب! موڪل آهِنئي،
دِل گُهريا دِلبر! ڇڏي، هِيءُ ڏَڙ ٻِيَن ڏاري مَ وَڃ.

عاقِبت 'احمد' ڏِنون، اَرواح اَهنجي دَر عَجيب!
رَک ڪَنڌاءِ خاڪ ۾، ٽاڻو اِهو ٽاري مَ وَڃ.

*

Gul Hayat Institute

(١٤٤)

دوست هَمدمِ! بيهه دَمِ دَمِ، دَمِ ڏِيان تُون پوءِ وَڃ،
ڪَر ڪَرمِ، قُربان قَدمن تان ٿِيان تُون پوءِ وَڃ.

ڳُجهه اَندر جو اورِيان، گُل گهورِيان، ڦُل ڦورِيان،
تو اڳِيان تُحفا رَکان، هَڏ، چَمِ، هِنيان تُون پوءِ وَڃ.

ڪَئي جِيارڻ جِي نہ جاني! گڏ جَنازي ڪان جَواب،
پاڪ پيرن ۾ پِيالو، پُر پِيان تُون پوءِ وَڃ.

ڪاريهل ڪارا ڪُلهن سِرِ، ڏَڪ هَٽن، دِل ڪي وَٽن،
نوش تِن جي نيش مان، نَئِين لئي نِيان تُون پوءِ وَڃ.

ڪُجهه نہ اَي مَغرُور! مُنهنجي مَغز کي ڪِيو مَغزيات،
خاڪ قَدمن جِي ڪَٿُوري، کِهه کِيان تُون پوءِ وَڃ.

رُوح راڻي کي رِهاڻِيَن بَعد، روئي رُوءِ چِيو،
بيهه تہ بُت پويان پَکيَن کي پَرِنيان تُون پوءِ وَڃ.

ڪيترو تَرسان مَ پُڇ؟ پاڻان پَرُوڙين ٿو پِرين!
ٿِي مَ تُون جاني! جُدا، جاسين جِيان تُون پوءِ وَڃ.

آهِہ 'احمد' جو عَرض، ڪَر مُنهنجو غَمزي سان غَرض،
مُنهن مَ جِيئَري موڙ، ماري مُون مِيان! تُون پوءِ وَڃ.

*



Gul Hayat Institute

رديف (چ)

(١٤٥)

اَنجام اَنجُمن جو اَچي ويو، عَجيب! اَچ،
قُربان جان قَدم قَدم تان، قَريب! اَچ.

اکين کي اِنتظار اَچڻ جو، اَچي نه ننڊ،
حَيران حال، حَيف حَياتي، حَبيب! اَچ.

پانيان نه باهِه بِرهه جي بيمار ڪِيو بَدن،
تَپ ناهِه، پيو تَپاس طَبيعت طَبيب! اَچ.

بُونڊون بَهار باغ تي، بُلبُل جي وات بات،
خوش رَهه نه خِزان ٿي خَتم، خوش نَصيب! اَچ.

خَط خال مُون خَيال ۾، خالي پڙهين تُون خَط،
تُون خود خَطا، نه ٻِئي جي خَطا تي خَطيب! اَچ.

مَحبُوب مِهر سان مُلاقات اَچ ڏِني،
سَڄ رُوح جي رِهاڻ ڏِسي، رَق رَقيب! اَچ.

ڪوڙين ڪنڌي ڪَرِ! ڪِرايي ٻِنان ڪَرين،
مُون کي به چَئو، غُراب چُٽي ٿو غَريب! اَچ.

لائق هِتي نه لاڏ، چَڏي ڏي لَکن جي لوڏ،
'احمد!' اَحد جي پيش، اَدب سان اَديب! اَچ.

*

Gul Hayat Institute

(١٤٦)

جي پَتنگ چائِن ته پڙ ۾، هُو پَچن ٿا، تُون به پَچ،
مَوج سان مَچ تي اَچن، مَچ تي مَچن ٿا، تُون به مَچ.

مَحفلِ مَيخان ۾، موڪُون مَزا، موڪل مُدام،
ناز نَخري ساڻ ناچُو، نِت نَچن ٿا، تُون به نَچ.

خَلق خوشبُوءِ خاڪِ دَر سان، مُنهن ڏِسڻ سان مُلڪ لال،
گُل رَچن، سُنبُل رَچن، بُلبُل رَچن ٿا، تُون به رَچ.

نوڪ نيڻن ناز سان، نازُڪ هٿن نيزي مِثال،
پيچ مَ پالي ڪان، پلا جي بيا بَچن ٿا، تُون به بَچ.

عِشق آهي بي اَدب، پَر بي اَدب جا هَند بيا،
بي اَدب ’احمد!‘ اَدب سان، هِت اَچن ٿا، تُون به اَچ.

*



Gul Hayat Institute

(۱۴۷)

سَچو سالِڪ سَڏائين جي، تہ سَچ پَچ، مَچ تي اَچ، رَچ پَچ،
مَچائي مَچ محَبت جو، ڪو مَچ مَچ، مَچ تي اَچ، رَچ پَچ.

قَدمِ پَردي اَندر پائين، تہ ڳالهيون ڳوٺ سان ڳائين،
پَتنگ جي پاڻ کي چائين، تہ پَچ پَچ، مَچ تي اَچ، رَچ پَچ.

قَمر جِهڙن ڪَمر ٽوڙِي، ڦَٽي ڦوڙاءِ دِل ڦوڙِي،
نِڙيءَ ۾ نِينهن جِي نوڙِي، تہ نَچ نَچ، مَچ تي اَچ، رَچ پَچ.

هِنيون حَيران هَي هَي! هُت، اُها ڪِهڙا اَهاها! اُت،
بَچين شل! چو بَچائين بُت؟ نہ بَچ بَچ، مَچ تي اَچ، رَچ پَچ.

مِنو محَبُوب مِليو مُون، مَچي پُونءِ ۾ مَتم پُون پُون،
سَچو آهين سُخن ۾ تُون، تہ سَچ سَچ، مَچ تي اَچ، رَچ پَچ.

ڪيَم هِن حُسن هِهڙا حال، لَب لالڻ جا لَعلُون لال،
ڳَري آهي ڳَلن جِي ڳال، ڳَچ ڳَچ، مَچ تي اَچ، رَچ پَچ.

عَجب سِينگار سُبحاني! لبن کي رَنگ رَيحاني،
وَڻين جي رَنگ رُوحاني، تہ رَچ رَچ، مَچ تي اَچ، رَچ پَچ.

سَجڻ يا سِج سَنديون راسيون، وَليون وارن سَندن واسيون،
اَٿئي ’احمد!‘ اَندر آسيون، تہ اَچ اَچ، مَچ تي اَچ، رَچ پَچ.

*

رديف (ڇ)

(١٤٨)

سَڄڻ يار جِي سُونهن صُورت مَ پُڇ،
نہ جِهڙس لِپي مُور مُورت مَ پُڇ.

سَندس سُونهن صُورت جِي ساراهہ مِ،
سَوين سُورتون، هيڪ سُورت مَ پُڇ.

مُلاقات محبُوب جِي جُون مُدام،
سَوين صُورتون، هيڪ صُورت مَ پُڇ.

سَدا شَهر روشن شَمعدان ري،
اِهو شَهر بيو، شَهر سُورت مَ پُڇ.

اَٺم ساهہ هِڪ پَر سَڄڻ جي گهُرن،
نہ پَنجاهہ پُوريءَ جِي پُورت مَ پُڇ.

حَقيقت سَندي حال گهُرجي حَبيب!
نہ راٺا! پَسي رُوبرُو رَت مَ پُڇ.

ڪَڏهن ڪونہ ڪَرهل مَٽيو ڪاڪ تان،
قَضا سان پَئي ڪا ڪَدُورت مَ پُڇ.

اَئي پَهر ’احمد‘ اَچي آس پاس،
زِيارت ڪَري پيو، ضَرُورت مَ پُڇ.

*

Gul Hayat Institute

(١٤٩)

چَنون چَيچ، اَچو اَچ، ٻه ڏِينهن مَوج مَچ!
وَٽي مار ماٺو، وَٽي مار وَچ.

اَٿي ڏِينهن ڪو ڏيد ڏاڊائيون،
پَلين مار مارِي! پَلين رَند رَچ.

ڦِرڻ ڏِئي نه ڪِنهن گِرد گِرداب جي،
اَٺوريو وَتين پَر نه اَٺ ڏِينهن اَچ.

ٿُلهو ٿِي تو ٿُونان تُون هِيٺِن هَٽِين،
ڳَندا ڪار توسان پَڇاڙِيءَ ۾ پَچ.

پِرهه ساڻ پاٽي نه سَر ۾ سُتي،
سَوِيرو صُبح تو مَٿي پِيڙ پَچ.

نڪي گوڙ گِرداب، ڪَرڳِل ڪُنن،
نه چانچر چَنن ۾، نه چولي، نه چَيچ.

شِڪارين جو شُوڪو لڳو تو پُنيان،
هَنيا راڇِيَن رَچ، پَکيڙِيُون پَڇ.

*

Gul Hayat Institute

(١٥٠)

جي ڪُهن نہ بہ ناءِ ڪَندَ تُون، آئي ڪاتي ڪِيمَ ڪُڇ،
ٿِين حاصِل هَٿ سَندن، بيو ڪوءِ! حَياتي ڪِيمَ ڪُڇ.

ماهيَت مُوتُوا سَندي، مُون، تُون ڪَنان موٽي رَکيام،
ٿيئي وَعدي جِي وَفائي، مَنجهہ وَفاتي ڪِيمَ ڪُڇ.

مَن مِٽي مَحبُوب نِيو، مُوران نہ سَگهندو سو مِلي،
ڏيئي هِنيون هَٿ حاڪِمن جي، ٿِي حُجاتي ڪِيمَ ڪُڇ.

ڪوهہ ڏُونگر ڏورِيين؟ ڪوهہ ڏُک پِٽين؟ ڪوهہ ڏاڪڙا؟
جَت اِنهيءَ جُوءِ ۾ اَٽئي، تُون پاءِ جهاتي ڪِيمَ ڪُڇ.

مُنهن مارِگ ڏي ڪَري، مَرندِس، نہ وَرندِس وَر بِنان،
وِيَمِ ڪوهيارل ڪَري، بيوَس بِلاتي ڪِيمَ ڪُڇ.

خان آهي خُون ۾ اڳ، پڙ پيَمَ ٿِي خود خَيال،
ڏي خَبر اَج خاطري، تان چَئَمَ خاطي ڪِيمَ ڪُڇ.

پِي پِيالو پُر ڪَري، ’احمد!‘ اَجل جي هَٿ ڪَنان،
زَهر اِن ۾ آهِہ ظاهِر، ذَوق ذاتي ڪِيمَ ڪُڇ.

*

Gul Hayat Institute

ردیف (ح)

**(١٥١)**

ميڙ مُون يا مار، توکي مُنهنجو مارڻ ئي مُباح،
دِين دُنيا ۾ تو جِهڙو، دوست ڌارڻ ئي مُباح.

هَنج مُنهنجي ۾ نہ هَي هَي! هَنج جِهڙي ڪِج هُجي،
هيج مان پوءِ هِي هَنجُون، هَر روز هارڻ ئي مُباح.

باغ گُل گُل، مُلڪ موتي، ڪَٽ نَڪٽ اُپ ۾ اکٽ،
پيا وِساري سَڀ وَرُون، تو ساڻ وارڻ ئي مُباح.

تو سَوا سانوڻ جِي ساوڪ ۾ نہ سانوَلڙا! سَواد،
تو بِنان بَغداد توٽي باغ ٻارڻ ئي مُباح.

جِيءُ جَفا جي وَقت، ناجائز بہ جائز ڪُجھ جُزو،
لَب تي لَب، سِيني تي سِينون، ٽَپ ڪي ٽارڻ ئي مُباح.

مُنهن ڏِسڻ جِي مَهل ٽِي، مِهمان! مَعافي مِهر سان،
ٽِيون ٽِياڪر ري ٽُڪر، ٽاٽي تي ٽارڻ ئي مُباح.

اُف ڪَڍي ’احمد‘ نہ ٻِئي وَٽ، آڳ اَندر ۾ جَلي،
پَر سَدا سُهڻا! تو سامُهُون، سُور سارڻ ئي مُباح.

*

Gul Hayat Institute

## (۱۵۲)

هِي مِڙئي هَڏ، ماهہ، چَم، مَحبُوب مُنهنجي ڪي مُباح،
جي قَبوليو تان ڪَريان، آڻي سَپئي حاضِر صُباح.

قُرب وارن ساڻ ڪيڏا، ڪِيس ٿِي ويا بي قِياس!
سَرڪشيءَ مان چا سَري؟ وَٺ صُلح جِي سُهڻا! صَلاح.

مُحب! مَشهُوري رُڳو، هِن مُلڪ ۾ ٿيئي نہ مُور،
مُون ڏِٺا مَحبُوب! تُنهنجا، مَلڪ عَرشن تي مَداح.

غَم لهن غمناڪ جا، گَڏجي گُذاري گُلبدن،
فَضل سان اِهڙو ڪو ڏِينهن، فَردا ڪَرين فائق فَتاح!

مَوج مَحبت جِي نيئي، مُون ڪي وِڏو مِهراڻ ۾،
ناهِہ مَپ موڻ جو جِنهن ۾، ناهِہ مَڪڙي ۽ مَلاح.

سُور دِل ڪي ساهان، تِنهن جِي نہ توڪي سُڌ سَماءُ،
ڏَنپ ڏِياري ٻانهن ڪي ڏِس، جاڙ جيڏِي ڪَئي جَراح.

گُل ڪَڏهن، گوهر ڪَڏهن، ’احمد‘ اَمُل ڪوني ڪَڏهن،
سَنئُون سِڌو نالو وَٺڻ، اِيءُ عَيب وارو اِصطلاح.

*

Gul Hayat Institute

(١٥٣)

دِلربا، دِلدار، دِلبر، آهِه اَڇِٽو اَڄ صُباح،
گُل گُلابي، گُلبدن گهر، آهِه اَڇِٽو اَڄ صُباح.

گهور تُنهنجي ساڻ گڏ، ڪَثمست فَوجُون ڪِيو قِرن،
لال لاکُن ساڻ لَشڪر، آهِه اَڇِٽو اَڄ صُباح.

سِڄ سَڄي جَڳ تي ڪَري، جيڪا سُهائي صُبح ويل،
جوت اِهڙيءَ ساڻ جوهر، آهِه اَڇِٽو اَڄ صُباح.

جَلد پيرو ڪَر پِلا! جِيئَن اڳ مَتان ماريِ مَوت،
اَجل جو اُهڃاڻ آخر، آهِه اَڇِٽو اَڄ صُباح.

مُحب مُون نِجهري اَچي، اِيءَ ڳالهه مُشڪل ٿي مَگر،
ٿو چَوان خوش رَهڻ خاطِر، آهِه اَڇِٽو اَڄ صُباح.

ڪَر سَمر جو يار! سَعيو، ٿِي مَ سَستي ڪَم ۾ سُست،
اوچتو مِڙني تي مَحشر، آهِه اَڇِٽو اَڄ صُباح.

ڏيهه مِڙوئي ڏِينهن ۾ آهِه، ڏوهه ٻُجهڻ ڏهه، ڏُون مَنجهان،
هيڪ ٻَر، ٻيو بار ٻَرسر، آهِه اَڇِٽو اَڄ صُباح.

آهي عَربي جام! آن ڏي، قَصد 'احمد' کي عَجيب!
مُلڪ اَهنجي ۾ مُسافر، آهِه اَڇِٽو اَڄ صُباح.

*

Gul Hayat Institute

(١٥٣)

دار دُنيا جي ڪان ٿيندو ڌار، ڪو اَڄ، ڪو صُباح،
لوڙهہ ۾ لاشڪ رَهي لاچار، ڪو اَڄ، ڪو صُباح.

سُڄ اَندر ٿيندِي سُڪُونت، جِت پوءِ سِڪبو لئي سَلام،
رِڻ ۾ رُوئندو رات ڏِينهن رَت زار، ڪو اَڄ، ڪو صُباح.

اَجل ٿو اوتُون ڪري، اوڏي ٿيئي آوت سَندياس،
پُوريندو ڪِنهن پهر ۾ اِن پار، ڪو اَڄ، ڪو صُباح.

هِن پَسهہ وِئي ڪان پُڇاڻان، ڪونہ پُڇندو ڪو پِهي،
دِل مَٿان ويندو لهي دِلدار، ڪو اَڄ، ڪو صُباح.

هَٿ ڪان، سِيمين ساق ساقي، پِي سَدا سَگهندو نہ صاف،
آئندو مَنجهہ اُڃ جي آزار، ڪو اَڄ، ڪو صُباح.

ناهہ بِلڪُل دَم بَقا جو، پَروسو هِن باغ تي،
گُل ڇڻن گُوماڻجي گُلزار، ڪو اَڄ، ڪو صُباح.

ڪيترو حِيلن سان هَلندي، هِيءَ حَياتي بي بَقا؟
سُڄ ڏي هَلندو ڇڏي سَرڪار، ڪو اَڄ، ڪو صُباح.

Gul Hayat Institute

هَر هَميشہ لاءِ حاصِل، ڪِنهن تڏيون ڇائون نہ ٿِين،
تَن تي سَهندو تاوڙيُون تَڪرار، ڪو اَڄ، ڪو صُباح.

هِيءُ هِتي جو هِت ڇڏي، هَرڪو مَجي هَلندو حُڪم،
تَخت تان تَختي تي ايندو يار! ڪو اَڄ، ڪو صُباح.

مانَ! وَڏنيئُون مانُ، ماڻهون تِنهن مُلا ميڙين مال،
اِن خَيالن ڪاڻ ٿيندو خُوار، ڪو اَڄ، ڪو صُباح.

مَغز، ميڄالو، مَٺو، مَڙهه، ماهه ڪَپندو مَنجهه مُقام،
پور ٿيندو هيٺ پُوڻ جي بار، ڪو اَڄ، ڪو صُباح.

آهِه ’احمد!‘ اِن طرح، اَحوال عالَم جو بَنيَل،
ڪَو اڳِي ڪو پوءِ آخرڪار، ڪو اَڄ، ڪو صُباح.

*

Gul Hayat Institute

## (١٥٥)

حال ڪان بي حال آهيان، حال مَحرمِ! هَر طرح،
حال مَحرمِ! تو سَوا، مُون تي مُحرمِ هَر طرح.

اُو بيا تَقدير جِن جي، تِير ڪي آڏي ڦِري،
ڪان تُنهنجو خود قَضا، قاطِع مُبرمِ هَر طرح.

ڳم ڳميڻ ساڻ ڪهڙو؟ ڪام ڪِنهن ڪامِل ڳُشي،
مُحترمِ، مَقبُول مَولا جو، مُڪرمِ هَر طرح.

سَڳ سُجاتئي، پِرِ پاتئي، چُست چاتئي دوست! دِل،
تو ڪَرمِ ڪيڏو ڪيو! پَر آهِه اَڪرمِ هَر طرح.

مُنهن ڏيکاري مِهر سان، ماري وِڏئي مُشتاق کي،
تو ڏَرمِ ءِ دان ڪِيو، پَر آهِه اَدرمِ هَر طرح.

گُل اَمُل آهين، ڪِ آهين چِينَ جو آهُو عَجيب!
ڳَر رِهاٽيون ريلڙيَن ۾، رُوح ۾ رَم هَر طرح.

دوست! اِن دَرگاهه جو، آهيان دُعاگُو دائما،
شاد رَهه، آباد رَهه، خوشحال خُرمِ هَر طرح.

تِير 'احمد' مان اُڪارين، تہ بہ نہ اڪ مان اڪ ڳڏي،
مُنهن مَٽي ڪاڏي وَڃي؟ مَجبُور مُجرمِ هَر طرح.

*

Gul Hayat Institute

(۱۵۶)

تُون وِسارين مَر وِسارين، آئون وِساريان ڪِئن طرح؟
تُون نہ سارين وَر نہ سارين، آئون نہ ساريان ڪِئن طرح؟

اک ڪٽي هِن حُسن ڏي، جِنهن جو هِنيون هَٿ ۾ هُجي،
دِل نِهارڻ سان نِهوڙيو نئين، نِهاريان ڪِئن طرح؟

هيج آهي، هَنج ڪِڇيءَ جي هَنج ۾ هَردم هُجان،
گُلبدن گَس تان تَڙِينم، گُذ گُذاريان ڪِئن طرح؟

مُنهن اَنڌاري، مُنهن ڏيکاري، دوست ڏونرو ڏِينهن ڪيو،
شَهر واسيو، شَمس راسيو، شَمع ٻاريان ڪِئن طرح؟

دِل ڦُري وِئين دوست دِلبر! دَرد دِل جو دِل اَندر،
تو پَريءَ پارن تي پاڙي ۾، پُڪاريان ڪِئن طرح؟

فَيصلو ڪَر، فاصلو پَنجاهہ ڪوهن پاڻ ۾،
اَڄ اَسُر سان اُٿ اَچي، اَنجام پاريان ڪِئن طرح؟

تو سَنواريا وار، دِل وِئي وَرن وِچ ۾ اَچي،
دِل وِيَل وارڻ گُهران، پَر وار واريان ڪِئن طرح؟

اُو اَمُلهہ ڏِسيو اَهاها! عَقل ’احمد‘ کي چَڙهي،
پاڻ سُهڻِنَ صُورتن سامهُون سُڌاريان ڪِئن طرح؟

*

Gul Hayat Institute

(١٥٧)

دوست! تُنهجي دوستيءَ جو، داستانو بيءَ طرح،
ڪَئين دِيوانا ديس ۾، تُنهجو دِيوانو بيءَ طرح.

جِيئَن تَرِين تِيئَن تانگهه تو ڏي، ڏَڪ هَٽين تِيئَن دِل ٻَهار،
تير جِيئَن طَعنا ٻِيَن جا، تُنهجو طَعنو بيءَ طرح.

ڪاله پَنهنجو قُرب چا! قُربان قَدمن تان ٿيان!
اُو زَمانو اُو هُيو، پَر اَڄ زَمانو بيءَ طرح.

نَنديڻ جي نِينهن نِهوڙيَس، نِنڊ نيڻن تي حَرام،
آب اکين مان وَهي ٿو، آب دانو بيءَ طرح.

ڪاله ڪَندن جُون ڪُوارُون، باهِه پيڙا باغ گُل،
اَڄ پِنيءَ بَرسات، بُلبُل جو ٻَيانو بيءَ طرح.

دوست ڪِنهن دَم ڏَن گُهري، دَم مَن گُهري، دَم تَن گُهري،
هِڪ ٻَهاني کي پَڇان، تان ٿَڪ ٻَهانو بيءَ طرح.

بَند تاڙِي، بَند ماڙِي، بَند مارگ، بَند ماڳ،
دَر سَوا دِلبر گُهرايو، خاص ٻانهو بيءَ طرح.

اَور سان اَحوال اورڻ، آهِه 'احمد' لاءِ عَيب،
هِڪ اَحد ۾ آسرو، بيو آستانو بيءَ طرح.

*

Gul Hayat Institute

(١٥٨)

نِيِن دوست! ٿو دِل اُڏاري طرح،
ڪِ ظاهِر غَضب زور واري طرح؟

ڪُلهن سِر ڪُنڊيا وار ڪارا ڪَڪر،
صَفا مُنهن صُبح جي سِتاري طرح.

سَڄڻ! سَڱو ڪوهن تي سَنڌيءَ سوجهرا،
ڏِسان ٿو چِٽا چَنڊ تاري طرح.

نہ مَٽ مور ڪو تُنهنجي مُورت جو مُور،
نہ ڪِنهن ڪان لڳي تِير تاري طرح.

ڪَڙيءَ قيد ڪاڪُل مِ قابُو ڪَريوم،
پہ تي سال سيڪت سُڌاري طرح.

سَچا اڳ ساوا، سَڄڻ! ڪِنهن سَبب،
هَنيَم نيش نِينهن، نانگ ڪاري طرح.

نہ اِن نيش جو نوش دارُون نَصيب،
وَڏا ويڌ ڪِيا گُهور گهاري طرح.

اکين کي اکيون آمساميون هُجن،
نَظر مِ نَظر نِت نِظاري طرح.

نہ هَر وَقت حاضِر حَبيبان حُضُور،
وَري وَصل جو واءُ واري طرح.

Gul Hayat Institute

وَجن روز، وِچ ۾ نہ خَر کي خَبر،
هَلي عِشق جو ڪَم اِشاري طرح.

پَلين باغ تي هُونِ بُوندُون بَهار،
پوَن تو سَوا سِيءَ سِياري طرح.

سِياري ۾ سُهڻا! هُجين ساڻ مُون،
تہ سَرسبز ساوَڻ سُونهاري طرح.

وَجي واٽ جِي مانَ! وارِي ويهي،
اکيَن مان ڦُڙا نِت ڦُهاري طرح.

نہ آهِن اکيَن پيش 'احمد!' عَجيب،
تہ عالَم سَجوئي اَنداري طرح.

*

Gul Hayat Institute

ردیف (خ)

(۱۵۹)

مُنهن مَڙهيءَ ڏي ڪِن سَندو، ڪِن مِهت مِنبر ڏانهن رُخ،
بِرهہ ڪِن کي باغ سان، ڪِن بَحر، ڪِن بَر ڏانهن رُخ.

ڪي ڪِجن خورشيد چَندَ لئي، ڪِن خَزاني تي خَيال،
ذَوق ڪِن کي زَر سَندو، ڪِن زيب زيوَر ڏانهن رُخ.

ڪِن جي مَن ويٺيون مَنايون، ڪِن مِنو ڪِيو مِلڪ مال،
ڪِن هَوَس پاڻي حَياتي، حَوضِ ڪَوثر ڏانهن رُخ.

مُلڪ اِئَن مَشغُول ڪُل، مَقصُود پَنهنجي سان مُدام،
دِل سَندم جو آهِہ دائم، دوست دِلبر ڏانهن رُخ.

مُنهن ڏِسي مَحبُوب جو، دِل موڪلايو مُون ڪَنان،
مُنهنجي مَن آهي مَگر ڪِيو، مَوت مَحشر ڏانهن رُخ.

ڪالهہ قاضي چِيو اُٿو، قِبلي طرف ڪَريون نماز،
ٿِي ويو دِلگير جو، دِلدار دِلبر ڏانهن رُخ.

عُمر 'احمد' چَئي سِڪان ٿو، مُنهن اَوهان جي ڪي عَجيب!
ڪَر مُحب! اَج مِهر سان، مُرڪي مُسافر ڏانهن رُخ.

*



Gul Hayat Institute

رديف (د)

**(١٦٠)**

دِل دَليلن ۾ سَندم، پَر دِلربا دِل شاد باد!
شاد دِل، آزاد دِل، آباد دِل، آباد باد!

اوچتو نِڪرن اَندر مان، آهہ، فَرياد و فُغان،
دِيد تُنهنجي ساڻ دِلبر! دانهن جو دَم ياد باد!

دوست جي دَم سان، قَدم سان، دِيد سان، دِيدار سان،
دِل سَندم آزارِيَل، آزار کان آزاد باد!

آفتن وِچ ۾ اَڪيلو آهِيان، دِل اِنتظار،
سِر بَچڻ جو، گهر اَچڻ جو، اَمر ۽ اِرشاد باد!

نِينهن نِهوڙيو آهِيان، نِت نِت ڪَريان نِڪريو نِهار،
يار جاني! ياد آهين، آئون نہ توکي ياد باد!

آءُ سَجڻ! تُنهنجا عَجب، اَبرُو هِلالِ عِيد جِيئَن،
عِيد ڪَن اکڙيون ڏِسي، اِهڙو اَمن اِمداد باد!

آب روئي عَرض ڪَريان، آئون پَلين بي آبرُو،
آبرُوءَ سان يار 'احمد!' تا اَبد آباد باد!

*

Gul Hayat Institute

(١٦١)

اَي سَدا سُهڻا سَڄڻ! سالن جِي صُحبت ياد باد!
اَڄ مِلڻ مُشڪل، مَگر مَهندين مَحبت ياد باد!

مُند سانوڻ، سِڄ وِڇين، ساوڪ جي وِچ ۾ صُحبتون،
سو نِظارو، سو نَظر، سو نِينهن نَوبت ياد باد!

نَنديڻ جا ناز نَخرا، نِت نَظر مَهندان قِرن،
ريلڙيَن ۾ رَس رِهاڻيون، راڳ رَغبت ياد باد!

آئون ڪُوڙو قَول ۾، ڪيڏا ڪيَم ڪوڙين قُصُور،
پَر اُوهان ڪي عَفو جو، اَنجام اَلبت ياد باد!

آهِه 'احمد' جِي اَدب سان، اِيءَ اَحد کي اِلتجا،
هَر طَرف تُنهنجو تَوجُهه، هِيءَ بہ تُربت ياد باد!

*

Gul Hayat Institute

(١٦٢)

تو مَهندان مِثائيءَ جو مَذڪُور بَد،
مِڙئي مور ۽ مُورتون مُور بَد.

قَمر چَٽ ڪَمر ڪان، شَرم شَمس کي،
نَکٽ کي ڪَري تو سَندو نُور بَد.

نَظر سان پَکي ناز پَرين سَندا،
لَڳي حُسن تُنهنجي اڳيان حُور بَد.

دَوا دَرد جِي دوست! هوءِ نہ هوءِ،
نہ ڇَنبو سَدا تو سَندو سُور بَد.

اِنهيءَ حُسن تي ڪَن هَزارين حَسد،
هُجي شال! هَردم نَظر دُور بَد.

نَصرپُور ۾ تُنهنجي نُصرت ڪِيي،
نَظر ڪَر، نَظر ري نَظرپُور بَد.

اَڳاڙي مَٿي حاضري دَر حَبيب،
اڳيان دوست دَستار دَستُور بَد.

اَچي دِوڙ 'احمد!' اَلا ڪِيئن سَڏيوس!
نہ ڪَڏهين لَڳي ڪُور ۽ ڪُور بَد.

*

Gul Hayat Institute

(۱٦۳)

اَج بہ ڪِھڙي اوچتو، آڏي اَندر ۾ آند ماند؟
رُوح ساريون رَس رِھاٽيون، ريلڙيَن ۾ روز راند.

دوست مُنهنجو دِل اَندر، ٻيا دوست لئي ديسيون پُڇن،
سَئُو ڪوهن تي ڪُوچ ڪِنهن جو، ڪا پُڇائي ڪيچ ڪاند.

پَر نہ مُون پَرهيز ٽوڙڻ، پاڻ جِهڙن جي پُٺي،
پَر لڳي ويو ڪِنهن پَريءَ جو، پاند مُنهنجي ساڻ پاند.

تِر ڳلن تي داڻو داڻو، وار داڻي پاس دام،
واھ! بَندوبست بَنديءَ جو، بَدن مَنجھ بَند باند.

گهائيو گهوڙا! وَڃين تُون، گهوريَس اِن گهُور تان،
چَشم بُت چِيري ۽ چِچري، چِيچڙي ۾ ڪَر ڪماند.

دوست! مُنهنجي دِل اَندر ۾، داستانا دَرد جا،
پُون سَچي جو بار مُون تي، ڪوھ ڏيکارين ڏاند؟

ڳِل ڪي پائي گُل گُلابي، هَٿ رَکيم مُنهنجا حبيب!
خان! مَعافِي ڏي خَطا ڪان، خُوءِ خاصِي آهِ ڪاند.

حُسن حاڪِم هَر هَميشہ، عِشق ’احمد!‘ زيردست،
پاڻ پَرچن يا نہ پَرچن، تُون مَ جهل پَل پَل پَلاند.

*

Gul Hayat Institute

(١٦٤)

رات ڏينهان رَت ڦُڙا، رويو نِهاريان رَند رَند،
جِن هِنيين مِ هَند ڪِيو، تِن لاءِ ڳوليان هَند هَند.

حال پايو! حال هِن بي حال جو فِي الحال هِيءُ،
دوست ڏاران ڏُوڙ مِ ڏِٺ، دِل ڪَئي دِلبند بَند.

سِر ڪُلهن ڪاڪُل ڪُشادا، ڪوئيُون ڪوٺيءَ طرف،
آهِ بَندي لاءِ بَندوبست بَدران بَند بَند.

موتيو گُل، مَوت اَنگل، مُنهن تي موتي، مِينهن ڦُڙا،
تِر ڪَٽي جو قسم، ڪَڻ ڏاڙهون ڏِسڻ مِ ڏَند ڏَند.

مَئي بِنان ڪِيو مَست مجنون، لال لَيليٰ جي لِحاظ،
قَيس قاتِل زهر کي، ڪايو ڪَري ٿو قَند قَند.

مَست اک اکروٺ جِيئن، هَٿ مِ گُل لالا گِلاس،
مُدتون گُذريون مِلڻ کي، مُند ڪَري ٿي مَند مَند.

وَڄ فَنا فِي الله ٿِي، بِيا فَن وِساري ڇڏ فَقير!
ري فَنائيءَ جي فَقيري، آهِ ڪُوڙو فَند فَند.

رات ڏينهن تُنهنجو رُڳوئي، راڳ رَڳ رَڳ رُوح مِ،
تُنهنجون تَن مَن مِ تَنوارُون، ’تُون‘ ڪَري ٿي تَند تَند.

قُل هُوَ الله اَحد ’احمد!‘ اَحد ري بِيا راڄ رَد،
مِٽ چَوي يا مَٽ چَوي، سو مُفت مَئي ٿو گَند گَند.

*



Gul Hayat Institute

(١٦٥)

گُل گهَڻان، گوهر گهڻان، مُون کي گُلابي گُل پَسند،
مُنهن مُنوَر پاس مِينديا، گُل مَٿان سُنبُل پَسند.

قَد اَلف، قِيمت هَزارين، تِر ڪَڻون تيرهن ڪِروڙ،
مال ڪِيو مَنظُور مُون، هُو جي مَگر ڪَن مُل پَسند.

مور، موتي، موتيو گُل، مِڙ وَڻن مُون کي نہ مُور،
پَر قَرين جو ڪُتو يا ڪانگ، قُمري ڪُل پَسند.

دُور پَنڌان دانهن آندم، پَر ڏِڪيو دَر تان چوَن،
هِت هَلائون چَڏ، هَليو وَڃ، هُو نٿا ڪَن هُل پَسند.

دوستن جِي دوستي ٿِي، دوست! دَرياءَ تان لنگهڻ،
پير رَک پاڻيءَ مَٿي، ۽ پوءِ ڪَر تُون پُل پَسند.

دُشمنن سان دوستي، پَر دوست دُشمن اَج لڳي،
با وَفا سان بي وَفائي، بي وَفا بِلڪُل پَسند.

سِير سُهڻيءَ لاءِ سُهڻي، مُلڪ مارُئيءَ لئي مَلير،
دوڙ 'احمد' جِي اَحد ڏي، باغ ڪِيو بُلبُل پَسند.

*

(١٦٦)

خاڪ آهين، خاڪ ٿيندين، خاڪ ٿي خاڪي وُجُود!
پاڪ ناهين، پاڪ ٿِيءِ، سِڪ پاڪ کان پاڪي وُجُود!

جِهرڪڙي جا جان جِي، ويندِي اُڏامي اوچتي،
پِيڙ کان پِڃَرَ جي ويندو، پور ٿِي باقي وُجُود.

حال فاني، مال فاني، آهِ فاني سَڀ جَهان،
اَجل اُپٽيندو اَچي، تَحقيق اِيءُ طاقي وُجُود.

هَڏ نہ پَسجي هَڏ اُنِين جو، ويا ڪِنهِين هاجي هَجي،
مال ميڙڻ لئي جِنين هو، مَست مُشتاقي وُجُود.

سُڃ ۾ ساڪِن ٿيا، اَڄ سُرڪ پاڻيءَ لئي سِڪن،
ٿي ڏِنان شَربت جِنين کي، سونَ جي ساقي وُجُود.

مَهل ڪائي مَحفلُون، جِن مُور مَٿيون ڪِينَ ٿي،
سي ڇِڄي يَڪدم يَقيناً، يار ٿيا ياڪي وُجُود.

ڪَجهہ ڪَلر ڪاري ڪِني جو، قُوت ٿيا ڪوڙين قَهار،
خُون ٿِي ويا خاڪ ۾، لَک خان خوراڪي وُجُود.

سُک سُتا ٿي جي هِتي، ويا سُور کِيندا سَئو هَزار،
گَهر ڇَڏي پيا گهوٽ گهوڙا! مَنجهہ گَهنگهرناڪي وُجُود.

بادشاهہ توڙي گدا، ٿيندا ڇَڏي هِيءُ جَڳ جُدا،
ڏِينهن حَشر ڏاڍو اکيان، ويندا ڏَکي ڏاڪي وُجُود.

Gul Hayat Institute

ڪِينَ ڪَپڙن تي سَهين تُون، هِيءَ مِٽي جا هِڪ مَهل،
عاقِبت ٿيندِي اَندر، اِن ڏُوڙ اوطاقي وُجُود.

ٿي گُهمين گُلزار گُلشن، جِن سين گَڏجيو هَر گهڙي،
اُن جو اَفسوس اَندر، اَڄ آهِه اولاڪي وُجُود.

ڪير هُوندو بيو حَياتي، هَر هَميشه يار! هِت؟
ويا لَڏي لوڪان جَڏهن، سي لال لَولاڪي وُجُود.

مَوت ڪِنهن مُوران نہ ڇَڏيُون، ٿيا موچارا اُو مَڪر،
جِن ڇَڪَائيءَ ۾ چَلايو، ساڻ چالاڪي وُجُود.

هَٿ هَٽيو هَردم هِنيين تي، مَنجهه حَشر هَي هَي ڪندا،
جِن نہ اوريو اَحد سان، ڪِيئُون اَمر کان عاقي وُجُود.

آهِہ اُهڪو ڏِينهن آڏو، ٿي مَ ’احمد!‘ آرسي،
ڍِڄ خُدا جي خَوف پَر، اَي بي خَبر ڪاڪي وُجُود!

*

Gul Hayat Institute

ردیف (ڏ)

### (١٦٧)

رُوح ڇَڏي ٿو رَهہ نہ ڪَريون، رَس رِهاٽيون رات اَڏ،
قَلب لايون قَلب سان، ڪَريون کِهاٽيون رات اَڏ.

خاص خِلوت ۾ خُلاصا، خَر پَلي ڪامن ڏِسي،
مَجلسُون مَرضيءَ جي موجب، مَوج ماٽيون رات اَڏ.

دوست ڏَرسن جو دِلاسو، آهِہ ڏِينهن ٻِن ۾ ڏِنون،
سُور ويندا سَڀ سَنڌيَن مان، سار ساٽيون رات اَڏ.

باغ ۾ ڏِينهن جو بيهڻ، بِلڪُل نہ ڏِئي ٿو باغبان،
مُنهن اَنڌاري مَهل ميوا، چو نہ چاٽيون رات اَڏ.

بِرهہ دِل بِريان ڪَئي، بيمار بُت بِستر مَٿي،
اِنتظاريءَ ۾ اَجان، اڪڙيون ٽماٽيون رات اَڏ.

لِڪ بہ تو وَٽ لِڪ لَهي، لِڪ سال ٻِئي وَٽ پَر نہ لِڪ،
پَنج ڪوريون پائليون، يا پَنج پاٽيون رات اَڏ.

اِلتجا آهي اَدب سان، تَرس ’احمد‘ وَٽ عَجيب!
سَڀ اَجائي عُمر وَئي، مَنجهہ عَيش آٽيون رات اَڏ.

*

Gul Hayat Institute

(١٦٨)

سَچڻ سان سَچي سُونهن، سِچ نال آَهي،
نہ آهي، بَلڪہ آهي جو بہ اَڄ ڪال آهي.

سَنجهي مان صُبح جِي پُڄهان پانگ اَڄ،
سَوين سال توسان، سَچڻ! سال آهي.

لِکي لوڪ مان لَعل مَرجان ويا،
لَڌم تُنهنجي لَب لال ۾ لال آهي.

سَندم لُڙڪ ليڪنِ لَعلُون ڪَري،
تہ ٿوري ۾ ٿورو ٿئَن ٿال آهي.

اِهي ڪان ڦَهري ڪوهن تي ڪُوهن،
چُتا جي تہ پوءِ چا ڳَندو چال آهي؟

ڪٿئين تِيئَن وَٽِين، پَر هِنيين تان هَٽِين،
تہ ڪَئِين پال پانيان، نہ ڪو پال آهي.

سَچي دِل سَچڻ وَٽ اَمانت رَکيم،
مَگر پوءِ مُشڪل مِليَم مال آهي.

حَقيقت ڪَما حَقہَ ڪِيئَن ڪُلي؟
سَوَن ڳالهيَن مان ٻُڌي ڳال آهي.

حَقيقت پُڇين ٿو تہ حُجري ۾ هَل،
اِهو آهہ 'احمد' جو اَحوال آهي.

*

Gul Hayat Institute

(١٦٩)

آئون ٺيس مَهدي تو مَهندان، ماهه تُون رَڌ يا نہ رَڌ،
تُون سَچوئي سُونهن، ٻيا سَڀ سُونهن جو اَڌ يا نہ اَڌ.

قُفل ڪُوڙا ڪوٺ جا، ڪوڙين ڪَنڪ، ڪاٺا قَريب!
دِل دِيواني ڏُو اَندر مِ، دوست! دَر ٻَڌ يا نہ ٻَڌ.

مورچل جِن کي لڳي، مَٺ مور مُورت مِ نہ مُور،
صُحبتون تِن صاحِبن جُون، سَڌ تلهي سَڌ يا نہ سَڌ.

حَوصلو هَرگز نہ هاريان، جي ٿئي حاصِل حَبيب،
سِير مِ سامهُون وِهايان، سُڌ نہ پَئي ٿَڌ يا نہ ٿَڌ.

هَٺ هَرڻ ايندئي هَرين، هَر هَر نہ هَرڙا! ٿي هَلاڪ،
وامِ واري هُو وَجن، وَر لاءِ تُون وَڌ يا نہ وَڌ.

هِڪ ڪَٺُوري، خُون ٻيو، لِڪٽان نہ لالڻ! لوڪ مِ،
قَيد ڪاڪُل مِ ڪَرڻ دِل، هِيءَ بہ هِڪ ٻَڌ يا نہ ٻَڌ.

زهر ٻَجني لئي مِنائي، لال لَيليٰ جي هَٿان،
ٿو ڪَدي ڪائي ڪُني مان، تُون وَٺي وَڌ يا نہ وَڌ.

سُونهن پَريا سَڀ، سونهن رَب سائِنءَ جو، سِيبائِنِ ساهہ،
ڪِيئن چَوي 'احمد' اُنهن لئي؟ اِيءُ ڪِ اُو وَڌ يا نہ وَڌ.

*

Gul Hayat Institute

(١٧٠)

ٻَڏيو هَٿ ٻاڪاريان، ڪَري ٻاجھہ ٻُڌ،
سَليان سُور توسان، ٻيَن سُڌ نہ ٻُڌ.

مَحبت پُڇي ڪِينَ مَحبُوب ڪير؟
هُجي هِيءُ ڪِ هُو، يا هِندُو، جينُ، ٻُڌ.

هَمہ آدمي هيڪ آدم مَنجهان،
سِياءُ ڪِنهن کي سَمجهڻ، صَحي سا نہ سُڌ.

پَڄي آدميءَ ڪان، نہ اُو آدمي،
ڪَڍي قَلب مان ڪِينَ ڪِينون نہ ڪُڌ.

ڪَڏهن خان لئي ڪَڌ بہ ڪوٺِنِ پيا،
ڪَڏهن جوڏُپُر لاءِ جوڌن جِي جُڌ.

ڪَڏهن گهوٽ گهوڙي، مَٿان گهور گُل،
ڪَڏهن دوست ڏَڙ تي وَسي ڏُوڙ ڏُڌ.

اُنهيءَ ڏِينهن اَٽيهار سَڏبو نہ گهوٽ،
سَڄڻ سيج لَهٽي، سَڄي لوڪ سُڌ.

ڦِرن دَور دُنيا ۾ 'احمد!' عَجيب،
ڪَڏهن ڪِير ڪَنڌيون، ڪَڏهن ڏَس نہ ڏُڌ.

*

Gul Hayat Institute

(١٧١)

دَبي دِل دِليءَ ۾، سَدائين نہ سَنڌ،
دَوا دِيد ڏي دِل! سَنڌيان ڏار سَنڌ.

محَبت جو مِهراڻ مَئي ۾ مُدام،
نہ سَئُو سال ڏِسجي سَوا سِير سَنڌ.

رَڪان هيڪڙي هَنڌ ڪِيئن هَٿ حَبيب!
سَڄڻ! بُت سَجو سُور، سالِم نہ سَنڌ.

توڪان ڏار، سِر ڏار، ڌَڙ ڏار دوست!
جُدا مَنجهہ جُدائيِ، سَندم سَنڌ ٻَنڌ.

نہ ماجُوج جِي ماجرا مَنجهہ مجَاز،
جَهلي ڪِينَ سِڪ کي سِڪندر جِي ٻَنڌ.

پِرينءَ لاءِ پَرڏيهہ پُورڻ پيو،
سَدا مُند سائيِ هُجي شال! سِنڌ.

پِرِيَن پار پُوريَم پِرهہ پُور ۾،
ڪَندم ڪوهہ ۾ ڪوهہ، سَئُو ڪوهہ پَنڌ؟

ڪَٺون تِر کي ڪَريو ڪِرن ڪيترا،
کُلهن سِر کُنڊيا وار ڪَن بَند ڪَنڌ.

سَندم هَٿ هِنيين ۾ نہ پيو هَٿ حَبيب،
هَلي دَم بَدم دِل ڦُرڻ لاءِ دَنڌ.

مَ اَڄ، نہ ٻہ اَسُر ساڻ 'احمد!' اَچين،
اُٿاريان نہ اُٿيين، اَٿئي ڪِهڙو اَنڌ؟

*



Gul Hayat Institute

**(١٧٢)**

ڳِدان ڪِنهن قَضاني ڳَنڍيءَ پاس ڳَنڍ،
نہ دَربان دَر تي ٻَڌن دوست! ڏَنڊ.

نہ تَڙ تي چَڙهنم، نہ تاڙيءَ طَرف،
اِنهن آفتن کي ٻَڌين پاڻ ٻَنڊ.

پَرِيشان ڪِيو مَن، پَري شان جِن،
ڳمر وار، ڪاريون اکيون، ڳُونج ڳَنڊ.

نہ حاڪِم! هَٿيڪو پيو هَٿ حَڪيم،
هَٽي وِئِين، سو هاٽي هِنيون تِنهن نہ هَنڊ.

نہ پُهتس پِرِيَن وَٽ نہ پَرواهہ ناهِہ،
پَسهہ وِچ پُنم نہ ٻہ پيو صاب پَنڊ.

پَلئو سان پَلئو واٽ ويندي لڳوم،
’اکيون کول‘ آکيئون، اَٿئي کِهڙو اَنڊ؟

عَرض جو غَرض، آهِہ ’احمد‘ عَليل،
سَڄڻ! ڏي سُتي ڪا، سَڄي ناهِہ سَنڊ.

*

Gul Hayat Institute

(۱۷۳)

دوست دَر تي جِيئَن اَچان، تِيئَن وير ويران وير وَڏ،
بَند ڦيرا فَضل جا، ٻيا ڦير ويران وير وَڏ.

سَنئَين نِهارڻ ساڻ سُهڻا! سِير چوڙين ٿو صَحي،
سِير سان گڏ سيڙهه رَت جي، سير ويران وير وَڏ.

گُلبدن! تُنهنجي بَدن جي، باغ مان مَن! بُوءِ اَچي،
تِنهن سَبب سَبزن ۾ ڪَريان، سَير ويران وير وَڏ.

جانوَر، جوڪا جَبل ۾، جان تي جاني! ڪنيَم،
شور شَر ڪَن شِينهن، شِڪرا، شير ويران وير وَڏ.

ڪوهه چاٽان ڪوهه ڪَرڙا، ڪوهه هُوندا ڪيترا،
ٻَر، ٻَلائون، پُون پَنواري، پير ويران وير وَڏ.

حَب، حَلب، ها ڙهو هَمه، هَي هَي! هَنيَم حُب ۾ حَبيب،
پَر وَجن پيا پَرپريڙا، پير ويران وير وَڏ.

مُنهن پَسڻ لئي هَر مَهل، ماريان مُخالف ڪيترا،
خاص خِلوت لئي ڪَٿيان پيو، خَير ويران وير وَڏ.

دوست! تُنهنجي دوستيءَ تان، دوست دُشمن ٿِي پيام،
حُسن تُنهنجي سان هِنيين جِي، هير ويران وير وَڏ.

آهِ ’احمد‘ جِي اِهائي، آهه آخر دَم عَجيب!
دَم ڏِيان ٿو دوست! مِل، پَر دير ويران وير وَڏ.

*

Gul Hayat Institute

(١٧٥)

سِج، سَجڻ اَج آمسامهان، گلبدن، گُل ڪير وَد؟
چيله، چابُڪ، نَڪ، نيلوفر، سِينڌ، سُنبُل ڪير وَد؟

مُنهن تي مُصحف پاڪ جِيئن، اَوَل ۾ بِسم الله پِرُون،
هَٿ جَهليو پُڇنم هَزارين، هِت هُتي هُل ڪير وَد؟

هار پايو هِير ڪائن، حُسن جا هِيرا هَزار،
يار گل، رُخسار گل، گلزار گڏ ڪُل ڪير وَد؟

هار هِيرن سان هَزارين، هِير تي ڪائن هَوا،
هَر طَرف طَرحين تجَليون، هِيءُ تجَمُل ڪير وَد؟

تِر ڪَٽون، تَر ۾ گهٽون، بَر ۾ گهٽون، ناٽو گهٽون،
مُلڪ سَپ مُلهه ۾ ڏِنان مُون، مال يا مُل ڪير وَد؟

گُل فقط گلزار ۾ ڪُل، اِيءُ غلط بِلڪُل غَلط،
جانچ جاني! جابجا، قُل جاءِ ۾، قُل ڪير وَد؟

حُسن ڪِنهن ڪِنهن هيڪڙي ۾، حُسن ڪي ڳائن هَزار،
حُسن بابت بَيت 'احمد' بات بُلبُل ڪير وَد؟

*

Gul Hayat Institute

رديف (ڏ)

**(١٧٦)**

ڪَر سَڄڻ! صُحبت ويهي دَم، سَرڪشي سَنيهار! ڇڏ،
هَٿ هِنيين تي ٿو ٻَڌان، حُجت نہ ٻِي توساڻ هَڏ.

گھورِيان اِن گھور تان، گھر تَڙ، خَزانا گَنج مال،
پڻ ڏِيان صَدقو سِسي، سِر، ساھہ، سِينون، ماھہ، هَڏ.

جي پَسھہ مُنھنجا پَسِين، پاڻ ۾ سي پِنبڻيون پَريان،
بَلڪہ سِڪندن لئي سَدا، اِيءُ آهِہ سُوريءَ پار سَڏ.

سِر ڪُلھن ڪاڪُل ڪي چوڙيو، ڪَئين وِجھين ٿو قيد ۾،
ٿا لھن گردن گھٽن جا، گھور تُنھنجي ساڻ گڏ.

خُون خَلقت ۾ وَهن ٿا، لِک سَندئي ڪِل سين خَليل!
ڪي پوَن ماٻھين مَريو، ڪي مَهل ڪا موڳِين مَڏ.

وَر سِڳھو سُھڻا پرين! ناهيان سَگھو توڪان سَوا،
ڏُک پَريو، ڏُبرو، ڏُهاري، پيَل ڏيھہ ڪان ڏُور ڏَڏ.

جو گُھري، مُون حَق دُعا، داور ڏَٽي! هِن ميڙ دوست،
عالمَن اَللهُ تُون! اُن جو اَهل اَولاد اَڏ.

آهِہ 'احمد' چَئي اَجان مُون، ڪُن ڪِناري جو قِياس،
پَر ڪَٽيو ڪُوهہ ۾ هَٽي هُوءَ، خُوب جا ڪاڏيءَ ۾ ڪَڏ.

*



Gul Hayat Institute

(١٧٧)

دِل سَندم ٻِئي ديس ۾، پَر دَم بَدم دِلدار گڏ،
ساھہ ٻِي ڪِنهن صاحِبيءَ ۾، ساھہ جو سِينگار گڏ.

سِج لَڙيي مُنهنجي سَجڻ ڪِيا، سَير لئي سِينگار هار،
گُل هَٿ ۾، گُل وِچاڙو، گُل مَٿان، گُلزار گڏ.

واھہ! سانوَڻ ڏِينهن، ساوڪ، مِينهن، سانوَل ساڻ نِينهن،
يار پيڙو، باغ بُلبُل، بُوند بارو بار گڏ.

اَرغواني رَنگ اکيون، ڪَر اُلانبا ڏِئي عُقاب،
خُوبرُو ڪِليو ڪَٽي ٿو، خواب ۽ خُومار گڏ.

صُبح دَم بادِ صَبا، صُحبت سَندي ڪَن صاحِبن،
مَنجهہ هِنيين هَرڪو سَڙي، ڏِسيو هِنيين جو هار گڏ.

زُلف زَنگي فَوج جِيئن، زوري ٻَڌي زَنجير سان،
توبچي تارا اکيَن جا، تِير ۽ تَلوار گڏ.

مُنهن ڏِٺم مَحبُوب جو، مِڙئي مُبارڪ چَئُو مُون کي،
هِڪ نِظارن ۾ نَظر، ٻيو نَرم نِرمل يار گڏ.

رَس رِهاڻيون ريلڙيَن ۾، رِيس ڪَن پيا رَهہ گُذر،
غَم لٿا غَمناڪ تان، غَمزا هَٽي غَمخوار گڏ.

جِيئن اَلف سان لام 'احمد!' عُمر پَر شل! اِيئن هُجي،
يار گڏ، غَمخوار گڏ، دِلدار گڏ، دِيدار گڏ.

*

Gul Hayat Institute

رديف (ڊ)

**(١٤٨)**

مُلڪ ڪان محبُوب سُهڻو، مُنهن سَندس ڪَر ماهه چَنڊ،
شَمس شَرمايو شِڪل ۾، شَمع جِهڙو شاهه چَنڊ.

مَشعلي جيئن مُنهن ٻَري، محبُوب ماڻهو يا مَلڪ،
سَڀ دَليلن کي پَچي، دِل سين چَوان دِلخواهه چَنڊ.

جي اَچي آڏي ڪَرم سان، هُوند عالَم ۾ عَجيب،
وات ڦاٽي جَڳ وَڃن، وَڻ ٽِڻ لڳي وَهه واهه چَنڊ.

مُنهن مِٺي مَنٺار ڪوليو، واهه! مُورت جو مِثال،
ڪِنهن ڪَناري سان ڪَڪر جي، ڪَر ڪَڍي رُوءِ آهه چَنڊ.

گُل گُلابي ڪيس چَئُو، يا چَئُو پَريَن جِهڙو پِرين،
حُور چَئُو ته به ڳالهه حَق، سچ چَئُو سَجڻ کي خواهه چَنڊ.

ڇا اَسان جي چَنڊ اڳيان، آسماني چَنڊ آهه؟
سَچ، سَجڻ سچ کي سِجهائي، سَچ، ڪَڍي ٿو ساهه چَنڊ.

جوڙ جَڳ سَڀ هيٺ شَب هُئي، اڳ ڪَنان جاني جَناب،
عاقِبت لاٿي اَچي، عالَم مَٿان اُونداهه چَنڊ.

قَبر وَٽ قِنديل جو، 'احمد' کي ڪِهڙو اِحتياج؟
هيڪلائيءَ ۾ هُئي، حَق جو حُسن هَمراهه چَنڊ.

*

Gul Hayat Institute

(١٧٩)

واهه! پَنيا وار، چوٽا چار، ڇُهرو چار چَنڊ،
گُل مَٿان سُنبُل سَنواري، تو پَکِڙي بازار چَنڊ!

وِچهه مَ وارن ۾ ڦٽي، وِسيَر بيهي ٿو ڦَڻ کڻي،
ڦَڻ کڻي، ڏَڪ هَڻ کڻي، ڏَڪ ساڻ سِر ڏَڙ ڏار چَنڊ.

صُبح صُورت لئي سِڪي ٿو، گُل سِڪن هَٿ ڪي حَبيب،
دوست جي ديدار لئي، جَهليون دَريون دِوار چَنڊ.

مَشرق و مَغرب جي وِچ، تُنهنجون مُقرر منزلُون،
جي لنگهين اُن پار کان، ڏِج يادگيري يار چَنڊ!

اوجهري اوجهڙ ۾ آهيان، آءُ سَندم اوجر اکِيَن!
سار لالڻ! لَهه، لَهڻ ۾ وار ويچو، وار چَنڊ.

چَنڊ چوڏهينءَ جو به گُهرجي، تو اَچڻ تائِين عَجيب!
پوءِ نه پَردو پَرتوَن کي، پَل نه پَسندس پار چَنڊ.

Gul Hayat Institute

ڇَو نه ڪِهڙيءَ چال ڪَٽندس؟ چاڳ چوڏهين چَنڊ جا،
وات، مُنهن، نَڪ، نيڻ نِرمل، سي ڪِٿي سِينگار چَنڊ؟

چَنڊ چَريا! ڪوهه پُوڇين؟ ڇَو نه جوڙيو چَنڊ ڪِنهن؟
ڪَم اَحد اَلله سان، ’احمد‘ ڪَيو اِنڪار چَنڊ.

*

(۱۸۰)

عُمر ڄام! آهِه اَندر ۾ اُڪنڊ،
مَزا مارُئن پاس، ماڙيَن ۾ مَنڊ.

مُنيءَ جِي مِنِي، تہ ٻہ مِڙئي ماٺ هِت،
هُتِي نَوبتون نِت، گُڙن روز گهَنڊ.

سُتيَنَ تان هِتِي سُومرا! وِلهہ وَرِي،
پَنوهاريون پِرهہ ساڻ جوٽِين جَنڊ.

آڏائين جا آرڻ، اَندر ۾ اُداس،
چِيڙ چيٽ جا مَن! ڇَڪان بَعد ڇَنڊ.

کِوڻ کيل کاهُڙ تي، کِڙيون کيرِيون،
اَچي ٿِي اُتر تي ڇَني پاس ڇَنڊ.

ڪَيون مِينهن مَلهاريون، مَليران مِلي،
نماڻيءَ کي نَئين جِي نِيَر ۾ نِيَنڊ.

مَنڊي مُنهنجي مَن ۾، مَنڊيئڙا مَلير،
وَڏيو کِير ڪيريءَ تي، کِيرن ۾ کَنڊ.

ڪِليو ڏِئي ڪَٿر کِير کِڙاڳ ري،
ٻَڌي رَنپ رائي، ڇَڏي رُنڊ رَنڊ.

سَتيَنَ کي سَتائڻ نہ شيوو سَنڌئي،
اِهو ڪَم عُمر ڄام! ڪَن کي اَهنڊ.

عُمر ساڻ 'احمد!' حَشر ۾ حِساب،
ڪَندا ڪُل ڪَمن جِي جِتي جوڙ وَنڊ.

*



Gul Hayat Institute

(١٨١)

ڪَري گهاءُ، گهُونگهٽ مَنجهان گهُور گهُنڊ،
ڪَري قيد ڪاڪُل، ڪَشي ڪان ڪُنڊ.

سَجڻ! تُون سَوايو سَوا لک ڪَنان،
ڪيَم ڪاله، وِچ چَنڊ جِهڙن جي چُنڊ.

لِڪايو لِڪي نُور ڪِيئن مَنجهه نِقاب؟
نہ جَهلڪار جهلجن، جَهليا ساڻ جُهنڊ.

توڪان ڏار، ڏارين ڏِٺي ڏِينهن رات،
بَلا سَروَ بالا، گُل و باغ بُنڊ.

اَسين پاڻ ۾ رُوح ريجهائيون،
بَدن چو بيا ٻِن فِدائِن تي ڦُنڊ؟

لِکو نِينهن هِتڙي نَندي هُوندڙي،
ويا وَرهه گُذري، چَڏي ڪَر نہ ڪُنڊ.

نہ ٻيلي! مِلن پِير ٻِپرن مَنجهان،
پَريءَ سان پَري پَر رَتي ڏِئي نہ رُنڊ.

هُجي حُسن جو گنج هَرگز حَبيب،
بَلا وار بَرسر، لَڙن مِثل لُنڊ.

Gul Hayat Institute

پرين پُوريو دَر، پوَن پُور مُون،
گهِڙان هَر گهڙي مَنجهه، گهِڙڻ لاءِ گهُنڊ.

نہ ’احمد‘ جو ڪَم حُسن سان هَٿ چُراند،
ڏئي اک اِشارو ڪَنن پاڻ ڪُنڊ.

*

رديف (ڍ)

**(١٨٢)**

ڪِرِيَس دوست! دَر تي، ڍِڪاري نہ ڪَڍ،
وَڏيون ڪاوڙيون قَصد ڪاري نہ ڪَڍ.

نہ گَھر ساڻ گَھر اَڻ گُھرايو گَڏيَم،
وِهاريئَي بہ پاڻهين، وِهاري نہ ڪَڍ.

جِيين يار! جِيئَري نہ ٿيندس جُدا،
مُسافر کي مَحبُوب! ماري نہ ڪَڍ.

نہ صُحبت سَري تہ بہ صُبح سان سَلام،
چَڏيو گَهر گَهنگَهر ڏِينهن گهاري، نہ ڪَڍ.

ڪَرين سَير سُهڻا! ڪَڍيو سِيند سَنئِين،
نَما شام ۾ نانگ ڪاري نہ ڪَڍ.

پَلين تِير تارن هِنيين ۾ هُجن،
اُڪاري اَندر سي اُڪاري نہ ڪَڍ.

تَڏي آئي ڪِنهن ساڻ پَئجي نہ تَنگ،
نہ عِزت ڏِين تہ بہ اُٿاري نہ ڪَڍ.

نَفر ساڻ نَفرت نہ رَک ايتِري،
سَوَن نوڪرن مان نِهاري نہ ڪَڍ.

Gul Hayat Institute

وَري وِڪ نہ، تہ ٻہ وِڪ ٻہ پُٺ تي وَريَس،
وَڃڻ سان وَريَس وِير! واري نہ ڪَيو.

تَڙڻ ڪان تَڏي تي ڪُهي چَڏ قَريب!
ڏِڪي دوست! پَرديس ڏاري نہ ڪَيو.

سِسي ڏار ڏَڙ تہ ٻہ ڇَگون چانٺ تي،
نہ سُهٽا! سُونهان ٻِئي سَهاري، نہ ڪَيو.

ذَرو زور زَر ناهِہ زاريءَ ٻِنان،
اَدب ساڻ 'احمد' پُڪاري، نہ ڪَيو.

*

Gul Hayat Institute

(۱۸۳)

جَهلي گهور تُنهنجي نہ گِرنار گڏ،
کُهڻ لاءِ قاتِل! نہ ٻيا ڪات ڪڏ.

ڪَتل جي گهرڻ تان قَتل جي ڪَرين،
تہ ناڪار ناهي، ويهي پاڻ وَڏ.

چَپن مان چَڪايوم ڪا چاشني،
چَيائين چَريا! چُپ، نہ چِيراءِ چَڏ.

وَنهيان! وِئين وِچوڙي واڏاڻان وِينهان،
پَٽن ۾ پِٽيان ٿو ڊِنگهر هيٺ ڊَڏ.

ويهاريان ڪٿي هيڪ دِل ۾ بہ دوست،
تہ گِدري بہ ٿارُون وِچان هيڪ وَڏ.

اَحد ساڻ 'احمد!' ڪَڏي مِيم مِل،
ڏِسان ڏيهہ ۾ ٻيو نہ ڏاتار ڏَڏ.

*

Gul Hayat Institute

(١٨٤)

دَردوَندن جُون دِليون، دَم دَم نہ دِلبر يار! وَڍِ،
حَرف هِيٺي تي رَکي، هَي هَي! مَ وِجهہ هَر وار وَڍِ.

سَنئون سَنواري سِيند کي، سُرمون وِجهي سَرڪش پرين،
پيَم اِن پيڪان کان، پُورو هِنيين جي پار وَڍِ.

جان هِنيين سان حاج تو، تان ڪِيَم جَهل هَٿ کي حَبيب!
مَنجهہ جِسم جاني! ويهي، جيرو جِگر جُونجهار! وَڍِ.

اک پَنِين وارن پَچي، پانيَم ڦَٽي دِل هِڪ هَندان،
چانڊڪيءَ تي چَنڊ جِي، چيني ڏِنم تان چار وَڍِ.

قَتل ڪَن ڪارون اکيون مُون، قَلب کي ڪاڪُل ڪَڙيون،
ڏَک لڳَن ڏِيدن مَنجهان، دِل ۾ وِجهي ڏِيدار وَڍِ.

پاڻ گهاريا پاڻ ۾، ساجن! سُڪيا ڏِينهن سَپ جَمار،
موڪلائي مُون ڪَنان، مُون کي نہ اَڄ مَنٺار! وَڍِ.

مَرض هِن مُحتاج جو، مَخفي نہ توکان مِهربان!
دَرد دُکيس جان تي، ٻيو دِل ۾ پُونس ڏار وَڍِ.

آهِہ 'احمد' مَنجهہ ڦَٿيَل، جي ڪِيَن اَٿئي اِعتبار،
ويهہ سَجڻ! سِيني مَنجهان ٿِيِ، پوءِ سَنڌيَن جا سار وَڍِ.

*

(١٨٥)

دَمِ هُئڻ جا هَڙ نه هُونهين، تُنهنجي هَستي ڏِينهن ڏيدِ،
تُون مِٽي آخر مِٽيءَ ۾، مَوج مَستي ڏِينهن ڏيدِ.

آهِ حاڪِم هيڪڙو، جِنهن جو حُڪم هَرجا هَلي،
دوست! تُنهنجي دَست ۾، دَستُور دَستي ڏِينهن ڏيدِ.

خاڪ ۾ خاقان پارا، خان سَڀ بي خان مان،
بَر بَحر جُون بادشاهيون، باغ بَستي ڏِينهن ڏيدِ.

بي قَدر ڪي چا قَدر؟ جِنهن وَٽ ڪُنون ٿِهڙو ڪُنپار،
خَلق جو خالِق خُدا، پَر خَلق خَستي ڏِينهن ڏيدِ.

ڪالهه چِيو قالُوا بَليٰ تو، اَڄ قُبن ۾ ڪَم وِجهين،
تو نه رَکيو رُوح ۾، عَهدو اَلستي ڏِينهن ڏيدِ.

مَا سِوَي الله ماس، چَم، مُدت مَهينو ماس مَس،
واسَوا وَٽ ماسِوا جو، واس وَستي ڏِينهن ڏيدِ.

بُت بَنايا پاڻ تو، توکي بَنايو ڪِيئن بُتن؟
پَڄ بُتن کان، پَڄ بُتن کي، بُت پَرستي ڏِينهن ڏيدِ.

دوست! اَڏ دولت جو لَٽ، دولت سَمُوري دو لَٽون،
تَنگ تَنگيءَ کان نه ٿِي تُون، تَنگدستي ڏِينهن ڏيدِ.

رات پُنيان ڏِينهن روشن، ڏِينهن روشن بَعد رات،
دِل شِڪستي ڪَر نه دِلبر! دِل شِڪستي ڏِينهن ڏيدِ.

Gul Hayat Institute

لِک مَنجهان ڪِن لَک ڪَٽيا، ڪِن لَک لُٽايا لِک مَٽيِ،
بي خَبر! بيدار ٿِيِ، بازار بَستي ڏِينهن ڏيِد.

اُجهہ اَجهورن ۾ نہ ’احمد!‘ عَرش اورانگهي اُڏام،
هِن نہ پِڃري ۾ پَکيئڙا! پاءِ بَستي ڏِينهن ڏيِد.

*

Gul Hayat Institute

رديف (ذ)

**(١٨٦)**

حُسن وارن جي زَبانان، حَرف ڪارو ئي لذيذ،
ڪيترو ڪاوڙ نہ ڪَن، تہ بہ اک اِشارو ئي لذيذ.

چاڳلي ڪا جا چَکايم، اَڄ چَپن مان چاشني،
ٿيو مَزي کان جنهن جي مُنهنجو، جِسم سارو ئي لذيذ.

ڇو ڇَوان مُنهنجا مِٺا! مُون کي مَنو ڇا لاءِ چَئِين؟
گُلبدن! تُنهنجو تہ گُفتو، گار وارو ئي لذيذ.

ڪير ڪارِي رات ۾ خوش؟ ڪِنهن کي ڪندن سان وَٽي؟
ٿو لڳي اَنجام تي، اوجهڙ اَنڌارو ئي لذيذ.

ري حَبين هاءِ! گُذري، تِنهن حَياتيءَ کان هُونهين،
پَر مِلڻ محبُوب جي تان، مَوت مارو ئي لذيذ.

رات گڏ راڻا! نہ راهين، تہ بہ رَهڻ ڏي راڄ ۾،
نيٺ تُنهنجو نوڪ نيڻن سان، نِظارو ئي لذيذ.

جي نہ ڪوڏي گَڏ وِهارين، تہ بہ گهَٽيون گهوڙا! نہ بَند،
دَر اَوهان جي دوست! ٻانهيءَ لئي ٻُهارو ئي لذيذ.

ڪوءِ! ڪاڏا ري خَليلن، ڪوءِ! خوشيون، ڪوءِ! خواب،
مَنجهہ گهٽين هِن گام جي، گهنگهر گُذارو ئي لذيذ.

وَچ جَمي 'احمد!' اِتي، اوڏو اَچڻ توٽي نہ ڏين،
هِن پَريءَ جِهڙن جو، پاسن کان پَسارو ئي لذيذ.

*

(١٨٧)

ڪُڇاڙو، ڪُڇاڙو، ڪُڇاڙو لڌيڏ؟
پِياري پِرينءَ ساڻ پاڙو لڌيڏ.

ڏُکن ڏار ڏُونگر ڏُکيا ئي لڳن،
هُجي حُب نہ حَب خواهہ هاڙهو لڌيڏ.

هِنيين کي نہ هِيرُون وَڻن ري وِصال،
قَريِن جي ڪاڍي ۾ ڪاڙهو لڌيڏ.

بنان دَرد، ڏانهُون نہ واجا وَڻن،
لَڳي ساز ۾ سوز ساڙو لڌيڏ.

هِدايت وَندن کي هِدايت وَڻي،
مَگر مُوڙهلن لئي مُنجهاڙو لڌيڏ.

ڪو ڪِنهن ڏِينهن ۾ خوش، ڪو ڪِنهن ڏِينهن ۾،
اَسان لئي ڏِسڻ جو ڏِهاڙو لڌيڏ.

نہ نيڪار جِي نَوڪري ڪار ۾،
پَلن ساڻ پيڙو نہ پاڙو لڌيڏ.

سَوا تِن سَوين سال سُک ۾ پَون!
سَڄڻ ساڻ صُحبت سَتاڙو لڌيڏ.

مَٿي مُلڪ لايون مَلهاريون مِينهَن،
تَنواري ٿو هِن طَرف تاڙو لڌيڏ.

Gul Hayat Institute

سَڪر ۽ شَڪر وِچ مِليَم اِختيار،
لِڱم لال لب ڏانهن لاڙو لذيذ.

ڏِسان نا ڏِسان، تہ بہ جِنهين ڏِس رَهن،
مِڙئي لاءِ مُون سو مُهاڙو لذيذ.

پِرِيَن پيش پَردو، اکِيَن تي عَذاب،
اِهو طرف 'احمد!' اَگهاڙو لذيذ.

*

Gul Hayat Institute

ردیف (ر)

**(١٨٨)**

سِر ڪُلهن چوڙيِ چِڏيا، نازُڪ پِرين نِروار وار،
حُسن هِهڙيِ سان هِنيون، هَٽ ڪِيو هَٽي هوشيار يار.

ڪِينَ ٿِئي ثاني سَجڻ سان، سِج سَجوئي چَند سَميت؟
ناهِه ڪِنهن اِنسان کي، اِن ڪار ۾ اِنڪار ڪار.

ڪَر خُدا ترسي خُدا لڳ، خُون ناهي خان! خُوب،
پال ڪَر، پالو ڪٽي، بي ڏوهه مَ ڪِنهن بيمار مار.

سال سالِ وِچ نه پيو، ڪِيئن صُلح جي وِسريئي صَلاح؟
مَس لنگهيا آهِن اُنهيءَ آچار کي آچار چار.

دِلربا دِلبر! تو ڏاران، ٿيم سِر ڏَڙ ڏار ڏار،
گهائي غَمزي سان مَ رَک، غَم ۾ وَري غَمخوار! خُوار.

Gul Hayat Institute

هيج مان هِي جي هَنجُون، تو هار هاريان ٿو هَميش،
مُنهن پيَم مِهراڻ، تِنهن مان مِهر سان مُختار! تار.

غَرض گهڻيَن گالهِيَن سان، چا سَندم ڪامِل قَريب!
عَرض آهِم، ٿِي مَ 'احمد' کان سَدا آڌار! ڌار.

*

**(١٨٩)**

مُحب! ماڻن ساڻ مُرڪيو، مُون کي مارين ٿو، نہ مار،
ڪيترا ڪارين اڪين سان، ڪِيس ڪارين ٿو، نہ ڪار.

دِل ڦٽي ڦوڙاءِ مُنهنجي، ڪَر ڦَڪي ڪا فَضل سان،
گهور سان گهائي وَري، گوشي تي گهارين ٿو، نہ گهار.

ڪِيئن اَندر پيهي اَچان؟ آڏا عَدُو بيٺا عَجيب!
ساڻ ڏوراپن ڏِهاڙي، ڏِيل ڏارين ٿو، نہ ڏار.

سَرڪشي ڇَڏ يار سُهڻا! سَرچ مُنهنجا سَڏ سُڻي،
دَر مَٿي دِلبر مِٺا! دَربان ڏارين ٿو، نہ ڏار.

هوڏ ڇَڏ هيڏي اَچڻ ۾، هِڪ ڪَري پائيم هوت!
مُون کي بيو جاڻي ٻِپاري، ٻاهِہ ٻارين ٿو، نہ ٻار.

جِن، مَلڪ، ماڻهون چَوين سَپ، چَنڊ، سِج چاڪر اَٿم،
هِڪ سَجڻ! مُون پَنهنجي ساٿان، ٻَهر سارين ٿو، نہ سار.

دوست! مُون دَرسن پَسي، دِل جا اَڳيان ميٽيا نہ داغ،
تُون وَريو توڙي وَڍيل تان، واڳ وارين ٿو، نہ وار.

ٿو سَڏين 'احمد!' نہ اَچ، ڪو عَيش ماڙيان تان مَلُوڪ،
مَنجهہ اِنهيءَ ڪوڙن خَيالن، ڏِينهن ڪارين ٿو، نہ ڪار.

*

Gul Hayat Institute

(١٩٠)

جي سَڄڻ! صُورت پَسائين، مُون کي ساعت لڳ سَتار،
تان سَندئي ساعت مَثان، صَدقو ڪَريان سارِي ڄمار.

مُون ڏِٺا مُورهين نہ ٻِئي وَٽ، مُحب! اِهڙا مُعجزا،
جِيئن قَمر تي زُلف ڪارو، ۽ ڪَمر تي ذُوالفقار.

حادثن اِن حُسن جي، حُورُون پَريون حَيران ڪِيون،
نيڻ ڪَٽيو جِيئن ڪِلين، تِيئن خَلق ڪامي مَنجهہ خُمار.

ڪَنڌ قَمر نايو اَچي، ڪِيا سِج سَوين سَجدا سَلام،
چَوطرف چيلها ٻَڌي، بيٺيون ڪَري ڪَتيون قَطار.

مُنهن مُقابل مُحب! تُنهنجي، ماٺڪن جو مانُ ويو،
چَنڊ، تارا، قُطب، ڪَتيون، شَمس سُوڌا شَرمسار.

سَچ صَفا سُورج! سُٺائين، مَر نہ پيو پائين مَنين،
تُون هُونهين ٿو هَڙ جُون هارين، ناهِہ توکي نَڪ نِرار.

چَنڊ! چَڙهي چَمڪار ڪَر، جاسين نَظر نازُڪ اَچيم،
پوءِ لَهي لَحظي ۾ وَڃ، رَسنئي مَتان ڪو غَم غُبار.

رُوبرُو اِيءُ آبرُو، رَهندئي نہ چوڏهين چَنڊ ماهہ!
مَتَ نہ ٿِئين مَحبُوب سين، توڙي ڪَرين حِيلا هَزار.

چَنڊ چوڏهين! چانڊڪيءَ جِي، ڪَر مَ دَعوا دوست وَٽ،
سِج سَوين اِن سَڌ ۾ اَڳ، بي آبرُو ٿيا بي شُمار.

اَڄ سُپيا 'احمد' وَڃي، ٿيندو مِٽيءَ پيڙهو مَگر،
اِي ٻہ ٽي اَلفاظ رَهندا، ڪاڻ يارن يادگار.

*

Gul Hayat Institute

(١٩١)

ڪِنهن گهنگهر گُوندر چَڪايم، گهاءَ گهوڙا! سَئُو هَزار،
ساهه کي صاحِب پِرين! پيا، سُور سوڙها سَئُو هَزار.

سُور نيئي سُڌ سار سارِي، پيَم سِيرُون مَنجهه سَرير،
سِر ڳلن ڳاڙيان، ڪَندي ڳُڻ ياد، ڳوڙها سَئُو هَزار.

هِڪ نه پيرو مُون بَندي، گهُريَم بَديَن لئي بَخش پال،
توهه تُنهنجا مُون مَٿي، تَحقيق توڙا سَئُو هَزار.

رَڙ رُجن ۾ رات ٿِي، سُٽَندي مِرُون پيا مامري،
ٿا ٻَرن ٻَر ٻَر! اِنهيءَ ڪان، ٻُڳهه ٻوڙا سَئُو هَزار.

خَوف وارا خاڪ ۾ پيا، ڪِل گهٽي ٿِي خَلق ۾،
پَر قَيامت ۾ ڪُٺيندا، قَسم ڪوڙا سَئُو هَزار.

عُمر تي اَڌ ڏِينهن جِي، ’احمد!‘ اَٿئي پُوريون اکيون،
ڏِس نه ٿيا پُونءِ ۾ پُڪا، اگ گهوٽ، گهوڙا سَئُو هَزار.

*

(۱۹۲)

وَر سِگھو سُھڻا پِرين! توکِي ٿو ساريان سَپ چَمار،
گُوندريو ڪِنهن گھور ڪان، غَمَ ۾ گُذاريان سَپ چَمار.

دوست! دَرسن ڏانھن تُنهنجي، دِل چِڪي دائمَ مُدام،
نِت ٿِمايو نيڻ ناڪن تي نِهاريان سَپ چَمار.

رُوح مان راھُن مَٿي، پُونمَ رِهاٽِيَن لئي رِيھُون،
هيج مان هِي جي هَنجُون، تو هار هاريان سَپ چَمار.

روح مُنهنجي راج جِي، راجا! پَڳي نِندَ رات جو،
آدمي آھُون ڪَريو، آڏي اُٿاريان سَپ چَمار.

هِت ڪَٽي جي خان چُومَ، تہ بہ خوشي ڪانهي خَليل!
گَڏ تہ تُنهنجي گامَ ۾، گولو ٿِيي گھاريان سَپ چَمار.

عَرض 'احمد' جو سُڻي، جي هُوند اوتاري اَچينمَ،
ساھہ جو ٿورو سَڄڻ! تان ڪَر سَنپاريان سَپ چَمار.

*


Gul Hayat Institute

(١٩٣)

ڏي دِلاسو دوست دِلبر! دَرد ڪَئي دِل دَر بَدر،
ناهِه زورِي، بَلڪه زارِي، زير بارِي ذَر بَذر.

جي وِساريان ته به نه وِسرين، خود وِسارڻ وِسريَم،
تُنهنجي صُحبت لاءِ سُهڻا! سَئو سُڪائون، سَئو نَذر.

لَنئون لِڪايم لوڪ کان، لالڻ! نه لِڪيا لُڙڪ لال،
پِرهه جو پاڻي اکيَن جي، ڪَئي پَريشاني پَڌر.

بَس نه بيوَس کان ٿئَن، باتيون بَهادُر يار جُون،
بي بَها دُر، گُل بَهاري، باهِه، بِجلي، يا بَدر.

حُسن هِيرا، لَعل، موتي، عِشق هِڪ اُونهون عَميق،
سَپ اَري ۾، سِپ تَري ۾، ري تَوڪل تُون نه ڏَر.

تو سَوا ڪارا ڪِيئڙ ۾، ڪِير، ڪَنڌيون، ڪارڪُون،
خواب ڪِهڙا خُوبصُورت؟ ري پَسڻ پُسيَل پَڌر.

آئون هَولن جي حَوالي، تُون حَويليءَ ۾ حَبيب!
نِت ڪُٺي تُنهنجو نه ماڻو، مَن نماڻو، تَن نِڌر.

آرسي 'احمد!' مَ ٿِي، پَر آرسيءَ ۾ ڏِس عَمل،
گُجهه پَڌر پَوندا جِتي، پُڇندا نه اُت پُٽ کان پِدر.

*



Gul Hayat Institute

(١٩٤)

اَي اَدا پانڌي! پِرينءَ جي پار جِي ڏي ڪا خَبر،
خُوبصُورت، خود نُما، خُونخوار جِي ڏي ڪا خَبر.

جو مُنهان محبُوب سُئي، مَذڪُور سو مَخفي مَ رَک،
سُنهن اَٿئي ساٿي! سَجڻ سَنيهار جِي ڏي ڪا خَبر.

رَک سَندم ڪوڙي مَٿي، قاصِد قَريباڻا! قَدم،
دوست، دِلبر، دِلربا، دِلدار جِي ڏي ڪا خَبر.

هِت ڪَڏهن مَنزل ڪَندا، يا قَصد اِيءُ لاٽو قَريب؟
مُحب موچاري، مِٺي مَنٺار جِي ڏي ڪا خَبر.

بِرهه ۾ بي حال ٿيو، بُلبُل سِڪي ٿي باغ لَئي،
گُفتگو بِي بَند ڪَري، گُلزار جِي ڏي ڪا خَبر.

ڪي ڏِنئي اوني اَدا! اوڏا، پَري ايندا عَجيب؟
ماهه جِهڙي مُنهن، مُحب مَهندار جِي ڏي ڪا خَبر.

هَرڻ اکِيُن، هَنجهه گِچِي ۽ حُور جَنت حُسن ۾،
سِج جِي صُورت، سَروَ قَد، سالار جِي ڏي ڪا خَبر.

پَند ٿيندا ڪيترو، هِن هَند کان حُجرا حَبيب؟
دُر سَندي دَرگاهه، دَر، دَربار جِي ڏي ڪا خَبر.

تِنهن مِني مَحبُوب جو، هو مُلڪ ۾ ڪِهڙو مَذاق؟
شاهزادي جي شَهر، بازار جِي ڏي ڪا خَبر.

Gul Hayat Institute

ڪِٿ هُئي گادي گوهر جِي، ڪِٿ هُئا گُلزار گُل؟
اُن وَطن، وَسندي، وِندر، وَڻڪار جِي ڏي ڪا خَبر.

ڪِٿ ڏِٺي مَهندار مُنهنجو، مُرڪندو مَسنَد مَٿي؟
ڪِٿ هَلائين ٿي حُڪم؟ هوشيار جِي ڏي ڪا خَبر.

ڪِٿ ٿِليا ٿي ڊِول مُنهنجا، ڊِل واري ڊول سان؟
راهُ راٽي جي رَوش، رَفتار جِي ڏي ڪا خَبر.

ڪِٿ ڪُشاديرا ڪَري، ڪاڪُل ڪي ڊاريُون سِر ڪُلهن؟
سَنئين سَنواريل سِيند جي، سِينگار جِي ڏي ڪا خَبر.

ڪيترا ڪارڻ اکين جي، ٿيا ڪَرشمي سان ڪُتل؟
ناز واري نيڻ، نيزيدار جِي ڏي ڪا خَبر.

آهه ’احمد‘ جي ٻُڌي، پوءِ چا چَيو اکيان عَجيب؟
اُن طرف اِنڪار يا اِقرار جِي ڏي ڪا خَبر.

*

Gul Hayat Institute

(١٩٥)

خواب ۾ ڪِئن خُوب صُورت، خُوب سِيرت، خُوب تَر،
گُل گُلابي گُل اڳيان، بِلڪُل لڳي بَدتر بَتر.

قَيد ڪاڪُل جي ڪَڙيءَ ۾، قلب مُنهنجو ڪِيو قَريب،
تِير جِيئن تارا اکين جا، تِر مَٿي ٽِٽي دِل ٽِتر.

سَنئون سَنواري سِينڌ سانوَل! سَير لئي اَڄ ٿِئين سَوار،
قُرب وارن جُون قَطارُون، نِينهن وارن جي نِتر.

دوست جي دِيدار لئي، دِيوار دَر تي سَڀ هُجوم،
هُو پَري ڪان پَرتوا، وچ ۾ نه ڪو پَردو پَتر.

جيءُ جِهجي تو لاءِ جاني! جِندڙو جهوري جهليوم،
اک پِڇي ۽ بُت پڇي، جِيئن پِت پڇي پِڇندي پِتر.

سُور سانگيڙا ڪَيا، سانگي وَرن مَن! سانگ تان،
موڪليَم پُرزور پُرزو، سَڀ پَتو ڏيئي پَتر.

واهه! سانوَڻ، واهه! ساوڪ، سار سانوَلڙا لهن،
پَلسرا پِٽ تي پَٿاريون، گاهه پَٽين ۽ پَتر.

هَيبتن حَيران ڪِيو، هَيهات هَي هَي! هِيءُ هِنيون،
ڪِيئن تَران هِن تار مان؟ پاتار مان تُرهو نه تَر.

آهه ’احمد‘ آسري ۾، مَن! اِجابت ۾ اَچن،
نِينهن نِياپا نَوبنو، تازا بَتازا، تَر بَتر.

*



Gul Hayat Institute

(١٩٦)

پَنڌ پرينَ جو پَراهُون، پَر پکيئڙا! ڪول پَر،
پَرپريڙو پَنڌ، پَر پيغام پُهچي ڪِنهن بہ پَر.

ٻي نِشانيءَ جو نہ شاني، ڏِج نِشاني نينهن جي،
اِن پَتي تي پُهچ پانڌي! پَر ڪَري، پَت ڪِيئَن بہ پَر.

تَن پِياسي، مَن پِياسي، پڪ پِياسيءَ کي پيار،
پُر هُجي پِر ساڻ دِل، پَر پَرپرو شل! هوءِ پَر.

رَڏ ڪُڏائي رُس مَ راڻا! رَس نہ ڪَريون رَس رِهاڻ،
پَرچ، پَرچيءَ ساڻ پَر مِ، موڪليَم پيغام پَر.

نُور نيڻن جا! وَهن نيڻن مَنجهان نِت نار نِير،
ناهِہ توکي هِن طَرف، تِر جيترو ڪو تَرس پَر.

نيڻ واهي نَهر جِيئَن، جِنهن ڏي ٿِئي نِينهن مان نِهار،
روج هُوندس راج ۾، راڄا هُجي يا راڄپر.

آس 'احمد' جِي نہ شل! آسڻ اَچِن يا آس پاس،
ڏي اَچڻ جو آسرو، تو ۾ اَٿم آسيون اَپر.

*

Gul Hayat Institute

(١٩٧)

جَلد وَرجئِن يار جاني! پَس اکِئَن مان جال جَر،
دوست! دُوري دِل وَڍي، وَڍجي بہ جِيئَن ڪِدرو گِجر.

آهِہ وَالصُبح اِذَا اَسفَر، صِفت صُورت صَحي،
وَصف وارن ۾ پَڙهان ٿو، وَالفَجر ويلي فَجر.

ناز تُنهنجا راز توسان، پاڻ ۾ ناز و نِياز،
آئون نہ چاڙهيان چانٺ ٻيءَ تي، تو سَوا سوني ٿَجر.

صُبح صُورت جو سَلامي، گُرز غَمزن جا غُلام،
مُنهن مُنوَر، وار وِسيَر، شَب قَدر ۽ وَالفَجر.

دوست! دُوريون ڪيتريون، تہ بہ تُون نہ دِل ڪان دُور دَم،
تُنهنجي صُورت ساهہ ۾، جِيئَن چِٽ هُجي بَرسر حَجر.

گهر گهنگهر، مَنجهہ گام گُوندر، گُل بہ روئي ٿيا گُلاب،
لُڙڪ لالڙ! تي لِيارن، لال شَبنم سان شَجر.

حُسن جي هِيرن وَٽان، هَر هَر لنگهين ٿِي هِير! تُون،
چَئَيج 'احمد' جا عَرض، اَللہ ڏيوَئي شل! اَجر.

*

Gul Hayat Institute

**(١٩٨)**

بَخت پانيان ٿو نہ آهِم، بَد بَرابر ڪِي قَدر،
جِيئَن سَجڻ سَرتل ٿِئي پيو، سَخت مُون سِر ڪِي قَدر.

جِيئَن ڪَرين مَحبُوب! ماڻا، تِيئَن لڳِين ماڪيان مِنو،
آهِہ اِن شوخيءَ ۾ شايد، شَهد شَڪر ڪِي قَدر.

اِيئَن ڪَهان ٿو ڪِين، تان ڪَڻ ڪات مُنهنجي ڪَنڌ مَٿان،
بَلڪہ آهيان خُون ۾ خوش، ڪوڙ خَنجر ڪِي قَدر.

ڪان هَنئي ڪي ڏِينهن لنگهيا، ڪَڙ ڪَڙ ڪَندو قارُون جِيئَن،
پيو وَجي اَج سين اَجان، اَرواح اَندر ڪِي قَدر.

ناهِيان نيڻن رُڳو، تُنهنجي نِهوڙيو نازنين!
مُنهنجي اکيَن ڏي بہ اَلبت، آهِہ آخر ڪِي قَدر.

ديڳ چاڙهيَم دوڳ ٿِي، ري لُوڻ ڪَونرن مَنجھ ڪَري،
ڪيڻ جِهڙي ٿِئي ڪِلين جي، هُوند هيڪر ڪِي قَدر.

پاڻ سَمجهان ٿو نہ سُهڻا! سُونهن ڪَري آهين سَمُوند،
پَر پِيارين جي پِرين! تان آهِين ڪَر ڪِي قَدر.

پائني بَيتُ اللهُ پِرُون، تو ڏانهن نِيتيان ڪَر نماز،
پَر بُجهان قُرآن جِي، قِرئت نہ ڪِنهن پَر ڪِي قَدر.

مَا تيَسَر مِنہُ جِي، پڻ مِڙ ڪُلي مَعنيٰ مَٿم،
جي ڪَرين مَحبُوب! مان ڏي، مُنهن مُنوَر ڪِي قَدر.

عاجزيون 'احمد' جُون آهِن، عُمر سارِي تو اَڳيان،
تُون بہ مُرڪي مِهر سان، مُون ڏانهن مُنهن ڪَر ڪِي قَدر.

*

(١٩٩)

مُنهن ڏيکاريو مِهر سان، ڪِنهن مَهل مَنظُورِ نَظر!
هِن نَظر جي مُنتظر تي، ڪر نَظر نُورِ نَظر!

لَک لَهان يا ڪَک لَهان، قِيمت نہ وَنندس تا قِيام،
شال! ڪَن مَنظُور مُون، بي مَزد مَزدُورِ نَظر.

تِير تارن جا، اکِين پوين جي پاسن مان ٻهار،
دوستن لئي دوست ڏاري، ڏار دَستُورِ نَظر.

هيترِي سارِي حَياتي، هَر نشو هُوندو حَرام،
پَر نِيَس مَيخان مِ اَڄ، ڪِنهن بہ مَخمُورِ نَظر.

عُمر سارِي آهہ زارِي، عُمر سارِي اِنتظار،
مَس ٿيو مِسڪين اَڄ، مَسرُور مَشڪُورِ نَظر.

Gul Hayat Institute

مِنتون ميڙيون مِلڻ لئي، مُلڪ سَڀ مُل مِ تہ مِل،
مَغز ماريَم ڪيترو، مَهندان بہ مَغرُورِ نَظر.

اک اِشاري سان پُڇيو، اَحوال ’احمد‘ ڪان عَجيب،
ڇا ڪُڇي مُنهن مان مِٺا! مِسڪين مجبُورِ نَظر؟

*

(٢٠٠)

مِينهن وَسڻ جي مُند آئي، مِينهن مارُن پار ڳَر،
ڪيل هُن ڪُڙ تي ڪِوڻ جا، اِيءُ نه پاسو پارڳَر.

ڇَم ڇَم ٿمي، جُهڙ ڦُڙ جِهمي، آگم گِهمي ڳَئي مِينهن جِي،
هُو وَسي وِچ ۾ وَلهارن، پڻ جَهلي هِن ڪار ڳَر.

اَڳ تَرايَن تانگهه ناهي، ڳَئي وَري تاڙي ٽَنوار،
ڳَر رَکيو ڳَر تي ڳَڪر، ڏِئي ڪِيَنَ ڪارُونپار ڳَر.

ڇَڏ نه مارُن سان مِلان، مارِن ماڙيون مِير! مُون،
ڪِيئَن قَيامت ڏِينهن ڪٽندين، اِي ڳَندي ڳَم ڪار ڳَر؟

جهوليون جيڏيَن سين ڇُونديَم، ڪالهه پيرُون پاند ۾،
اَڄ لهي هَي هَي! نه هِت ڪو، هيڪڙو هيڪار ڳَر.

هِت ڪَٿون پا! هُت ڪٿونبا، ڪِير، ڪيريون، پيرِيون،
ڄام! ڄاريون ڄَم اَٿم، ڄايَس نه تُنهنجي ڄار ڳَر.

آئون عاجِز آهِيان، ’احمد!‘ ڳَريان آهُون اَسُر،
آسرو اَللهُ ۾، تُون مَر عُمر! اِنڪار ڳَر.

*

Gul Hayat Institute

(۲۰۱)

مُئس گھوريَس! گُنهہ سَڀ مَعاف، گھائو گھور تُون پڻ ڪَر،
نہ ڏاريون دوست ڏاريندس، نہ دَر تان دُور تُون پڻ ڪَر.

مَتان پائنين تہ مارڳ ۾، مِرُون مارِن، نہ ماريو مُون،
ڪَيَس چورن وَڏي اڳ چُور، چِڪناچُور تُون پڻ ڪَر.

پِيالو پُر پِياري هَٿ، پِيَم پَنهنجي پُنهل ڪان پِڪ،
چِيَم سامُهون سَڄڻ، هِيءَ هِڪ بہ سُرڪي سُور تُون پڻ ڪَر.

مِٺا مَحبُوب! تو ٻوليو، مَرين تُون تان مِلان آئون،
مَرڻ مَنظُور ٿيو مُون کي، مِلڻ مَنظُور تُون پڻ ڪَر.

وِهاري تو چِيَم وِهسي، نہ مُون وَٽ، وَٽ وَٽيون وِهہ جُون،
پِيئڻ مُنهنجو پِيارا! ڪَم، پَلا پَرپُور تُون پڻ ڪَر.

نہ عاشِق ٻِئي مَٿي 'احمد' اکيون عالَم وِچان تو ۾،
مِٺا! ماڻهن ڪَيَس مَشهُور، ڪُجھہ مَشهُور تُون پڻ ڪَر.

*



Gul Hayat Institute

**(٢٠٢)**

سِر ڪُلهن ڪاڪُل ڪُشادا ٿو ڪَرين، اِئَن ڪِيَم ڪَر،
ظُلم زوراور! زِيادا ٿو ڪَرين، اِئَن ڪِيَم ڪَر.

لاهي بُرقعو گُلبدن! پائين گُهمان بازار ۾،
شَهر سَپ سُج شاهزادا! ٿو ڪَرين، اِئَن ڪِيَم ڪَر.

اَڳ ڪُنو ڪارين اکين جَڳ، پيو ڪَجل ڪانيون وِجهين،
خُون خَلقت خانوادا! ٿو ڪَرين، اِئَن ڪِيَم ڪَر.

عُمر آزين ۾ لنگهيَم، نه ٻه ڪونه آٽين اِختيار،
بِرهه وارا بي مُرادا ٿو ڪَرين، اِئَن ڪِيَم ڪَر.

ڪوهه هَزارين جي هُجن، ويندس هَلي ته ٻه دَر حَبيب،
لوڪ ڪوهه چَئي، پَنڌ پِيادا ٿو ڪَرين، اِئَن ڪِيَم ڪَر.

دوست چِيو، دِيدار ڏِسندين، ويهه جَهلي هِيءُ دَر دَوام،
ٻِئي طرف 'احمد!' اِرادا ٿو ڪَرين، اِئَن ڪِيَم ڪَر.

*

Gul Hayat Institute

(٢٠٣)

دِلبر! دَوا نہ ڪِيو ڪُجھہ، دانھُون اَجان بَدستُور،
پِيئندي پُڙيون پَسڻ مِ، پانھُون اَجان بَدستُور.

هِڪ سال ٿيو سَجوئي، قاصِد وَريو نہ ڪوئي،
راڻا! رَڳيان ٿو روئي، راهُون اَجان بَدستُور.

هِيءُ حال هاءِ گھوڙا! وِچ مان نہ ويا وِڳوڙا،
ڳاڙيان ڳَلن تي ڳوڙها، ڳاهُون اَجان بَدستُور.

ڪَر پال، پَيچ مَ پيرا، سَڏڙا ڪَريان سَويرا،
نِت واهِري جِي ويرا، واهُون اَجان بَدستُور.

مارِيَم مَجاز مَتيون، ڪا رِيت پِريت پَتيون،
آيون ڪَپار ڪَتيون، ڪاهُون اَجان بَدستُور.

سالِڪ سَڏيو سَڏي ٿو، وِڪ وِڪ وَڏيو وَڏي ٿو،
ٻانهون ٻَڌيو ٻَڌي ٿو، ٻانھُون اَجان بَدستُور.

دِيدار دُور دَر مان، پَر ڪِينَ ڪِي قَدر مان،
’احمد‘ سَندي اَندر مان، آهُون اَجان بَدستُور.

*



Gul Hayat Institute

(٢٠٤)

نہ دَر مَنجھ ڇڏين دوست! تہ ٻہ دَر نہ پُور،
ڪَريان پَل پَري ڪان پَسي مانَ! پُور.

نہ جَلوي سَوا جوت جاني! ڪِٿي،
نہ خِلوت سَوا خَير، مَنجھ خَيرپُور.

ڪَڙيي تُنھنجي ڪاڪُل ڪَيو قَلب قَيد،
ڪَڙيي ۾ ڪَڙو جِيئَن ڪُنڍي مينھن پُور.

سُتيءَ کي ڏيئي ويا سُتي سِڪ سَندي،
بِرھہ باھہ ٻارِي، پِرھہ ساڻ پُور.

پُنھل وَٽ پَکي يا وَڃان واءُ ٿِيءِ،
نَئون نِينھن جو نئي، پَوي روز پُور.

ڪَندا ڪاھہ کي کوھہ، سَئُو کوھہ کوھہ؟
رَکي پِرت پُوري پِرين پار پُور.

مَرڻ مَھل مُون کي مُلاقات ڏِج،
ڏيئي ڏَک مَٿان پاڻ واريج پُور.

ٻُجھي پَنھنجو پاھون ٻَھُون پاجھہ ڪَر،
نہ تُون پيءُ ڪِنھن جو، نہ ڪِي پُٽ، نہ پُور.

اُبو اُپ ڪَپيءَ ڏانھن 'احمد' اَچي،
ڏِيارينس پاجھئون کو بيڙيءَ جو پُور.

*

Gul Hayat Institute

**(٢٠٥)**

اَي اَميرو! عام آهُون، رَنگ لائيندين ضَرُور،
نِت ٺماڻن جُون نِگاهُون، رَنگ لائيندين ضَرُور.

ظُلم ظاهِر تِن مَٿي، جِن لئي ضَرُوري ٿِي زَڪوات،
ڳاهِجي ويون تِن جُون ڳاهُون، رَنگ لائيندين ضَرُور.

ڪِن پُلاهُون پيٽ ۾، پَر پيٽ ڪِن جا ٿيا پَلاءِ،
هِي پَلا ۽ هُو پُلاهُون، رَنگ لائيندين ضَرُور.

مَنجهه ڪَنگالن ڪَنگ رَڙ، ڪَرڳِل ڪَلهن جا سِر ڪُلهن،
واهِري جِي وير واهُون، رَنگ لائيندين ضَرُور.

وِير! ووٽن ري نه وَرتو، تو تَراڙين ساڻ تَخت،
عام راءِ ڏار راهُون، رَنگ لائيندين ضَرُور.

هِن بُکيَن ڪيَئِن بادشاهه، بَرباد ڪِيا اَي بي خَبر!
هِي ڪُمهريون قَهر ڪاهُون، رَنگ لائيندين ضَرُور.

زار کي زاري ڪَرائُون، رُوس ۾ جو هو رَئيس،
تُون! نه تِنهن کان پَنڌ پَراهُون، رَنگ لائيندين ضَرُور.

اِيءُ مُلڪ ’احمد!‘ آهي، لا اِلٰہ اِلا الله جو،
تِنهن تي ڪَلمي جُون ڪَلاهُون، رَنگ لائيندين ضَرُور.

*



Gul Hayat Institute

(٢٠٦)

نہ پالي ٿو پَرور نہ پالي ٿو ڪير؟
سَنڀالي نہ سو پوءِ سَنڀالي ٿو ڪير؟

ڪٽي پاٽ مان جو وِجهين پيٽ ۾،
نَون نالِيَن مان نِڪالي ٿو ڪير؟

ڪَڪر رِيت ڪِهڙي وَلهارن وَسن،
بيهن دَم، وَري دَم ڏِڪالي ٿو ڪير؟

هَلن ڪي هَوا ۾ سِرن، ڪي سُرن،
مَنجهان جَر جَهازن ڪي ٽالي ٿو ڪير؟

سَدا سِج گرم آهہ ڪِهڙي سَبب؟
ڏَما ڏَم ڏَوڻ ڪي ڏَمالي ٿو ڪير؟

لَکن ۾ لَکين لال لُوساتجن،
سِياري ۾ سَيڪنهن ڪي ٽالي ٿو ڪير؟

جَڏهن تُون سُمهين، پڻ سِپاهي سَندئي،
حَريفن کي توتان هَڪالي ٿو ڪير؟

بَدن اڳ بَڻي، پوءِ بہ باقي بَدن،
ڪَڏي رُوح يا رُوح ڊالي ٿو ڪير؟

فَنا فَوج فِرعَون، نَمرُود ناس،
بِنان ذات جَبار جالي ٿو ڪير؟

Gul Hayat Institute

اَڏيندا، چَڏيندا وَڃن چَٽ چُڳيرَ،
ڪَري هِي حَويليون حَوالي ٿو ڪير؟

وِيا ۽ وَڃن پيا، نہ واريا وَرن،
نِگهہ ڪَر تہ ناگاهہ نالي ٿو ڪير؟

اَحد ساڻ ’احمد‘ جو عَهدو اَلست،
ٻُڌي ٻيون نہ ڳالهيون تہ ڳالهي ٿو ڪير؟
*

Gul Hayat Institute

رديف (ڙ)

(٢٠٧)

دِلربا دِلدار جِي، دَرگاهه دَر جو اُگ نہ ووڙ،
ڏِينهن گهَٽان ڏوريَم، گوهر جي گام گهَر جو اُگ نہ ووڙ.

مُحب جُون ماڙيون ڪِٿي؟ ڪِنهن ماڳ پُونس مَشعلا؟
ڪِنهن طَرف ڏي تَخت آهي؟ تاجوَر جو اُگ نہ ووڙ.

آهِہ ڪِٿ پاڙو پِريان جو؟ پار ڪِنهن پارس رَهن؟
سَگ سِياڪو آهِہ ڪِٿ؟ ساجن سَڌر جو اُگ نہ ووڙ.

سَڏ سُڄاڻان ٿو سَڄڻ جو، سَڀ هَنڌان سوئي سُڄي،
پيو اَٿم اِن شاهہ سُهڻي جي شَهر جو اُگ نہ ووڙ.

ٿو پَسان پيرا لڳل، مَحبُوب جا هَر ڪِنهن مَڪان،
پوءِ وَري ڪاڏي ويا؟ تِنهن واٽ وَر جو اُگ نہ ووڙ.

ڏيهہ سَجوئي سِج سَوا، سُونهن ساڻ سِينگاريو پِرين،
شَب نہ ٿِئي ڪا شام اُت، سانجهي سَحر جو اُگ نہ ووڙ.

مُنهن ڏِنو مَحبُوب جو جِن، مَوت ٿيو تِن تان مَعاف،
غَم نہ، غَمخواري وَٽس، گُوندر گهَنگهر جو اُگ نہ ووڙ.

عِشق آٽي اَچ وِڌيَس، اوڙاهہ ڪِنهن اُونهي اَندر،
قَعر ڪارُونپار جي، ڪَنڌيَن ڪَپر جو اُگ نہ ووڙ.

ڪو نَظر نازُڪ ڪَري، اِيئن ناز سين نابُود ڪِيو،
جِيئن اَجان سين آهِہ ڪو، 'احمد' اَذر جو اُگ نہ ووڙ.

*



Gul Hayat Institute

رديف (ز)

**(٢٠٨)**

مُون سَباجها نيڻ سَمجهيا، هُو تہ بَجري باز باز،
گاھہ گاهي ڏَڪ نِگاهي، مِثل نيزن ناز ناز.

قَلب ۾ آهِہ، ڪَبُوتر جِيئَن قُلابن ۾ ڪٽان،
جي بَرابر باز جِهڙا، ٿِي پوَن مُون باز باز.

باز اَچ، بازار ۾، چُونڊ چُرڻ کان باز بَند،
بِرھہ بازي ناھِہ ڪا، جِنهن کان اَچن جانباز باز.

بَند بازُو، بَند بُت، بيزار تہ بہ بازار ۾،
چَشم مُون دِيدار بازيءَ لئي، پَلا جِيئَن باز باز.

هو گهٽُون هان هان ۽ هُون هُون تي هِنيون هِريَل حَبيب!
سوز کان اَچ سُر مَندل جا، ٿا لڳن ناساز ساز.

خواب تو ري خُوب ناهي، ڪَٽ ڪٽي پَٽ تي هَٽان،
سَربسر ساڙي چَڏيان، سامان، سِر، تَن، ساز ساز.

تُون اَملھہ، مُون وَٽ نہ مُلھہ، مُوڙِي نہ مُوڙي لاءِ مال،
آهِہ خالِص آسرو، ۽ آرزُو، ۽ آز آز.

ناھِہ 'احمد' جو اَحد ري، ڪِنهن اَجهي ۾ اِعتقاد،
روز روزِي روز لئي، هِڪ ساڻ رازِق راز راز.

*



Gul Hayat Institute

(٢٠٩)

تُنهنجي قَدمن تان ڪَريان، سِر قُرب مان قُربان روز،
صِدق مان صَدقو ڪَريان، سامهُون بيهي سامان روز.

آئون پُوريان پار اَهنجي، تُون پِرين! دَر پُورِين،
تُون مُون کان مَستُور، آئون تو مَٿي مَستان روز.

آئون سُٽن ماڻهن سُتت، آن وَٽ اَچان، ايندي ڏِڪيوم،
مانُ ماڻي گهٽ، اَچي جو بي مَهل مِهمان روز.

ساهه صاحِب ڏي وِيَم، تِنهن کي سَتر ڪن سال ٿيا،
فَوت بابت ٿو ڪَرين، فائق! اَچان فَرمان روز.

مُلڪ مُلڪو تان مَٿي، مِليو هُيَم مَولي مُلاءِ،
اَمر آڻي ڪِٿ چَڏيَم، آهِم اِهو اَرمان روز.

واءُ وِڇوڙي جي ڪَنان، وو ووءِ وائي وات ۾،
هَٿ هَٽيو هَي هَي ڪَريان، آهِم هِنيون حَيران روز.

رُوح کان راحت چَڏايو، رَت رُوان راتو ڏِينهان،
قَلب ۾ ڪَڙڪَڙ ڪَريو، ڦَهري لڳي پيو ڪان روز.

دَرد دُوريءَ کان اَٿم، دانهُون اَندر، دُونهان ٻهار،
پيا جُدائيءَ کان جَلن، جيرا، جِگر ۽ جان روز.

ٿيو سَگهي سَپڪو سُجاڻو، ساڻ اُٿلي، پَر عَجيب،
اَڻ ڏِٺو مُون ساڻ، ايندي دَر مَٿي دَربان روز.

Gul Hayat Institute

سِر سَندمِ نِيو ڪالهه ڪانگل، چيَس ڪاوڙجي قَرِيب،
ڏوڙندو ناقِص! اَچين چو، نئُون ڪٿيو نِيشان روز؟

سِندّ وَطن مُون، اِسمِ ’احمد‘ مَنجهه ڳَنڍي وينل قَديمِ،
هاڻ ڪَريان هِن گَهٽيءَ ۾، گُلبدن! گُذران روز.

*

Gul Hayat Institute

(٢١٠)

سَجڻ! هَر روز توسان، روز نوروز،
مِثل نوروز جي، هَر روز فيروز.

نہ آهي چَنڊ ڪان اڳ عِيد رَمضان،
لهي روزو نہ، هُوندي روز هَر روز.

ڪَڏهن رازِق مِلائي راز ۾ مُون،
ڏِنِ روزِي لَبن، لَب لَعل فيروز.

نِپاڳي رات نيڻن نِنڊ اَکڙي،
نہ دِل مُون وَٽ، نہ اَڄ دِلبر دِل اَفروز.

ٻُڌم اَڌ رات ٻوليون ٻاٻيهن جُون،
ٿيم تازو وَري تِنهن ساز تي سوز.

مَگيا آندا مِٺا! تو اَڄ نہ ماڻا،
نہ آهيان نِينهن ۾ آئون بہ نَو آموز.

زِياده ذَوق زَم زَم کان ذَقن ۾،
ٿيس اَنداز موجب فَيض اَندوز.

ڏهن يڪسر ڪسر، ڪَوثر کي ڪس آهِ،
جَزاڪَ الله جَوزاً نيڻ يا جوز.

اَگڻ 'احمد!' وَسايو اَڄ عَجبين،
ڪيَم ذَوقان زِيارت ذَالِڪَ الفَوز.

*

Gul Hayat Institute

(٢١١)

دوست دُنيا ۾ گھٽان، پَر دوست دِلبر اَور چِيز،
نَرم، نازُڪ، ناز وارو، گھور نيزي مِثل نِيز.

بُت صَفا، صُورت صَفا، سِيرت صَفا، سِينون صَفا،
حُسن ۾ حُورُون، پَريون، شَمس و قَمر ڪَمتر ڪَنيز.

ماڻ ري، مَڻ ماڻڪن جا، ماڻڪيَن تان گھورِيان،
عِشق اَهنجي ۾ عَزيزو! وِسريَم عِزت عَزيز.

نازڪيءَ ۾ نازبُو گُل، ناز واري ڪي نَمن،
حُسن جا هَر گنج هِت، پَر ناهِ هِڪ هَر دِل عَزيز.

حُسن حاڪِم هَر هَميشه، ڦِير اُبتا عِشق جا،
ڏِس ته زاريَن ۾ زُليخا، مِصر ۾ يُوسف عَزيز.

سوجِ سِيني تي چَڙهي مُون، تُون ڪَرين سُک سيج تي،
تو سَوا ڪِهڙي طَبين کي طَبيعت جِي تَميز؟

ڪِنهن غَرض سان غَرب ڏي، ڪاهي غُرابن کي غَريب،
عَرب ’احمد‘ ميڙ، يا اَللهُ! يا رَب! يا عَزيز!

*

**(٢١٢)**

ڪَن گهڻان مَحبُوب ماڻا، تُون اَجان ئي اَور چِيز،
راڄ ۾ ڪَئين راڄ راڻا، تُون اَجان ئي اَور چِيز.

ڪَئين پَرستان ۾ پَريون، فِردوس ۾ حُورُون هَزار،
هِت هُتي ڪَن حُسن هاڻا، تُون اَجان ئي اَور چِيز.

اِيءُ غَلط آهي تہ آهيان، غَير واقف غَير ڪان،
سَچ تہ سَپ سُهڻا سُڄاڻا، تُون اَجان ئي اَور چِيز.

تُنهنجي جَلوي ساڻ جاني! ٿا لڳن جوهر جَهڪا،
مِرگهہ، موتي، مور ڇاڻا، تُون اَجان ئي اَور چِيز.

تُنهنجي شَرميلي نِگهہ سان، شَرمندا شَمس و قَمر،
ڪُل نَڪٿ تو وَٽ نماڻا، تُون اَجان ئي اَور چِيز.

تِر ڳلن تي، وار ڪارا، سِر ڪُلهن ڪَر ڪوڙڪيون،
دوست! ڪَئين سي دام داڻا، تُون اَجان ئي اَور چِيز.

مُلهہ نہ جِن جو مُلڪ سارا، مور ڪان مُورت مَلُوڪ،
دوست! تو دَر سَپ وِڪاڻا، تُون اَجان ئي اَور چِيز.

باغ ۾ گُل خُوب بِلڪُل، خُوب 'احمد!' ڪُل اَمُل،
سَپ پوَن تو پيش پاڻا، تُون اَجان ئي اَور چِيز.

*



Gul Hayat Institute

(٢١٣)

مُلڪ سارو مورَ، پَر محبُوب مُورت اَور چِيز،
صُورتون سَڀ صُورتون، اِيءَ سُونهن صُورت اَور چِيز.

هِي هَمہ ئي هيڪ جهڙا، حُسن هِڪ هِڪ ذار ذار،
نيڻ نِرمل، نُون نرگس، نُون سُورت اَور چِيز.

اَڳ بہ ساڳِي شَهر، ساڳِي شُغل، ساڳِي صُبح شام،
اَج ڪيو تُنهنجي شُعاعن، شَهر سُورت اَور چِيز.

گُل وَڻن، گوهر وَڻن، ڳهائِن پڻ گهورُون گهڻن،
تُنهنجي صُورت، صُورتن کان، ڪِنهن بہ صُورت اَور چِيز.

بيا ڪِروڙين ڪاوڙيون ڪَن، ڪَڪ ڪَيان ڪِنهن جي نہ ڪاڻ،
قَلب تُنهنجي تي ڪَٽر، يا ڪَس، ڪَدُورت اَور چِيز.

عُمر ۾ حَج هيڪڙو، نِت نِت نمازُون پَنج گَنج،
هَر زَمان تُنهنجي زِيارت جِي ضَرُورت اَور چِيز.

جي هَميشہ هَنج ۾، نہ بہ هيج هِيءُ جو هِيءُ هُجي،
پَل پَسڻ تُنهنجو پِيارا! پوءِ نہ پُورت اَور چِيز.

اک اِشاري ساڻ ’احمد‘ اَڌ مُئل، اَڌ واٽ ۾،
خُون جِي هُوندئي خَبر، پَر رُوبرُو رَت اَور چِيز.

*

Gul Hayat Institute

 رديف (س)

(۲۱۴)

ساھہ ساڪِن ٿيو سَندمِ، ساجن سَدر جي آس پاس،
بُت وَجي باقي رَھيو، بَرباد بَر جي آس پاس.

ڏِينهن گهٽان مُون تان هِنيون، هَٽ ڪان وِڃايو هو حَبيب!
اَڄ لڌمِ ڪُجھ شاهہ! پُرزا، هِن شَهر جي آس پاس.

مَڙهہ، هَڏيون مُنهنجا سِڪن، مَحبُوب! تو لئي مَنجھ مُقامِ،
ڪرمِ سان پائج قَدمِ، ڪِنهن دَمِ قَبر جي آس پاس.

سَچ ڪِ آهِن گُلبدن! گڏ گُرز تُنهنجي گُهور سان،
يا قِرن نازُڪ سَندمِ! نيزا نَظر جي آس پاس.

مُنهن پَران مَحبُوب! تُنهنجي، وار وَهہ! جهڙا لڳن،
ڪَر هَلي ٿو ڪو ڪَڪر، ڪارو قَمر جي آس پاس.

سَنئُون نِهاري سانوَلا! سِينگون چَڏيئي سِيني مَٿان،
زخم جاني! تِن ڪيَم، جيري جِگر جي آس پاس.

عُمر سَپ اوڏو نہ چَڏيئي، مانَ! مُئي 'احمد' عَجيب!
ڏَڙ دَفن تِنهن جو ڪرائين، دوست! دَر جي آس پاس.

*

Gul Hayat Institute

(٢١٥)

آءُ ته گهاريون گڏ گهڙيءَ، گُلزار، گُل ڦُل آس پاس،
پاڻ پيڙا، بُوند بَرسر، باغ، بُلبُل آس پاس.

آئون ڪَندو خود يا ڪَندي ۾، يار مُنهنجو گُل گُلاب،
گُل، ڪَندو گُلزار ۾، گُفتار گُل گُل آس پاس.

گوهرن ۾ گهورِياسُون، گُل به گُل گهورڻ لڳا،
حُسن تُنهنجي جو هَلي، هَر هَنڌ هُل هُل آس پاس.

سِج چَڙهي ۽ سِج مُڙيءَ، سِر تي سَهان سُهڻَ سِنون،
روز راهُون ڪوهه روڪين؟ رول! رُل رُل آس پاس.

گهيڙ تي گهوڙا! گهَڙيءَ ۾، گهُور اِهڙو گهائيو،
ساهه سَٽڪو اُپ سَتين تي، بُت به بُل بُل آس پاس.

عِشق اوڏن سان اَجايو، عِشق اوڏي سان عَجيب،
يار پيڙو يا بَغل ۾، نه ته به بِلڪُل آس پاس.

عِلم 'احمد!' سَپ اَجايو، جي اَمُلهه آيا نه هَٿ،
ٿِي فَقيريءَ ۾ فَنا، فِي الحال ڦُل ڦُل آس پاس.

*



Gul Hayat Institute

**(٢١٦)**

قَتل مُنهنجي لئي ڪَرشمون، ڪان قَهري آهِ بَس،
مَنجهه بَدن مُنهنجي بَلاء اِيءُ باز بَجري آهِ بَس.

قَيد، ڪاڪُل جي ڪُنل ڪي، ڪَر مَ اَي رَهزن رَقيب!
ظالِما! زَنجير مُون لئي، زُلف زَهري آهِ بَس.

ڪونہ جِنهن ساجن ڏِٺان پوءِ، ڪو سَڄڻ اڳِين سُڃي،
دِل تِنهين دِلدار سان، گُستاخ گهري آهِ بَس.

هِت حَياتيءَ جِي هَڏهن ڪا، ڳالهه ڳِيرُو ٿِي مَ ڪَر،
مَست اڪ مَحبُوب جِي، ڳاڙهي ٿِي ڳهري آهِ بَس.

مُحب ڪي مَهينا نہ رَهندو، آهِ ٿورو وَقت وَصل،
چَنڊ چوڏهين رات، جِنهن ۾ چار پَهري آهِ بَس.

رات راحت رُوح ڪي هُئي، ڏِينهن ڪَيس ڏيهہ ۾ ڏِنو،
ڏُر اَسان جي لاءِ دُشمن، دَور دَهري آهِ بَس.

هُئي مُحبن ساڻ مَجلس، عاشِقن جِي ڏِينهن اَلست،
ڪِينَ اِيءَ اَڄ ڪالهه ڪان، قائم ڪَچهري آهِ بَس.

سُور سِيخون ٿِي سَنجهي، اُپرِيام 'احمد!' مَنجهه اَندر،
وَل وِرهه جِي ڦُل جَهلي، پاسن ڪان پَهري آهِ بَس.

*

Gul Hayat Institute

(٢١٧)

چيَم، گوشي رَهي تو سان، گهڙي دَم گَڏ گُذاريندس،
چيَئِين، جَهل وات وَج هَليو، ڏيئي نہ تہ ويڙ واريندس.

چيَم، جانِب! ڏيئي جَلوو، جِيارين جِيءُ نہ مُنهنجي کي،
چيَئِين، ڪَر ماٺ، ٿَر مُنهن تان، مَٿان اِن ڳالهہ ماريندس.

چيَم، مُحتاج ٿِي نايو مَٿو، مُون مُحب! تو مَهندان،
چيَئِين، اِيءُ سِر سَٿي تُنهنجو، مَٿي سُوري سَنواريندس.

چيَم، آس اَگڻ تُنهنجي، اَللهُ لِڳ ڪَڻ اکيون اوري،
چيَئِين، ناقِص! نِڪر دَر تان، نہ دَم تو ڏي نِهاريندس.

چيَم، موٺي وَڃڻ مِهڻو، لڳي مَننار! ٿو مُون کي،
چيَئِين، عادت اَٿئي کِهڙي؟ اُٿي وَڃ، نہ تہ اُٿاريندس.

چيَم، وارِي هُيَئي وائي، وَفائي ڪَر وَري تِنهن جِي،
چيَئِين، سَمجهين نہ بي سَمجها! تہ سي ڪي قَول ساريندس؟

چيَم، مَحبُوب موچارا! مَران ٿو نا تہ ڪَر ميلو،
چيَئِين، موئِين تہ گهورِيين، آئون گولن گَڏ نہ گهاريندس.

چيَم، سَڪرات ۾ سِڪندي، ڏِنم جي ساهہ هِت سُهڻا!
چيَئِين، تان ماهہ ڪُل تُنهنجو، ڪُتن جو قُوت ڪاريندس.

چيَم، ڪِج ياد اِيءُ آخر، مُئو 'احمد' اَوهان جي دَر،
چيَئِين، وَهلُور اِهڙي جُون، مِڙئي وايون وِساريندس.

*

(٢١٨)

چيئَين، اَڄ رات رَت تُنهنجو، هَٿ سان پَنهنجي هاريندس،
چيَم، سُهڻا! سَندئي اِيءَ ٻاجهہ، سارِي عُمر ساريندس.

چيئَين، دَر تان ڌِڪائي توکي، ڏِيندس داغ دُوريءَ جو،
چيَم، گهوڙا! گهنگهر ۾ پوءِ، گهڙِي جِيئَرو نہ گهاريندس.

چيئَين، اَڄ يا سُڀا سُڻندين تہ، ساجن سانگ ويو پَنهنجي،
چيَم، مَهندئي مُحب! تِنهن کان مَٿان ٿِي پاڻ ماريندس.

چيئَين، ڪِنهن حاج لئي هَر هَر، اَچين حُجري اَندر هَليو؟
چيَم، دِلبر! ويهي ڪو دَم، وِرُونهن تو ساڻ واريندس.

چيئَين، مُنهنجي مِثل ٻيو ڪو، وَڃي مَعشُوق ڪَر موهيَل!
چيَم، ڏِسبو نہ مَٿ تُنهنجو، توٽي نَوڪنڊ نِهاريندس.

چيئَين، صُورت ۾ سُهڻو سِڄ، سُڃي ٿو مَنجهہ سَڄي عالَم،
چيَم، سِڄ ٻيا ٻہ سَئو اِهڙا، نہ شامِل تو شُماريندس.

چيئَين، ڪُومائجي ڪِنهن دَم، قَمر ڪارو ٻہ ٿِي سَگهندو؟
چيَم، بيشڪ ڀَلا! تُنهنجي، جَڏهن پَر ۾ ٻيهاريندس.

چيئَين، چِڻ مُون سين ياراني، مَ ڪَڄ پڻ ياد مُون يڪ دَم،
چيَم، وَر وَر مَهل هِيءَ وَر، وَصل ڪِنهن پَر وِساريندس.

چيئَين، ڏي ڪَل نہ اِيءَ ڪاتي، ڪُجاڙي ڪان رَکيئي ڪَند تي؟
چيَم، قَدمن مَٿان تُنهنجي، ڪَپي قُربان ڪاريندس.

چيئين، جيڪر سَري صُحبت، ته ڪِن جا سُور پوءِ سَلندين؟
چيَم، جِن پَنهنجي وِچ ڪُلفت، ڪَئي تِن کي ڪُواريندس.

چيئين، خوشبُوءِ ڪَٿُوريءَ جِي، لڳي سَڀ خَلق کي خاصِي،
چيَم، پِرِيَم! پَٽيءَ سان تُنهنجي، پيرن جِي نه پاريندس.

چيئين، اَحوال ڏي ’احمد!‘ ڪِٿي ڏِينهن عُمر آٽيندين؟
چيَم، گوهر! گهٽيِن ۾ تُنهنجي، گولو ٿِي گُذاريندس.

*

Gul Hayat Institute

(٢١٩)

سِسيءَ ۾ ساهه جان آهِم، ته سانبيئڙا سَنپاريندِس،
اَجل جي اِت ٿيم، اَرواح ته به اوڏانهن اُڏاريندِس.

جَڙيَس زَنجير سين ظالِم، رَهيَم وائي نه واڪا وَس،
حَشر لائي حَويلِيَن ۾، اَسُر تائين اوساريندِس.

ڪَرايم قَيد ۾ قابُو، اِرادي آب داڻي جي،
لِکيي جا ڏِينهن لاچارِي، گهَٽان، ٿورا گُذاريندِس.

سَچِي بُت ۾ سَندم سُورن، بَڌا سانگين جي سانگيڙا،
وِساريان، ڪِينَ ڪِي وِسرن، وِسارڻ ڪي وِساريندِس.

هَميشه حال پاين ساڻ، پانيَم هُونديَس پيڙي،
نه چاتم چام! تان وِچڙي، گهَنگهر جا ڏِينهن گهاريندِس.

وَراڪي اُن جي وارن سان، ڪَريان ها ساهه ڪي سوگهو،
بُجهان ها جي ته پَئي بَڌ ۾، هَنجُهون پَرڏيهه هاريندِس.

لَقب آهيم لوياري، بيهر ٿيندِس نه پانهياري،
چَواپان پڙ نه چُوڙيلي، نه ڏوئي سِر سَنواريندِس.

اَسان جو مَرڪ مِسڪيني، نه آهيون مال جا مالِڪ،
ٽِڪو، ريجهي ٽَڪن تي، ڪِينَ ڏوٿيَن ڪي ڏِياريندِس.

نه شِيرا شان ۾ شامِل، ڪَريان پِس ۽ نه پُسيَن سان،
نه ميوا، مَڪ مُقابل، تُنهنجي باغن جا بيهاريندِس.

پَسند پانوَر جا پيرُون مُون، ڪِجان ڪاھُڙ جي ڪيرِيَن لئي،
سِگرُ سيڪيَل سَگيڙن جا، عُمر سارِي ٿِي سارِيندِس.

وَطن ڏي گوڙ ڪِيو گَجگاھ، ٿيا گُلزار، گولُون، گُل،
خُدا ساڪي تہ پِي پاڪي، پَنوھارن ساڻ پارِيندِس.

اَڻاين مِ اَڻائو ٿِئي نہ مُون ڪان مال مارُن جو،
وَجي وَلڙيون وَلھارن جُون، چِني چيلن ڪي چارِيندِس.

عُمر! پَنھنجي اَسين ڏيھ ۾، ھَلُون سِج چَندِ جي ساھي تي،
ڏِيئو، ڏاتار جو سُنھن، ڪونہ اڳ ٻاريَم، نہ ٻارِيندِس.

ڪَڏھن اوني اَباڻن ڪان، اَدا! ايندو نہ ايندو ڪو؟
مَگر مُنھن مُلڪ ڏي ڪَريو، نَڪٿ نَئِين سَئِين نِھارِيندِس.

عُمر آھِم تہ ٿِي آجي، عُمر جي قَيد ڪان ’احمد!‘
وِچِينءَ ڏاري وَلر واري، وَلو ڏيئي گوٺ وارِيندِس.

*

Gul Hayat Institute

(٢٢٠)

ماهہ مُنوَر جي ڏِسين، تان مُنهن مُحب مَهندار ڏِس،
جي ڏِسين سِج، تان سَجڻ جي، سُونهن ۽ سِينگار ڏِس.

سَروَ وَڻ سَرڪو ڏِسين، تان ڏِس سِڌو ئي قَد سَندس،
گُل ڏِسين، تان گُل ڳنان وَڌ رُوپ ۾ رُخسار ڏِس.

چَندِ ڪِناري ڪَس ڏِسين، تان مُنهن ڳنڌي ڪاڪُل نِهار،
دام ۾ داڙو ڏِسين، تان تِر مَٿان هُوءَ تار ڏِس.

شِڪل سُوريءَ جي ڏِسين، تان پاس پنبڻَن جي پَسيج،
بِسمِ الله پائين ڏِسان، تان مَنجهہ پِرُن هَر بار ڏِس.

تِير چُٽندا جي ڏِسين، تان ڳَر نظر تارن طَرف،
ڦِير فَوجن جا ڏِسين، تان چَشم جو چَمڪار ڏِس.

جي اَجل ڏِسڻو اَٿئي، تان پَس اکيَن پاسي عَجيب،
ڪوس قَيصر جا ڏِسين، تان ڪارِيَن جي ڪار ڏِس.

جي اَٿئي مارڻ تي مَرضي، مُون اَڳِي تان چاڙ مُئو،
جي نہ وِسهين دوست! تان هِيءُ ڏَڙ سِسيءَ ڪان ڏار ڏِس.

شَهد شَڪر جي ڪَپيئي، تان لال لَب لالڻ طَلب،
جي اَمُلهہ اورين نہ 'احمد!' اِي عَجب اَشعار ڏِس.

*

(٢٢١)

نِينهن لڳو، نامُوس وَئي، نامِ خُدا تُون نام ڏَس،
نَڪ ڪُنڊل وارا! ٿهوڙيو دِل نِين ٿو، نام ڏَس.

حُسن ۾ تُون حُور جهڙو، ناز ۾ نازُڪ پَري،
مَنجهه اکِيَن آرام تو، يا مَنجهه اِرم آرام ڏَس.

چَنڊ اُڀ جو تُون، ڪِ آهُو چِينَ جو آهين عَجيب!
دُرِ عَدن، لعلِ بَدخشان، يا بَدڪ بَر بام ڏَس.

اک نہ جَهلجي جوت تي، وَئي جان جَلوَن سان جَلي،
تُون بَلا يا بَخت بالا، باغ يا بادام ڏَس.

تُون تَجلي طُور جِي، يا دَست مُوسيٰ دوست جو،
راڄ تُنهنجو رُوم ۾، يا تَخت شاهي شام ڏَس.

*

Gul Hayat Institute

(٢٢٢)

سَئِو لَکين سُهڻا ڏِٺم، پَر سُونهن تُنهنجي سَرس سَرس،
دَر مَنجهان دَرسن پَسڻ سان، دَربدر هَر دَرس دَرس.

بَند حُجري ۾ هُجي چو، حُسن هِهڙو اَي حَبيب!
گُل بَهاريون باغ ۾، مُون ساڻ پيڙو بَرس بَرس.

گُل ڪَمر وَٽ بي ڪَمان، مُنهن وَٽ قَمر ڪُومائجي،
تِير جِيئن تارا وَڍِينم، تِر سَڏِينم تَرس تَرس.

دوست جي دِيدار ڌاران، ڪو دَوا دارُون نه دِل،
ويچ هُو وَڃندا وَجن، ناراس نَورس نَرس نَرس.

دِيد دَرسن دُور پَنڌان، دائما دِل ڪي دُرست،
پِچ پِلين پَر پَچ نه مُون ڪان، بي وَفا دِل! تَرس تَرس.

آهِه 'احمد' اَج اَڪيلو، آستاني تي عَجيب!
واهه! جِهڙو وَجهه مِليو، ويجهو ويهي ڪُجهه وَرس وَرس.

*

Gul Hayat Institute

(٢٢٣)

دِل دَليلن ۾ وِڌس، ڏُک دَرد ڪِنهن هِڪدم ڏِنس،
گُهور تِنهن جِي ڪان گُماس، سَچ ڪِ غَمزن غَم ڏِنس.

آهِه داڻن تي دَوامي، بَيع وِڪري وِچ بِهشت،
مُون ڪَٽي تِر تي، ڪَڪَ تي، اڳ مُنهان آدم ڏِنس.

خُون ڪِل سين خان ڪِيا، ڏِسندي چِني سَدڙِيَن سَنگت،
مُون اِنهيءَ اِنصاف ۾، اِنعام بَئي عالَم ڏِنس.

مُئو مُسافر دَر مُحب جي، مَن! ڪَفن ڏيئي ڪَن دَفن،
هُن ڪُتن، ڪانگن ڪي اُچلي، مَڙهه، هِنيون، هَڏ، چَم ڏِنس.

’عِشق ڪان آزاد ٿِي‘ اِئن چَئو مَ ’احمد‘ ڪي عَجيب!
خوش ڪُسڻ ۾ ڪير آهي؟ پَر قَضا اِيءُ ڪَم ڏِنس.

*

Gul Hayat Institute

(۲۲۴)

سِڪ مَ چَڏ، سِر وَڃي ته وَڃڻ ڏِينس،
ڏَڙ، پِريان دَر وَڃي ته وَڃڻ ڏِينس.

مَٿ مَ مَحبُوب کي مَرڻ سَببان،
عُمر آخر وَڃي ته وَڃڻ ڏِينس.

دِل، دُنيا، دِين، دوست تان گهوريان،
گَنج گوهر وَڃي ته وَڃڻ ڏِينس.

نائِين حَج جِي ڏِس حَبيب هَلي،
حَجِ اَڪبر وَڃي ته وَڃڻ ڏِينس.

چاءِ گولو ته مانَ! گَڏجين ساڻ،
تختِ اَفسر وَڃي ته وَڃڻ ڏِينس.

ناهِ خُوبي خوديءَ ۾ قَسمِ خُدا،
پاڻ ڪِنهن پَر وَڃي ته وَڃڻ ڏِينس.

ڪاڻ خوشبُوءِ ڪَنيام خاڪِ قَدم،
عَطر عَنبر وَڃي ته وَڃڻ ڏِينس.

هِڪ دو ٿيندو هِتي رَهڻ ۾ راڳ،
گُلبدن گهَر وَڃي ته وَڃڻ ڏِينس.

مَر مِڙيو چُونِ مُلڪ جا ماڻهون،
رَهه مُسافر وَڃي ته وَڃڻ ڏِينس.

Gul Hayat Institute

آئون نہ موٽان مُحب ڇَڏي مُوران،
مَڙهہ مَٿو مَر وَڃي تہ وَڃڻ ڏِينس.

رات ۾ روشني سَڄڻ گُهرجي،
ماهہ مُنوَر وَڃي تہ وَڃڻ ڏِينس.

مَڃ مَحبت مَجاز جو مَنجهہ ٻار،
ٻاڦ ٻاهِر وَڃي تہ وَڃڻ ڏِينس.

وَٺ مِٺائي مُحب جِي مَحفل کان،
شَهد شَڪر وَڃي تہ وَڃڻ ڏِينس.

لَب رَکي لَب تي ماڻ مِڙ مَطلب،
حَوضِ ڪَوثر وَڃي تہ وَڃڻ ڏِينس.

ٻار اَحڪامِ عِشق جا ’احمد!‘
مِهت مِنبر وَڃي تہ وَڃڻ ڏِينس.

*

Gul Hayat Institute

(٢٢٥)

دِل ڪَري ٿِي دَور، دِلبر دوست! دِلداري ڪَجوس،
غَم ڪَئي غَمناڪ، غَمزن ساڻ غَمخواري ڪَجوس.

پيو اَچي آواز اَندر، اَلمدد! ۽ اَلغِياث!
مُنهن ڏيکاري مِهر سان، مَهرُو! مَددگاري ڪَجوس.

اِن قَرين جي قَرارن تي، نہ ڪالهونڪر قَرار،
وَئي وَفاداري مَري، تہ بہ ڪُجهہ وَفاداري ڪَجوس.

نِير ٿِي دِل، نار نيڻن مان، مَتان نِڪري وَڃي،
چوڪ چَشمن نوڪ سان، چَوبند چَوڪِداري ڪَجوس.

بي قَراري، زير باري، بار دِل تي بار بار،
يادگيري يار جي، جِيءُ يار! ڪا ياري ڪَجوس.

جِيئن وَٺي، تِيئن وَڃ ڪَٽي، وارن جي ڪِنهن وَر ۾ هَٽي،
هِت نہ هيڪلڙي ڇَڏي، حَيران هيڪاري ڪَجوس.

هُوئڻ لهي قِيمت ڪِروڙن، پَر ڪَٽي تِر تي قَريب!
خَرچ ٿوري خال تي، خالي خَريداري ڪَجوس.

تُرڪ! ڏي ڪا سُرڪ، سامهُون مُرڪ، لُون لُون لُوڻ بُرڪ،
تِير بازيءَ ساڻ تازِي، تيز بَمباري ڪَجوس.

آهہ ’احمد‘ جِي تہ، آهيان آخري دَم تي عَجيب!
پوءِ تہ ڇا؟ پوءِ پَساهن ۾، تہ پوئيواري ڪَجوس.

*



Gul Hayat Institute

(٢٢٦)

نہ ڏِئي دِل ديس مان ڪِنهن دوست ڏي دوس،
نہ اُن ري مَنجھ اِرمِ آرامِ اِيندوس.

نِهاري ٿو جَڏهن، نِئي ٿو نِهوڙي،
ڪُڇي پيو ڪِين، ڪِهڙو ٿو ڪَرين ڪوس؟

طَراوت، تازگيءَ ۾، نازڪيءَ ۾،
ڦِڪا بُت ڪان لڳن فِردوس فانوس.

بَدن جِي بُوءِ، مَگر بادِ بَهاري،
بَهاريءَ سان بَنيا بَر، باغ فِردوس.

ٽريَس! گهوريَس! گُهمي گهر يار آيم،
ٿيان قُربان قَدمن تان قَدمِ بوس.

پَلي آيو! پُلي پانيان نہ آيو،
هُيَم سَچ پَچ، نہ ايڏو آسرو سوس.

سَجڻ آيو اَگڻ، اَلحمدُ لِلّٰہ!
لٿو 'احمد' مَٿان اَرمان اَفسوس.

*

Gul Hayat Institute

(٢٢٧)

وَڃي دِل ڦُريو دوست ڪَريو ڏيڙ ڏُوس،
اِهي رِڻ نہ راڻا! رَوا رُوم مَنجهہ رُوس.

مَحبت لڳڻ ساڻ مَحبُوب مُنهنجا!
وِڃائي ڇڏيمَ نِينهن ۾ نام نامُوس.

هِجر ڪان فَجر ساڻ ڦيرا سَويرا،
ڏِسيو رَنگ، دِل تَنگ، ڪَن جَنگ جاسُوس.

ڪَني ڪَرت ڪاتيءَ ڪَنان ڪَند ڪَدائي،
نہ سالِم، نہ سالِڪ، اِهو بَلڪہ سالُوس.

ڳَڻيان ڳُڻ، ڳَڻڻ ساڻ ڳَڻيا نہ ڳَڻجن،
ڪيَس لاس ڪِنهن لَهر، لاهيو لِڱن لُوس.

چوَن ٿا تہ چُوسيو، سَڄڻ! سُور لاهين،
تہ چُپ ۾ سَندم چَپ، چَپن سان اَچي چُوس.

نہ مَحرُوم ڪَر، بَلڪہ مَرحُوم ڪَر مُون،
مَرڻ ڏي مُسافر کي مَنجهہ مُلڪ مَحرُوس.

اَوهان کي نہ 'احمد' مَٿي رَحم ايندو،
تہ اُپري وَري تِئين ٿِياڪر کي ڪِيئن ٿُوس؟

*

(٢٢٨)

مِينهن! ٿڌڙا ڏِينهن تُنهنجا، مِينهن! وَس وَس، مِينهن! وَس،
ڏِينهن ٿڌڙا، واهَ ٿڌڙا، مِينهن! وَس، اَڄ ڏِينهن، وَس.

سُور سانگيڙا سَنڌيَن ۾، سانگ سانگيئڙا وِيا ۾،
يار نازُڪ ناز واري جيِ، نِهوڙيَس نِينهن، وَس.

تات تارِي تُنهنجي تاڙن، تُنهنجي طوطن ۾ تَنوار،
مِينهن! تُنهنجي مُنهن پَسڻ لئي، ٿا سِڪن اَڄ شِينهن، وَس.

هار جِيئن هاريان هَنجُون، ڪِنهن هَنج کِچيءَ لئي هَنج ۾،
دوست دِلبر ڪي ڏِني اَڄ، ڏِينهن ٿيا اُوٺيهه، وَس.

مِينهن جِهم جِهم، مِينهن جِهم جِهم، جِهم تہ مَن! جهانگي وَرن،
پَهه اَندر ڪِنهن پَهر جا، پيئي لِڳن ۾ پِيهه، وَس.

ڪار تُنهنجي زُلف ڪارا، ڪيل ڪِوڙَيَن ڪِل خَليل،
مِينهن! موتيَن سان رَکن، تُنهنجا ڦُڙا تَشبيهه، وَس.

آهِه 'احمد' چَئي، اَبر! توتي اَحد جو اِختيار،
تَوبہ تَوبہ! آئون چا توکي ڪَريان تَنبيهه، وَس!

*



Gul Hayat Institute

(٢٢٩)

عِشق جو اُهڃاڻ آهي آهہ بَس، باقي هَوَس،
بي دِلن جي بُت تي پڙڪي باهہ بَس، باقي هَوَس.

هيٺ ڪاتي ڪَند رَکي، قُربئون ڪُسي قُربان ٿِين،
ڏِين صَدقو صِدق مان سِر ساهہ بَس، باقي هَوَس.

ڏينهن گُذارڻ گوندرن ۾، رَت رُوئڻ راتيون سَڄيون،
هُونِ هَولن ۾ هَنيَل هَرگاهہ بَس، باقي هَوَس.

ڪِن ڪَشالو ڪيچ ڏي، ڪِن ڪَعبة الله ڏانهن قَصد،
قُرب وارن جي قَلب ڏي ڪاهہ بَس، باقي هَوَس.

عَزم اِيءُ آهِہ نہ جي، اوڏا ڪَڏهن ٿينم عَجيب،
هُوند گهوريان هَڏ، هِنيون، چَم، ماهہ بَس، باقي هَوَس.

دَر مَتي مَحبُوب جو، مُوران نہ ڀِئي مُحتاج ٿِين،
دَردوَندن لئي سَندس دَرگاهہ بَس، باقي هَوَس.

پاڻ خالي ڪَر خوديءَ کان، تان تہ مِلنئي خود خُدا،
سَمجهہ راسِخ اِيءَ رَباني راهہ بَس، باقي هَوَس.

Gul Hayat Institute

چو هُونهين هَلڪا ٿيو، حاڪِم سَدائِن هِي پيا؟
مُلڪ جو مالِڪ خُدا هِڪ آهہ بَس، باقي هَوَس.

عِشق مان ’احمد‘ ڪيو اَڄ، شِعر وَحدت جو شُروع،
قَول آخر اِيءُ هُوَس، اَلله بَس، باقي هَوَس.

*

(٢٣٠)

پَسڻ لئي تُنهنجي پَرديسان، پِرين! پينار ٿِي آيَس،
بِلو ڪَر ڪو ٻِلا جاني! بَدن بيمار ٿِي آيَس.

نہ ساڻم ساھہ، ناھي سِر، چِچي اَڱرا پيا اَڪثر،
تُنهنجي دَرگاھہ ۾ دِلبر! ڪَنان ڏَڙ ڏار ٿِي آيَس.

نہ لهندو حُسن جِي حَد ڪو، نہ ثاني بيو سِڏي قَد ڪو،
سَندئي واٽن مَٿان صَدقو، سَجڻ! صَدبار ٿِي آيَس.

ڪَڏهن صُورت ڪي سِينگارين، ڪَڏهن ماڻا ڪَري مارين،
ڪَجل پايو قَتل ڪارين، وَڍيَل هِن وار ٿِي آيَس.

اَوهان جي باغ ۾ بُلبُل، ڪَندا هُئا گُفتگو گُل گُل،
ٻُڌي هِيءُ حُسن جو هُل هُل، پَڪي آچار ٿِي آيَس.

خَبر پُڇم نہ خاطِر تو، اَچي ڪَم گوشت گوهر! تو،
سُتت سُهڻا! ڪٽي سِر پو، نيهي نِروار ٿِي آيَس.

ڏُجهڻ اَج ڏِينهن ڏِنم ڏُوران، سُڪي ويو ساھہ تِنهن سُوران،
چِيَم ماريو مَ مُون مُوران، اَپر لاچار ٿِي آيَس.

چَيو ٿي زُلف اِيءُ ظاهِر، نہ مُون ۾ ويا مُنجهي ماهِر،
ڪَلاداري هُنُس قاهِر، نظر ۾ وار ٿِي آيَس.

ڏِسو قُدرت سَندي قادِر، نہ صُحبت جِت ٿِئي صادِر،
نَظر سان نازنين نادِر، ٻُڌي مان ٻار ٿِي آيَس.

لنگهي ’احمد!‘ عُمر سارِي، ڪَندي زاريءَ مَٿي زارِي،
تو بَخشڻهار وَٽ بارِي! بَندو بَدڪار ٿِي آيَس.

*



Gul Hayat Institute

(٢٣١)

وِرُونهن تُنهنجي وَري جاني! وَطن پَنهنجي ڪان واريس،
محبت مُلڪ اَهنجي ۾، مِنا محبُوب! ماريس.

دَوا دِل جي نہ دُوريءَ ۾، سَوا تو ساهہ سُوريءَ ۾،
اڪِيَن تُنهنجي انبُوريءَ ۾، ڪُٺي بازن ڪي ڪاريس.

نہ لَحظي لاڏ تو لَهڻان، نہ مُون ۾ سُور دَم سَهڻان،
سَندئي صُحبت سَدا سُهڻان! مَٿي سُوري سَنواريس.

مَٿي مَن تِئيم مُونجهاڙو، نہ هِن چاڙهيءَ سَوا چاڙهو،
ڪَڏهن پَسبو پِرِيَن پاڙو؟ اُڪنڊ جِن جي اُڪاريس.

تو سان ياري لڳي ياور! ڏُٺي داٽي تي دِل داور!
ذَري ۾ زُلف زوراور، وِجهي بيڙيون ٻَداريس.

ڪيَم سِج سان توکي ثاني، جُتيءَ جو مَٽ نہ جو جاني!
قَسم سان مَنجهہ قَدرداني، اِنهيءَ هِڪ حَرف هاريس.

موهيا جِت مَلڪ ماهي هِڪ، چوان اُت چَنڊ چاهي هِڪ،
ڪَري سِج ڪي سِپاهي هِڪ، سَچِڙ مَنجهہ ساٿ ساريس.

گهَڙي گَڏجي نہ ڪا گهارِن، ڏِهاڙي وِڙ ڏِيو وارِن،
هَٿان قاتِل اکِيَن ڪارِن، ڪُهي قُربان ڪاريس.

اکيون آهُو عَجب عَينون، ڪُٺي لَشڪر ٻَدئون لَينون،
ڪَڏهن پازي، ڪَڏهن پينون، ڇُمي مُون چانٺ چاريس.

ڪُنو مَنجهہ ڪَربلا ڪوڙيو، نہ لُونئرو لوھہ لڳيي لوڏيو،
ٿي حُورن پاڻ ۾ هوڏيو، ڪَفن ڳاڙهي ۾ ڳارايس.

نہ ’احمد‘ عِشق اَج رَکيو، اَٿس چَسڪو اَزل چَکيو،
سُتي پائي سَجڻ سَکيو، اَندر پِينگهي پِيارايس.

*

Gul Hayat Institute

(۲۳۲)

وَري يار مُنهنجي وَسڻ جا ڪَيا ويس،
وُنو ۽ وَسي پيو، وَسي ديس پَرديس.

شَهر، بَر، بَحر، باغ پَريو پَري ٿو،
ڇَنون ڇَڇ، اَڇو اَڇ، ته اُٿليو اُڇل ڏيس.

کِوڻ کيل کُڙ تي، بَڌي گاج گوڙين،
قطارُون قُطب ڏانهن، ڪارا ڪَڪر ڪيس.

وَسن مِهر جا مِينهن، جِهم جِهم جهيلارا،
ويل مُلڪ واريئين، وَڏيون قُدرتون ڪيس.

اُنو آب، آباد ٿيا گهر اَباڻا،
لَٿا لوڪ ساري مَٿان لُوس ۽ ليس.

ٿيا ڳاهه، گَجگاهه، ڳوُون، ڳولاڙا،
ڏِسيو لال لَيليٰ، کِلي قُرب مان قَيس.

اکر وات ’احمد‘ جي، اَلحمدُ لِله،
ڏَنارن جُون ڏُونهيون ڏُکن ٿيون اَندر ديس.

*

Gul Hayat Institute

**(٢٣٣)**

دِل پِرايو دَرد ڪو، جان دوست! هِن دَر ڪان لنگهيَس،
آهہ ڪيئِن اوچتي، اَج ڪان اَندر ڪان لنگهيَس.

مُون وَٽي مُرشد، مِٺي مَحبُوب وارِي مَست چَشم،
قُرب ماڻي قَلب مِ، ڪامِل قَلندر ڪان لنگهيَس.

دوست! ديکي مُنهن سَندوئِي، دِل بَدل ٿِي دِين سان،
دُور دُنيا جي ڏَنڌي، دُک، دَرد، دَنڌر ڪان لنگهيَس.

مِلڪ مُنهنجي مُلڪ والي! تو سَندي مَحبت مُدام،
سَچ، سَچڻ! سامان مِ، صاحِب سِڪندر ڪان لنگهيَس.

عِشق جي آڙاهہ مِ، اوڙاهہ آڏا لَک عَميق،
بار چاڙهي، رَب تي پاڙي، بَحر بَندر ڪان لنگهيَس.

اُج ’احمد‘ چَئي اُٿيم، ديکي اَوَل دَرياءِ حُسن،
پوءِ جَليَم ساهہ جاني! جَل جَلندر ڪان لنگهيَس.

*



Gul Hayat Institute

رديف (ش)

(۲۳۴)

مَرحبا! مُختار خوش، مَهندار خوش، مَنٺار خوش،
يار خوش، غَمخوار خوش، دِلٺار خوش، دِلدار خوش.

خَير سان خوش خُلق آيو، خَلق ساري ۾ خوشيون،
غار خوش، بَلغار خوش، مَلبار خوش، گِرنار خوش.

گهر، گهٽيون ۽ گام، گس، گهمَيس سَڀئي، گهوري وَڃان،
دار خوش، دِيوار خوش، دَربار خوش، دِيدار خوش.

اَڄ مَلهارين مُلڪ ڇانيو، مَهل موچارِي ٿيئي،
وار خوش، وَسڪار خوش، وَٺڪار خوش، وَلهار خوش.

واهه! واري ويس ڪِيا، اَڄ ڪي خوشيءَ جهڙا خَليل،
هار خوش، سِينگار، خوش، جِنسار خوش، جَهلڪار خوش.

سِر ڪُلهن ڇوڙيا ڦَرِين، زُلف زَنجيرن مِثال،
وار خوش، هُبڪار خوش، رُخسار خوش، چَمڪار خوش.

جِيئن به پاٻوهي پِرين، تِيئن پِرت وارن کي پَسند،
گار خوش، گينوار خوش، اِقرار خوش، اِنڪار خوش.

Gul Hayat Institute

دوستن جي ديس ۾، دَستُور سَڀڪو دِل وَڻان،
ڪار خوش، وَهنوار خوش، رَفتار خوش، گُفتار خوش.

جِيئن اڳيان اِرشاد ڪَن، دِل شاد ’احمد!‘ اُن مَٿي،
خار خوش، گُلزار خوش، آزار خوش، آذار خوش.

*

(۲۳۵)

پِرين مُنهنجو اَچي ٿو پوش ۽ پوش!
ٻيهو سَڀ جابجا خاموش خاموش.

ڪُشادا وار ڪَرن جِيئن قمر تان،
مُنوَر ماهه مُنهن، پَروين ٻِنان گوش.

تَجمُل جِي اِها تَعريف تَوصيف،
تہ حاصِل حُسن سان گُم حَوصلا هوش.

سَڄڻ آيو تہ سَمجهيم صُبح صادِق،
ويو فانوس ٻارڻ ٿِي فَراموش.

چيم صَد مَرحبا، صَدقي سَڄڻ تان،
رَکيم لَب، لال لَب تي دوش بَردوش.

هِنيون ترپَي، هِنيون لايو هِنيين سان،
جُدائيءَ جو ويو جِيءُ جان مان جوش.

سَياڳي رات، صُحبت صُبح تائين،
دَريون دَر بَند ۽ دِلبر دَر آغوش.

غَرض جو عَرض ڪيو 'احمد' اَدب سان،
نہ گوشي گهار، ڏِج گُفتار کي گوش.
*

Gul Hayat Institute

(٢٣٦)

اَچي دِلدار لاٿو دَرد دِلريش،
پَلي ڪِيا پال، بيشڪ بيشتر بيش.

فَتح ڏاران وَريون فَوجُون فِراقن،
ڏِسي جَلوا جَهڪو ٿيو جوش جو جيش.

وِڇوڙيَل، بَعد وَرهن جي وِڇوڙي،
ڪَيو دِلدار جو دِيدار دَرويش.

جِيئَن نَرم هَٿ ڦيريَم هِنيَن تان،
طَبيَن ري طَبيعت مان لٿو طَيش.

شَڪر لب، نيشڪر، يا نوش دارُون،
نِگاهُون ناز واريون نَشتر و نيش.

نہ مُون وَٽ سونُ چاندي سُوکڙيءَ لئي،
ڳَريان سِر پيشوا جي پيشڪش پيش.

قَديمن جو قَدر وَڌيو قَدم سان،
ڏِئي خِدمت ڪَيَئُون خوش خادِم خَويش.

ٿيَم دِل شاد، دِل آزاد، آباد،
ويَم اَندر مَنجهان اَرمان اَنديش.

ڏِسيو صُحبت سَڄڻ سَرها ٿيَن ٿا،
بَريو بَدخواه، بَد اَنديش، بَدڪيش.

اَچي آباد ڪِيائون آستانو،
ڪَري اَڄ چو نہ ’احمد‘ عِيد ۽ عَيش.

*

Gul Hayat Institute

(٢٣٧)

مَرحبا! مَحبُوب جِي، آئِي اَنباري پوش پوش!
سَير تي صاحِب چڙهيا، سامهين سَواري پوش پوش!

شُغل شاديون شَهر ۾، شاباس شَمعن جا شُعاع،
بَرسرِ بازار ٺِئي، بُوند و بَهاري پوش پوش!

صِف بَڌي بيٺا سِپاهي، سِر نَمايو ڪَن سَلام،
ٿو ڏِسان ڏاڍي تَجمُل سان تَياري پوش پوش!

سِيند تان سُوڌي پَٽي، سُرمي سَوا سُونهَن اکيون،
چيلهه تي چوٽو چَندن، چَوڌار چاري پوش پوش!

سِيِنَ بِسم الله جِي پانيان، ڏَند ڏاڙهُون ڪَڻ مِثال،
صُوف جِيئَن سِينون صَفا، صُورت سُونهاري پوش پوش!

عُود خوشبُوءِ عِيد وانگر، آبپاشي عَطر عام،
جابجا جَهلڪار جَلوا، جام جاري پوش پوش!

مِينهن موتِيَن جا وَسن، مُنهنجي مِني مَحبُوب تان،
هِڪ هِنيين تان هِير، بيو هِيرا هَزاري پوش پوش!

مَوج يا مِحراب اَبرُو، اِندلٺ يا عِيد چَند،
يا قَتل لئي ڪا ڪَري، قاتِل ڪَٽاري پوش پوش!

واهه! ماٽا ماٽڪِيَن جا، مانَ ماٽڪ ماٽِيا،
بَرقراريءَ سين بَدلجي، بي قَراري پوش پوش!

ڪِيو اُونداهيءَ ۾ اَچي، اِحسان ’احمد‘ تي عَجيب،
رَس رِهاٽيون رِيت موجب، رات ساري پوش پوش!

*

Gul Hayat Institute

ردیف (ص)

**(٢٣٨)**

آهِ ڪو اهنجي اَچڻ جو، آسرو اَنجام خاص؟
ساهہ صُحبت لئي سِڪي، سُهڻا! صُبح ۽ شام خاص.

چا عَرض اَحوال اوريان، آئون اڳيان تُنهنجي عَجيب!
مارِيَس اهنجي محبت، مَن اَندر ماتام خاص.

موڪليان مُنهنجي سَڄڻ ڏي، سِر سَنيهو ۽ سَلام،
عَطر، عَنبر، گُل، گوهر، بارِ شَڪر، بادام خاص.

سُونهن صُورت سُک سَدائين، پَر سُڻِن سُهڻا سَوال،
عِشق آفت آهي، عالَم آشڪارا عام خاص.

تو مَٿان مُنهن چوڙ مِهڻا، مِينهن جِيئن مُون تي مُدام،
سِر بَندي بُهتان بَديون، بِرهہ ڪِيو بَدنام خاص.

تا اَسُر باريان اگر ۽ عُود اهنجي آسري،
ڪَن پَکين ڏي پِرهہ ۾ پانڌيَن پُڇان پيغام خاص.

واٽ ويندن کي ڪَريان، وَنيو اَچڻ لئي وينتيون،
پڻ پُڇان پانڌيَن تہ ڪو، آندو اَدا! اَحڪام خاص؟

هَنڌ هِندورن ۾ وِڇايان، گُل سَمن سُرهاڻِيون،
گَس نِهاريان، گَهر ٻُهاريان، گُل بَنايم گام خاص.

بي سُڪو تو ري بَدن، بينس گُهمي باغ و بَهار،
تُون اگڻ ايندين جڏهن، ايندم تڏهن آرام خاص.

اڳ سَڄڻ ساڃي نہ سارين، سَجهہ سَنجهي ڪان پوءِ وَٽي،
ڪَر اَچي آڏي اَسُر، 'احمد' مَٿي اِنعام خاص.

*

Gul Hayat Institute

(۲۳۹)

ڏُرائين دوست هِڪ سان دِل ٻَڌم خاص،
لَڙي لَڪ تان لِقا لالڻ لَڌم خاص.

پِرين مُنهنجو پَري، يا حُور، يا گُل،
ڪِ جِهڙي سِج جي صُورت صُبح دَم خاص.

ڏِٺم جَڳ ۾ جَجها جِنسار جَلوا،
سَپِن ڪان ئي سَجڻ سُهڻو سَندم خاص.

ڪُنڌو نَڪ، ڪان جي قَد، ڪُونج جِيئن ڪَنڌ،
پِرينءَ جي پاڪ پيرن ۾ پَدم خاص.

نہ چاڙان دوست دَرسن لئي گُهرايوم،
ڪوٺي قَتل ڪوٺيءَ ۾ ڪَندم خاص.

هَلي زاريءَ ٻِنان چا زور تِن سان؟
ٻَلا جِن ساڻ لَشڪر لَڪ پَدم خاص.

سَجڻ! سِڪندي ٿيم ڪي سال سارا،
حُڪم ڏي حاضريءَ جو هيڪدم خاص.

کُلي دَربار جو دَر يار! مُون تي،
نہ خِدمت ۾ رَهان خادِم خَدم خاص.

ڪَڏهن اُو ڏِينهن ايندو يا اِلاهي!
جَڏهن چُمندس قَرِين جا قَدم خاص.

Gul Hayat Institute

نَظر سامهُون ويا نِڪتڙي نَڪتُ ڪَئين،
مَگر مَحبُوب جا نِت دَور دَمِ خاص.

ٿيو 'احمد' مَٿي اَحوال روشن،
نہ آدمِ آهِہ دَمِ ڪو يا عَدمِ خاص.

*

Gul Hayat Institute

 رديف (ض)

(٢٤٠)

آهِ هَر اَحوال ۾، اَللہ اَڪبر کي عَرض،
پيش پَروَر پاند پَر ۾، پَر نہ ڪِنهن پَر کي عَرض.

قُرب مان قُربان تِنهن تان، جو قَريبن کان قَريب،
غَير حاضِر هَٽ نہ ڏِئي، هَرجاءِ حاضِر کي عَرض.

جو ڏِسڻ کان ڏُور ٿيو، تِنهن کان پنان ڏِينهن رات ڏاتِ،
ناهِ دَر دَربان، يا دِيوار، يا دَر کي عَرض.

جو ڏِسڻ کان ڏُور ٿيو، ڏاتار سوئي ڏيهہ ۾،
ناهِ ٻِئي ڪِنهن تاجوَر، تاجِر، تَونگر کي عَرض.

مِير مُرسل مُصطفيٰ، مَعلُوم مِڙئي ڪارِيوم،
ناهِ سيوا رَب سَوا، سُونهي بہ ساتِر کي عَرض.

ڪير ٻيو قُوَت نہ ڏِئي، يا قُوت ۽ ياقُوت پڻ،
قُوت، قُوَت جو قَوِي، قَيوم، قادِر کي عَرض.

ڪالهہ جِن جُون ڪورنون، سي اَڄ ٻُڌن ڪِنهن جي نہ ڪُوڪ،
سَئو دَفعا توٽي ڪَرين، سُلطان سَنجر کي عَرض.

بَر وَڏو ۽ بار بَرسر، پَروسو باريءَ مَٿي،
راهبر ٿِي روهہ ۾، رَحمان رَهبر کي عَرض.

ڇَئي اَحد، ’احمد!‘ وَري، گهوڙا! گهَٽِ ڪان ڪِيئَن گهران؟
هيڪ کي بَس، هيڪ کي بَس، هيڪ داور کي عَرض.

*



Gul Hayat Institute

ردیف (ط)

(٢٤١)

موڪليو محبُوب مُون ڏي، اَڄ وَري خَط خوش نَمط،
ڏارِيان سَڀ ڏار ٿيا، هِت هيڪڙو آئون فَقط.

واهه! موقعو اَڄ مِلڻ جو، واهه! باغن پاس بُوند،
واهه! سانوڻ ساوڪُون، تو ڪِيئَن وَٺي ڪارو قَحط؟

واهه! چِلڪا چَنڊ چوڏهين، واهه! صُورت سِڄ صُبوح،
پَر جَڏهن جانِب ڏِٺم، ڪُل ڪي اَچي ويو پوءِ قَط.

پاڻ پَنهنجو مَٽ پِرين، سو ڪُفر ڪوڻ ٻِئي مِثال،
سِڄ چوان يا گُل سَمن، جيڪِي چوان سو سَڀ غَلط.

ڪان ڪَڙڪيو قَلب ۾، ڪُنديَن اکيَن جي ڪُنڊ مان،
زُلف زَنگي جان ڪيئي، ساڻ زَنجيرن ضَبط.

وَس پِريان، پُورِين مُون، توڙي ڪُٺَن، ڪانگن کي ڏِين،
دَم ڏيَڻ دَر دوست جي، مُون تي فَرض هِيءُ هِڪ فَقط.

آستاني تي اَوهان جي، اَڄ اَچڻ 'احمد' نه پيو،
رُوح جو تو ساڻ راڻا! روز اَوَل کان رَبط.

*

Gul Hayat Institute

**(٢٤٢)**

موڪليو محبُوب مان ڏي، خَير سان خَط خوش نَمَط،
خَط پَڙهي خَطرا لٿم، رَکيم ڪَٽي اکڙين تي خَط.

ڏِئي دَوا دارُون، نہ ڏِئي، تہ بہ دَرد دانهُون دوست دَر،
غَم سَلڻ ٻِئي غَير سان، آهي غَلط اَندر غَلط.

هِت نہ ڪِنهن حِيلو هَلي، ميڙِئِي هُونهين پيا حَڪيم،
جِيءُ پَوي مُنهنجو جَنازو، جي مِلي جاني فَقط.

مُون، پِرين گڏ پاڻ ۾ ڪِيو، پِرتڙو پِرپات سين،
اِيءَ خَبر سُڻندي ڪَنيو، ڪِنهن خار خَر ڪي ۽ خَبط.

نِت ثَوابن تي سِران، آهِم سَدا اِيءَ سَڌ مَگر،
مَنجهہ خَطا هَٽَنم، خَطا جِي مُشڪ جِهڙا خال خَط.

پِنبڙِيَن پالن ۾ پُوتس، جان نِهاريو نازنين،
جِيءُ وِجهي زَنجير ۾، ڪِيو زُلف زوراور ضَبط.

اَلف ڪي جِنهن رِيت 'احمد!' لام سان لايو لِڪن،
رُوح تُنهنجي ساڻ راٽا! رُوح مُنهنجي جو رَبط.

*



Gul Hayat Institute

رديف (ظ)

**(٢٤٣)**

مَن مُنجهاري ۾ پيو، محبُوب! ماريَس ڪِنهن لِحاظ،
خاص خِلوت جي خَيالن ۾، خُماريَس ڪِنهن لِحاظ.

ناهِہ ساعت شَهر ۾ سُک، سُج وَساءِ سِر مَٿي،
اُڄ بُکُون ڀاڳي پيَم، بَر ۾ بهاريَس ڪِنهن لِحاظ.

اِنتظاريءَ ۾ اکيون آهِن، اَچڻ خاطِر عَجيب،
واهِري ويرا، مَٿي واٽن وِهاريَس ڪِنهن لِحاظ.

اِن پَنِين وارن کي پاتيَم، بي شُبهي ڪَريو بَلاءِ،
سَپ ڇِني سانگا مَگر، سَپ کي سُپاريَس ڪِنهن لِحاظ.

دَرد دَربانن رَساڻي، چِيوم دَر کان دُور گهار،
هِڪ بہ وِک پاسي ويَس، واري بہ واريَس ڪِنهن لِحاظ.

هِن مِٽيءَ ۾ پَئي مَٽيون، مُون تان مُئان پوءِ لَک مُندُون،
تو ڳڏي، جانِب! وَري، جِيءَ ۾ جِياريَس ڪِنهن لِحاظ.

گهَٽ نہ هو 'احمد' عَقل ۾، جو اَچي وِهہ تي اُڏاڏ،
پَر پِيالو اِيءُ هَٿان، پِرِيَن پِياريَس ڪِنهن لِحاظ.

*

(٢٤٥)

لُون بَلُون لالڻ لَغارُون، لمحي لمحي، لحظ لحظ،
سِر ڳِلن ڪَن لُڙڪ لارُون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.

دوست ڪِنهن دَستُور سان، دِل تان نہ دَم مُون کي لهن،
ساهہ ۾ سَڄڻ سَنپارُون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.

هار ۾ هِيرا جَواهر، تِيئَن هِنيون پُوتو حَبيب،
مَنجهہ پَسهہ پِريَن پَچارُون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.

گُل چَمن گُلزار ۾، وَڻ ٽِڻ، وِندر، وَڻڪار ۾،
اَڄ بہ طوطن جُون ٽَنوارُون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.

ڪَيا اُڪنڊ آڙنگ آگم، اَبر جِيئَن اکڙيون وَسن،
موٽ مارينم مَيارُون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.

مَن! مِلي جِيئري پِرين، ڪارڻ جِنين جِيئڙو جِهجي،
وار والي! وَصل وارُون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.

مَن مِني مَحبُوب مُنهنجو، موهِيو ماٽا ڪَري،
تَن ۾ تُون تُون تَند تارُون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.

وِهہ ويهڻ ٿيڙم وَنهيان! واٽون جَهليو واجهائيان،
نِت ڪَريان نِڪريو نِهارُون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.

آهِہ 'احمد' عَيب سارو، پَر اگهامن مانَ! نيٺ،
پاڪ پَروَر دَر پُڪارُون، لمحي لمحي، لحظ لحظ.

*

Gul Hayat Institute

رديف (ع)

(٢٤٦)

دِل ڦُرڻ ۾ دوست مُنهنجو، شير، شاهين کان شُجاع،
شِڪل ۾ شاباس لهڻي، شَمس کان وڌيڪ شُعاع.

حُسن ۾ حُورن پَرين، جوڙيا حَسين پيش هَٿ،
نَرم گُل کي نازڪيءَ ۾، ناهِه نازُڪ سان نِزاع.

پيچرا جَهليو پُڇان، پانڌي پِرينءَ جي پار جا،
ڪو اَدا! آن کي عَجين جي اَچڻ جو اِطلاع؟

جي اَچن اِحسان سان، آسروَندن جي آستان،
گُل گسن تان گهورِيان، سِر، مال، مَڏيون ۽ مَتاع.

لوڏ تُنهنجي لَک لَهي، ۽ لاڏ لَشڪر کان وَڌيڪ،
ڪُندِ اکيَن جي ساڻ ڪِريا، ڪوٽ، ڪُنگرا ۽ قِلاع.

حال مُنهنجي ۾ وِيا، حَيران ٿِي حاذِق حَڪيم،
تو سَوا هِن سُور جِي، سُهڻا! نہ ڪِنهن کي سُڌ سَماع.

هِن حَياتي هيترِيءَ ۾، ڪَئي نہ هِڪ پيرو حَبيب!
آهِه آخر وَقت 'احمد' آءُ تہ ڪريون اَلوداع.

*

Gul Hayat Institute

رديف (غ)

(٢٤٧)

اَڄ بَهارَن ۾ بَدن مُون، رُوح خوش، روشن دِماغ،
نُور نيڻن ٺار آيم، گل چمن، چَشم و چَراغ.

ويا لهي اَرمان سَڀ، اَلله آندا سي عَجيب،
ڪَئين اُڏايم ڪانگڙا، مَنجھ ذوق جِنهن جي زاغ زاغ.

گُل ٽِڙيا گُلزار ۾، گوهر گَسن تان اور گهور،
دوست دَرسن ڏَئي ڌوتا، مُنهنجي دِل جا داغ داغ.

هَر جَڳھ لاتون لڳھ، پَڳ پَڳ پَڳھ، پَئي پَئي پَٽ،
مُند مَلهاري، سِيم ساري، بُوءِ بَهاري باغ باغ.

وات بُلبُل، قَول قُل قُل، ساز صُلصُل سوز سان،
پَٽ پَچي ويا، رِڻ رَچي ويا، راهه ريلُون راغ راغ.

عَدُوءَ ڪان ڪِهڙو اَنديشو؟ آهي ’احمد‘ ۾ اَحد،
لَڙندي لَڙندي ساڻ لاغر، نيٺ ليٽيا لاغ لاغ.

*

رديف (ف)

(٢٤٨)

بِرهہ جِي بازار ۾، سِر جو هَلي سَودو سَلف،
سَئو حَياتيون هيڪڙي تِر جِي تَقاويءَ ۾ تَلف.

ڪِن سِڏو سِينون جَهليو، ڪي ڪان ڪُڪِيَن ڪان پيام،
گهاءَ پِريان جي گهور جا، مُون کي لِڳا ڪي مُختلف.

عِشق جي اُستاد اَوَل، اِيءَ پَٽي پاڙهِي مُون کي،
لامِ لالڻ زُلف پانئج، عَين اکيون، قَد اَلف.

دَرد دُوريءَ جا دُونهان، دِل تي چَڙهيا هُئا دير ڪان،
دوست ديکيندي لٿو اَڄ، قَلب مُنهنجي تان ڪَلف.

رُوح ويو پَر رُوح مان، ويئي نہ راڻي جِي رِهاڻ،
هِن سِڙهي اوڍهين، اُڏامڻ لاءِ لائِي آهِہ لَف.

چَندُ، سِج ۽ سونُ، چاندي، گُل، گوهر، حُورُون، پَريون،
حُسن سَپِني جو هَٽي وِئين، حُسن تُنهنجي جو حَلف.

ڏي اَڏيءَ کي اُرهہ ’احمد!‘ جي اَٿئي بُوءِ عِشق جِي،
سِر ڏيَڻ، سُوري چَڙهڻ، ثابِت اِها سُنت سَلف.

*

Gul Hayat Institute

(٢٣٩)

سَچڻ مُنهنجو سِڄ، چَنڊ، پڻ صُبح صاف،
سَچوئي سَچي سُونهن، ٻيو لوڪ لاف.

پَريون خود پَريائين پُڇائن پرين،
پُڇان ڪوهه، سَئو ڪوهه تي ڪوهه قاف؟

سَچي خَلق مان خُلق تِنهن ساڻ خاص،
سَچي خَلق اِن خُلق جي بَرخلاف.

بَدن ديگ ۾ دوڳ، دِل داغ داغ،
ٻَري مَنجهه، نه ٻاهِر ڪَڍي ٻِڙڪ ٻاف.

تُون پارس پرين! جِنهن جي پاسي لڳين،
سِيهو سونُ ٿِئي، صِرف گهُرجي صَراف.

هِنيين سان هِنيون هُوند لايان حَبيب!
مِلي وَجهه مَوازي ته ڪج مُون مَعاف.

وَٽي قُرب سان ڪَهه، وَٽي ڪُهه قَريب!
اَوهان ساڻ اَختر! اَدب اِختلاف.

اَوَس حَجرِ اَسوَد پِلو پائي اَچ،
چُمِيَم تِر، ڪَندي طَرف تِنهن جي طَواف.

عِبادت ٻه 'احمد' جِي سُونهي اُتي،
جِتي جِسم ڪَعبو ته ڪاڪُل غِلاف.

*

Gul Hayat Institute

رديف (ق)

**(٢٥٠)**

پَلين آئين، اُجاريٖي اَڄ، اَڱڻ اَيوان لَک لائق!
جِيَس جاني! تَري پيرَم، جِسم ۽ جان لَک لائق!

هُيَم آسيون، اَچين شل! تُون، رَکيئي رايو، رَچين شل! تُون،
پَلين آئين، بَچين شل! تُون، بَنيا بُستان لَک لائق!

پَلين آئين، پَلا آئين، سَريَم صُحبت صُبح تائين،
صَدق سُهڻا! صَدق سائين! صَدق سُلطان! لَک لائق!

صَدق سُهڻا! صَدق راڻا! پَکي آيُم پيهي پاڻا،
ڪَرم ڪيڏي قَدر ڄاڻا، شَرافت شان لَک لائق!

وَسائي گُلبدن گادي، وُٺا وَڻ ٽِڻ، وِندر وادي،
لَڳي هَر شَهر ۾ شادي، شُڪر شُڪران لَک لائق!

نِپائي نَنديڻ جو نِينهن، اکين عِيدُون ڪَيون اَڄ ڏِينهن،
توتان موتيَن وَساياں مِينهن، مَڻيان مَرجان لَک لائق!

سَڄڻ مُنهنجو سَدا سُهڻو، اکين ڪَم ڪات ري ڪُهڻو،
مِٺو مَحبُوب مَن مُهڻو، ٿيم مِهمان لَک لائق!

سَڄڻ آيو ڪِ اُپريو سِج، اُڇل اک يا وَراکو وِڄ،
ڪَيَئي مُنهنجي قَتل لئي اَڄ، ڪَمان وِچ ڪان لَک لائق!

Gul Hayat Institute

جَڏهن محبُوب! ڪَر موڙين، قَمر خود جِي ڪَمر توڙين،
اِنهيءَ قَدمن مَٿان ڪوڙين، ڪَريان قُربان لَڪ لائق!

وَري وِلهه شال! ويرين تان، پَئي چايا چَپيرين تان،
ڪَريان صَدقو سُپيرين تان، سِڀي سامان لَڪ لائق!

قَدم قيرج ڪَرم جو تُون، ٻَرن جاين اَندر جوتُون،
گُلاب و عَطر جُون اوتُون، ڪِون لوبان لَڪ لائق!

هِنيون لائِم حَبيبن سان، ڪَڇهري گُل قَريبن سان،
مِليو 'احمد' عَجيبن سان، عَجب اِحسان لَڪ لائق!

*

Gul Hayat Institute

**(٢٥١)**

اَفسوس اَلفِراق! ۽ اَرمان اَلفِراق!
توکان جُدا ٿيندي ٿو جَلي جان اَلفِراق!

ڪو مَلڪ مُلڪن ۾ نہ بيو مِير! تو مِثال،
ڪُل خَلق جو تُون خان ۽ خاقان اَلفِراق!

جَلوو پَسي جَمال، اَچان اُج نہ وَئي عَجيب!
فِي الحال ٿيو فِراق جو فَرمان اَلفِراق!

وَرهن جي پُئان وِير! ٿيو وير ڪو وِصال،
موٽيو بہ ٿيان هِجر ۾ حَيران اَلفِراق!

دَريا وَريو دوست! دَليلن جو دِل مَٿان،
ڪِيو جوش جِگر جان ۾ جَولان اَلفِراق!

فِي الحال چُٽل ڦَٿ بہ وَري وِر ڪَرڻ لڳا،
تو ري ٿيان طَبيب! ٿو تابان اَلفِراق!

گَس پَنڌ، گَهٽي گام، مَٿان تُنهنجي هَر گهڙي،
هِيءَ جان ڪَريان قُرب سين قُربان اَلفِراق!

’احمد‘ کي عَرب آهِہ اَچڻ جِي وَري بہ آس،
اَللہ ڪَندو شال! سو اِحسان اَلفِراق!

*

Gul Hayat Institute

رديف (ڪ)

**(٢٥٢)**

چا ڪَريان سُج ۾ سَمر؟ ساڻم جُڳائي سُور هِڪ،
پَلڪ ۾ پُهتو ڪَري، نيئي پرِيان جو پُور هِڪ.

رات رِڻ ۾ روشنائي، پائي ويجهي، وِک پَريام،
عَرش پُونيَن ڪان اڳاهُون، نَظر آيم نُور هِڪ.

طُور سِينا طاقتون چَڏيون، ٿيو پاڳان پَجي،
ڪِيو تَجلي اِن طَرح هو، نا تہ توڙان طُور هِڪ.

خَبر پُهتم، تان خَلق خوش ناهِہ، مَنجهہ اِنهيءَ خِيال،
مُلڪ پائي مَر مَنين، مَحبُوب مُنهنجو مُور هِڪ.

مُلڪ ٿيندو مِڙ، مَلڪ جي ڏَنڊ ڦُوڪيان اڳ فَنا،
جي سَڄڻ سامهُون اَچي، گهوڙا ڙي! ڏِيندو گهُور هِڪ.

بي رَنگيءَ تي، يَڪ رَنگي ۽ دو رَنگي آڻ دَليل،
اِي مِڙئي دَلبا دويون، نہ تہ دوست جو دَستُور هِڪ.

دوست ڪِن جا ديس ۾، ڪِن ڪيچ ڏاري ٿيا قريب،
آهِہ مُون دِلگير جو، دِلبر اِنهيان ئي دُور هِڪ.

ڳُجهہ اُپن پُونيَن جا اُپٽڻ، هُونِ 'احمد' چَئي عَيان،
ڪولجي مُوران نہ ڪو، مَحبُوب جو مَذڪُور هِڪ.

*



Gul Hayat Instutute

رديف (ڪ)

**(٢٥٣)**

جِتي رُوح ريڊو، اُتي روز رَڪ،
ڪَڍي قَلب ٻِئي ڏي قِياماً نہ ڪَڪ.

سِبيَمِ ساهہ هِڪ سان، سَوين مَر سِڪن،
چَڱان ڪير چَوندو ٻيائيءَ ڪي ٻَڪ؟

سَڄڻ ساڻ صِف ۾ صَفا ٿِي ٻيهن،
اُنهن جا اَجايا وَڃن ميٽ مَڪ.

اِرم ۾ نہ آرام اُن ري اَڇيم،
پِرينءَ پار پُهچان ڪَري پير پَڪ.

ڏيکارين جِن کي ڏُکويو هُجيم،
مِنا! مُفت مُون سان رَکن ڪار ڪَڪ.

ويهڻ وِهہ ٿيم، واٽ ڪِهڙي وَڃان؟
نہ لانگهو، نہ لِيڪو، نڪو لَڙهہ، نہ لَڪ.

ڪَندي خَرچ، خِدمت سَندن ۾ رَسان،
تہ لِک دِل نہ لوڙهيان، لَڳن خواهہ لَک.

اَحد ساڻ 'احمدُ' جو عَهدو اَلستِ،
ٻيو جَڳ پَلين جام ماري پيو جَڪ.

*

(٢٥٤)

ڪيَم دِلبر بہ دِلبر ڪِهڙو؟ دِلبر دِلبرن ۾ مُک،
ڪئيَم گوهر بہ گوهر ڪِهڙو؟ گوهر گوهرن ۾ مُک.

اَنڌيري جاءِ ۾ جاني، وِجهي جهلڪار جوهر جِيئن،
وَري جوهر بہ جوهر ڪِهڙو؟ جوهر جوهرن ۾ مُک.

جَڏهن جاني وِجهي ٿو گُهنڊ، پُٺ پُٺ ساڻ پِروَن ۾،
هٽي خَنجر بہ خَنجر ڪِهڙو؟ خَنجر خَنجرن ۾ مُک.

خَبر ناهي، ڪِلي مُنهنجي خَليلن وار ڪوليا اَڄ،
ڪِ خود عَنبر بہ عَنبر ڪِهڙو؟ عَنبر عَنبرن ۾ مُک.

سَڄڻ مُنهنجو سَچوئي سونُ، بَرسر وار وِسيَر جِيئن،
وَري وِسيَر بہ وِسيَر ڪِهڙو؟ وِسيَر وِسيَرن ۾ مُک.

سَڄڻ مُنهنجي ڪي سامهُون، جي بيهن سِج، چَنڊ، تارا سَپ،
ڪٿي نمبر بہ نمبر ڪِهڙو؟ نمبر نمبرن ۾ مُک.

ڪَري گُل گُل مَٿي بُلبُل، سَڄڻ جي سُونهن جِي سارهہ،
مِليَس مِنبر بہ مِنبر ڪِهڙو؟ مِنبر مِنبرن ۾ مُک.

هَزارين حَرف هَي هَي! ميٿجن ڪِيئن حَرف هِڪ ٻن سان؟
لِکيَم دَفتر بہ دَفتر ڪِهڙو؟ دَفتر دَفترن ۾ مُک.

اکين جي ڪِنهن اِشاري ۾، مِليو اَنجام 'احمد' ڪي،
مِليَس رَهبر بہ رَهبر ڪِهڙو؟ رَهبر رَهبرن ۾ مُک.

*

Gul Hayat Institute

رديف (ڳ)

**(٢٥٥)**

اَصل کان اَڙيم تِنهن سين اَرواح اڳ،
نہ ٿِئي جوڙ جِنهن جي جُتيءَ ساڻ جَڳ.

مَ چَئو ماٺ مِ ڪِيئن ٿو ماري مُحب،
اَٿئي اِن فَريقي جي عادت اَلڳ.

ڪَٿِين خام! چا ڪَئون اکيون پاس اُپ؟
بِيئو پانءِ چَندِ زُلف لالڻ جي لڳ.

سَوَن چَئم سَردار ٿِي سِر اَسان،
پَلنگن تي پاتِم پَٽيءَ تہ بہ نہ پڳ.

بُڇي بادشاهي لڳي ڏار دوست،
سُونهان دَر سَجڻ جي سَڏائيندي سَڳ.

ڪيَس چُور چَشمن سَندئي چاڳلا!
سَڄِي بُت سَجي مِ رَهيَم ڪا نہ رَڳ.

مِڙئي ساڻ مُحبن مُلاقي مُدام،
وِيَنس آئون وِچڙي وِچان ساري وَڳ.

اَڳي راس 'احمد' سين ناهي عَجيب،
وِچان بيو ويچاري سين ويري! مَ وَڳ.

*

Gul Hayat Institute

(۲۵٦)

اَي فَلانا! او فَلانا! جاڳ جاڳ،
خواب ۾ ڪهڙا خَزانا؟ جاڳ جاڳ.

بادشاهه الله هِڪ، باقي بَندا،
خان! خادِم! خاندانا! جاڳ جاڳ.

ناهه بيڪاري کي بيداري نَصيب،
اَي خُدا جا نيڪ ٻانها! جاڳ جاڳ.

بَند مَحشر ماڳ تائين ۾ مُقام،
مَنجهه زَمين هُوندين زَمانا، جاڳ جاڳ.

حال تي هوشيار ٿِي، بيدار ٿِي،
مال دُنيا جا دِيوانا! جاڳ جاڳ.

مَوت کي موتي مَحل روڪي نه مُور،
ٿو اُجاڙي آستانا، جاڳ جاڳ.

ڏِس تو جيڏا ۽ تو جهڙا ڪَئين جَوان،
ڪالهه ويا ٿِي ڪُل رَوانا، جاڳ جاڳ.

هيڪلو هُوندين هُتي، پڻ هُونهين بَند،
دوستن سان داستانا، جاڳ جاڳ.

عُذر روزيءَ ۾ ڏِيين پَر رَب اڳيان،
سَڀ پَڇي ويندئي بَهانا، جاڳ جاڳ.

ٿيو اَسُر ’احمد!‘ چَڙُهي آرس اُٿي،
هيءَ گهڙي جاڳڻ جي جانا! جاڳ جاڳ.

*

Gul Hayat Institute

رديف (ڳ)

**(٢٥٧)**

ڪَن سَوين سُهڻا صَلاحُون، هِڪ سَڄڻ! تو ساڻ سَڳ،
بار بيون سَپ بارگاهُون، هِڪ سَڄڻ! تو ساڻ سَڳ.

تو سَوا گوهر نه گوهر، گُل نه تو ري گُل لڳن،
بَلڪه پانيان باغ باهُون، هِڪ سَڄڻ! تو ساڻ سَڳ.

ناز نازُڪ جي اکِيان، گُل نازبُو نازيب سَپ،
نَنگ نَرگس ۾ نِگاهُون، هِڪ سَڄڻ! تو ساڻ سَڳ.

حُسن تي حَيران حُورُون، هَنج جو سِر هَنج ۾،
خود پَرِيَن ڪِيا پير پاهُون، هِڪ سَڄڻ! تو ساڻ سَڳ.

پُر مَ پَر ۾، آءُ نه پِر! پَرچي وَڃون پَر سال جِيئَن،
پوءِ هُجي شل! پَر پَراهُون، هِڪ سَڄڻ! تو ساڻ سَڳ.

عُمر آيم آسري ۾، اَڄ سُپا ايندم عَجيب،
پيو نِهاريان روز راهُون، هِڪ سَڄڻ! تو ساڻ سَڳ.

سونهن تُنهنجي سُونهن جو، سُک ساهه کي سُهڻا! نه آهِه،
وِهه ويهڻ وَڏاهه واهُون، هِڪ سَڄڻ! تو ساڻ سَڳ.

آهه! آهيان آهُڙن ۾، آهِه آن کي اِطلاع،
آءُ 'احمد' چَئي اڳاهُون، هِڪ سَڄڻ! تو ساڻ سَڳ.

*

Gul Hayat Institute

رديف (ل)

**(٢٥٨)**

يا خُدا! ڪَر خَير، تان دَم، خواب ۾ خَر هُونِ شال!
مان مِلان مَحبُوب کي، مَنجهه مات مُنڪر هُونِ شال!

جِيئَن پُٽِن بَدخواهه مُون سان، پَر وَٺيو پيڙا مُدام،
تِيئَن سَجڻ ساڻم سَدا، پيڙا نه بيءَ پَر هُونِ شال!

مُلڪ پائِن ٿا مَنو، مُنهنجو مِلڻ مَحبُوب سان،
هِن بَندي تي اِن بَديءَ جا، بار بَرسر هُونِ شال!

مُنهنجي مَرضي آهه تان، مِلنم مُحب ميرا مَٿي،
رَب ڪَري جِيئَن اِن ۾ راضي، دوست دِلبر هُونِ شال!

ويا جُدائيءَ کان جَلي، جِيءُ جِند ۽ جيرا جِگر،
ٿيو هَلڻ جو وَقت هاڻي، هوت حاضِر هُونِ شال!

جان چَڙهي جايون نِگَيس، تان رِڻ مِڙئي راحت لڳوم،
باغ بَخشيَم لوڪ کي، مُون بَخت ۾ بَر هُونِ شال!

مَڙهه مَٿان پيڙم مِٿي، مَدفُون ٿيڙس مَنجهه مُقام،
قَدم ڪوهياري لڳل، ڪِنهن ڏِينهن قَبر سِر هُونِ شال!

ساهه گهوريو، ماهه گهوريو، سِر ويو صَدقي ٿيو،
هَڏ اَچڻ سين هوت جي، هاڙهي ۾ هيڪر هُونِ شال!

Gul Hayat Institute

بُوءِ بِهشتي پاڻ تي، ڪيڙم حَياتيءَ سين حَرام،
دَرد وارن لاءِ دَوزخ، دان داور هُونِ شال!

گهورِيون گاديون اُهي، جِن ۾ مِلڻ آهي مُحَال،
نِينهن وارا پيش نازُڪ، نِيچ نَوڪر هُونِ شال!

دَم اُهوئي ڪَم اَچي، جو دوست ديکيندي ڏِجي،
مَن مُرادُون مَوت ويلي، مِڙ مُيَسر هُونِ شال!

سُور سِيبائِنِ مُون کي، چا ڳَريان سانديِ سَرير؟
ڏَڙ سِسيون سَپ ڏار مُنهنجا، دوست! تو دَر هُونِ شال!

مَنجهہ قَيامت ڪيترا، سَڌ آبِ ڪَوثر جي ڪَندا،
لاءِ مُون لَب لال تُنهنجا، حَوضِ ڪَوثر هُونِ شال!

هِن حُسن تُنهنجي مَنجهان، هِڪدم ڏِني ڪا هِڪ پَچي؟
تو جِها سُهڻا تہ ساڻم، گڏ سَراسر هُونِ شال!

عَدُوءَ جي اکيَن ۾ آهيان، آئون ڪَندو، تُون گُل گُلاب،
هَر گهَڙِي، اِيءُ گُل، ڪَندو، گڏ جاءِ گوهر! هُونِ شال!

اَج بہ 'احمد' چَئِي چَگُون ٿيو، جِيئَن اگَڙ آئِين عَجيب!
پَر مِنا! مُون، تُنهنجا ميلا، ڏِينهن مَحشر هُونِ شال!

*

Gul Hayat Institute

دَمُ ڪو آهيون يا نہ آهيون، خواب آهي يا خَيال!
هِي بُزرگيون، بادشاهيون، خواب آهي يا خَيال!

خاڪ ٿيندا خاڪ ۾، خاقان توڙي خان سَڀ،
هِي خوشيون، هِي خانگاهيون، خواب آهي يا خَيال!

هيڪلو آئين هِتي، ويندين هُتي پڻ هيڪلو،
هيڪ ٻِئي سان هَمہ صَلاحيون، خواب آهي يا خَيال!

هِي حُڪمُ، هِي حِڪمتون، هِي حَرف توڙي حِرفتون،
شُغل شاديون، شَوق شاهيون، خواب آهي يا خَيال!

هِي سَڳا ۽ هِي سَڳرُ، هِي صاحِبيون، هِي صُحبتون،
هِي صُبوحيون، هِي صُراحيون، خواب آهي يا خَيال!

هِي نَشا، هِي نازبُو، هِي نازڪيون ۽ ناز راز،
هِي ڪَجل ۽ ڪَج ڪلاهيون، خواب آهي يا خَيال!

هِيءَ جَواني يار جاني! هِيءَ جَميعت، هِيءُ جَمال،
هِي بَدن تي بِرهہ باهيون، خواب آهي يا خَيال!

هِي بِنائون بَنگلا، هِي باغ، هِي بُوندُون بَهار،
هِي سُفيديون، هِي سِياهيون، خواب آهي يا خَيال!

هِڪ حَياتي بي بَقا، ٻيو هُل حَشر سامهُون سُجي،
ڪِنهن سَبب سِيني ڪي ساهيون؟ خواب آهي يا خَيال!

Gul Hayat Institute

هِڪ بَلائون بُت اَندر، بيو مَوت گهيريو مُلڪ سَڀ،
قافلا ڪيڏانهن ڪاهيون؟ خواب آهي يا خَيال!

مَوت گهيريو مُلڪ سارو، مَرض موڙو هَر مَڪان،
لَڏ لِڪي ڪِنهن لوءِ لاهيون؟ خواب آهي يا خَيال!

مائٽاڻو مُلڪ بيو ڪو، هِيءُ تہ مانجهاندي جو ماڳ،
راهہ مِ ڪِيئن رات راهيون؟ خواب آهي يا خَيال!

ڪِيئن اَچي پِڃري مِ پُورين، اَي پَکيئڙا پَرڏيهي!
ڪَر ڦِٽيون فِي الحال ڦاهيون، خواب آهي يا خَيال!

ڪَر وَرڻ وارِي وَطن ڏي، ڪوهہ گُذارين قَيد مِ؟
ڪَڍ ڳِچيءَ مان ڳَٽ ڳِراهيون، خواب آهي يا خَيال!

آهِ 'احمد' چَئي اَمن جو، آسرو اَللهُ وَٽ،
بيا پَنارا ءِ پَناهيون، خواب آهي يا خَيال!

*

Gul Hayat Institute

**(٢٦٠)**

يار مُنهنجو يار آهي، يار ڪِهڙو؟ يار گُل،
يار گُل، دَربار گُل، بازار گُل، گُلزار گُل.

هِن ڪَميني جي نہ ڪَم جا، ڪَپ، ڪَڳَر، ڪَنمال ڪُل،
هار هِينئڙي هار مُنهنجو، هار ڪِهڙو؟ هار گُل.

بيھ اکيَن کي آمسامهُون، يا اکيَن ۾ ويھ عَجيب!
بار تُنهنجو بار آهي، بار ڪِهڙو؟ بار گُل.

تُون هِندوري ۾ هُئين، حُورن جَيو حَيرت ڪَري،
ٻار ڪو اِيءُ ٻار آهي، ٻار ڪِهڙو؟ ٻار گُل.

شَهر بُوءِ بازار توسان، باغ بَنجي ٿا پوَن،
غار گُل، بَلغار گُل، مَلبار گُل، گِرنار گُل.

وِيڻ وارين تِيئَن وَٽِين، ٿارين هِنيون جيڪِي هَٽِين،
گار گُل، گُفتار گُل، هَٺ يار گُل، هَشيار گُل.

نَڪ نيلوفر، نيڻ نَرگس، گُل بَدن، سِينون سَمن،
چار گُل، چَوڏار گُل، چِينگار گُل، چَمڪار گُل.

اَج اَگڻ آيا عَجب، 'احمد!' عَجيبا اور گهور،
وار گُل، وَسڪار گُل، وَلهار گُل، وَٽڪار گُل.

*

Gul Hayat Institute

(٢٦١)

مَنجهہ ڪَلامن تُنهنجي قاتِل! هِڪ قَتل ۽ بِي ڪَتل،
پوءِ ڪَتل پُنيان ڪَرين ٿو، قُرب وارن ڪي قَتل.

خان سُهڻا! خُون تُنهنجا، خَلق تي ناهِن خَفي،
رَت اَسان جي ساڻ راڻا! تو رَڱي ڪِيا هَٿ رَتل.

وِرهہ وارا وَرهہ سارا، وَس نہ رَسيا ڪِنهن وِصال،
مَغز تو مَغرُور سين، هَٽندي ٿيا هِيٽان ڪَٽل.

ماهہ جِهڙي مُنهن موهيا، سي ڳِرن مَنجهہ ئي مُدام،
مَحبتي مُوران نہ سُٺاسُون، ماس وارا ۽ مَتل.

ڏار سِر ڏَڙ ڏُوڙ ۾، هِڪ ڏَڪ دونالِيَن جو نہ آهِہ،
ڳهاءَ ڳُهورن جي هَٿان، تُنهنجي اَٿن ڳهاٽي ڳهَتل.

عِلم وارا آدمي، عاقِل وَڏا ’احمد‘ مِثال،
تُنهنجي غَمزن گُلبدن! ڪيَڙا گُناهن ۾ گَتل.

*

(٢٦٢)

تُنهنجي غَمزن ڪِيو گهٽ ڪي، غَمگُذارين سين گڏيَل،
آهِ نيڻن جو نَظر، نِت ناز نارين سين گڏيَل.

ڪان پِنبڻيَن جا پِرين! اڳ مُون کي پاسن کان پيا،
تِير تارن لائيم، تازا تَرارين سين گڏيَل.

وار وِسيَر جيئن وَڪوڙيا، جان ڦِريون تِن ۾ ڦٽيون،
پَئي اکيَن ڪاني ڪَجل، ٿيا ڪان ڪارين سين گڏيَل.

جَنگ جُنگن کي ڪَندي، جَڳ ۾ ڏِسان ٿو جاڳ سان،
خُون اکيون خان ڪَن، خوابن خُمارين سين گڏيَل.

ٻول ٻاٻيها! اَسان سين، ميٺ وارا! ڪَر نہ ماٺ،
ڪِين کهائي تُنهنجي گُل! گُفتار گارين سين گڏيَل.

مُحب! تو مَهندان نہ ماڻيم، آبرُو تہ ٻہ ناهِ عَيب،
خوش رَهان خِدمت ۾ تُنهنجي، خود خُوارين سين گڏيَل.

نِينهن وارن جي نِشاني، ناهِ جاڙج، ناهِ ٻِي،
دَر نہ دِلبر جو ڇَڏي دَم، ٿِين ذارين سين گڏيَل.

دِل ۾ ڳالهيون دوست سان ڪَن، ٻَهر گُنگا گودڙيا،
ڏَڙ پَريَل تِن ڏُوڙ ۾، ۽ وار وارين سين گڏيَل.

ڪانگ! قاصِد توکي ڪَريو، موڪليان مَحبُوب پاس،
عَرض راڻي کي رَساڻج، زُود زارين سين گڏيَل.

پير پائج ڪِنهن ڏِينهان، آسرَوَندن جي آستان،
آهِ ’احمد!‘ عُمر سارِي، اِنتظارين سين گڏيَل.

*

ردیف (م)

**(٢٦٣)**

نِت ڪَري ماڻا مُحب! مُون کي اَٿئي ماريو مُدام،
دوست! توتي دَرد دِل جِي، دانهن ڏِيندس ڏِينهن قِيام.

تَرس توکي ناهِ ڪو، ڏِسجين ٿو ڏاڍو بي قِياس،
دَم رَهين دِلبر نہ مُون وَٽ، دِل کي پائي دوست دام.

تُنهنجي دِل دُوريءَ تي دائم، آئون وَصل لئي وَس ڪَريان،
حال مُنهنجي تان هَميشہ، ٿو کِلائين خاص عام.

اِنتظاريءَ ۾ اَچي، اَڄ عُمر آخر کي رَسي،
ساھ ڪا ساعت اَٿم، پُڇندو ڪَڏهن اَهنجو اَنجام؟

ڪوھ چاڻان يار! جِيئَري، مُون کي مِلندين ڪِنهن مَڪان،
يا سِڪي مُنهن لئي مِٺا! مَدفُون ٿيندس مَنجھ مُقام.

چا هَلي مُنهنجي حُجت؟ ناقِص نماڻي آهِيان،
عَرض، آزيون، عُذر آڻي، دَر تي دانهيندِس دَوام.

چانٺ چَشمن ساڻ چُمندس، پاند پائي گَل گِچي،
قَلب قُرباني ڪَندس، ڏيئي تُرت تَعظيمُون تمام.

لِڱ مِڙئي لَذت کان مُنهنجا، هُونِ محشر تائين مَست،
جي سَڏي ساجن ڪَڏهن، غَمگين کي پَنهنجو غُلام.

Gul Hayat Institute

حاج حَج جِي ناهِ هَرگز، ٿيم دَرسن دوست جو،
بِن پِرُن سامهُون بيهي، سَجدا ڏِيان هَر صُبح شام.

نِينهن وارن جِي نِهايت، نيستي آهي نماز،
مَنجهه ڪِتابن قُرب جي، هَرجاءِ هَستي ٿِي حَرام.

هَٿ ٻَڌي حاضِر ٿيان، جي حُڪم فَرمائين حَبيب!
ڪَنڌ ڏِيان ڪاتيءَ سان ڪوري، ڪَم اَچي جي تو ڪِمام.

يَڪ رَنگيءَ جو رَنگ وَٺي، مَن مَحوَ ٿيو مَحبُوب سين،
حَق هِنيان پوءِ حَق نہ ڄاڻ، اِيءُ تہ خَطرو آهِ خام.

حَرف تان هِڪڙو نہ ڪِنهن کان، تِنهن وَٽي تَعليم ڪِيو،
ٿيو پَڙهڻ ڏاران پِرين، مَنجهه عِلم وارن جي عَلام.

يا قَمر قاصِد ڪَريان، يا سِج سَڄڻ ڏي موڪليان،
يا ڏِيان تارن کي تُحفا، مانَ! پُهچي ڪو پَيام.

يا ڏِيان پَيغام پَيَڙي، يا اُڏايان ڪانوَڙو،
يا سُٽايان سَپ صَبا کي، ماهيَت مَذڪُور مام.

قاصِدائي ڪار ڪان، حاصِل نہ ٿِئي هَرگز حُضُور،
رُوح رَوانو پاڻ ٿِي، ڏي ڪو نيئي ساجن سَلام.

سِنڌ گُذارڻ سُور سين، ’احمد‘ کي ٿِي اَندر اُداس،
سَڌ سُٽي لَهه سار، يا سَردار! عالَم جا اِمام.

*

Gul Hayat Institute

(٢٦٤)

هَميشہ گڏ حَبين سان، هُجان هَر حال خِدمت ۾،
سَلامي، حاضري، تَعظيم، اِستقبال خِدمت ۾.

گسن تان گُل گوهر گهوريان، ڏِسان جِن لئي ڏِسيون ڏوريان،
اَدب جا هَٿ ٻَڌي اوريان، عَرض اَحوال خِدمت ۾.

رَتي راهيَئون نہ رَت رُوندس، سَدا مَنجهہ حاضري هُوندس،
هِنيين تي هَٿ ٻَڌي چُوندس، حَقيقت حال خِدمت ۾.

ڇَڏي دَعوا نہ مُون دَر جي، ڪَچهري ڪار ڪُوندر جي،
گَواهي آهِہ گُوندر جي، رَتو رُومال خِدمت ۾.

سَڄڻ! ڏي ڪو سَندو صَدمن، پَدم تان گهوريان پَدمن،
ڪَريان قُربان سِر قَدمن، مَٿو ۽ مال خِدمت ۾.

ڪَريان مَحبُوب وَٽ مَنزل، لهن مَحبُوب هِت مُشڪل،
پَسان مَحبُوب جِي مَحفل، پَڙهان خَط خال خِدمت ۾.

اَچي طالِب ٿيو تائب، ٿيڻ گهُرجن غُصا غائب،
سُٺي سُهڻو سَڄڻ صاحِب، خُلاصي ڳال خِدمت ۾.

هِنيون ساري حَبين ڪي، ڪَڏهن مِلبو قَرين ڪي؟
عَرض 'احمد' عَجين ڪي، تہ لائن لال خِدمت ۾.

*

Gul Hayat Institute

(٢٦٥)

اَج عَجين جا عَجب، اِسرار اِيندي ٿي ڏِنم،
جوت جَلوا جابجا، جَهلڪار ڏِيندي ٿي ڏِنم.

قُطب، ڪَتيون، چَنڊ، سِج، قُربان قَدمن تان قَريب،
گهور گوهر، گَنج، گُل، گُلزار ٿِيندي ٿي ڏِنم.

مُنهن ڏِسي مَحبُوب جو، ٿيا مَحوِ حَيرت مُلڪ سَڀ،
سِر نَذر، ناٹو نِذر، نِروار نِيندي ٿي ڏِنم.

حاڪِمن وِسري حُڪومت، هَٿ ٻَڌي بيٺا هَزار،
وَصف ۾ وَهلُور، ويروتار وِيندي ٿي ڏِنم.

ديس جِنهن ۾ دوست گُهميو، اُت دَوا لئي دَردناڪ،
پاڪ پيرن جي پَٽي، پينار پِيندي ٿي ڏِنم.

اَج ڪَرامت جا قَدم، ڪُٺلن ڪَنڌي رَکيا قَريب،
ڪَئِن جَڏا جِيءَ، ساڻ جَلوي يار جِيندي ٿي ڏِنم.

عِلم ۽ اِقبال ڪِيا، اِنعام ’احمدؔ‘ ڪي اَحد،
خواهه مَخواهه ڪي خام تِنهن تي، خار ڪِيندي ٿي ڏِنم.

*

Gul Hayat Institute

**(٢٦٦)**

تو نَموني بيو نه ڪو، نازُڪ نَوابيءَ ۾ ڏِٺم،
رَنگ بُوءِ بِلڪُل نه اِهڙي، گُل گُلابيءَ ۾ ڏِٺم.

سَڏ ڪَرايو آهِه سُهڻي، پاس سُوريءَ جي سُپاهِ،
شَوق وارن کي شَهادت لئي شِتابيءَ ۾ ڏِٺم.

قَيد ڪاڪُل سان، ڪَرشمي سان، ڪُچڙ سان، قُرب سان،
خُوبرُوءَ کي خَلق جِي، خانه خَرابيءَ ۾ ڏِٺم.

هَٿ حَسينن تان کڻان، ماڻهن جي مِهڻن ڪاڻ هُوندِ،
پَر نه مِهڻن جو مَزو، تَوبه تَوابيءَ ۾ ڏِٺم.

جَنگ جُنگَن کي ڪَندي، جَڳ ۾ ڏِسان ٿو جاڳ سان،
نازُڪن جا نيڻ کُهندي، نِيم خوابيءَ ۾ ڏِٺم.

مُنهن ڏِٺي مَحبُوب جي، مَن تان نه مُونجهارو لٿوم،
بَلڪه واڌُو بي قَراري، باريابيءَ ۾ ڏِٺم.

عَيش عِشرت کان ڪَڍهن، 'احمد' اَچي ها ڪِينَ تَنگ،
پَر نه دائم دوست، دُنيا بي مُحابيءَ ۾ ڏِٺم.

*

Gul Hayat Institute

(٢٦٧)

صُبح سان اَج واءُ صَبا ڪيِ، سَير سوريندي ڏِٺم،
گَس گهَٽيون چانيا گُلن سان، گَنج گهوريندي ڏِٺم.

واءُ واڏايَن ڏيَڙ ۾، ڪَم ڪِوڙ جو ڪيل خاص،
اَبر اِستقبال ۾، اَحوال اوريندي ڏِٺم.

مَرحبا ۾ مُلڪ سارو، مِينهن موتيَن عام جام،
هَٽ فِداين جي فَوارا، ڦُل ٻه ڦوريندي ڏِٺم.

ڪَئِن عَجيبن وَٽ عَرض سان، ٿيا غَريبن جا غَرض،
اک اِشاري سان عَدالت، چَپ نه چوريندي ڏِٺم.

ماڻڪن ماسو مِلي، ته ٻه ماس گُهرجي ماڻڪيَن،
قَلب تان ڪاريَن اکيَن ڪيِ، قُوت ڪوريندي ڏِٺم.

سِر سَجڻ ڪي سُوڪڙي، پوءِ ڪَک لهي يا لَک لهي،
تُون تُراڙو تَرڪ ڪَر، تُحفا نه توريندي ڏِٺم.

شُغل شاديون شَهر ۾، گهورُون شُڪر شُڪران طَور،
ڏيهه ساري جو ڏِيُو، ڏِينهن رات ڏوريندي ڏِٺم.

سُور، سَختيون، ٻيا ٻه صَدمان، سِر مَٿي سارِي جِمار،
پَر جُدائيءَ جِيئَن نه جانِب! جان جهوريندي ڏِٺم.

آهه 'احمد' جِي اِتي، آخر اُجاريندو عَجيب،
بَدسُلُوڪن ڪي پِٽر بي سُود پوريندي ڏِٺم.

*

Gul Hayat Institute

## (٢٦٨)

سَڄڻ ته سَفر هَليَم سَنبري، وَري نه وَري، خَبر نه اَٿم،
سَواس سَگھون سَرير چَڏيون، سَري نه سَري، خَبر نه اَٿم.

ٿو ياد پَوِمِ يار جَڏهن، ٿِيَم هِنيون هَلاڪ هَڏهن،
قَريب ڪَرمِ ڪُنل تي ڪَڏهن، ڪَري نه ڪَري، خَبر نه اَٿم.

نمائي نَجيب نيڻ ڪَري، نِگاهه ڪِيائِن ناز ڀَري،
ٻه ڪان لڳم، ڪَمانَ وَري، پَري نه پَري، خَبر نه اَٿم.

اَندوهه اَٿم اَپار اَندر، بِرهه جي بَحر جو ناهِ ٻَندر،
پيَم ته ٽُرهو تار اَندر، تَري نه تَري، خَبر نه اَٿم.

مُدام سَلامِ دَر تي ڏَريان، ڪُسان، نه ڪُڇان، نه ڪُوڪ ڪَريان،
پَسهه پُڳام، پَت سين پَريان، پَري نه پَري، خَبر نه اَٿم.

لنگھيَم سَئُو وَرهه اَندر وِرهه، اَڇيم اکيَن مِ آب پِرهه،
لڳي بَدن کي باهِ بِرهه، ٻَري نه ٻَري، خَبر نه اَٿم.

ٻُڌَن مِ وِيَمِ ڄمار ڳَري، پَرو نه پيَم پَريان ڪو وَري،
ته آهي پِرين مِثال پَري، پَري نه پَري، خَبر نه اَٿم.

لڳو 'احمد' کي عِشق اَگر، جِسم جَليَس، ٻه جان، جِگر،
مَرڻ جِي مَهل آهِس مَگر، مَري نه مَري، خَبر نه اَٿم.

*

Gul Hayat Institute

### (٢٦٩)

دِل سِڪي تولاءِ دِلبر يار! دَم دَم، دَم بَدم،
وَر، وَريا غَمگين تي، غَمخوار! غَم غَم، غَم بَغم.

گُل! گهٽي تُنهنجي مَٿي، پانيان تہ ڪَر بيٺو رَهان،
پَر چوَن خَر خام، ماريو خار، رَم رَم، رَم بَرم.

دُور پَنڌان ديکيان ٿو، دوست! دَر ڪولين جَڌهن،
چَند چوڌهينءَ جِيئَن چِٽا، چَمڪار چَم چَم، چَم بَچم.

خَر خَبر ڪَئي خَلق سان، پانيان پَجي ويو چور رات،
ديکيم سو ڪِينَ پَر، ڏَمڪار ڏَم ڏَم، ڏَم بَڏم.

دِل کي مُنهنجي دام پيو، لالڻ ڪُلهن سِر لاڙِيا،
وار خوشبُودار ۽ خَمدار خَم خَم، خَم بَخم.

يار مُون گهر پير پاتا، پيئي پاڙي ۾ پَچار،
آهِ چا جِي اِيءَ چَمڪ چَمڪار چَم چَم، چَم بَچم؟

آءُ تہ ’احمد‘ چَئي ڪَريون، اَج رات ريلن ۾ رِهاڻ،
گڏ هِنيِن لائي هِنيون، هَموار هَم هَم، هَم بَهم.

*



Gul Hayat Institute

(٢٧٠)

اَٿم دِيدار جِي دَرڪار، دِلبر يار! دَم دَم دَم،
گَلي مِل يار! ڪولِي وار، خوشبُودار خَم خَم خَم.

سَجڻ يا سِج سَوا پَهرو، قَمر يا ڪَوڪبِ زَهرو،
ڏِٺم خود چَندِ يا چَهرو، چَمڪ چَمڪار چَم چَم چَم.

وَري وِهسي وِڇڻ وِيرا، پِرين مُنهنجي ڪنيا پِيرا،
چَڏي چاتيءَ مَٿان چِيرا، چَمڪ چَمڪار چَم چَم چَم.

هَلائون حُسن هوشن تي، جَلي ٿِي جان جوشن تي،
ڪَيو رُخسار روشن تي، عَجب سِينگار سَم سَم سَم.

رُلايم راج اِن رَمزن، تَپايم تَن اِنهن طَنزن،
ڪُنو غَمناڪ ڪي غَمزن، وَڌيم غَمخوار! غَم غَم غَم.

چَلا چَل چار پَهريءَ ۾، سَنجهي ۽ صُبح سَحريءَ ۾،
قَرين جِي ڪَچهريءَ ۾، اَٿم ڪَم ڪار ڪَم ڪَم ڪَم.

عُمر 'احمد!' ويَل وَريَم، شَفا شَفتين مان سَريَم،
عَقيدو دِل مَٿي ڌَريَم، ذَقن ۾ زار زَم زَم زَم.

*

(٢٧١)

صَدقي سَڄڻ! صَدقي وَڃان، صَدقو مَٿان تو سِر سَندم،
گهوري وَڃان، گهوري وَڃان، آئين تُون گوهر! گهر سَندم.

ماتام هو مُون سِر مِيان! جانِب! ڏِسيو توکي جِيان،
قُربان قَدمن تان ٿِيان، ٺارين ٿو دِل، دِلبر! سَندم.

مِهرُون مَٿم سَئو مَرتبا، ڪِنهن پَر ڪَرم ظاهر ڪَيا،
اَهلاً وَ سَهلاً مَرحبا! آئين اَڱڻ اَنور! سَندم.

ڪَر چاڳ چَشمن تي چَڙهي، گَڏ گهار گوهر! ڪا گهڙي،
تو سان اَٿم جِيءَ جي جَڙي، پيڙو وَني ويھ پَر سَندم.

شاديون شُڪر ٿيا مَنجهه شَهر، بَرسات ٿي بَر ۽ بَحر،
ٻولِي وَڃڻ جي ڇَڏ ٻهر، ڪَر جاءِ جِيءَ اَندر سَندم.

نِت چاڪ تازا ٿي چُريم، هِينئڙي ۾ هِي ٽاٽا هُريم،
دَم دَم دُعائون ٿي گُهريم، گَڏبين ڪَڏهن گوهر! سَندم؟

تو آئي هِڪ جاءِ ٿيو هِنيون، سَنڌ سَنڌ ۾ سَرهايون پِيون،
مَن جُون مُرادُون مِڙ ٿِيون، مُسجي رَهيا مُنڪر سَندم.

ڪِليو خَلق ٿي چِيو سَدا، شاهن کي گَڏبين ڪِيئن گدا!
توکي ڪَٺي آندو خُدا، پَردو رَکيو پَرور سَندم.

Gul Hayat Institute

حَيران حَيرت ۾ هُوان، ڏِينهن رات رَت رويو رُوان،
پِريم پِيارا! تو پُوان، عادت اِها اَڪثر سَندم.

دائم اُٿي وينٺي ڏَندو، آهي اِهو ’احمد‘ سَندو،
قادِر ڪَرم سان شَل! ڪَندو، توسان مُحب! محشر سَندم.

*

(٢٧٢)

جُدا ٿِي تو ڳَنان جاني! جِسمَ ۽ جان سان ڇا ڳَم؟
رِهاٽيون رُوح مِ تُنهنجون، رَهيو رَيحان سان ڇا ڳَم؟

بِرهه اڳ بار ٿي پايمِ، لڳِي لَنئون پوءِ لَذت آيمِ،
سِڪان دُک دَرد لَئي دايمِ، دَوا دَرمان سان ڇا ڳَم؟

نه موتي، موتيا شَربت، هَٿائن غَم سَندو غُربت،
مُرڪ تُون مُحب! سان مَحبت، مُون کي مَرجان سان ڇا ڳَم؟

ڪُفر آهي زُلف ڪارو، مَٿان تِنهن دِين دِل وارو،
ڪَريان صَدقو سَڄو سارو، اَمن اِيمان سان ڇا ڳَم؟

مُحب جي مُنهن مَنجهه مُورت، وَسي وَالشمس جي سُورت،
ڏِٺس صاحِب صَفا صُورت، رَهيو قُرآن سان ڇا ڳَم؟

مَٿي ڪَئين مُنهن ڪَري ماٺو، قَمر ڪَئين سين ڪُوماڻو،
سَڄڻ سِج مِثل ساماڻو، مَهِ ڪِنعان سان ڇا ڳَم؟

لَنگهيو راهِب ڪان گُل رَعنا، کُلي مُصحف سَندي مَعنيٰ،
رَکج دِل دِين تي دانا! ڪُبد ڪُفران سان ڇا ڳَم؟

مَٿس چِٽ اَنتَ مَحبُوبي، سَرِيَس خِلوت سَندي خُوبي،
نه ماپن مَلڪ ڪَرُوبي، اِنس ۽ جان سان ڇا ڳَم؟

ڳَڏهن جيڪر اَچي جاني، رَکان پيرن تي پيشاني،
ڪَريان ڪُل مال قُرباني، سَندمِ سامان سان ڇا ڳَم؟



Gul Hayat Institute

وَجڻ بي ڏوهہ وَٽ والي، خَطا ڪان ناهہ اِيءُ خالي،
عَفو عَين پُنيان عالي، عَمل اَرڪان سان ڇا ڪم؟

مُلڪ اُو بي مِثل ٿيڙو، جِتي مَحبُوب ڪِيو ميڙو،
سَجڻ ٻِئي ماڳ ڪِنهن ويڙو، دَري دَربان سان ڇا ڪم؟

ثَوابن جُون سَڌون لاهِہ، گُناهن سان غَرض آهِہ،
ڪَندو رَحمت مَٿم راحِم، اَٿم اَرمان سان ڇا ڪم؟

پُڇي 'احمد' جِي شل! آسِي، روئي رَت رات جِنهن راسِي،
خُواري تُنهنجي دَر خاصِي، شَرف ۽ شان سان ڇا ڪم؟

*

Gul Hayat Institute

**(٢٧٣)**

اَي مِنا مَحبُوب! محبت، مُنهنجي تُنهنجي پاڻ ۾،
مَر سِڪي سَڀ لوڪ، صُحبت مُنهنجي تُنهنجي پاڻ ۾.

اَڄ چَمن ۾ ڇهڇٽو، چوڙا چَنبيلين چيلهه تي،
ٿِي سُونهي تيڏانهن سَنبت، مُنهنجي تُنهنجي پاڻ ۾.

واهه! ٻاتيون ٻُلبُلن جُون، واهه! باغن پاس ٻُوند،
واهه! ريلُون، واهه! رَغبت، مُنهنجي تُنهنجي پاڻ ۾.

هِيءُ هِنيون ٻِئي حُسن سان، هَرگز نه هيرايو هِري،
آشنائي آهِه اَلبت، مُنهنجي تُنهنجي پاڻ ۾.

هَڏ نه هَڏ گڏ هوءِ، ته به مُنهنجي هِنيين ۾ تُون حَبيب!
آهِه قابُو ڪوڻ قُربت، مُنهنجي تُنهنجي پاڻ ۾.

اُڄ مَهل مَحبُوب هُوندي، آب عاشِق پيا گُهرن،
خود شُموليَت آهِه شَربت، مُنهنجي تُنهنجي پاڻ ۾.

پيا وِساري سَڀ ويهن، مُون کي نه ته به وِچار وار،
تار گهُرجي طرف تُربت، مُنهنجي تُنهنجي پاڻ ۾.

اُپ زَمينن مان نه 'احمد!' بيو اڪيَن آڏو اَچي،
نِت نَظر نَوبت بَنَوبت، مُنهنجي تُنهنجي پاڻ ۾.

*

Gul Hayat Institute

(٢٧٤)

عَرض آهي، ڪَڏهن ايندين؟ اکيون نِت اِنتظاريءَ ۾،
غَرض غمناڪ ٿو گهاري، غَمن ۾، غَمگُساريءَ ۾.

سِينگاري پاڻ سوپارا، سَجڻ بيٺام سانبارا،
وِڏو غمناڪ کي ڪِنهن گهاءُ، غَمزي غَمگُذاريءَ ۾.

ڏَمر ءِ ڏوڻ تُنهنجا ڪَم، هَلي حُجت نہ سين حاڪِم،
ذَرو ناهي سَندم زوري، رُوان ٿو زار زاريءَ ۾.

نہ جُريَت ساڻ جاني تِل، مَٿي سِر مَوت، جَلدي مِل،
نہ مُهلت مَهل اڳِ پوءِ جِي، مُروَت مَوت ماريءَ ۾.

وَعدُ نَفسِڪَ اَمر ڪاري، ويا مِسڪين کي ماري،
رِهاٽيون رُوح جُون روڪيون، رُوان رَت رات ساريءَ ۾.

لَٽي لاشو ويا لاشڪ، پَسهہ ري پَٽ ۾ آهيان پَڪ،
وِيَر ڪانڌي ڪَري قابُو، قَبر جِي کوپ ڪاريءَ ۾.

هُئا مَحلات جي ماڙيون، لڳي تہ بہ تَنگ وِيَن تاڙيون،
وَڃي وَرهن کي وِيٺا هَنڌ، وَٺي وَيران واريءَ ۾.

وَهن واريون وَٺيو واٽون، لَٺن لايون مَٿم لاٽون،
ڪَڏهن داٺُون، ڪَڏهن دُونهان، دُکن دِل دَرد واريءَ ۾.

تِکو ڏِينهن تاوڙيون تِڙڪا، ڪَنن مان واءُ ڪَري ڪَڙڪا،
بُنيءَ پاسي پَڄن پيڙُون، رَهي بُت بي قَراريءَ ۾.

Gul Hayat Institute

جُدا ٿيو جِسم کان سَندِيَن، ڪَڪوريا وَڻ قَبر ڪَنڌِيَن،
ڇَڏيئون يَڪسر ڪَري، ڪو يار ناھِه يادگاريءَ ۾.

مِٽي ڪاڏو مَٽو، مَڙھه، ھَڏ، ڪَنڌِيَن تي گاھه اُڀريا گڏ،
وِڻا ٻولِنِ ٻاٻيها، ڪَئين ٻوليون ٻِپاريءَ ۾.

رَھيَم رُخ رُوح تي ريلُون، نه وِسرن وَصل جُون ويلُون،
مَرڻ کان پوءِ به مُنهن آھِه، اِنهيءَ مَحفل موچاريءَ ۾.

ھَنجُھون ھيڪاند لئي ھاريان، سَلامن کي سِڪيو ساريان،
قَبر تي مان! ڪاغذ ڪو، ڪِري قِسمت ھَماريءَ ۾.

سِگھو مَولا! ڪَرين مَحشر، مُئا دَرسن پَسن دِلبر،
مُئان پوءِ آھِه ’احمد‘ جِي، پَٽي اک اِنتظاريءَ ۾.

*

Gul Hayat Institute

(٢٧٥)

هَٽ هَٽ! حَبيب آيو، هوڪو هَٽي هَٽيءَ ۾،
گوهر گُلاب گُل قُل، گهورُون گهٽي گهٽيءَ ۾.

رِڻ راهه رَس رِهاٽيون، وَهه واهه مَنجهه وِهاٽيون،
ڪي قُرب جُون ڪِهاٽيون، ڏَٽ پَٽ ڏِٽي ڏِٽيءَ ۾.

طوطن نَيون تَنوارُون، ڪُونجن ڪَيون قطارُون،
چُريَمِ طَلب جُون تارُون، هِن دِل ڦَٽي ڦَٽيءَ ۾.

سِيمينَ ساق ساقي، پُرپُور جام باقي،
ماڻيم مَزا مُلاقي، وَر وَر وَٽي وَٽيءَ ۾.

گهورُون گوهر گهَرن مان، دَرسن پسن دَرن مان،
ڪاڏا گهٽن ڪَرن مان، چابُڪ چَٽي چَٽيءَ ۾.

ٻئي سانڻ ڪم نه ڪوئي، چَڙهندي ئي چَئي چُڪوئي،
’احمد!‘ اَلف يَڪوئي، پَڙهيَم پَٽي پَٽيءَ ۾.

*



Gul Hayat Institute

(٢٧٦)

پيش پَروَر پاند پائي، ٿو پِنان پِنندس پِنيوم،
ڳالهه حالت جِي هَلائي، ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

ڪِينَ آهيان، ڪِينَ لاهيان، پڻ ڪُلهي مان ڪِينرو،
راڳ راجا کي سُڻائي، ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

سوز وارو ساز سالِم، دَر سَخي سُلطان جي،
پڻ ڳَڻڻ ڪان ٻَهر ڳائي، ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

تَند هَنئي تَوحيد جِي مُون، تار ۾ تُون تُون تَنوار،
وَحدهٗ واجبٌ وَڄائي، ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

مَنجهه رَڳن ۾ رُوح رُڻ رُڻ، راڳ راجا وَٽ سَندم،
شَهر تَندن سان تَپائي، ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

آهِيان پَٽ پان، هيرِيَل بَخشش جو بار بار،
مَنگتو ڪِيئن ڏِينهن مَٽائي؟ ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

پاڻ سائو، آئون سائل، مُنهنجو سائِڻءَ کي سَوال،
چاڳلو هِت ڪير چائي؟ ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

دَم نه دَمڙي وَس ٻِيَن جي، جو ڏُهل ٻِئي دَر سَٿيان،
خاص لَئون هِڪ ساڻ لائي، ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

ڪِينرو آهِم ڪُلهي ۾، قَصد پُختو دَر ڪَريم،
مِثل ٻيجل جي ٻُرائي، ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

Gul Hayat Institute

قَيد ڪَثرت جي ڪَنان، قادِر! ڪَرم سان تُون ڪَڍي،
ماڳ وَحدت ۾ وَنائي، ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

جي ڏَمرجي ڏيهه ڏَٽي اُو، ته به ڏِهاٽي ڏِس اِها،
بِي نه جاجڪ لاءِ جائي، ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

اُو غَني غَفار، آئون گولڙو غافِل غَريب،
عَرض آڳو مَن! اگهائي، ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

آهِه حاڪِم هيڪڙو، ۽ هيڪڙي جي دَر هَزار،
ڪُل ڪي ڪارائي، نه ڪائي، ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

قَلب سان چاتم قَبولينديں، تو دَر آيَس ڪهي،
دَر مَٿي دُونهان دُکائي، ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

ماڳ موچارو مَدينو، جِت مُحمد مُصطفيٰ،
شَهر سو پَروَر! پَسائي، ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

ميڙ 'احمد' کي اَحد! جو اُحد وارن جو اِمام،
وِچ وِچوڙا ڪُل وِڃائي، ٿو پِنان پِنندس پِنيوم.

*

Gul Hayat Institute

(۲۷۷)

اَج ته باغن ۾ بَهاريون، واهه! قُدرت رَب ڪَريم،
اَج ته مُلڪن تي مَلهاريون، واهه! قُدرت رَب ڪَريم.

چا ڏِسان وِڄڙيَن وَراڪا! چا ٻُڌان گَجگاهه گوڙ!
چا هَوائون هِير واريون! واهه! قُدرت رَب ڪَريم.

ڪالهه ميٺيون مُلڪ تي، ميريون لڳيون ٿي ماڙِيون،
اَج سَرائون صاف ساريون، واهه! قُدرت رَب ڪَريم.

ڪار پُنيان ڪار ڪَڪرن، ڪيتريون ڪاهُون ڪِيان!
ڪَر اَچن ڪُونجون قَطاريون، واهه! قُدرت رَب ڪَريم.

جُهڙ جِهميو، جهوري لٿي، جهانگين وَسايون جُهوپڙيون،
پَٻ پَروڪا، ڪِير پاريون، واهه! قُدرت رَب ڪَريم.

چا چَوان چانچر چَنن ۾! چا ڏِسان چانئون چَمر!
چا ٻُڌان بوليون پِياريون! واهه! قُدرت رَب ڪَريم.

وَس ٿيئي، واسِي وَريا، واسيا وَليَن، وَڻ ٽِڙ، وَلهار،
ٻُوهه ٻَهڪن، ٿُوهه ٿاريون، واهه! قُدرت رَب ڪَريم.

واهه! گُلزاريون گُلن جُون، واهه! گُولُون، واهه! گاهه،
واهه! ساوڪ، واهه! ساريون، واهه! قُدرت رَب ڪَريم.

واهه! چِينگارُون چَڙن جُون، مَنجهه چِلڙ چِيها چَرن،
ڪَئين ڪَڪيون، ڪُنڍيون ۽ ڪاريون، واهه! قُدرت رَب ڪَريم.



Gul Hayat Institute

چَنگ چَونري چورِيو، ويون چڙهي چوٽيءَ مَٿي،
هُو گُهمن پِٽ تي پَٽاريون، واهه! قُدرت رَب ڪَريم.

گاهه گوڏي ڪان لنگهي ويا، گيهه گاگهر ۾ گهڙا،
ٻَرهيون ٻَهڪُڻ، ٻَنگاريون، واهه! قُدرت رَب ڪَريم.

ڏِينهن ۾ ڏيهه لئي ڏِيئو سِج، چَنڊ تارا رات ۾،
ٻِجليون بارِي بيهاريون، واهه! قُدرت رَب ڪَريم.

آب، آبادِيون عَجب، 'احمد' چَوي عَبدُ المجيد![1]
آءُ ته گَڏجي خوش گُذاريون، واهه! قُدرت رَب ڪَريم.

*

[1] مولوي صاحب جو ڪاتب عبدالمجيد ابڙو

رديف (ن)

(۲۷۸)

مَهند مُحبن جي مِلڻ ڪان، مَوت! مُون مارين مَتان،
دوست ديکي دَم ڏِيان، اڳ ڏار دَم ڪارين مَتان.

رَت پَرِيَل ڪَپڙا قَبوليَم، ڪونہ گُهرجي بيو ڪَفن،
تُون شَهيدن شَوق جي ڪيِ، وِير! وِهنجارين مَتان.

چَڏ تہ ڪانڊي! ڪِيِن ڪيٽم، دَر قَربباڻي ڪُتا،
ڏُوڙ داخِل ڏَڙ ڪَري، وارِي وَري وارين مَتان.

ڪِنهن ڏِني موتي مُحب ڪي، نا مِلڻ جِي مَصلحت،
ڪِنهن چيَس گهايَل سين گَڏجي، دَم گهڙي گهارين مَتان.

ڪَر سَچا خاوند! ڪَٽي، خانو تِنهين خَر جو خَراب،
جِنهن پِريان ڪي چِيو تہ، پَرچڻ جُون پَريون پارين مَتان.

ٻَالهيون وِچ ۾ وَڏايو، نئون وِچوڙو ٿو وِجهي،
دَر مَٿي دَربان اِهڙو، دِلربا! ڏارين مَتان.

سَر سُجي خاطِر سَراسر، آهِ ساجن سوجهرو،
شَمس اُپريان پوءِ شَمع، ٻِي ڪا وَري ٻارين مَتان.

آهِ ’احمد‘ جو عَرض اِيءُ، اَصل ڪان توکي عَجيب!
مُنهن ڏيکارج مَوت دَم، ٿاڦو اِهو ٿارين مَتان.

*

(٢٧٩)

دَر جَهان هِڪ دوست ڪِيوسُون، خَلق خَستي تِنهن مَٿان،
پيچ پينگهي ۾ پِيوسُون، خَلق خَستي تِنهن مَٿان.

ڏيئي ڪَرن موڙو مُحب، مَهندان مَٿيو مِيٿاق ڏِنهن،
رُوح ريجهي اُت وِيوسُون، خَلق خَستي تِنهن مَٿان.

يا پَسڻ ٿيندو پِرينءَ جو، يا اڳي پُڄندم پَساھ،
خَوف خَطرو سِر ڪِيوسُون، خَلق خَستي تِنهن مَٿان.

ويو هِنيين مان بيو هَوَس، هَرجاءِ پَسجي هِڪ حَبيب،
مُحب مُنهن سامهُون ٿِيوسُون، خَلق خَستي تِنهن مَٿان.

دُور ٿِي دُنيا ڪَنان، دِلبر ويهاري دِل اَندر،
حَق اَنا الحق حَق چِيوسُون، خَلق خَستي تِنهن مَٿان.

سِر ٻه اَڏ سُوريءَ مَٿي، مَنجهه ساھ ساڄن جي پَچار،
نِينهن نيزي سِر نِيوسُون، خَلق خَستي تِنهن مَٿان.

لَک مَجي اِحسان 'احمد' جِيئَن مِليا جِيئَري عَجيب،
جِيءُ پَسي جانِب جِيوسُون، خَلق خَستي تِنهن مَٿان.

*



Gul Hayat Institute

(٢٨٠)

تُنهنجي قدم قَدم تان، قُربان جان قُربان!
آباد اَج اَسان جو، اَيوان جان قُربان!

تُنهنجا اُها اَهاها! وَالشمسِ وَضُحاها!
لَب لَعل بي بَهاها! بُستان جان قُربان!

آئين پَلين پَلا! جِيءُ، مَحبُوب مَرحبا! جِيءُ،
صَدقي سَجڻ! سَدا جِيءُ، سامان جان قُربان!

گُلشن گَهٽي گهٽيءَ ۾، هوڪو هَٽي هَٽيءَ ۾،
ميرا مَٽي مَٽيءَ ۾، مِهمان جان قُربان!

گُلزار گَنج گُل ڦُل، گهوريان قَريب تان ڪُل،
ماڻڪ مَلُوڪ بي مُل، مَرجان جان قُربان!

حَيرت حُسن حَبين، قِسمت قَدم قَرين،
لاٿا اَچي عَجين، اَرمان جان قُربان!

تارا تَبر تَراريون، ڪانيون ڪَجل ڪَراريون،
سِيني مَنجهان سَراريون، شُڪران جان قُربان!

ويهي اَٿم وِهاڻيون، ڪُوڙيون بيون ڪِهاڻيون،
اَج رُوح جُون رِهاڻيون، رَيحان جان قُربان!

گهائين تُنهنجون گهورُون، جِيئن تِير سان تَلُورُون،
تُنهنجي حُسن تي حُورُون، حَيران جان قُربان!

Gul Hayat Instute

هَٿ ۾ گُلن جو دَستو، رَت چاڙ رَنگ رَستو،
مارينِ مِرگهہ مَستو، مَستان جان قُربان!

دِل جو ٽُڪر ٽِڪايان، چو ساهہ ڪي سِڪايان؟
چُوها چَندن چِڪايان، لوبان جان قُربان!

حَملا حَبيب لايا، غَمزن غَريب گهايا،
’احمد!‘ عَجيب آيا، اِحسان جان قُربان!

تُنهنجو حُسن هِدايت، اَڄ رات ٿِي رِعايت،
’احمد‘ مَٿي عِنايت، اِحسان جان قُربان!

*

Gul Hayat Institute

**(٢٨١)**

اَج مَٽِيس آئون مِٺي مَحبُوب جي ماڙيءَ وَٽان،
ٿي ڏِٺم طَرحين تَجَليون، طاق جي تاڙيءَ وَٽان.

اَج اُپن پاسي اُڀي، نِرتئون نِهاريَم سان نَظر،
اوچتو چَمڪار چَنڊ، ڏيئي چڙهيو چاڙيءَ وَٽان.

تِير تائُو جن نه ٿِئي، بيو سي هَٽن واري حَبيب،
تِن جو پهَريون ڪان پُورو، پيَم پاساڙيءَ وَٽان.

سِج لٿيان پوءِ سَڄڻ ايندو، ڪِ ڏِيندو پڻ اَنجام،
آئون ويٺس گَس وَٽي، تان وَقت پوچاڙيءَ وَٽان.

مُنهن ڏِسڻ ڪان مُحب جي، مُون کي مُخالف ڪَئي مَنع،
هَنيَم ڪَنڌ پَر ڪُڌ فَهم کي، ڏيئي هَٿ ڏاڙهيءَ وَٽان.

جي چوَن پُهتس پِرينءَ ڪان، سي سَپئي ڪُوڙا ڪَذاب،
آهِه 'احمد' کي لڳي، رُخسار رُو ڳاڙهيءَ وَٽان.

*

(٢٨٢)

تُون سَندم سِيني ۾ هُجِ، يا تُنهجي سِيني ۾ هُجان،
آئون نہ پُسيو ذات، پَر پُسيو پَسيني ۾ هُجان.

لِڳ نہ ڳالهِيَن لوڪ جي تي، آئون سَڄڻ! ساڳِي غُلام،
دَست بَستہ دوست! تُنهجي تابعيني ۾ هُجان.

ڪِيئن مُون ۾ ڪِن هُجي، تان ڪار ڪِهڙيءَ ڪَر ڪَريان؟
عَطر رُومي ٿِي اَوهان جي، آبگيني ۾ هُجان.

آبرُوءَ لئي اِت نہ آيس، پَر اِجازت ڏي عَجيب!
دوست! تُنهجي دَر مَٿي، دَرجي ڪميني ۾ هُجان.

مُنهن ڏِني مَحبُوب مَن مُهڙا! مَهينا ٿِي ويام،
مَہ لَقا! مِهمان اَهنجو، ڪِنهن مَهيني ۾ هُجان.

Gul Hayat Institute

خاص خِدمت لاءِ ڇَڏيَم، خاندانيءَ جا خَيال،
بَند پوءِ چو بَندگيءَ بَدران، بَديني ۾ هُجان؟

ساهہ جو سانگو ڇڏي، پوءِ عِشق ۾ 'احمد' گهڙيو،
جي ڪُهين تہ بہ ڪُهہ، ڪُهڻ تان ڪوهہ ڪِيني ۾ هُجان؟

*

(٢٨٣)

ديرِ ٿيئي، دوست! ڪيسين دَمِ دِلاسي ۾ هُجان؟
تُون ڪَرين پاسا پيو، پوءِ ڪِنهن جي پاسي ۾ هُجان؟

تِير جِيئن تارا اکيَن جا، تِر لهي تيرهن ڪِروڙ،
مُنهنجي قِيمت ڪيتِرِي، نه ڪَڻ نه ڪاسي ۾ هُجان.

مَڻ ڪَپن ٿا ماڻڪيَن ڪي، ماس جا هَر ماس ۾،
ماس مُنهنجو ويو ٻُري، مَس هيڪ ماسي ۾ هُجان.

وات ويجهو حَوضِ ڪَوثر، ساهه سُرڪيءَ لئي سِڪي،
قَيد ڪاڪُل، قَيد ڪِهڙي بي قِياسي ۾ هُجان!

شَهر ساڳِي پيو سُڃاڻان، پَر سَوا تو سَڀ سُڃان،
ٻَر ۾ پيڙو تُون نه ڀانيان، ٻاغ خاصي ۾ هُجان.

مُلڪ پنهنجي ۾ مَزو ڪَن، مَجلسُون مَحبُوب سان،
وَڏ ڦُڙو وَسندو رَهي، وَنگي وَلاسي ۾ هُجان.

عامِ مجمعي ۾ عَرض، اَحوال 'احمد' لاءِ عَيب،
دِل گُهري ٿِي، دِل گُهريي سان، گَهر خُلاصي ۾ هُجان.

*

(٢٨٤)

مِڙ پيا مُحبن مِليا، مُنهنجي مَٿي ماتمُ اَچان،
ماهہ مُحرم جو ڏِنو، آيو نہ مَهہ مُحرم اَچان.

اُپرندي سِج کي سَماءَ سِر، سَئو لَکين سالُون لَنگهيون،
آهِہ تو ري سِر اَسان، اُونداهہ تہ بہ عالمَ اَچان.

ٿي وَڏايو زيب زينت، چَندُ چوڏهن راتِيون،
قَسم قادِر جو اَٿم، توکان قَمر تہ بہ ڪَم اَچان.

مُلڪ پوءِ مالِڪ اُپايو، مَهند هُئِين مَهندار! تُون،
ٿي اَوهان جا پيا اُهاءَ، هو آبِ گِل آدم اَچان.

هِن جَهانان هُونِ توڙي، حُسن مِ حُورُون وَڏيڪ،
تہ بہ لِڳَن تُنهنجي ڪان لالڻ! ٿيون لڳن ليزم اَچان.

مُنهن ڏِسي مَحبُوب! تُنهنجو، مُون مِليو حَج جو ثَواب،
چو نہ چان ظاهِر زَبانان، زَنَخ کي زَم زَم اَچان.

شَمع ٻارِيمَ شَب سَڄي، تہ بہ گهر اُهو اُونداهہ هيٺ،
چَندُ، ڪَتيون، تارا، قُطب، ڪُل ڪِينَ آيِم ڪَم اَچان.

هِيءَ حَقيقت حال جِي، هَي هَي! سَگهان ڏيئي چا حَبيب!
ٿيو وَفاتي وَقت تہ بہ، وَڏندا وَجن مُون غَم اَچان.

مُون مَرڻ ويلو مَٿان، تُون چو نٿو موٽِين مِنا!
هَول اِن ڪان آهِہ حَيران، دِل هِنيون، هَڏُ، چَم اَچان.

آهِہ نِڪرڻ تي رَهيو، اَرواح ’احمد‘ جو عَجيب!
دَم گهڙِي دِيدار لئي، دِلبر! ڪٿي پيو دَم اَچان.

*

Gul Hayat Institute

(۲۸۵)

وِير وارو ويا وَڃائي، وَقت آخر ٿو ڏِسان،
ظالِمن جو رُوءِ زَمين تي، ظُلم ظاهِر ٿو ڏِسان.

خاندانان، خاص ٻانهان، چوڏهين سَن ڇَٽ ٿيا،
دُزد دَولتمند گهڻان، ڪمذات ڪَمتر ٿو ڏِسان.

عِلم عَربيءَ کان وَڏو، اَڄ عَيب آهي عام کي،
اَنگريزي ءِ اَنگن ۾، مُلڪ ماهِر ٿو ڏِسان.

عِلم سان اُلفت نہ ڪِنهن جي، لئي هُنر هِرڪيا هَزار،
عِلم وارن جو اَپر، اَحوال اَبتر ٿو ڏِسان.

آڻ آيت مُجرِيها تي، تُون اَڪابِر! اِعتبار،
مُعتبر ماڻهن اَڳيان، اَحمق اَڪابر ٿو ڏِسان.

پَئي دَغابازي دُنيا ۾، ڪو دُعاگُو ناهہ دوست!
هَر قِسم جا حَرڪتي، هَرجاءِ حاضِر ٿو ڏِسان.

ڪُوڙيَل ڏاڙهيءَ سين ڪوڙين، ڪَترِيَل پڻ ڪيترا،
مُلڪ ساري ۾ مُڇر، مَردُود مُنڪر ٿو ڏِسان.

Gul Hayat Institute

غَير ناهي غافِلن کي، گهر توڙي گهارين پيا،
بي گَنا، بي غَيرتا، بي دِين، بَدتر ٿو ڏِسان.

نا مُحرم مُنهن ڏِسڻ کان، مُڙس ڪَن مَحرُوم ڪِين،
عَورتن سان عام ابتداء، اَولياءَ سِر ٿو ڏِسان.

ڪَمَ چُٽي جي، تان ڪَمر ٿا ڪُوڙ تي ڪوڙين بَدن،
سِر وِڃائي سَچ پُنيان، سو ڪو نہ صابِر ٿو ڏِسان.

دِين ڪان دائمَ وِڏُوڙل، بي نمازي بي شُمار،
اَدب ڏاران آدمي، جاهِل جَناور ٿو ڏِسان.

ڪو سَبق ساڄاءِ جو، سَمجهي نہ لايو ساڻ دِل،
پَئو مَ مَستيءَ مِ مِيان! مَهندانءِ مَحشر ٿو ڏِسان.

عاجزيون 'احمد' چَوي، آئون ڪِيئن ڪَريان ٻِئي دَر ڪَريمَ!
جِنهن ڪَري ڪُل شَيءِ مَٿي، هِڪ توڪي قادِر ٿو ڏِسان.

*

Gul Hayat Institute

(٢٨٦)

دِل وَڃي وَهلُور، جِنهن دَمِ دوست دِلبر ٿو ڏِسان،
ماھہ جِهڙو تِنهن مُحب جو، مُنهن مُنوَر ٿو ڏِسان.

پير پَنڙا نَرمِ پَٽ کان، پائي جِت مُنهنجو پرين،
مَٽ نہ مُوران ماڳ تِنهن جو، مُشڪ عَنبر ٿو ڏِسان.

لَب اَٿس اَڻ لَبِ عَجب، تِنهن لئي مِلِيَن لَعلُون لَقب،
ساءَ ۾ سَرڪو نہ تِنهن سان، شَهد شَڪر ٿو ڏِسان.

هيتِرا ڏينهن ساڻ حِيلن، هِيءَ هِنيون آندم بَچائي،
هاڻ وِڌڙس وَنگ، هُو جو وار جو وَر ٿو ڏِسان.

ڏيل جيئن ڊيلُون هَلڻ ۾، نازنين نازُڪ رَکيون،
قَد سِڌو سُهڻي سَندو، سَنئون وَڻ صَنوبر ٿو ڏِسان.

سِج سَجي جَڳ تي ڪَري، اُڀري صُبح جو سوجهرو،
پَر عَجيبن جو اُهاءُ، اُن کان بہ اَڪثر ٿو ڏِسان.

سِج نہ چَنڊ جِي سُڌ پَوي، اَکيان سَجڻ جي سوجهري،
باغ بُستان ڪو نہ پانيان، گُم بَحر بَر ٿو ڏِسان.

ڪَم لکِن تارا قَمر وَٽ، چَنڊ وَري چَٽ سج اَکيان،
ءِ سَجڻ جِي سُونهن اَڳيان، سِج ڪي نہ ساڪر ٿو ڏِسان.

مَهند مُون مِسڪين کي، موڪل مِلي ٿِي ڪانہ مُور،
دَرد دِل کي ويا وَڍيندا، مَوت جو دَر ٿو ڏِسان.

Gul Hayat Institute

مِڙ هَڏن مِلندي حَياتي، پوءِ حَشر هَلندو جَهان،
مُون کي ماري ويا، جِيئڻ کان مَهند مَحشر ٿو ڏِسان.

ڪو سُوهڻون مَنا! شَهر جو، مُون سان سَنگت سُرهي ٺاءِ،
بِرهه اَندر بَر وَڏي ۾، بار بَرسر ٿو ڏِسان.

اَڄ ڪَري اِحسان، 'احمد' سين ٿيا اوڏا پِرين،
گُل بِهشتي باغ جو، بُلبُل کي مَنجهه پَر ٿو ڏِسان.

*

Gul Hayat Institute

(٢٨٧)

عَجب رَنگ اَللہ جا ٿو ڏِسان،
ڏَنڌا ڏار دَرگاھہ جا ٿو ڏِسان.

زَمينون، زَمانا، فَلڪ، عَرش، فَرش،
سَڀئي ڪَم شَهنشاھہ جا ٿو ڏِسان.

ڪَري ڏيھہ تي ڏِينهن ۽ راتيون،
مَنڊل مِهر ۽ ماھہ جا ٿو ڏِسان.

مَنجهان ڌُوڙ ڌَڌڙو بَڻي باغ ٿيو،
عَجب رَنگ گُل گاھہ جا ٿو ڏِسان.

ڪِٿي بَستيون، باغ، بُستان ڪَئين،
ڪِٿي دَور دَرياھہ جا ٿو ڏِسان.

ڪَڏهن رِڻ، ڪَڏهن ريڻ رُوپاھہ وَٽ،
پَليون، پَل، پَلياھہ جا ٿو ڏِسان.

ڪَڏهن تَخت تي، طَرف تَختي ڪَڏهن،
اِهي حال هَرگاھہ جا ٿو ڏِسان.

هُئا رُوح سان راحتون، رَنگ، ڍَنگ،
هِيٽان حال هَڏ ماھہ جا ٿو ڏِسان.

جَهلي نَفس نادان نيڪيءَ ڪَنان،
بَندوبست بَدخواھہ جا ٿو ڏِسان.

Gul Hayat Institute

چَڱائي چُڪي، اَچ چڱائي چَلي،
گُنهه گاهه بي گاهه جا ٿو ڏِسان.

عَجب رَنگ ڏِسندي، عَجب ڪَئِن اَبوجهه،
صَفا سُست وِساهه جا ٿو ڏِسان.

اَحد ساڻ ’احمد!‘ مِلي مِيم مَٽ،
فنا سانگ بيا ساهه جا ٿو ڏِسان.

*

Gul Hayat Institute

**(٢٨٨)**

سَڄڻ! صُورت سَندئي ثاني قَمر سان،
لِڱن ڪاڪُل ڪُندُون ڪُونئري ڪَمر سان.

وَرن واسينگ وانگر وار تُنهنجا،
اکيون خُوني خُماريون ڀَئي خَمر سان.

سَندو مُنهن، چَنڊ چوڏهينءَ مِثل چمڪار،
ڪَڪر ڪاري مَٿان چانيو چَمر سان.

مِنيون ماڪيءَ ڪَنان تُنهنجون مَقالُون،
سُخن ڪارو به مَٽ ڪارڪ ثَمر سان.

نَظر نازُڪ! ڪَري مَنجهه ناز تُنهنجي،
اَڙيِم اَرواح آڳي جي اَمر سان.

پَريءَ جهڙا پِرين! پَرچين نه ڪِنهن پَر،
ڏُکوئين ڏِيل ڏوراپي ڏَمر سان.

خَبر ناهي نه ڪِهڙو خَوف اَٿئي،
نه سَهڙڻ شب ڏِيِن سُهڻا! سَمر سان.

سَڄڻ! توڪان سَوا سِينگار گهوريو،
مَٿو پَريَم مِٽي، بُت ميل مَر سان.

غَلط 'احمد!' سَڄو ٿيو غَزل تُنهنجو،
سَڄڻ وَڏ سِڄ ڪَنان، ڪَئي مَٽ قَمر سان.

*

Gul Hayat Institute

(٢٨٩)

سُخن تُنهنجو سَڄڻ! سَرڪو شَڪر سان،
شَڪر سَرڪي نه پَر تُنهنجي سَڪر سان.

جَڏهن لَوڻ تي لاڙين لاڏلا! وار،
قَمر ڍَڪجو رَهي ڪاري ڪَڪر سان.

وَنهيان! وارن تُنهنجي سا واڻ واهِي،
ڪيو جِيئن نانگ ڪاري بُو ٻَڪر سان.

بيهاري دوست، داڻي تِر مَٿي دام،
مِٺا! ڦاساءِ مُون کي اِن مَڪر سان.

سَڄڻ سَڏيَم، شَڪر يا سَڪر گُهرجي؟
ويهي اِيءَ ڳالهه وِيچاريَم فِڪر سان.

شَڪر چِڏيَم، سَڪر گُهرجيم سُهڻا!
شَڪر شِيرين بہ سَريَم پوءِ سَڪر سان.

ڏِسي مَحبُوب! گڏ تو ساڻ مُون کي،
تَتو دُشمن دورنگي ڏَم چَڪر سان.

هَلي هيڪار ڏِيندس حَيف ڪَر ڪي،
ڪَندس ٻِي ڪا نه ٻولي اِن ٻَڪر سان.

ڏِنم ڏُونگر پَئي ڏُک سُور ڏاڍا،
لڳيم صُورت سَفر سَٺ مَٺ سَقر سان.

Gul Hayat Institute

جُدائي لاهِه جَلدي يار جاني!
ٿُڪر ٿيندس لڳي نہ تہ ڪِٿهن ٺَڪر سان.

سَفر تُنهجي سِڌارڻ جِي سُٺي ڳالهہ،
لڳس لَوٽڻ اُپو ڍوليا! ڏَڪر سان.

اَسان کي عَيش عِشرت عَيب ’احمد!‘
فَقيرن جو فَخر فاقي فَقر سان.

*

Gul Hayat Institute

(٢٩٠)

جيئڻ جنجال ڪَئي مُنهنجو، جِين شل يار! هِڪ ڏَڪ سان،
مِلو يا مارِيو مُون کي، مِٺا، مَنٺار! هِڪ ڏَڪ سان.

جَڏهن ڪاني ڪَجل پائين، تہ گُرزن ڪان گهٽون گهائين،
جَڏهن لالي لَبن لائين، سِسي ڏَڙ ڏار هِڪ ڏَڪ سان.

تُون هِيرو حُسن جو آهين، جَڏهن سِينون سَمهُون ساهين،
تَڏهن تَڪبير ٿو واهين، قَسم ڪلتار، هِڪ ڏَڪ سان.

جَڏهن ڪاڪُل ڪُلهن لاڙين، تہ وِچ ۾ چَنبڙ کي واڙين،
سَوَن کي سُونهن ۾ ساڙين، سَجڻ سَنيهار! هِڪ ڏَڪ سان.

جَڏهن وِهسي وِکُون وارين، تہ مورن مَرم ۾ مارين،
هَزارن جا هِنيان هارين، هِنيين جا هار! هِڪ ڏَڪ سان.

مِٺاين مَٺ نہ مُرڪن مَٺ، جَڏهن مُرڪين تہ ماڪيون چَٺ،
نہ حَلوائن هَلي ڪو هَٺ، هَٿو هَٿ هار هِڪ ڏَڪ سان.

جَڏهن محبُوب! ڪَر موڙين، تَڏهن چاتيءَ مَٿان چوڙين،
ڪَڏان هِڪ ڪان، پيو ٻوڙين، بَدن بيڪار هِڪ ڏَڪ سان.

جَڏهن ميڙي وِچان مَٽين، تہ سَئو ڦاسن، سَوين ڦَٽين،
جُري جِيئن جهار کي جَهٽين، جَهٽين جُونجهار! هِڪ ڏَڪ سان.

جَڏهن دِلبر! ڏوئي چَندبين، تہ ڦاهيون مَوت جُون مَندبين،
رَسيءَ ري رَهہ گُذر رَندبين، وَڍين وِينجهار! هِڪ ڏَڪ سان.

اڪيون 'احمد' طرف ڦيرين، تہ ڦَهري ڪان سين ڪيرين،
اَجان چو سِينگ پيو سيرين؟ وڍِ سُڌ سار هِڪ ڏَڪ سان.

*

(٢٩١)

شَوق جا شُعلا لڳم مَنجهہ، شاهہ شَهزادن ڳنان،
ٿيو فَلڪ ڪارو ڦِري، فِي الحال فَريادن ڳنان.

سِج ڳنان صُورت سَجڻ جِي، وَڌ سَراپا ٿِي سُجي،
سَرس سُهڻي قَد سَندن جو، شان شَمشادن ڳنان.

جن ڏِٺا اَبرُو اکين سان، قَصد ڪَعبي تِن لٿو،
حَج ڇڏي حاجي لڳين، آيا وَري عادن ڳنان.

مَنجهہ ڪِناري چَنڊ قَمر جي، نانگ ڪاري ڪِيو نُزول،
بَند اَندر آڻي وِڌا، اِن اَرڙ آزادن ڳنان.

بُت وَڍي بَروقت بَروي، ڪِيو قَربن لئي ڪَباب،
بِرهہ ۾ بَرباد ٿيندي، ويا بہ بُنيادن ڳنان.

ڇيچڙي ۾ چال جِيئَن، چِين چِين ڪَري ڪانو ڳماند،
تِيئَن نِڳيو ناگاهہ ويا، فَرياد فَرهادن ڳنان.

دوستيءَ جو دَم ڌُران، دِلڙي ڏَريو دِلدار سان،
عِشق جو اَوَل ٿيم، اِرشاد اُستادن ڳنان.

بِرهہ ڪان بُت زهر پِريَم، ٿيم ساوا اڱ سَجا،
عِشق ’احمد!‘ نانگ آهي، پَئي خَبر ڪاڏن ڳنان.

*

Gul Hayat Institute

ڪَر مِلڻ جي ڪا مِٺا مَحبُوب! مُون مِسڪين سان،
ڳهار گَڏجي گُلبدن! گوشي رَهي غَمگين سان.

ڏي دِلاسو دوست دِلبر! هِت رَهڻ جو هاڻ ناهِه،
جو هِنيون آيو هِريءِ، هِهڙي حُسن نَمڪين سان.

سِج سَجڻ جي سُونهن کي، سَهسين ڪَيا سَجدا سَلام،
نائي سِر سَڀئي سِتارا، پيش پيا پَروين سان.

هِڪ مُحب، بيو مَهه مُنوَر، ٻَئي مُقابل ٿي بيٺا،
چَنڊ ڪان چوٽون لڳو، تجَلو سَندس تحَمين سان.

چَنڊ چوڏهين رات جو، اُڀريو نہ آڏيءَ تائين اَڄ،
چَنڊ چوڏهين ٻِئي وِچان، چمڪار لايو چِين سان.

سَنئين سَنواري سِيند سُهڻل، سِر ڪُلهن چوڙي چَڏيا،
اِن ڪُفر ڪاڪُل مَنجهان، ٿيو دِل کي دَرسن دِين سان.

مُنهن مُصحف مُحب! تُنهنجو، مِثل بَيتُ الله پرُون،
سَبق سُوريءَ سِر چَڙهڻ جو، تِنهن ڏِنو تَلقين سان.

شَوق ۾ شِيرينَ جي، فاني ٿيو فَرهاد جِيئن،
اَصل اِهڙي طَور آهِه، شَوق لب شِيرين سان.

دِل وَٺي دِلبر مِٺا! پوءِ چِن مَ 'احمد' سان عَجيب!
ڪوهہ ڪُهي تِن کي ڪَندين؟ جِن جي قَرابت ڪِين سان.

*

Gul Hayat Institute

(۲۹۳)

ڏِسي صُورت سَجڻ! تُنهنجي، نميا سِج چَنڊ سُجُودن سان،
ڪَئي تارن ڪَتِيَن ڪُرنش، قِيامن ۽ قُعُودن سان.

پَريون حُورُون نہ پِريان مَٽ، جَهڪا جوهر ٿيا جَهٽ پَٽ،
ڏِٺاسُون گُل گُلابي گهٽ، اَوهان وَٽ آزمُودن سان.

اکيون تو لئي اَپر تَرسن، بِرهہ بُونڌُون مَثم بَرسن،
سَندم دِل تي تُنهنجي ڏَرسن، ڏُکايا داغ ڏُودن سان.

اَڙِيَم توسين اَندر ڏاڍو، قَلب ۾ قُرب جو ڪاڍو،
وَڍي جِيئن وَڻ ويهي واڍو، وِنجهل ڪِيو اِئِن وُجُودن سان.

مَ ڍَڪ دِلدار! دَروازا، هِنيين ۾ مُون هَوَس تازا،
اَسُر جي وَقت آوازا، اُٿِيَن سَنڌ سَنڌ سُرُودن سان.

بِرهہ ٻاريا مَثم ٻارڻ، دِلاسو ڏي ڏَٺيءَ ڪارڻ،
گهِڙي ڪَر شاهہ! گَڏ گهارڻ، گدا پوٺن گَدُودن سان.

لڳي نِينهن لَهر طُوفاني، ٿِيَس ڦوڙاءِ ۾ فاني،
جَنازو مُون اَچي جاني! جِيارج يار! جُودن سان.

Gul Hayat Institute

گهَنگهر گُوندر وِيَم گهيري، سَدا ڌاهُون سَندم ڏيري،
اَچي ٿِي هيڪ هِڪ پيري، دوئي ڇَڏ دِل رَبُودن سان.

سُٺي 'احمد' جُون آهُون وَر، پِرين! پاسي مَ ٿِي ڪِنهن پَر،
تُنهنجي دِيدار لئي دِلبر! دُعا گهُرِيَم دُرُودن سان.

*

(٢٩٤)

اِنهيءَ ڪاڪُل ڪُندن پيچَن، ڪيَس قابُو ڪمندن سان،
وِڌيَس فِي الحال ڦاهيءَ ۾، فَريبي زُلف ڦَندن سان.

حُسن تُنهنجي ڪَنان هَرڪو، هُجي حَيران حَيرت ۾،
ڪَرين ٿو خُون خَلقت ۾، خوشي، کِل، ناز، خَندن سان.

سُڄون تو ري شَهر سارو، اَچي مُون سُک نه ساعت ڪِٿ،
پٽان رَت رات ڏِينهن رُوئندو، رَهاشت ٿيم رَندن سان.

ٻَلا جاني! ٻَلائيءَ ساڻ، ڪِڄ پُونگي سَندم پيرو،
لنگھين جي سُڄ مَنجهان سُهڻا! چَڙهي سُرخن سَمندن سان.

هَنجُهون هَي هَي ڪَريو هاريان، حَياتي حَيف ٿي هاڻي،
ڳَنڍئي اَي دوست دِلبر! شل! ڏَٽي ڳَڏ دَردوَندن سان.

نِيازن ساڻ نايان ڪَنڌ، ٿِئي مَن! نَرم دِل نازُڪ،
ڪُڇڻ پيٽي نه بِي بِلڪُل، بُزرگن سَر بُلندن سان.

وَڏي ويو دَرد دُوريءَ جو، ڏِيان دَم ۾ ڳَريان داڻهُون،
اَچي بَروقت ٿِي پيڙو، مَٿي بي تَرس! بَندن سان.

قَبر مُنهنجي مَٿي ڪانڌي! ڪَڍج تُون نقش ڪارڻ رَب،
نه سَئو سين شُڪر سائِنءَ جا، پُنون دَم پِرت سَندن سان.

اَجان اَرواح 'احمد' جو، نه جَهنم ڏي، نه جَنت ڏي،
پَنِين وارن جي پَرپاسي، بِلاتو آهِه بَندن سان.

*

Gul Hayat Institute

(۲۹۵)

پِرايو مَوت مُون پاڻان، مَحبت لائي مِيرن سان،
ڪَندا حاڪِم حِڪايت ڪِيئن، هُونهين هِھڙن حَقيرن سان؟

سِپاهي سَخت دِل سَرڪش، هَلن چارئي پَھر چَوڪي،
ڪَري سَگھجي نہ اُت ڪائي، وَصل وائي وَزيرن سان.

نہ مالا مُلھ ڪَري پائن، ڪارِيَن ماڻڪِيَن، ماڻڪ،
مِلن مُحتاج ڪي سي مُحب، ڪِيئن ڪُوڙن ڪَسيرن سان؟

سَبب اَچ وَج جو سَختيءَ سان، پُڇين تِنهن جو قَدر پَوندئي،
ٿيندين مُنڪر! مُقابل رُوءِ، جَڏهن مُنڪر نَڪيرن سان.

رَهن تاراج ۾ تارا، اڪَن ڪي خُون جِي خَصلت،
ڪَيو تُن تُن سَندم تَن ڪي، تِنين تَڪرار تِيرن سان.

عُمر آڌو سَجڻ گھاري، نہ ٿيو اوڏو تہ ’احمد!‘ چا؟
غَنيءَ ڪي گَڏ گُذارڻ ٿيو، ڦِڪت لاڳُو فَقيرن سان.

*

Gul Hayat Institute

(٢٩٦)

دوست! پانيمِ دِل بَچايان، ڪِنهن طَرحِ اِن تِير کان،
پَر ڦَٿي ڦارُون ڪَئي سا، تِير اَڳِ تَدبير کان.

هَٿ هَڻاءِ ڪِيمَ هَرگز، هَڻُ کَڻِي خَنجر خَليل!
ڪِينَ موڙيندا مَٿو، طالِب سَچا تَقدير کان.

توکي مُشڪل مَن ٻَڌِڻُ ٿيو، مُون جِهي مِسڪين سان،
مُون کي مُشڪل دِل ڇَڏائِڻُ، زُلف جي زَنجير کان.

ڪوهه ڪُهائِڻُ لاءِ ڪوشش، قُرب وارن جي ڪَرين؟
ري ڪَجل ڪارِينَ ڪُٺو، تِن کي اَڳِي تَڪبير کان.

چِت چَڳون ڪَئي چاڳ وارا! وِڙُ سان واري سَندمِ،
شُڪر، اِي شوخيون ڪَندي، شِيرِين لَبِيَن ٿِو شِير کان.

آئون پَنهنجي وَس نه آهيان، ڪَر مَ قاضي! ڪاوڙيون،
مُون کي مَحبت ڪِيو مُخالف، تُنهنجي اِن تَحرير کان.

رُوبرُو رانجهن جُون رَمزُون، جِنهن ڏِنيون ٿي دِل دَوامِ،
فِي الحقيقت حال پُڇجي، تِنهن هِنيِين جو هِير کان.

آهِہ خالِي خواب دُنيا، پَئي خَبر ڪِنهن خاص کي،
اَصل ناهي عامِ واقف، تِنهن سَندي تَعبير کان.

دِل! مَ ٿِي دِلگير، توکي آهِہ دِلداري دَوامِ،
بادشاهہ بَغداد واري پاڪ پارس پِير کان.

Gul Hayat Institute

ڏانهن ساڻاري صَحابن، جِنهن سَڙيَل ڪَئي سَرد دِل،
آهِہ سو بي دِين ٻُڇڙو، خَلق ۾ خِنزير ڪان.

جي هُئا مانجهي مُدامي، مَجلسي مَحبُوب جا،
ساڻ تِن سائيَم! لنگهائين، مُون سَلامت سِير ڪان.

آهِہ آخر قَول ’احمد‘ مَدح بابت مُصطفيٰ،
ناهِہ مالِڪ کي مِٺو، ٻيو ڪو مُحمد مِير ڪان.

*

Gul Hayat Institute

(٢٩٧)

جِيءُ جَهنڻ لئي باز بَجري، لُوهہ لامارا ڏِنان،
چَشم مَستن مُنهنجي چِت کي، چاڪ چوڏارا ڏِنان.

پَر نہ ڪولي ڪو پَکي، ڪِنهن پَر سَگهي پِنبڻيَن ڪَنان،
سُوڙهہ سِيچاٽي وِجهي، نُنهن ساهہ ۾ سارا ڏِنان.

سِر ڪُلهن ڪارُون ڪَندي، ڪاڪُل ڏِنم ڪَڪرن مِثال،
مُنهن مُنوَر مِثل چوڏهين، چَندبہ چمڪارا ڏِنان.

جِنهن ڪَمانيَن مِثل قادِر، دوست! بَخشيا ٿَي پِرُون،
تِنهن تِکا تَڪرار توکي، تِير جِيئَن تارا ڏِنان.

ڪات جِيئَن تُنهنجا ڪَرشمان، قَلب تان ڪورِين ماس،
وار ڪوڙي کي وَڪوڙي، وَر اَرڙ وارا ڏِنان.

ٿا نمن مَحبُوب! تو کي، جِن، مَلڪ، ماڻهون مُدام،
گڏ سِڪندر شاهہ سَجدا، دَر مَٿي دارا ڏِنان.

سِڄ سَڄڻ نِئي پاڻ سان، سانجهي سَڄي جَڳ ۾ سُڄي،
تو ڪَري ڪارا اَسان کي، چَندبہ ڪَتيون، تارا ڏِنان.

موٽ تُون مَحبُوب مُنهنجا! مَرض ماري ٿو اَسان،
دَردوَندن دانهن سِين، دَم دوست! تو ڏارا ڏِنان.

مِينهن پيا ميڙاءِ جا، ڏِينهن ڏُور ٿيا ڏولاءِ جا،
ويو وِڇان نِڪري وِڇوڙو، وَصل اَڄ وارا ڏِنان.

Gul Hayat Institute

ساهه هِڪ مُون ۾ سَڄڻ جو، ڏُون ڏِسڻ ۾ ڏيهه جي،
اِن سَبب سُڄ ۾ رَهي، ٽيڏن ڳَنان ٽارا ڏِنان.

رُوءِ مُقابل ٿِي مُحب، مَحفل اَندر مَخفي مُون کي،
ڪي مِٺا ڪارڪ ڳَنان، ڪي ڪي سُخن ڪارا ڏِنان.

ڪا خَبر اَٿئي ته لنگهيا، ڪوهه ڪاوڙجي قَريب؟
هَنڌ هِنيون هُن جو، ڀَر اُن کي تو اوتارا ڏِنان.

اڳ مَرڻ، تِنهن لڳ مِلڻ، مَخرج لَهين ري ڪان، نه لام،
ڪِنهن مَشائخ اِئين مُون کي، مَذڪُور موچارا ڏِنان.

سُوڙهه ڳَن شَهباز جِيئن، ٿا نيڻ تُنهنجا نازنين!
هَر ڪَبُوتر، ڪانگ، بُلبُل، ماڳ اِن مارا ڏِنان.

ڪوهه ڳَندين ’احمد!‘ عُمر کي؟ مَر ته ميلو ماڻيين،
سَڌ سَڄڻ مُون کي اِهي، هِن حال هَر پارا ڏِنان.

*

Gul Hayat Institute

(۲۹۸)

جِيين شال جاني! ڪِي مَج يار جانان!
ڳنڍين ڪيترا ڏِينهن پَلا اِي ٻَهانان؟

ڏُڪويَل ڏِهاڙي، پوَن گهور پاڙهي،
رُسيو روز سي ئي ڪرين ٿو رَوانان.

وَري تان نه وِيندا، رِڙهي رُوح ڏِيندا،
اُيا دَر تي دانهِن ٻَڌيو ٻانهُون ٻانهان.

مَلڪ خواه ماڻهون، هَمه سان ڪَئي هاڻون،
وَتن دِيد تُنهنجي ڪان دانا دِيوانان.

سَمجهه ڪِي سِياڻا! مَ ڪَر مُحب! ماڻا،
ڪَڇي نا نه ويندا سَندا خَلق خانان.

سِڪان عُمر سارِي، اَچي مانَ! آرِي،
ڪيَم ساه سُوڏا خَرچ سَڀ خَزانان.

Gul Hayat Institute

رَسم جِن رُوئڻ جِي، لنگهيا حَد هُوئڻ جِي،
ڪَندا ڪوه تِن کي تِنهان پوءِ طَعنان؟

مِلين جان نه مُون کي، چَڏيان تان نه توکي،
اَچي ٻيٺو 'احمد' وَني آستانان.

*

(۲۹۹)

پَسي تُنهنجو پِيارا! مُنهن، پَرُوڙيَم ڳالهہ هِيءَ پاڻان،
نہ ٿيندا مَوت مُون لئي نيٺ، تُنهنجا مُحب! هِي ماڻان.

رُڳو حُورُون نہ حُجت ۾، حُسن تُنهنجي اڳيان هاريون،
ڏِسي صُورت سَندئي، سِج، چَنڊ، ڪَتيون ۽ قُطب ڪُوماڻان.

چَندن چُوها چَڳُون اِن پَر، مَٿي رُخسار رَهواري،
ڪَڪر ڪَر ويس ڪاري ۾، وَسن ريلُون ڏِيو راڻان!

خُدا جو سُنهن، ڪَڏهن تُنهنجي نہ ٿِئي ڪِل خُون ڪان خالي،
مُسافر موڪ مُلڪان مُلڪ، اِن مُرڪڻ تي ماراڻان.

سَڏي هَرڪو نہ هيڏي آءُ، هِنيون هَردم هَٺان آئون،
نہ تُون ڪِنهن جي اَڱڻ ڏِيندين، قَدم ڪوهيار! ڪوهہ ڇاڻان.

نہ هِڪ اِيذاءَ ۾ عاجِز ٿِي، نِڳُون 'احمد' ڳنان آهُون،
سَڄي بُت، ساهہ، سَنڌ سَنڌ ۾، سَوين بيا سُور ساماڻان.

*

(٣٠٠)

دِل ۾ دَليل دِلبر! دَمِ دَمِ نوان نوان،
غَمزا ڪُهن غَريب کي، غَمِ غَمِ نوان نوان.

تارا تُفنگ، تِير، تَبر، تِر، تِروڪڙيون،
چوڙين ٿو بي گُناهه تي بَمِ بَمِ نوان نوان.

هُو جو حَرم ۾ حَوض ڏِٺم، سو حَبيب! هِت،
تُنهنجي ذَقن جي ذَوق ۾ زَمِ زَمِ نوان نوان.

سَنڌ سَنڌ بَند، ڪَنڌ ڪَڏان ڪِيئن ڪمند ڪان؟
زَنجير زور زُلف جا خَمِ خَمِ نوان نوان.

آواز تُنهنجو آهِه اَندر ۾ اَلست ڪان،
چا دِل چِڪيم چير ۽ چَمِ چَمِ نوان نوان؟

اَلحمدُ لِلّٰه 'احمد!' آيا اگهڙ عَجيب،
مُنهنجا ڪَري ڪَريمِ ٿو ڪَمِ ڪَمِ نوان نوان.

*



Gul Hayat Institute

**(٣٠١)**

مَرحبا مَحبُوب مُنهنجا! تو مَٿان سِرِ گهورِيان،
گَس گهٽيون چانيان گُل سان، گَنج گوهر گهورِيان.

ماڻڪن جا مِينهن وَسايان، تُنهنجي مارِڳ ماڳَ تان،
تُنهنجي خِدمت ۾ خَزانا، خُوب خوشتر گهورِيان.

هَنجهه، هَرڻ، حُورُون، پَريون، هِيرا حُسن ۾ هيچ هِت،
تُنهنجي جَلوي جوت تان، جِنسار جوهر گهورِيان.

تُنهنجي خَط ءِ خال ڪي، مُشڪ خَطا ڪوتڻ خَطا،
عَرق تُنهنجي تان عَجيبا! عَطر عَنبر گهورِيان.

ڪُونجڙيَن ڪي ڪَر نمايا، ڪَنڌ اڳِيان تُنهنجي قَريب!
تُنهنجي قَهه قَهه تان ڪَبڪ، قُمريون، ڪَبُوتر گهورِيان.

نَڪ نيلوفر جو نَمُونو، نرم اَگ، نِرمل اکيون،
تُنهنجي پيرن تان پِيارا! پَٽ پَٽيهر گهورِيان.

نَخل توکي سِرِ نَمايو، اَلف ڪَئي لِڪ لام ۾،
تُنهنجي سَنئين قَد تان سَجڻ! سَروَ صَنوبر گهورِيان.

چَنڊ چِهرو، چَشم چَقمق، چَوسرو چوٽو چَندن،
وات ڪَوثر ڪان ڪَسر، زَم زَم ذَقن سِرِ گهورِيان.

تُون مِٺائي پاڻ، تُنهنجو مُلڪ مِصري، ڳوٺ ڳُڙ،
تُنهنجي شِيرين لب شَفا تان، شَهد شَڪر گهورِيان.

آهِه 'احمد' ڪي اَندر ۾، عُمر سارِي جِي اُداس،
اَڄ تہ اَڄ ڪي مَن اَندر جُون، اورِيان، گهر گهورِيان.

*

Gul Hayat Institute

(٣٠٢)

ٻيهه نه تو مَهندان مَران، ٻيو موڪلائي چا ڪَريان؟
جِيءُ تو جانيءَ جِي جُدائيءَ ۾، جَلائي چا ڪَريان؟

هُو پَريون، حُورُون ڏَسين ۽ چَنڊ، سِج سامهُون ڪَرين،
تو سَوا ٻِئي لوڪ سان لَنئون، لال! لائي چا ڪَريان؟

لِک نه تُنهنجو لُطف ٻِئي ۾، لَک سَهي لِک لِک ڏِنم،
سِڪ پِريَم! تُنهنجي پَلاءِ پَر تي پَلائي چا ڪَريان؟

هِيءُ نه گَڏ گهارڻ جي لائق، گهر ڏِسي گوهر چَيو،
توتي پورا! پال جاءِ پيرا پَلائي چا ڪَريان؟

هِن مَهل مُنهن تي، نه مِهڻن ڏارِ، مَن مُهڻا! ڪُچين،
پوءِ چَٽُونءَ جِي چُهنب ۾، چِنيون چَلائي چا ڪَريان؟

قُرب تُنهنجي جو ڪَندو، ڪو قَلب ۾ قابُو ڪُٽوم،
جِيئَن وَلايان مَنجهه وَجي، وَر وَر وَلائي چا ڪَريان؟

زيردستن جو زَبر سان، زور زاريءَ ري نه آهِه،
هَٿ ٻَڌي حاجت چيَم، حُجت هَلائي چا ڪَريان؟

مِينهن ڳَڙن، مينهُون مِڙن، هَر ماڳ مَحفل هِن مَهل،
آئون تو ري مُنهنجا مِٺا! مَحفل مَلهائي چا ڪَريان؟

جي رَهين هِت رات راڻا! رِڻ رِهاڻيُن سان رَچن،
تو سَوا جوڙي جَشن، جُنيون جَهلائي چا ڪَريان؟

دوست! جاسين دُور تُون، تان ڏُوڙ پيڙو ڏَڙ سَندم،
پوءِ مَٿي لئي ميٽ ۾، مُشڪُون مِلائي ڇا ڪَريان؟

آئون هِڪ اَهلِ غَرض مان، اَلغرض مُنهنجو حَبيب،
اَلغرض ڪي اَلعرض، ’احمد!‘ اَلائي ڇا ڪَريان؟

*

Gul Hayat Institute

(٣٠٣)

هيڏو ڪو رڻ! نہ ويو راڻو رُسي اَڄ رات، ڪِيئن ڪَريان؟
ڦِٽي فَرحت، ڦَٽي جا دِل، ڦُٽي پِريات، ڪِيئن ڪَريان؟

ويھڻ ٿيو وِھہ، وِھاڻا وِھہ، وِھاڻي رات واھُن ۾،
رُوان ڏِينھن رات، وو وو وات، تَن مَن تات، ڪِيئن ڪَريان؟

لُڏاڻي ۾ نہ اڳيون لوڏ، لوڏي ٿيا وَڃي لاڙُو،
پَڪيئڙن پِرھہ جو پانيان نہ لائي لات، ڪِيئن ڪَريان؟

ڏِسي مُون ساڻ پيڙي پيڻ، اُن پيڻي بيھي وَريو،
پُليءَ جو پاڳ، بِگڙي بي گُنھہ وَئي بات، ڪِيئن ڪَريان؟

مَنيءَ ڪا ميندري مَن ۾ ذَري، مُون ڏانھن، مُنھن موڙِيو،
مُنيَس! ماريَس مَيارن، ميھڻن، مَرجات، ڪِيئن ڪَريان؟

جِيين! هيڏِي جُدائي ٿي، جَڏيءَ سان ڪَئي، جَڏھن جِيئڙي،
هَٽي تِنھن ڪان ڪَڍين ها ڪو ڪُڪِڙ ۾ ڪات، ڪِيئن ڪَريان؟

سُمھڻ ٿيو سُور، سُوري سيج، ساري ساھہ سوڍل ڪي،
وِڇوڙي ڪو وِڏو مُون کي وِڇُونءَ جِيئن وات، ڪِيئن ڪَريان؟

ڏِسي ڪُوڪٽ ڪَاوُن، هِن ڪاڪ تان ڪوڙين رَهيا ڪِرڪي،
ڪَيو تو ميندرا! مُومل ڪي ماري مات، ڪِيئن ڪَريان؟

هِندورا هَند ڪِنھن ڪي ياد هُوندا حال هِھڙي ۾،
نہ باغن ۾ بَھاريون اَڄ پِنيءَ بَرسات، ڪِيئن ڪَريان؟

اَديون! ويٺي اُڏايان ڪانگ، اوتُون آب اکيَن مِ،
ڦِڦڙ ڦوڙي وِڌا ڦوڙاءِ جي فِڪرات، ڪِيئن ڪَريان؟

وَٺيون سوريان، وَٺيون لُڙڪن جُون، وَهنَم واٽڙي ڏِسندي،
نِهوڙيا نِينهن نيهي، آئون نہ نَنڍڙي چات، ڪِيئن ڪَريان؟

وَچان اوڏانهن ’احمد!‘ پاڻ، يا اِن ڪان بہ بِهتر اِيئن،
نہ ڪاٽي سِر ڪُلهن تان موڪليان سَوغات، ڪِيئن ڪَريان؟

*

Gul Hayat Institute

(۳۰۴)

عُمر! جِن سان عُمر آندم، سَدا سانگي سي ٿِي ساريان،
مَٿي ماڙيَن ڪي مارُن سان مِلان، يا پاڻ ڪي ماريان.

اِرادي اوچتي آٽي، وِڌَس ڪِنهن قَيد قِسمت ۾،
اکِيَن ۾ آب آٽيو، اَنگ پيئي پَرڏيهه ۾ پاريان.

جُدا جِيئَري ٿيَم جهانگي، ڏِسان ڏيهه ۾ نه ڏوٿيئَڙا،
سِڪيو سانگيَن جِي صُحبت کي، گَهنگهر جا ڏِينهن ٿِي گهاريان.

وَريا واهر نه ويڙهيچا، سُجي سَڌ ڪو نه ساٿيهه سِين،
نه هَمراهه حال پائي ڪو، اُپي دانهيان ڏِسيو ڏاريان.

مُخالف مُلڪ هِيءُ مُون سان، مُوافق هُوم مارُوئڙا،
پَنوهارن جِي پَهر ڏاران، ويهي ڪِنهن سان وِرُونهن واريان؟

رَتو روئي رَتولن ۾، وِهايان راتِيون ويهي،
مَٿي هَنڙا هَٽيو هاٽي، ويٺي اَوسر ۾ اوساريان.

هِنيون هِيري سِين هيري ڪِيئن؟ ٿيان مَنجهه ڪُڙم ڪاٽيارِي،
مَٿو سَمجهائي تِن سَرتِيَن سَوا، ڪِيئن سِيند سِينگاريان؟

اَسان کي عَيب ٿيو اوڍڻ، قَسم سان قِيمتي ڪَپڙا،
اَباڻن ڪِيئن اوپالو لائي، پائي عاج آزاريان؟

چُتي سَگهه پَنهنجي سان سَگهنديَس، نه هَرگز تو هَٺان حاڪِم!
مَگر مَنجهه مِهر مالِڪ جِي، وَڏيون آسيون ڏُران ڏاريان.

Gul Hayat Institute

سَدا سانوَڻ سَنگهارن کي، هُجي ٿو هَر طرح حاصِل،
پَسيو وِڄڙيون وَلهارن جُون، هَنجُون هوريءَ ڳنان هاريان.

اِلاهي! ڪو ٿِئي اِهڙو، سَبب مُون سانگياڻيءَ سان،
وَجي والي! وَلر واري، چَڳيءَ پَر مَنجهه چِلر چاريان.

پيهي پاڙي پَنوهارن جي، ڳَريان جِيئري زِيارت شل!
ڪَٿُوري جِن جو کيپو، تِن ڪَٿيرِيَن ساڻ خوش گهاريان.

رَهن جي رُوح تي يا رَب! اُنهن سان ميڙ 'احمد' کي،
تہ ٿِيي قُربان قَدمن تان، ڪِروڙين ڪُرنشون ڪاريان.

*

Gul Hayat Institute

(۳۰۵)

حال مُون هِهڙا بَنايا، دوست دِلبر! تو اڳيان،
ڪير هِيءُ قُربان ٿيو؟ رَت ڪِنهن جو رَهبر! تو اڳيان؟

ڪِنهن قَبوليون ڪَند تي ڪاتيون؟ ڪير آيو ڪَرڻ هيٺ؟
مُحب! ڪِنهن مَذڪُور سَببان؟ مُئو مُسافر تو اڳيان.

ڪِنهن سَندا اڱرا اَڏيءَ تي؟ ڪير اَڌ اَڌ ٿيو عَجيب!
ڪير ڳُڙيو؟ ڪِنهن جو هَڏ ڳُڙ، گوشت گوهر! تو اڳيان؟

ڪِٿ ڪَنڌاريون قَلب سامهيون، ڪِٿ ڪُڪِين ڪان ڪان پيَل،
جِيءُ ٻه اَڌ، جيرا ٻه اَڌ، اَڌ جان جوهر! تو اڳيان.

تُون نه سَببان سَرڪشائِي، ڪو چَوِين جاني! جَواب،
آئون ٿو پاڻيان مُئو ڪوئِي، بيدِل بَرابر تو اڳيان.

خود اِنهيءَ ڪَٺي اکِين جِي، خَلق شايد خُون ڪَئي،
ناهِه بيو ڪو خود خِيالا! ڪيل خَنجر تو اڳيان.

ڳُهور جي ڳُهمري مَٿان، ڳُمراهه ٿِي پَئِجن ڳَهٽان،
پَٽ ڪَنان اُٿڙي ڪِرن، اَڌ ٿِي ٻه آخر تو اڳيان.

اک مَٿي ڪنئي مُحب مُنهنجي، ٿا مَرن مُشتاق ڪوڙ،
سَئو سَڄي ۽ سَئو ڪَبي، سَئو پوءِ، سَئو سِر تو اڳيان.

جَڳ مَرن تان ناهِه جوکو، شال جاني! تُون جِيين،
چَندُ، سِج، تارا سَڄڻ! صَدقو سَراسر تو اڳيان.

Gul Hayat Institute

سُک سَڄڻ! ناهِه ڪِٿي، هِڪڙي بہ ساعت تو سَوا،
جي مِلان، جي ڪِ مَران، تہ بہ مُحب مِهتر! تو اڳيان.

پير پِنبڻِيَن کي ڪَري، تو ڏانهن پِرين! پَل پَل پُران،
مانَ! مَرِڻيان مَهند ٿِئي، ميلو مُنوَر! تو اڳيان.

آهِہ ’احمد‘ راس ڪِهڙي؟ جو اَمر واري عَجيب!
هِي هِنيون، هَڏ، ماهہ، چَمہ، سَڀ هوت! حاضِر تو اڳيان.

*

Gul Hayat Institute

**(٣٠٦)**

هِڪ مَيي، ٻِئي مينڌري جي مامري مارِي آهيان،
ٿا وَهن ڳوڙها ڳِلن تان، ڳالهيَن ڳارِي آهيان.

ڪاڪ ۾ پانيان قيامت، ڪَر ٿيئي ڪَرهل سَوا،
ويا اُٿي آرام اَندر، عِشق آزارِي آهيان.

سِج، سَجڻ! اُپريو نہ ساريان، سيج جيلانهن ٿي سُجي،
اَڌ اَندر تو ري ڪَٽي، اَڌ رات اُونڌارِي آهيان.

سِج سَجڻ! اُپري نہ تو ري، پڻ سُجي مُون ڪي نہ سار،
قُرب ڪاتيَن سان ڪُهي، ڪَٽيَن سين ٽُڪر ڪارِي آهيان.

ڪِيئن رُنين راڻا! نہ چاڻان، ڪِيئن مَٽيَئي ميرا مَهل؟
اِن فِڪر اَرمان ڪان، اَڪثر عَجب وارِي آهيان.

وَٺ ڏِيئي ٻاريان تہ، وَر ڏِيو ٻاهہ مُنهنجي ٻُت وَني،
ٻُڌ پِريا! ٻُڌ سِڪ سَندئي، ٻارڻ ڏيئي ٻارِي آهيان.

تُنهنجي راڻا! رُوپ ري، رِلندو نہ ٻِئي ڪِنهن ساڻ رُوح،
خادمياڻي خاص تُنهنجي، خواهہ ڪَٽي ڪارِي آهيان.

اَج اُڏايان ڪانوَڙا، آيو اَگڻ گُهرجين عَجيب!
وَر سِڪهو وَلها! وِچوڙي ڪيئي ويچارِي آهيان.

ساهہ تو ڪان ساءُ پرايو، نہ تہ ٻيا سوڏا سَوين،
سُور ۾ صُورت وِڏيَس، مَنجهہ شَوق شَب سارِي آهيان.

اَڌ ٿِيَس اَوَل سَنجهي، آڏي لنگهي 'احمد!' مَٿام،
لهہ سَحر جو سار، آئون سُور اَج سارِي آهيان.

*

Gul Hayat Institute

(٣٠٧)

تُنهنجي دَرسن واسطي، دِلبر! دِيوانو آهِيان،
ناز نيڻن لاءِ نازُڪ! نِت نِرانو آهِيان.

مَن! سُجي تُنهنجي سَرا ۾، هِن سَواليءَ جي صَدا،
دَر تي چَوندو دَرد وارو، داستانو آهِيان.

مَن! پَوي مُنهنجي اکين تي، ڪو قدم تُنهنجو قَريب!
اِن اِرادي ساڻ وَندو، آستانو آهِيان.

هِڪ هُئاسُون پاڻ اڳ، شايد هَٿان پَئي مُون حَبيب!
تِنهن ڪَري تو وَٽ ٿيو، تَحقيق طَعنو آهِيان.

چَشم تُنهنجا ٿا چَٽِن، دِلبر! دِليون داڻن مِثال،
زُلف تُنهنجا پائيندو، هِڪ بَندخانو آهِيان.

مُون مَٿو رَکيو تو مَهندان، تِنهن مَٿاهُون مانُ ڪِيوم،
تُنهنجي خِدمت خاڪِ پا، ڪِيو خاندانو آهِيان.

آئون خادِم، بَلڪ خادِم، خادِمن تُنهنجي جو خاص،
آئون پانهون، بَلڪ پانهَن جو به پانهو آهِيان.

مانَ! 'احمد' چَئي اَچي، ڪِنهن ڏِينهن ٿيان اوڏو عَجيب،
رات ڏِينهن اِن راهہ تي، راڻا! رَوانو آهِيان.

*



Gul Hayat Institute

**(٣٠٨)**

تُون چَڱون، تُنهجون چَڱايون، ساڻ چُڻ پُڻ ڳائيان،
پيچ پِنڙيءَ رات تُنهجا، پال پُڻ پُڻ ڳائيان.

تُون سَوايو، تو سَوا سَئو هَٿ بہ سَئو، لُڙ مُون نہ سُئو،
تُنهجو رَبَّ رَبَّ ۾ رُڳوئي، راڳ رُڻ رُڻ ڳائيان.

اُپ اَڇو چانيو اُڀن، اَڇڙاندڙ اَڇڙو اَڃ لڳي،
هِت ڪِوي ۽ هُت ڪِوي، چا ڪيل ڪُڻ ڪُڻ ڳائيان!

پَونر پُون پُون باغ ۾ ڪَن، پُونءِ مَنجهان پُون ڦوڙ ڪوڙ،
پَٽ چِيهو، ڏَٿ پَٽ چِيهو، چِيهن جِي چُڻ چُڻ ڳائيان.

تُنهجي تَسبيح ٿو پَڙهان، سُبحان تيري صاحِبي!
جَهنگ، جَر، پَٽ، جُوءِ، جَبل، جُهونگار جُهڻ جُهڻ ڳائيان.

تات طوطن جِيئَن تُنهين تُون، توڙ تاڙن جِيئَن تَوار،
ڪُونجڙيَن جِيئَن ڪَرم تُنهجا، ساڻ ڪُڻ ڪُڻ ڳائيان.

ڪَر ڪنان ڪَر، جي لهين ڪَر، تُنهجي ڪَرمن جي ڪَري،
تُنهجون ڳالهيون ڳوٺ ڳايان، تُنهجا ڳُڻ ڳُڻ ڳائيان.

آهِہ 'احمد' عَهد ڪان، تو هِڪ اَحد جي آسري،
تُون سَڀاجهو سَڏ وَنهيون، سَڏ مُنهنجو سُڻ سُڻ ڳائيان.

*



Gul Hayat Institute

(٣٠٩)

ڪاغذ رَساڻ قاصِد! قُربئُون وَجي قَريبن،
ڏِج حال جِي حَقيقت، هيجان هَلي حَبيبن.

جاني! اَندر جُدائي، ڦَتجي مُئا فِدائي،
اَحوال ڏِج ادا! اِي، اڳيان اڱڻ عَجين.

مُحتاج مَرض وارا، واتن مُئا ويچارا،
پيغام مُنهنجي پارا، ڏِج تُون مِٺن مُجِين.

مُون کي مَجاز ماريو، پارڻ پيهار پاريو،
قُربئُون قَريب! ڪاريو، گُهمرو مَٿي غَريبن.

سِيني کي سُور ساهيو، نِت نُور نِير واهيو،
لائي دَوا نه لاهيو، ڏُک طَبع جو طَبيبن.

مَنجهه رُوح روز شَب تُون، ماکيان مِٺو مُحب! تُون،
آهين پِرين! عَجب تُون، نازُڪ! مِلين نَصيبن.

’احمد‘ ڪَندي مِ ڏِينهن کُل، بيمار جاڻ بُلبُل،
آهِس ڪَلام قُل قُل، گُل باغ اُت اَچي بَن.

*

Gul Hayat Institute

(٣١٠)

عَجين جو مِليَم اَحوال، اَڄ اکيَن نٿا ڏِسجن،
حَبين جِي حَقيقت حال، اَڄ اکيَن نٿا ڏِسجن.

پَکيئڙو پِرھ جو پُھتو، کٿي پَيغام پِريَن جا،
چيَم ڪَن ۾ ڪَبُوتر ڪال، اَڄ اکيَن نٿا ڏِسجن.

چَمن ۾ چَھچٽو چُرٽ پُرٽ، چَٿُون ڪُجھ چَئي رَهيا آهِن،
ٿيَم جِن لاءِ سِڪندي سال، اَڄ اکيَن نٿا ڏِسجن.

صُبح سانجهي سَتايم، جِن جِي صُحبت لاءِ صاحِب کي،
وِڌم جِن لاءِ ويٺي فال، اَڄ اکيَن نٿا ڏِسجن.

اَچي ٿِي بُوءِ بَهاريءَ جِي، بُرن ٿا باغ ۾ بُلبُل،
ڳَندا پانيان پِنيءَ ۾ پال، اَڄ اکيَن نٿا ڏِسجن.

هِنيِن سامُھون لڳن هِيرُون، کِوڙ ڏِئي ٿِي ڪِليو ڪِيرُون،
نہ اَعليٰ تُنھنجو ٿيو اِقبال، اَڄ اکيَن نٿا ڏِسجن.

پَريون چانئن پَرن سان پَٽ، هَٿن ۾ هار حُورن کي،
مَلڪ گهورِين موتيَن ٿال، اَڄ اکيَن نٿا ڏِسجن.

مِٺائيءَ کان مِٺا، ماکِي، ڪِ مِصري، کَنڊ، ميوَن کان،
نڪا مَنجھ ڳوٺ ڳُڙ جِي ڳال، اَڄ اکيَن نٿا ڏِسجن.

ڪُلھن تي قُطب ڊوئي ڪَٽ، چوَن پيا باغ بِسم الله،
اُپن ۾ ڳالھ اِستقبال، اَڄ اکيَن نٿا ڏِسجن.



Gul Hayat Institute

گُلن سان گَس گَهٽيون چانيان، وِڇايان وار، واسيان گهر،
ٿيَن خِذمت مَنجهان خوش شال! اَڄ اڪيَن نٿا ڏِسجن.

عَجبين جي اَچڻ لئي اَڄ، ڪَرو اُپ ڪي ڪَيو ’احمد‘
ڏِنون ڦيرو فَلڪ فِي الحال، اَڄ اڪيَن نٿا ڏِسجن.

*

Gul Hayat Institute

(٣١١)

باغ دُنيا بي بَقا، بَر ۾ اَچي بُلبُل وَڃن،
سِيءَ کِ ڪوسِي لُوهه کان، گُوماڻجي سَڀ گُل وَڃن.

وار سُنبُل جِيئن سَندئي، مُنهڙو مُبارڪ گل گُلاب،
گُل اَچن گُوماڻ ۾، سِر تان لهي سُنبُل وَڃن.

هِي مَحل، ماڙيون، مُنارا، مَوت ڪي مُشڪل جهلين،
ڪوٽ ڇَٽ هِڪ چوٽ سان، گهر گهوٽ گُذري ڪُل وَڃن.

دَرد پُنيان دَرد، ڪيسين دُور دارُونءَ سان ٿين؟
مَوت جي مُنهن ۾ اَچي، ڪِنهن مَهل موتي، ڦُل وَڃن.

بادشاهه باقي خُدا هِڪ، بي بَقا ٻيا بادشاهه،
مورچن وارا مُنيءَ تي، سَڀ تلها ٿي تُل وَڃن.

سَٺ سَتر ڪان پوءِ صاحِب، ساهه ڪان وِرچي پوَن،
پائر، پاتي، پائتيا، بيزار ٿي بِلڪُل وَڃن.

هِي سَينيما ۾ سَنهان جوڙا سَجوڙا صُبح شام،
هِڪ هَڪل سان ڏِينهن هِڪ، هِڪدم ٻيهي سَڀ هُل وَڃن.

Gul Hayat Instutute

مُئو ويو، موٽيا! مَ پائنج، ڦُوڪ هِڪڙيءَ سان فَقط،
سَڀ مُئا مَيدان ڏي، پوءِ روز مَحشر رُل وَڃن.

حَمد 'احمد!' ڪَر اَحد جو، عَهد جِنهن سان عَهد ڪان،
هِيءَ مِٽي تائين مِٽي، بازُو به ٿي بُل بُل وَڃن.

*

(٣١٢)

ڪَڻ اک خَليل! سامهين، ڪِل ساڻ زَرخريدن،
اَڄ ڪَر اگڻ اَسان جو، آباد ساڻ عِيدن.

غَمزو سَجي غَربن، هَٿ ڪِيو هِنيون حَبين،
ڳَلتار سين قَربن، پيڙو ڳَندو بَعيدن.

مُشتاق مَرض ماريا، ڪَم ڪان وِرهہ وِهاريا،
دِل تي دُونهان اُٿاريا، دِلدار ساڻ دِيدن.

اُڏميون اَندر اُڪيرُون، پيون مَنجهہ سَرير سِيرُون،
ڏيئي چاڪ ڪِيوم چِيرُون، چِت چَشم مَست چِيدن.

خُوني اکيون خُماريون، تارا تِکا تَراريون،
مُون کي سين ميچ ماريون، هِڪ شَخص مان شَهيدن.

هَر هَند، عَرب، هِندستان، مَٿ ناهِہ مُحب مَستان،
پانيان نہ باغ بُستان، بَر ساڻ بَرگُزيدن.

پَل پاڻ ڪان پَري ٿِي، صُحبت اِتان سَري ٿِي،
ماڻهن کي مَئي ڪَري ٿِي، پِڪ سا مَنجهان پَليدن.

جِيئرو جَهان ٿِيندو، هَرڪو حِساب ڏِيندو،
بَد، نيڪ ماڳ نِيندو، موجب عَمل عَقيدن.

’احمد‘ اَوَل عُمر جو، چِيو لَفظ لَب شَڪر جو،
آهي اِنهيءَ اکر جو، ميثاج مَنجهہ قَصيدن.

*

Gul Hayat Institute

(٣١٣)

مِل مِنا مَحبُوب! تو ري، مُون تي مَچ مَچ ٿا ٻرن،
سِر، جِسم، سِينان، سَنديون، مَنجهه سوز سَچ سَچ، ٿا ٻرن.

يار! اکيَن نار آهين، تُون عَجب آبِ حَيات،
عاشِقن وَٽ اَج عِنايت ساڻ اَچ اَچ، ٿا ٻرن.

آب آسڻ عاشِقن جا، آهِه آتِش آهه تِن،
ٻالهه ٻالهائِن جي، تان ڳوڙهه ڳَچ ڳَچ ٿا ٻرن.

زُلف نوڙِي ناهِه، جِنهن جي مُنهن چڙهي ماڻهون بَچن،
واڻڙيا واسينگ مَهندان، ڪاٿي وَچ وَچ ٿا ٻرن.

ٿيون ٿيَن عِيدُون اَسان لئي، سِر اکڻ آئي عَجيب،
دُشمنن مِ، هِت ديکيندي دوست، ڏَچ ڏَچ ٿا ٻرن.

صُورتن جا سيڪڙو، ڪِيئَن سيڪ کي سارين سُور؟
سي پَتنگ پاڻان، چَيو ٻِئي کي نه پَچ پَچ، ٿا ٻرن.

يار سِر اَنجام 'احمد' کَر چوَن گهر گُلبدن،
ڏِس ڪَريو ڪَمبخت ڪيڏو، ڪُوڙ ڪَچ ڪَچ ٿا ٻرن!

*

Gul Hayat Institute

ڏُتاري دِل دِوانيءَ کي، وِڌو دِلدار مَنجھه دامن،
پَئي دامن اَندر دِل، هَٿ پيَم مَنجھه دوست جي دامن.

اَٿس سَرڪو بَدن سِرڪن، نہ سُونهن ۾ ڪو سَدا جِھڙس،
نَظر نازُڪ پرين آيم، نِسورو نَرم اَندامن.

نِگاهُون ناز واري جُون، رُڳو نُقصان ڪَن نِت نِت،
حُسن تِنهن جو هَٽي هَر وَقت، هِينئڙو ساڻ هَنگامن.

اَجان تائين آهہ اَرڏائي، عَجين ۾ عَجب جھڙي،
ڪَڏهن ماڻا چَڏي مِسڪين سان، مَحبُوب مِلندا مَن!

نِهاريان واٽڙيون نِڪريو، نَظر پَئي مانَ! نازُڪ تي،
سَنجھي، آڌي، اَسُر، ڏِينهن، رات اکڙيون ڪِينَ آرامن.

پرُون پالا پَلا پانيان، بِلاشڪ مِثل بَيتُ اللهُ،
اَڱڻ اُوچن مَٿي آئون، اَچان پوءِ ساڻ اِحرامن.

گَڏي گوڏو پرينءَ سان جي، گھڙي گوشي گُذاريان گَڏ،
نہ عُمدي ڪَر اَسان جِي ٿِئي، عِبادت ساڻ اَحڪامن.

وَنن ڪي ذِڪر ڪي زاهِد، اِرادو ڪِن، ٿِيون عابِد،
اِسم آئون گُهران لِکجيم، عاشِق مَنجھه عَمل نامن.

ڪَڏهن موتي مُحب ايندو، مِلڻ ٿيندو، مَرض ويندو؟
مُون کي ٿيا ڏِينهن مُنهن ڏِنڙي، وَسايم مِينهن ماتامن.

Gul Hayat Institute

پَٽيون ٿِي پاڻ تُنهنجي پيش، پوتيون پاند پائيندس،
پِرين ڪِنهن پَر رُنو، سو ڪِينَ پَرچي ساڻ پَيغامن.

سَنجهو ٽاري سَجڻ آيو، سَلامت هَنڌ ساڳُوٽي،
ويهي واسيا اَسُر تائين، عَجيين ماڳ اَنجامن.

مِليَم پَيغام مُحڪم، وَهُوَ مَعڪُم اَينَ مَاڪُنتُم،
مُون کي خِلوت ڪَنان ڪاريو، خَيالن خَر خَسن خامن.

هِنيين سان گَڏ ٿيم سو گُل، ڪَجي قُربان جِنهن تان ڪُل،
ڏِسي اِيءُ باغ بِي پيٽي، پُلايو هُنُس بَدنامن.

سُڄَج اِي دَرد جُون دانهُون، اُٿي ويٺي عَرض آنهُون،
اِلاهي! ڪَر مَٿي ’احمد‘ اَبر جِيئن اوت اِنعامن.

*

Gul Hayat Institute

### (٣١٥)

لِک لِقا لئي تُنهنجي لالڻ! لَک بہ لُٽڻان ٿا پوَن،
باغ ۾ بيشڪ ڪَندا، پَر ڦُل بہ ڦُٽڻان ٿا پوَن.

حُسن هِهڙي تي تہ هَر ڪِنهن جو، هِنيون هِرڪي نہ ڪِيئن،
ڪوڙ خواهِشمند، پَر مَنجهہ خَرچ کُٽڻان ٿا پوَن.

حُسن تو هِڪ جو هَميشہ، جِيئن وَڏين تِيئن ٿو وَڌي،
گُل گھَٽان پيا باغ ۾، ٽِڙندي ٺُٽڻان ٿا پوَن.

ساهہ ڪي سِيبائي سُهڻا! سُونهن تُنهنجي جِي صِفت،
پَر صِفت ٻِئي جِي ٻُڌڻ کان، ڪَن بہ ٻُٽڻان ٿا پوَن.

هِڪ اکيون ڪاريون ڪَجل ري، ٻيو ڪَري ڪاوڙ ڪٽِين،
تِير تارن مان سِڌا، ڇاتيءَ ۾ ڇُٽڻان ٿا پوَن.

هيڪلو هوئِين تہ، هِيڻون حال هاڻي ئي ڪَريان،
پَر گوهر! گُفتا گھَٽان، گھَٽِيَن ۾ گھُٽڻان ٿا پوَن.

اوچتو آيِم ڦِري اَڄ، عُذر پيا 'احمد' ڏِنان،
هِن ڪَچهريءَ لاءِ ڪِهڙا، ڪُوڙ ڪُٽڻان ٿا پوَن.

*

Gul Hayat Institute

(٣١٦)

مامرو هَر مَهل مُون کي، مُحب! ماري، موٽ تُون،
وَڏِ وِجهي وَڏيَس وِڇوڙي، واڳ واري، موٽ تُون.

ڏُور لاءِ تُون مَ ڏِينهن، مُون کي ڏُکن ڏاري وِڌو،
دانهن سُڻ ڪا دَرد جِي، هِن ديس ڏاري، موٽ تُون.

تُنهنجي صُورت سُونهن ڏِسي، سُهڻا! پرايو سُور مُون،
رُوح جو ريلو رَندن تي، رَت رُواري، موٽ تُون.

پِرت تُنهنجي پيچ پُورو، پُور پاتڙ مَنجهه پَساهه،
واٽڙيَن تي ووا! ڇَڏيَس وِرهن وِهاري، موٽ تُون.

بِرههُ لائي باهِه ڪِيو، مُنهنجي بَدن کي بي قَرار،
دَرد دُوريءَ جو دُونهون، ٻَر ٻَر ٿو ٻاري، موٽ تُون.

مَن ڪَيو ڦوڙاءِ ڦارُون، تَن ڦَٽيو تُنهنجي فِراق،
قُرب ڪاسائيءَ جو ڪَم، مَنجهه قَلب ڪاري، موٽ تُون.

صَبر ساعت ڪونهُ ساريان، سُک پَڳم، وَئي سَگهه سَرير،
ساهه توکي ٿو سَدا، شَب روز ساري، موٽ تُون.

رِڻ ٿيو مُون ساڻ راڻا! رُس مَ، رُوساڳو نهيو،
ڍوليا! ڍاٽي وَري، ڍَٽ پاس ڍاري، موٽ تُون.

ساهه سَڙيَم، ماهه ٻَرِيَم، هاڻ رَڙيون ڪَن هَڏا،
ڳالهه اِيءَ ساري سَچي، سُهڻا! سَنپاري، موٽ تُون.

Gul Hayat Institute

هِيءُ مُسافر تو مُلا، مَحبُوب! پيو ماتام مِ،
پاڻ هَٽيو پَٽ مَٿي، پَچڙي پَچاري، موٽ تُون.

ڪو پرين! پَيغام مُنهنجو، تو پُنون پانڌي هَٿان؟
ڳَر نہ ماڻو، رَهہ نماڻو، نِت نِهاري، موٽ تُون.

ٿِي حَياتي حَيف مُون تي، هاءِ! وِئين هاجي هَٽي،
دوست! تو ڏاران ڏِنون دَم، دَرد واري، موٽ تُون.

تو سَوا سَيد! اَسان تي، سِج نہ اُڀري ڪِيو سُهاءُ،
آهہ ’احمدؔ‘ جِي سُٽي، عالَم اُجاري، موٽ تُون.

*

Gul Hayat Institute

(٣١٧)

هَلن ٻاهِر هَزارين لَڪ، هُرين هِڪ مَنجهه هِنيين ٿو تُون،
نَموني اِن نماڻيءَ جِي، نِهوڙي دِل نِيين ٿو تُون.

سَجڻ! سِج رُوپ ساماڻا، اَٿئي مَٽ مَوت سان ماڻا،
سَتايان آئون هَر ساعت، سَدا سَرڪش ٿِيين ٿو تُون.

ڏَسين تاريخ اُو تارو، اَٿن اُن هيٺ اوتارو،
ڪِٿي ڏِينهَن ڳَندڙ جو ڏيهه، ڪِٿي جا ڏَس ڏِيين ٿو تُون.

سُونهَن مُنهن چاڙ ڳَر موتي، موچاري اُن ڇِني موتي،
جُدا جانِب ڳَنان ٿِي، ڪاڻ ڪِن، جاڙون جِيين ٿو تُون؟

پِيارن سان، پِيارن سان، مِلان يا رَب! يارن سان،
پُڇيَم ڪِنهن پَل نه جِن پِرين، ته ڇا ڪائِن پِيين ٿو تُون؟

وَني نِروار نِرمل ناءُ، ڪَيو اِرشاد ’احمد!‘ آءُ،
مَيي جي مَهند ٿِي دوزج، ته مَرڪج سِر مِيين ٿو تُون.

*

(٣١٨)

حُسن وارا! نہ مُون هِڪ جو، رُڳو هِينئڙو هَٽيِن ٿو تُون،
اِها خُوبي تہ خانان خَلق جا، ڪِلندي ڪَٽين ٿو تُون.

گهڻُون سِج ماھ کي ماري، ٿي ڪَئِي تاراج هَر تاري،
حُسن ۾ چو نہ اَچيو هِت، هَٿائِين هِڪ جَٽين ٿو تُون.

حُسن وارا لَکين هَرجا، مَٿي زيوَر سُونهَن زَر جا،
سَڄڻ! مُون کي سَڄي جَڳ مان، قَسم واحِد وَٽين ٿو تُون.

پِرُون پانيان تہ ٻَجرن ۾، ڪَندئي لَهوار لَهرن ۾،
اَچيو تاريخ تارين ۾، تَٽي جِن جي تَٽين ٿو تُون.

رُپي جي ڪاڻ ڪَڏ ڪاڏِي، ٿيس اوڏو، پيم آڏي،
سَدا ڪِنهن اڳ نہ ڏِنيم سُڌ، تہ چو ڪُوھ ۾ ڇَٽين ٿو تُون.

قَدر وارا چَلي ويا ڪُل، نہ ڪَن ماڻڪ مُلڪ ۾ مُل،
پُڇي اِئِن ڪو نہ اَج 'احمد!' تہ ڏِين گوهر گهٽين ٿو تُون؟

*

Gul Hayat Institute

(٣١٩)

اَٿم ڏِينهن رات تُنهنجي تات، تَن مَن تار تُون تُون تُون،
هِنيون حَيران هِيرن لئي، هَنجهن هُونگار هُون هُون هُون.

جَبل جُهونگار جَلَ اللهُ، سُخن سوزن ۾ صَلَي اللهُ،
اُپن پُونيَن ۾ اِلَا اللهُ، اِها لَلڪار لُون لُون لُون.

تُون تُون تات، وائي وات، لُون لُون لات، هَي هَيهات!
پِنيءَ بَرسات، پَونرن بات، باغن بار پُون پُون پُون.

وَٽن ۾ واهه! جُون وايون، پَکيَن لاتيون لَکين لايون،
جَبل، جَر، جَهنگ، جُوءِ، جايون، لڳي جُهونگار جُهون جُهون جُهون.

پِنيءَ بَرسات ۾ پُڻ پُڻ، سَڄڻ! سِهرا سَڳر سُڻ سُڻ،
چَمن ۾ ڇهچٽو چُڻ چُڻ، چَٽُن چُونگار چُون چُون چُون.

مِٺا! ميلو مَچڻ گُهرجي، اَگڻ 'احمد' اَچڻ گُهرجي،
رِهاڻين ۾ رَچڻ گُهرجي، رَڳن رُونگار رُون رُون رُون.

*

(٣٢٠)

ٻَلئو پايو پُڇان پانڌيءَ، پِرينءَ جي پار جُون خَبرُون،
اَڇي اوني اَدا! ڪي اور، اَڪيَن ٺار جُون خَبرُون.

مَٺ مِهراڻ مان مُشڪِل، ڏُکي دَرياءُ ديکي دِل،
پُڇائج پاڻيءَ کي، سَئو پُرهہ پاتار جُون خَبرُون.

ڪيَم وو ووءِ واويلا، ٻَريا ٻَر ٻَر ٻُڌي ٻيلا،
عَجين ڪي رَسيون اوني! ڪي اِن اُچنگار جُون خَبرُون؟

سَدا سِڪ مان سِڪان ساريان، هَنجُون هَي! هيج مان هاريان،
ٻَلا ٻيرو ڪَري لهندا، ٻَندي بيمار جُون خَبرُون؟

ڪَڏهن مان ڏي مُحب ايندو، مِلڻ ٿيندو، مَرض ويندو،
ڪَڏهن پُڇندا پِرين پيرا پَري، پينار جُون خَبرُون؟

سُڪو وَڻ هَند وَصل وارو، ڪِ سائو آهِہ سو سارو؟
ٻَڪيئڙا! ڏي ٻَڪيون اُن پار جي، ٻَن ڏار جُون خَبرُون.

ڪَڪوريا هَند ڪِ ڪُوماڻا؟ مُحب ڪِيا جِت مِليو ماڻا،
وَڏيَل واڏوڙيَل سان ڪَر، ويهي وَڻڪار جُون خَبرُون.

مُون سين مَحبت ڪَيا مارا، لَٿي موٺيَم مُلڪ سارا،
وَٺي پڻ ڏِئي نہ ڪو وو وو! وَنهيَل وِڻجهار جُون خَبرُون.

مُئي سالُون لنگهيَم ساريون، ڪيئُون پُوري، نہ پوئيواريون،
سُڻائي ڪو نہ سُڄ مِ اَڄ، سَڄڻ سَنيهار جُون خَبرُون.

ڪَلر جِي ڪوپ ڪاريءَ ۾، رُوان رَت رات ساريءَ ۾،
ڪَڏهن لهندا ڪَندي ڏيئي قَدم، هِن ڪار جُون خَبرُون؟

ڪِٿي دارا سَندو دَرجو، ڪِٿي اَذڪار اَڪبر جو،
مُون ڪي جاني! جِيان جانڪِي، تہ جانِب يار جُون خَبرُون.

هِنيين ۾ هَول جو هُل هُل، بِرهہ ٻِران ڪَئي بُلبُل،
گهڙي گهايل ڪي ڏي ڪي، گُل چَمن گُلزار جُون خَبرُون.

اَڳيان محبُوب موچاري، ڪِرائين چو قَبر واري؟
اَسان ڪي ڏي اُٿي ’احمد!‘ اِنهيءَ اِسرار جُون خَبرُون.

*

Gul Hayat Institute

(٣٢١)

صُبح جو خَط ڏِنو ساٿي، صَحيون جِنهن ۾ سُونهارن جُون،
نه مارُئي! موٽ، ٿيون سِر مُلڪ مانڊاٽيون مَلهارن جُون.

پَڪيون پوکُون، لَٿيون روڪُون، وُٺا مِينهن، مُلڪ تي موڪُون،
پِٽن پاسي پِٽان بادل، وَسن بُوندُون بَهارن جُون.

ڪَڪر ڪارُون ڪَري آيا، کِون ڪاهُڙ مَٿي کِوٽيون،
پَلر پَلٽي پَريا سَپ پَٽ، ٿيون پُوريون پَنوهارن جُون.

ڏِهاڙي ڏانهن ڏوٿيڙن، وَري ۽ ڏِئي وَراڪا وِچ،
سَدا ساوَڻ سَنگهارن تي، ڪَري سالُون سُڪارن جُون.

سُونهي ساڻيهه سَجو، سَهسين مَنجهس سِينگار ڪَن سَبزيون،
وَٽن ۾ ويڙهه ڪِيو وَهه وَهه! وَٽن وَلڙيون وَلهارن جُون.

مَٿي ويا ماڳ مارُو مِٽ، پَچر آهِن پيا سِر پَٽ،
ويا ٻِئي ديس ڪاهي ڏَڻ، رَهيون ڏُونهيون ڏَنارن جُون.

گَهٽون گهائي گَهنگهر آهيان، عُمر! وِڇڙي اَباڻن ڪان،
ڳَلن سِر ڳاڙِيان ڳوڙها، ڳَجيو ڳالهيون ڳنوارن جُون.

هِنيون آهيم حاڪِم! هُت، حَوالي بُت حَويلِيَن هِت،
ٻَهر جَنجير تو جَڙيا، اَندر سَنگهُرون سَنگهارن جُون.

هَنجُهون هَر ويل ٿِي هاريان، نه مَن هِيري تي هيريندَس،
هَٽان هاويءَ اَندر حاڪِم! سَندئي هَسليون هَزارن جُون.

سَڙان شَب روز سُورن ۾، وَٽن شِيرا نہ شَربت مُون،
مِيان! آهِن رَهيون مُون کي، مَهيون مَن مالدارن جُون.

عُمر جو ڪوٽ ’احمد‘ چَئي، ڪِري شل! قَيد مان نِڪران،
وَڃي مارُن ڳَنان موٽي، وَٺان مَعافيون مَيارن جُون.

*

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

**(٣٢٢)**

اکين ۾ عُقابيل، تارن ۾ تبرُون،
هَٽن حاڪمن کي، پَريو زور زَبرُون.

جَنگيون ڏِين جاڙا، هَٽن ڏُوم ڏاڙا،
ڪَريو هَٿ ڪَتاري، اُلارين اَبرُون.

اِنهيءَ نِينهن نِظاري، وِڏا ويڌ واري،
سِکُو ڏيهه ۾ سُڃنديون، سَنديون خُون خَبرُون.

جِنين جَنگ بارِي، سَٽي سِر تي سارِي،
تِنهان پوءِ تِن کي، ڪَنديون کوهه قَبرُون؟

’احمد‘ اڳاندو، رَکيو قُرب ڪاندو،
لڳس تَن ۾ تازا، تُفنگ، تِير، تَبرُون.

*

(٣٢٣)

قمر جي پَھر وَٽ قاصِد! وَڃي ڪج ڪُرنشون ڪارُون،
خُدا لڳ وَڃ ڪَٺي هِي جي، لِڪان خط ۾ خَبرچارُون.

هِنيين تي هَٿ ٻَڌي حاضِر، هُتي ڪج حال هِيڻن جو،
ڪِلي مُنهنجي خَليلن کي، چَئج خوش نام! ڪِيڪارُون.

مُون کي ٻَيران هِن بر ۾، پَلا! ڳَئين ماهه ٿيا ٻيئي،
اَڃن ٿيون اوچتيون اَرڏا! اَوهان پَئي ياد اُڇنگارُون.

سَري تو ري نه مُون ساعت، سَڄڻ! ويٺين وِڃهي سالُون،
نه ٿِئين پيڙو، نه ڪَئي پيرو، پَڄي چَڏيَئي پَليڪارُون.

سُپاريِمِ ساهه تو سُهڻا! رَهيو باقي بَدن بَر ۾،
وَري توکي نه وَڍين ساڻ، واجب هيترِيون وارُون.

هَلڻ پيرن، هَٿن هاجُون، هِنيين هِمت چَڏي هاٺي،
سُڪي ساٿو ٿيس سُڃ ۾، چَڏيون سَندين سُڏون سارُون.

لَڳي جي ڏَک نه دِلبر! رَت، ذرو نِڪري نه ڪِنهن رَڳَ مان،
لَحم چِٽيو لِڳَن تان پَئي، اکيَن مان لُڙڪ ڪَن لارُون.

Gul Hayat Institute

وُٺا مِينهن واهُوندا وَريا، وَڪوڙي ٻُت وِيَمِ وَليون،
ڪِيهُون ڪارُون ڪَريان آئون، ڪَڪر پڻ ڪَن ڪِيهُون ڪارُون.

وَليون پاسن کان مُون پھريون، وَلِيَن پاسي پَکيَن ڪَئي جاءِ،
پَکي، آئون ڪَريون پَل پَل، پِرين! تو لاءِ پُوڪارُون.

ڪُهاڙي ساڻ ڪانياري، ڪُلهن ۾ ڪاله ڪِيا جي وَڍ،
سَوا دِيدار دِلبر! تو سَندي، ڪانهي دَوا دارُون.

ٿيئي مَعلُوم مُجني کي، جَڏهانڪر خواب جِي خُوبي،
اُنهيءَ تاريخ کان تاري وِيئو، تُنهنجي سَندس تارُون.

اَڙيو اَرواح ’احمد‘ چَئي، اَوهان سين قَيس جو اِن پَر،
سَري تِنهن دِين دُنيا کان، سَري دِلبر! نہ تو ڏارُون.

*

Gul Hayat Institute

## (٣٢٤)

ڪَئي مِلڻ جِي ڪانهه مُون سان، مُحب! مارين تهه بهه چَڱون،
حَمدُ لِلهه! رَت هَش سان، هوت! هارين تهه بهه چَڱون.

هِن قَتيَل فَرهاد ڪي هُئي، آبِ شِيرين جِي اُداس،
پَر هَثان پَنهنجي پِيارا! وِهه پِيارين تهه بهه چَڱون.

وَڏ مِلڻ جِي مِهرباني، جي نهه ٿِئي مُون سان مُحب!
نيڻ جِي ڪِنهن نوڪ سين، نازُڪ! نِهارين تهه بهه چَڱون.

هِڪ پَراهُون پَنڌ پِرين! بيا توڙ سين تاڪُو تَڪين،
دَر مَٿي دَربان ٿِيون، دِلبر! نهه ڌارين تهه بهه چَڱون.

سَڏ سُڪيءَ تي ڪَئه سِڪ مان، سَئو مَنجهان سوئي نهه هِڪ،
هاڻ تُرهو تار مان، جي تُرت تارين تهه بهه چَڱون.

سُڏ نهه آهِه تان سَڄڻ! سَرچِين نٿو ڇا جي سَبب،
اَڄ ويهي اَحوال اِيءُ، اَڳ پوءِ اَڇارين تهه بهه چَڱون.

آبرُو 'احمد' سَندو، گهوريو اَوهان جي دَر عَجيب!
سَگ ڪَڌهن ڇاڻي ڪَٽس، ڪُوڪار ڪارين تهه بهه چَڱون.

*



Gul Hayat Institute

**(٣٢٥)**

هِنيين ۾ ڪا هَنجهن وانگر، لِڳي هُونگار هُون هُون هُون،
نه سُج ۾ مُون، سُجي ٿي پُون، سِڳهو ٿي يار! تُون سُونهُون.

پَرِيَن حُورن ۾ حَيراني، پَسڻ سان پاڪ پيشاني،
نه تُنهنجي سُونهن سان ثاني، سَڄي سَنسار جُون سُونهُون.

اکيون ڪَن خُون ٿيون خاصا، سَنم گهورن پُنيان گاسا،
ڪٿي پنبڻيَن چَڏيَم پاسا، چَڙهيَم چوڌار ڪُون چُونهُون.

ڪٿي اکيون خُماريَل ڪِل، ڪِلي مَحبُوب! مُون سان مِل،
ڏُکي ٿِي دوست! تو ري دِل، دَر و دِيوار سَڀ دُونهُون.

نِهاريان نُور نِيشاني، پرين لاهِن پَريشاني،
پَسان شل! پاڪ پيشاني، لَهن لاچار جُون لُوهُون.

چَتُون، چَندُول ۽ چِيها، اَندر اُڻ تُڻ رَکن اِيها،
ٻُرن ٻيلن ۾ ٻاٻيها، چَگي چِينگار چُون پُون هُون.

ڪَري دِل دَرد مان داتهُون، ٻُڌن مَن! ڪا، ٻَڌم ٻاتهُون،
اُٻو 'احمد' ڪَري آتهُون، اڳيان اِنڪار اُون هُون هُون.

*



Gul Hayat Institute

(٣٢٦)

اک ڪِيئَن لڳِي؟ اکيَن جو آرام آسمانهُون،
باغ و بَهار پيڙا، بادام آسمانهُون.

اَنگل اَڙي اَڙيءَ ۾، ڪاڪُل ڪَڙي ڪَڙيءَ ۾،
گهائي گهڙي گهڙيءَ ۾، گلفام آسمانهُون.

گُل خواب سان خُماريو، شَب خُون جي شُماريو،
مِسڪين مُفت ماريو، ماتام آسمانهُون.

پانيان بَغل پرين تُون، تَن مَن وَڍي ترين تُون،
ڪوٺي وَري ڪَرين تُون، قتلام آسمانهُون.

هِڪ جِنس نئين جڳن ۾، چُوها چَندن چڳن ۾،
پيڙو پَکي پڳن ۾، پيغام آسمانهُون.

جِن جا نہ رُوح رَهندا، سي سُور چو نہ سَهندا،
گهاري نہ گهور مَهندا، گهر گام آسمانهُون.

ماري رَکيس محبت، اکيان سَوال صُحبت،
اَڄ ڪِيو عَجيب اَلبت، اَنجام آسمانهُون.

مُرڪڻ سَندئي مِنائي، ڪَر ڪا پَلا! پَلائي،
’احمد‘ گهري اِهائي، اِنعام آسمانهُون.

*

Gul Hayat Institute

(۳۲۷)

حَقيقت حال جِي، ٻَڌيو هِنيِن تي هَٿ چُوان آئون،
پَچان ڪامان پَچارن ۾، پِيارا! تو پُوان آئون.

مِنت مَنظُور ڪا مُنهنجي، پَوي مَنٺار مَهندان مَن!
هَلايان هوت ڏي هَديا، نِيايا نِت نُوان آئون.

چَڙهيَم ڪا ڳالهه چِت تي اَڄ، چِڪي پيا چاڪ چوڏاري،
بيهن ڏَڪ ڪِينَ دِلبر دوست! ڏوئي چا ڏُوان آئون؟

ڪُتو جي ڪيچ مان ڪوئي، اَچي گهٽيون گهمي مُون گهر،
پُنهُونءَ جي پِرت ڪَر تِنهن کي، ڪِري پيرين پُوان آئون.

پيَم سين پاڻ ڪان ڏاڍِن، پَلئو پاتي نه پَرچن پَل،
رَندن تي روز هَٽيو هَٿ، رَندن تي رَت رُوان آئون.

مَٿي اِيمان 'احمد!' شل! ٿِئي پُوري عُمر آخر،
حَشر ۾ هاشمي گڏ شال! حَملي ۾ هُوان آئون.

*

Gul Hayat Institute

(٣٢٨)

دُنيا تي، دِين وِيَن جُون، دِليون ڏُتيون ڏُتيون،
ڪَن ٿا ڪِني تي ڪوڙ، ڪُتا ۽ ڪُتيون ڪُتيون.

جِهڙو جُوان پاڻ تُون، تهڙا جُوان ڳول،
لائق نہ تُنهنجي لاءِ، لُسيون ۽ لُتيون لُتيون.

وَحدت جي جيڪو واٽ، وَڃي ڪِينَ وانجهيَل،
ڪوڙن، ڪُڙن، ڪَڏن ۾، سو ڪِيندو ڪُتيون ڪُتيون.

اَلنومُ عَلَي المُحِبِ حَرامٌ، سُجاڳ! جاڳ،
سي ڪِيئن پَسن پِرين، جي سَنجهي کان سُتيون سُتيون؟

اکيون ڪنيون عَجيب، اُپِي آمسامهُون،
خَنجر مِثال خَلق جي، دِل ۾ کُتيون کُتيون.

زَنجير مِثل زُلف، مِني يار جيئَن جَڙيا،
تِنهن طَور دِليون دوست سِين، ڳنڍجي ڳُتيون ڳُتيون.

دَر دوست جو مَٿي، جو ڍَڪا کائي دَر بِيَن،
هَر سال سو جُهال، جَهليندو جُتيون جُتيون.

’احمد!‘ اَچي نہ نِنڊ، نہ آرام عاشِقن،
سُورن جُون سِرجندي ۾، مِليون جِن سُتيون سُتيون.

*

Gul Hayat Institute

**(٣٢٩)**

ڪُشادا وار ڪُلهن تي ڪَري، سُهٽي ڪُندُون واريون،
ٿَڪاڪَن ڪان ڪُنڌ مان، ٿيون ڪُهن اکيون ڪُنڌيون ڪاريون.

سُونهارا نيڻ سُرميدار، سُوڙهُون ڏِنِ سِيچاٽا،
لِين تارن اَندر تَحقيق، طَرحُون توبچيءَ واريون.

قَرارو هِڪ قَمر ڪانِ، بيو ڪَمر بيٺا وَنِي ڪاڪُل،
گڏي ٿِيون ڳالهہ ۾ ڳُڙ پوءِ، دِليون لڳ ڳَهر سين ڳاريون.

سَچڻ هِڪ ڪان سَچو جَڳ، چَنڊ سِج سُوڌو پِرائي سُونهن،
رَکن تارن جو تِنهن تاثير، توبون، تِير، تَلواريون.

نَظر نازُڪ بَدن جو نِت، چِٽي نِيشان ۾ نيزا،
وِڪُون مَحبُوب جُون مارِنِ، مورن مِثل موچاريون.

پِرُون بَئي مِثل بَيتُ اللهُ، پِرن ڪَر پَونر باغن ۾،
ڪُنڌو نَڪ ناز واري جو، ٻہ آمي جُون عَجب ڦاريون.

مُبارڪ وات مُکڙيءَ جِيئن، مُنوَر ڏَند موچارا،
سَچن موتيَن سَنديون صاحِب، سَريون مَنجھ وات سِينگاريون.

عَجائب آڱرين، پيرن رَتا ڪِنهن رَنگ ڳُوڙهي سان،
ڪُهي عاشِق هِنيين جو رَت، هَٿ تان ڪَر هَڪيو هاريون.

پِرين اَرڏي ۾ 'احمد' وِچ، ڏِنم اَحوال اِهڙو اَج،
نِيازن جا هِتان نارا، هُتان نازن سَنديون ناريون.

*

Gul Hayat Institute

(۳۳۰)

حُسن جِي هُبڪار تُنهنجي، هَر طرف هِيرُون وِڌيون،
خُون ڪارڻ جُون خَلق ۾، ڪِل سَندئي ڪِيرُون وِڌيون.

مَنجهه اکيَن اکيون اَڙيِ، آيون اَلستي ڏِينهن کان،
دِل کي دِلبر دوست! تُنهنجي زُلف زَنجيرُون وِڌيون.

هَٿ جَهليو هَردم هَٽين ٿو، ڪان ڦَري مَنجهه قُلُوب،
چَشم جي چَمڪار چِت ۾، چاڪ ڏيئي چِيرُون وِڌيون.

مَن! پريان جو رُوءِ پَسي، پاڻيَم ته خاطِر خوش ٿئي،
گهُور گهوڙا! گهائي تان اڳ، تُرت تَڪبيرُون وِڌيون.

ڪَعبة الله جي ڪِناري، ٿو ڪَري ڪافر طواف،
اِن سُخن ۾ سالِڪن، ڪَئين طَرح تعبيرُون وِڌيون.

ٿي پِرُون پاڻيَم بَحر ۾، حُسن جي، بيڙا ٻَئي،
مَوج اِن مِهراڻ جِي، واري مَٿم وِيرُون وِڌيون.

ڪي بَندُوقون پَر وَٺي، بينو پَرين بارُوت سان،
تِن سَندم سَنڌ سَنڌ اَندر، سَئو سَئو سِڌيون سِيرُون وِڌيون.

پاڻ هُئاسُون پاڻ ۾، جِيئَن هُونِ هِڪ بُت ۾ به ساهه،
قَلم قِسمت جي ڪٽي، ٻِئي طَور تَقديرُون وِڌيون.

جي حَبيبن جي هَٿان ٿيان قَتل، ڪونهي تِنهن قِصاص،
عالِمن اِهڙيون لِکي، تَحقيق تَحرِيرُون وِڌيون.

Gul Hayat Institute

حَوصلو هِڪ جاءِ نہ آهِہ، ڪِيئن سَگهان هِيءُ حال ڏيئي؟
مُحب ماڻن سان مُنجهائي، تُرت تَدبيرُون وِڏيون.

اک اِشاري ساڻ 'احمد' سِر اَڏي پُهتو اَچي،
تِنهن کي طُعمي لاءِ تارن، تُرت تَڪبيرُون وِڏيون.

*

Gul Hayat Institute

(٣٣١)

قَتل لئي ڪارڻ اکين، اَڄ پڻ ڪَمان وِچ ڪان ڪِيئون،
پائي گوليون، گهٽ جهلي، پوءِ گهاٽ ۽ گهمسان ڪِيئون.

ڪي قَرين سان ڪَٽڪ، گڏ مَوت ۽ ڪارِي قِيام،
ڪِنهن فِڪر سان ڦير جو، فَوجُون وَٽي فَرمان ڪِيئون.

تِير تارا، توف، تُفنگون، تيغ اَبرُو تابناڪ،
سَرڪشيءَ مان سِر جَهان، سامهان جَنگي سامان ڪِيئون.

هِڪ حُسن حَد کان لنگهيَل، بيو هار ڌاري ٿيا حَبيب،
طَور اِهڙِي طُور سِينا، تاب سان تابان ڪِيئون.

لاڏ ڏاڍي ساڻ لاڙيا، زُلف لَوڻ تان لَطيف،
نيڻ گهوري ناز مان، ڪَئين نوڪ سان نُقصان ڪِيئون.

پڙ اَندر آيا پِرين، پَيڪان پنبڻَن جي سَميت،
مُنهن ڏيئي مِزگان کي، ماري سُجان مَيدان ڪِيئون.

ڪِن هِنيين پاسي هَنيئون، ڪِن وَڍ وِڍائون مَنجهه وُجُود،
ڪِن ڪُکين، ڪِن قَلب تان، نازِل قَهر جا ڪان ڪِيئون.

ڪي ڦَٽيا، ڪي ڦَٽ مُئا، ڪي ڦَٽ وِڌا فارِق ڪَري،
ڪِن چِنان جيرا جِگر، ڪِن کي جَرح مَنجهه جان ڪِيئون.

ڪي چِڏيئون اُچلي اَڏيءَ تي، اَڏ ٿيَن اَگرا اَندام،
ڪي ڪَرشمن سين ڪُٺا، ڪي اَڳ کُهي قُربان ڪِيئون.

Gul Hayat Institute

ڪي دَفن ٿيا ڏُوڙ ۾، ڪِن هَٿ نہ پيو ڪَپڙو ڪَفن،
ڪي ڪُتن جو قُوت ٿيا، ڪِن تي شُروع قُرآن ڪِيئُون.

مُحب ڪِنهن ماڳيان نہ مَٽيا، ٿيو نہ مارو جِنهن مَڪان،
شَهر، بازاريون بَلڪ، پيڙا لڳين يَران ڪِيئُون.

هِيءَ حُڪومت حُسن جِي، ناهي رُڳو هِند، سِنڌ، هِرات،
جِت ڪِٿي خلقون کپائي، خُون ڪَئِين سين خان ڪِيئُون.

’آئون‘ ’احمد‘ جِي وِئِي، اُن جي اڳ آيا پرين،
ڪِنهن ڪَرشمي سان ڪُهي، ڪُل مَن عَلَيها فان ڪِيئُون.

*

Gul Hayat Institute

## (٣٣٢)

تو ڏِني مُون کي ٿيون، سُهڻا سَجڻ! سالُون گهڻيون،
وِرهه اَندر وَرهه گُذريا، ڏِينهن ڏُکن جا چا ڳڻيون؟

دَم جُدائيءَ ۾ جِيئڻ جِي، يار جاني! ناهِه جاءِ،
ٿيا پِرين! تو کان پَري، مَن، تَن، بَدن پُرزا پٽيون.

وَڃِ پوَن هَردم هِنيِن ۾، حُب اَوهان جِي کان حَبيب!
قُرب جُون ڪَئِين ڪاتڙيون، ڇاتيءَ مَٿان مُنهنجي ڇَٽيون.

ڪُندِ پَچي ڪارِيَن اکيَن جِي، کان ڇِٽيا قَلب ۾،
بِيا بَنايا تو پَنيا، مُون کاڻ ڦاهِي ڏيئي ڦَٽيون.

تہ بہ اَچي اکيَن نہ اِيذاءُ، پير پائين جي مَٿ،
تُنهنجي وِک وارڻ سَنديون، وَهه وَهه! مُون کي وَصفون وَٽيون.

بُک ڪَنان بَکريون بَغل پائي، نہ بيکاري بَنيَس،
مُنهن پَسڻ خاطِر پِنان، پاڙي اَوهان جي پَنج ڪَٽيون.

گَشت ڪَئِي گُلزار جو، پَوندي بَهاري بُوند ۾،
مِينهن ڦُڙا مُنهن تي سُونهَن، هَر هيڪ موتيَن جُون مَٽيون.

گهاءُ سِين ڪِنهن گهُور جي، ڪَئِي اَڌ هِنيون 'احمد' سَندو،
آمساهُون ٿو اُڪارين، مَست اکيَن جُون اَٽيون.

*

**(٣٣٣)**

چَئو شُڪر اَلحمدُ لِلّٰہ، اَڄ اَڱڻ آيا پِرين،
قَلب ۾ ڪوڙيي سَندم تي، ڪِيو قَدم قايم پِرين.

مُنهن سَندئي مُصحف پَرُوڙيي، چاهہ مان چُميم ڪئي،
پانئي بَيتُ الله پِرُون، سِر نَفل ۾ نايم پِرين!

پانئي ڳِرهائو ڳِچيءَ ۾، وَاصل لئي وينت ڪيم،
خواهہ پَرچين يا پَري چَئين، پاند تو پايم پِرين!

سَئو سُخن سارِيان سَندئي، آهيم صُحبت جو سَوال،
لاڏ وارا! لوڏ ڪَندي، ڪَين لَفظ ڪو لايم پِرين!

وار پانئي مُون پَنيا، هَٿڙو مَٿان لايو حبيب!
اِئين نہ چاهِ نازنين! ٿو نانگ نِپ ڪايم پِرين!

بيا پَلين جي بادشاهہ، پانيانِ بيڪاري سَندوءِ،
پَر اوهان جي سَپ سَگهر جو، سَگ سَدا چايم پِرين!

Gul Hayat Institute

قُرب جو ڪاغذ سَندم هِيءُ، نيئي قاصِد! ڏِج قَريب،
دوست! ور دِيدار لئي، دِل ٿِي سِڪي دايم پِرين!

آهہ 'احمد' چَئي سُڻي، آيا پُڇڻ اَحوال لوڪ،
ڏيئي گهڻي گهوڙا! لنگهيَس، تان گهور سين گهايم پِرين.

*

(٣٣٤)

ڳَل سَندئي گُل گُلاب عَين بعَين،
مُنهن سَندئي ماهتاب عَين بعَين.

ڪان تارا، ڪمان اَبرُوءَ ۾،
وار سِج تي سَحاب عَين بعَين.

توسين گڏ سَروَ، گُل سَمن، سُنبُل،
اَنب، آمان، عُناب عَين بعَين.

زُلف ظُلمات، وات دوست! سَندئي،
خود حَياتيءَ جو آب عَين بعَين.

ٿو قُلابا ڪَڍين ڪَرشمن سان،
عَين تُنهنجا عُقاب عَين بعَين.

ڳالهه تُنهنجي مِثال ماکيءَ جي،
تُنهنجي صُحبت ثَواب عَين بعَين.

ڏي شَڪر نيشڪر! بِنان نُقطن،
پوءِ جُزيَمِ جواب عَين بعَين.

پائي پانڌي پرين جو، پير چُميم،
هو وِچان خَر خَراب عَين بعَين.

هوءِ جَنت جَمال تُنهنجي ري،
عاشِقن تي عَذاب عَين بعَين.

Gul Hayat Institute

اَج سَلامت وَريامِ سامُوندي،
اَلغرض اُو غُراب عَين بعَين.

ٿو شُمارين شَراب جِنهن کي هِت،
سو سَپو سُج سَراب عَين بعَين.

اَج سُٺايو اَسان، پَڙهي ’احمد‘
قُرب وارو ڪِتاب عَين بعَين.

*

Gul Hayat Institute

(٣٣٥)

دوست دِلبر! تُنهنجي دَر کان، دُور ٿِيندس ڪِينَ ڪِين،
خواهه ميڙِين، خواهه مارِين، مُنهن مَٽِيندس ڪِينَ ڪِين.

خواهه ميڙِين، خواهه مارِين، خواهه مُنهڙو موڙِيِن،
دوست! پَئي توساڻ دَعوا، دَم دَڙِيندس ڪِينَ ڪِين.

هَٿ اَوهان جو هَڏ نه گهائي، وَر هِنيِين تان سو هَٽِينم،
وار ڪا وائي وَصل، وِک پوءِ وِيندس ڪِينَ ڪِين.

حُسن تُنهنجو ويو هِنيون، مُنهنجو هَٽي حُڪمان حُڪم،
نه ته چيَم، نِت روز اڳ، نِينهن نام نِيندس ڪِينَ ڪِين.

تو سَوا ڪونهيم سُک، سَچ، بيو سُخن کو ڏِئي ته چانس،
وَج نه اڳتي، اَج ڏِينهان پوءِ، اڳڙ اِيندس ڪِينَ ڪِين.

دَست دامن ۾ پيَم، دِلبر! وَڏي دُوريءَ پُڄاڻ،
چَندبَ نه ٻانهُون چوهه مان، چيهه سين ڇَڏِيندس ڪِينَ ڪِين.

ڏِينهن اَلستُون ڏانهن تو، ڏَهه ڏَهه دَفعا ڏِئي دِل ڇِڪيون،
ڏُک پِراءِ مُنهن ڏِسي، ڏوهه ڏيهه کي ڏِيندس ڪِينَ ڪِين.

مُنهن پَسائڻ جِي مُحب کي، چَئم مُون تي مِهر ڪَر،
ڪَر پَچي چَئِن اِيءُ ڪَرم، ڪِنهن تي ڪَرِندس ڪِينَ ڪِين.

تُنهنجي سَنگت مان سَجڻ! سيکت رَسيَم، سا ئي گهٽي،
جَنَب ٻِئي ڪِنهن ساڻ جانِب! جِيءُ جَڙِيندس ڪِينَ ڪِين.

قَلب ڪي قاصِد ڪَندس، يا ساهہ هَٿ ڏِيندس سَلام،
ٻيو مُحب جي مُلڪ ماڻهو، موڪليندس ڪِينَ ڪِين.

سار تان سالن پُٺان، سُهڻا! لڌئي مَس سار اَڄ،
رات هِڪڙي رَهہ، جَجهو جانِب! جَهليندس ڪِينَ ڪِين.

لُڙڪ لَڪ لِڪ لِڪ وَهن، ليڪيان لِکيي پَنهنجي ڪَنان،
ڪير ڪَهندو قَيد قِسمت جا، ڪَٽيندس ڪِينَ ڪِين؟

رات پَئي، راحت ويئي، پَر ٿِي نہ راڻل سان رِهاڻ،
خواب هاڻي خُوب ناهِم، ڪيڻ ڪِيندس ڪِينَ ڪِين.

ڇيو پرين اَرڏي تہ ’احمد‘ جي اَڱڻ مَرندو اَسان،
پيو لَڏون لاشڪ جَهلي، لاشو لَٽيندس ڪِينَ ڪِين.

*

Gul Hayat Institute

(٣٣٦)

صَبر هِڪ ساعت سَوا تو، ساهه سَهندو ڪِينَ ڪِين،
لوچ لوڙائو هِنيين تان، لال! لَهندو ڪِينَ ڪِين.

دوست! ڏاڍا ڏيئي دِلاسا، ديس ڏارين تو وَڃين،
ري رِهاڻين تُنهنجي راڻا! رُوح رَهندو ڪِينَ ڪِين.

مُحب چِيو ميرا مَتي، مِيعاد ميڙي جو اَٿم،
ڏِينهن ڏاڍو ٿيو وَڏو، شايد اُلهندو ڪِينَ ڪِين.

سَڏ سَڄڻ جي ساڻ ڊوڙي، ٿيو هَڏن حاصِل پَساهه،
مَر ڏِسي، جو مَرد ڇَڻي، مَڙهه مُئي نَهندو ڪِينَ ڪِين.

’آئون‘ عاشِق چِيو نہ آهيان، ڪُوڙ ڪو ڪوهيس ڪِيو،
آهِه قادِر ري ڪُنل، ڪا شَيءِ بہ ڪَهندو ڪِينَ ڪِين.

رَت وَهيو ريلا ڪَري، جِنهن جو چِيو حاذِق حَڪيم،
هِن پَٽيءَ ڪان پوءِ وَري، وِڍ ويڍ وَهندو ڪِينَ ڪِين.

وار چوڙي وِلهه اَندر، ويٺو قُطب پاسي قَريب،
ڪُڻ اُتر وارِي وُٺي، اَڄ واءُ وَهندو ڪِينَ ڪِين.

تُون ڏَٺيءَ سامهُون دَڙين، ٿيو سَڳ سَڳورو تو ڪَنان،
جو سَدا سائين سَمهُون پَئي، ٻَڄ ٻَهندو ڪِينَ ڪِين.

ناهِه قَيصر قَصر ۾، ڪونيون سَندس ڪاڏيون ڪَلر،
قَلب ۾ پايَئين ڪَڏهن، هِيءُ ڪوٽ ڍَهندو ڪِينَ ڪِين.

عَيب ’احمد‘ ۾ گهڻان، آهِس اَحد ۾ آسرو،
پاند پَروَر هيڪ ڪي، ٻِئي پيش پَهندو ڪِينَ ڪِين.

*

(٣٣٧)

مِهرباني ٻِي نہ مُئي، پَر مُنهن ڏيکارڻ ڪان ٻہ وِئِين،
آئون نِهوڙيَس تُنهنجي نيڻن، تُون نِهارڻ ڪان ٻہ وِئِين.

هِن جَڏي جِيءَ کي جِيارڻ ڪان ڏِنئي جاني! جَواب،
مانَ! مارين، پَر مِٺا مَحبُوب! مارڻ ڪان ٻہ وِئِين.

سُور چَئُو ڪِهڙا سُٺايان؟ سَڏ نہ سَڏ سامهُون ڏِيِين،
گهورِيو گوڏي تي گوڏو، گَڏ گُذارڻ ڪان ٻہ وِئِين.

دَر مَٿي دَرخواست ڏِنيَم، ٿار دِل يا ٻار دِل،
دِل نہ ٿاريئي دوست! دِل تي داغ ٻارڻ ڪان ٻہ وِئِين.

ساهہ مان پَرجي سَچو، آيَس سَلاميءَ لئي سَوار!
هاءِ گهوڙا! هِڪ گهَڙي، گهوڙو بيهارڻ ڪان ٻہ وِئِين.

جَڳ روئي ’احمد‘ موئي، عالَم سَچا اَرمان ۾،
لُڙڪ لالڻ! لاش تي تُون، هِڪ ٻہ هارڻ ڪان ٻہ وِئِين.

*

Gul Hayat Institute

(٣٣٨)

مَرحبا محبُوب مُنهنجا! مَرحبا آئين ڀَلين!
مُنهنجي ڀِنبڻين سِر پيارا! پير تُون پائين ڀَلين.

حُسن تُنهنجو حد لنگهيو، اِن ڳالھ ۾ اِنڪار ناهِه،
سِج سَڏائين تہ بہ سَجڻ! سَچ، چَنڊ پڻ چائين ڀَلين.

دَم سَندم دِلبر وَڃي، تِنهن جو نہ ڪَر دِل ۾ دَليل،
آئون گهوڙا! گهورِيَس، تُون گهور سين گهائين ڀَلين.

ٻِئي دَفعي دِلدار! ڏَڪ، ڪِنهن کي نہ ٿِئي مُوران مَعاف،
اِيءُ ليکو ٻِئي لوڪ سان، تُون لک دَفعا لائين ڀَلين.

دوست جي ديکي پِرُوڻءَ ڏانهن، ڪاله ڏِينهن قاضي چَيوم،
اِن طَرف نِيتي نمازُون، نِت مَٿو نائين ڀَلين.

عُمر سارِي ۾ اَچان، سِر ڀَر اَوهان جي دَر عَجيب!
چِيو نہ اَڳيان تو ڪَڏهن، ’احمد!‘ اَڳڙ آئين ڀَلين.

*

Gul Hayat Institute

(٣٣٩)

هِڪ جُدا جاني! مَ ٿِي، ٻيو جُلم جوڙين ٿُون پَلين،
ناز سين يا نار سين، نِت نِت نِهوڙين ٿُون پَلين.

اُو اَسان جو بُت نہ بِلڪُل، جِنهن اَچي اِيذاءُ تو هَٿ،
خُوب خوش آهيان، مَنجهس خَنجر بہ کوڙين ٿُون پَلين.

دوست! دامن مان اَوهان جي، دَست ڳَيندس ڪِينَ دَم،
خواهہ ميڙين، خواهہ مارين، مُٺ بہ موڙين ٿُون پَلين.

گهاءُ گهَٽون، ٿورو مِڙئي، هِت هُت مُحب! اَٿئي مَعاف،
ڪا نہ جَهل تو ڪان جِي، چيرا بہ چوڙين ٿُون پَلين.

وِير! ڪِنهن ويرمِ ڏِيان، ٻِئي ڪي چِنڻ، وَس مِ نہ وار،
پَر اِها پَر عام سين، اَگ اَگ اُکوڙين ٿُون پَلين.

ڏَڙ سَندم دَر ڏانهن ٿُنهنجي، ڳَر پِيَن دَستان نہ دُور،
آج اک جِي سين ڳَري، اَڏ اَڏ اُٿوڙين ٿُون پَلين.

ڪالهہ دِلبر دِل نيئي، اَج دِين ڏاري ٿيم دوست،
ساهہ سَنڌيَن مان اَچي، ٽِئِين وَقت ٽوڙين ٿُون پَلين.

قَلب ٿيو مُنهنجي نہ ڪَمِ جو، آئون ڪَڪ آهيان ڳَناس،
تِنهن وِجهي وَر وَنگ، وارن سين وَڪوڙين ٿُون پَلين.

هوت هَٿ ايندئي هِتان، هاڙهي هَلڻ ٿُنهنجو هُونهين،
مَنجهہ وِندر ڪانهي وِندر، وَٽڪار ووڙين ٿُون پَلين.

عِشق مِ ’احمد!‘ تو جِيئَن، اُڇليا اَمُلهہ ماڻڪ نہ ڪِنهن،
بَحر مِ بيشڪ ٻُبي ڏيئي، ٻانهن ٻوڙين ٿُون پَلين.

*

(۳۴۰)

دوست جو دِيدار ٿيو اَڄ، ڏار دَم ڪارين پَلين،
مَوت! موڪل آهِنئي، مارِي! اَچي مارين پَلين.

مَهند توڪان، مُحب مارِيَس، تِنهن ڪري پڻ مَلڪ مَوت!
پَس، پَسهه جي هُونِ تان، پارس! اَمر پارين پَلين.

ڏَڪ ڏِنيان پوءِ ڏُک ڪَنان، ٿا هَڏ رَڙن، ناهي حَيات،
وِير! وو وو ڪَن نہ ڪَر، وارِي مَٿان وارين پَلين.

وِچ سَمُوندن جي سَفينو، ٻِئي نہ حِيلي سين هَلي،
تَڪ وَٺي تارن جِي تِنهن، تارن مَنجهان تارين پَلين.

جي ڪَٽن خَنجر هَٿ مِ، خُون چِڪبا تِن ڪي خاص،
تُون دوناليون دِيد جُون، ڏاري اکين ڏارين پَلين.

مُون نہ ليکو توسين لاڙا! لَک لِڳان پيو ڪور لِڳ،
تُون سَندئي ٿورا، سَنگت سارِي وَٿان سارين پَلين.

جي اَسان جي پار اَﷲ، تان هَميشہ ڳَڏ حَبيب،
ڪَرَ! ڪَپُر ڪِينئي، وِچان ڪارِي ٻَني ڪارين پَلين.

ڪِينَ 'احمد' چَئي اَسان، لهندو اَنڌارو ري عَجيب،
خواهہ ٻانهان! ٻيءَ پَران، ٻارهن ڏِيئا ٻارين پَلين.

*

Gul Hayat Institute

## (٣٤١)

مُلڪ سارو مَٽ نہ تُنهنجو، ڏِين مُنهن کي مَک پَلين،
سَئو مَلڪ، حُورُون هَزارين، هُونِ لَعلُون لَک پَلين.

تُنهنجي خِذمت ۾ کَڙا وَڻ، گُل کَنيو هَٿ ۾ گِلاس،
واءُ ڪَرڻ لئي وِنجڻي، چُونس پَريءَ جو پَک پَلين.

چا مِني ٿِيندِي بہ ماکي، تُنهنجي مُرڪڻ کان مَلُوڪ!
چَئو، چَڪاسڻ لئي چَپن جِي، چاشنيءَ مان چَک پَلين.

تُنهنجي وارن مُلڪ واسيا، بَر بَحر بُوءِ بَهار.
ڏيهہ ساري ۾ ڏيکاري، ڪو مَچر يا مَک پَلين.

تُون نہ سُونهين سونَ سان، پَر سونُ توسان ٿو سُونهي،
جوت جوهر جِي بہ توسان، مَنجهہ بِلورن بَک پَلين.

چَندَ پَهرين رات جي کي، هِن پِرُون چَڏيو پَچي،
چَندَ چوڏهين رات جي سان، شَرط راڻا! رَک پَلين.

ٻيا هَزارين حُسن وارا، هَٿ ڏِيو هَليو وَڃان،
تُون بَغل ۾، پوءِ تہ پانيان، پيو هُجي پَل يَک پَلين.

هِيءَ نُمائش، هِي نَمونا، هِي نِظارا مَنجهہ نَظر،
دِل عَجبين ساڻ 'احمد!' آهِہ ٻِئي ڏي اَک پَلين.

*

Gul Hayat Institute

(۳۴۲)

جِيئَن ڪِٿَين خُوني اکيون، خَنجر هَٽِين تِيئَن ٿو وَٽِين،
جِيئَن هَٽِين تِيئَن ٿو وَٽِين، تِيئَن ٿو وَٽِين تِيئَن ٿو وَٽِين.

هِڪ حُسن اڳ ئي گهٽون، جِنهن جو نہ ڪُل جڳ ۾ جَواب،
ٻيو سَنواري سِينڌ سُهڻا! جِيئَن ٻَٽِين تِيئَن ٿو وَٽِين.

دوست! دامن مان نہ ڪَڍندس، دَست ڪِنهن دَستُور سان،
هِي حِنائي هَٿ هِنيين تان، جِيئَن هَٽِين تِيئَن ٿو وَٽِين.

سِر گُهرين، سو ڪِنهن نہ گُهرجي، پَر مِٺا! تُون مُون ڪَنان،
جِيئَن پُڇِين سُهڻا! نہ ڏِيندين سِر گُهٽِين تِيئَن ٿو وَٽِين.

تو پَدم پَهرين چَيو، پوءِ مُلڪ مُلهہ، پوءِ ٻَئِي جَهان،
جِيئَن وَڌائين دوست! قيمت، تِر ڪَٽِين تِيئَن ٿو وَٽِين.

مَوج اَبرُو مارِيَس، دَريا حُسن جي ۾ حَبيب!
جي لُڙهي اِن تار ۾، جِيئَن ٿو تَٽِين تِيئَن ٿو وَٽِين.

مُون مِنت ڪان مات ڪَئِي، وِرچن مَتان مُنهنجا پِرين،
پاڻ چَئِين پَٽ ٿِي پَلين، جِيئَن ٿو پُٽِين تِيئَن ٿو وَٽِين.

چِيو عَجيبن، عِشق وارِي آهہ سِيبائي اَسان،
دَرد پَرِيا! دَر تي دانهي، جِيئَن چِٽِين تِيئَن ٿو وَٽِين.

اُو نہ 'احمد' آهہ، جِنهن ڪاوڙ ڪَڙي تُنهنجي لڳي،
جِيئَن ڪُنڊل! ڪاريون اکيون، ڪاريون ڪَٿِين تِيئَن ٿو وَٽِين.

*

Gul Hayat Institute

## (٣٤٣)

مُحب! مَطلب ٿيَن مِڙيئي، مُنهن ڏيکارين جيڪڏهن،
غَم لهن غَمناڪ جا، گَذجي گُذارين جيڪڏهن.

دُور پَندان ڌار ڌَڙ ڪان، سِر ڌَڙا ڌَڙ دَر مَٿي،
نيڻ نائي ناز مان، نازُڪ! نِهارين جيڪڏهن.

صُبح ٿيو، سَمجهن سَپئي، جاڳي پَوي جُملي جَهان،
مُنهن مَٿان ڪِنهن وار، واري وار وارين جيڪڏهن.

لَب اَٿم، لَب ساڻ مَطلب، ڪَر نه ڌارو ڌار لَب،
هِيءُ جَڏو مُنهنجو جِسم، جاني! جِيارين جيڪڏهن.

هِڪ سُجهي سالِمِ سُتڙ، ٻيا ٻاهتر اُونهان عَميق،
تار هِيءُ مُون ڪان نه تَرجي، تُون نه تارين جيڪڏهن.

سَئو سَڏائن سيڪڙُو، سَپني سَندي پَئي سُڌ سَماءُ،
هَٿ ڪَري ڪاتي ڪُهڻ لئي، ڪوٺ ڪارين جيڪڏهن.

آهِه 'احمد' اُن مَنجهان، جي اَڌ اَڌيءَ پاسي ٿيَن،
ڏِس سَڏي سُوريءَ تي سُهڻا! سَچ نه سارين جيڪڏهن.

*



Gul Hayat Institute

(٣٤٤)

سچ! مُنهنجو سَچڻ سونُ سَچو، سِڪ ته سِڪائين،
جي لال! لِڳن ڪان ٿو لَڄين، لِڪ ته لِڪائين.

مِهمان ٿيو مِهر سان هِن مَهل مُهائين،
دِلبر ڪي چَوي دِل، ته پ تَڪ، تِڪ ته تِڪائين.

چوٽي چَڳن ۾ ته هِي، چُون چُون نه چَوان پي،
داڻي تي پِيين دام ۾، دِل! چِڪ ته چِڪائين.

هَر پار مَتا هُل، قَرنفُل ۾ ڪَڙهن گُل،
بِي چُر نه چُرڻ جاءِ، چوَن چِڪ ته چِڪائين.

جي وِهه نه پيئين، وِهه مَ وَنهيان! وات وَهين وَٽ،
تِنهن مان ڪو تَسو تُرت، تُسي تِڪ ته تِڪائين.

اِنسانيَت اِنسان تي اِحسان عَجب آهِه،
جو ڏور ٻَني ڏول مان، چَئو ڏِڪ ته ڏِڪائين.

اَڏ رات ٿَئي 'احمد' اِلهامِ اِلاهي،
دَرياءَ ۾ دُنگي دُور، ڏِڪو ڏِڪ ته ڏِڪائين.

*

Gul Hayat Institute

رديف (ڻ)

**(۳۴۵)**

رَت رُوان ڏِينهن رات راڻا! رُوح ۾ تُنهنجي رِهاڻ،
مُون نہ وِسرن مُور ماڻا، رُوح ۾ تُنهنجي رِهاڻ.

عَرش گُهميَس، فَرش گُهميَس، خاڪ تا اَفلاڪ پاڪ،
بَحر، بَر، ٿَر ٿاڪ ٿاڻا، رُوح ۾ تُنهنجي رِهاڻ.

مَنجهہ پَرستان جي پَرِيَن، يا حُور، غِلمان ۾ هُجان،
جِت بہ سَهڙان اَي سِياڻا! رُوح ۾ تُنهنجي رِهاڻ.

ڪُونجڙيون، قُمريون، ڪَبُوتر، ڪيترا ڪُٽڪاٽ ڪَن،
تُنهنجو سَڏ سَڀ ۾ سُجاڻا، رُوح ۾ تُنهنجي رِهاڻ.

سِج، سَجڻ! تو ري نہ ڏِسجي، سيج سُوري تو سَوا،
تا وِهاڻي وِهہ وِهاڻا، رُوح ۾ تُنهنجي رِهاڻ.

چانڊ چُمندي جا لڳي، ڇَهري مَٺي ڇِپنِي مِٺي،
مُلڪ تِنهن جو مُلهہ نہ ڄاڻا، رُوح ۾ تُنهنجي رِهاڻ.

ڪَئين بَهادُر بادشاهہ، ۽ ٻي ٻَها دُر ٻي شُمار،
دوست! تو دَر سَڀ وِڪاڻا، رُوح ۾ تُنهنجي رِهاڻ.

ساهہ مُون ۾ سَئو هُجن، تہ بہ تو سَوا ٻي ساهہ ٻُت،
نيڻ تو ري نِت نماڻا، رُوح ۾ تُنهنجي رِهاڻ.

Gul Hayat Institute

مُشڪ مُشڪي زُلف وارا! حَل مِڙئي مُشڪل ٿيَن،
ٿِين ساوا سَنڌ ساڻا، رُوح ۾ تُنهنجي رِهاڻ.

دوست! مُنهنجي دِل ڦُرڻ لئي، ديس ۾ ڪَن ويس ڪَئِين،
هِت هَلن تِن جا نہ هاڻا، رُوح ۾ تُنهنجي رِهاڻ.

عِشق ’احمدؔ‘ جو اَحد سان، ڳوڙهہ مَڪيَن ڳُڙ مَٺي،
ڪوڙ سان ڪَن قُرب ڪاڻا، رُوح ۾ تُنهنجي رِهاڻ.

*

Gul Hayat Institute

## (٣٤٦)

نہ سَهنم سَڄڻ، ساھہ سيرينِ پڻ،
نہ کُهنم، ڪَشي ڪان ڪيرينِ پڻ.

مِثل تِير تارا تہ اَبرُو ڪَمانَ،
ٻَلا جِيئَن پَنپا وار پيرينِ پڻ.

سُمهان جي تہ سَنگهرن ۾ سوگهو سَرير،
گُهمان جي تہ گهورُون ٿيون گهيرينِ پڻ.

هَنجن لئي هَنجُون هيج جُون هَنج ۾،
هِنيون هُو هِيرن سين هيرينِ پڻ.

نِيريان نہ نِبري، نِيرڻ نہ نِيڪ،
کٽي نِينهن، هُو جي نِيرينِ پڻ.

گُهريَم شَهد شِيرينَ لَب مان لَغار،
تہ شِيرين ٻجا، پَنجہ شيرينِ پڻ.

ڪِرِيَس دَرد دُوريءَ ڪَنان دَر مَٿي،
ڪَڏهن دوست مَن! دَست ڦيرينِ پڻ.

نہ 'احمد' کي آرام اُن کان اَلگ،
نہ دَر تي سَهي دوست ديرينِ پڻ.

*



Gul Hayat Institute

ردیف (و)

(۳۴۷)

خَوف پيو سَڀ خَلق ۾، خُوني خُماريا نيڻ تو،
مَحبتي مَيدان ۾، مَحبُوب! ماريا نيڻ تو.

ڪي لڳن چاتيءَ ۾ چيرا، چِرڪ ڪِيندي پيا چَٽي،
مَنجهه اَنبُوريءَ جي اَٽِڪِن، عاشِق اُپاريا نيڻ تو.

مارِيا مَنصُور جِهڙا، مَرد تُنهنجي مامري،
سَڌَ ڪَري سُوريءَ مَٿي، سَهسِين سَنواريا نيڻ تو.

وار ڦاهِي دِل ڦُرڻ لئي، تِر مَٿي طِلسم تَمام،
دام ۾ داڻو رَکي، دانا ڏُتاريا نيڻ تو.

ڳُنڍ هَنيَل ڳَهرا گُلابي، مَست مَتوالا مُدام،
مَنجهه اَندر آهُو وَٽي، چَوسُول چاريا نيڻ تو.

مَنجهه جِگر جاڳائيا، جادُو اکيَن جي جوش جَل،
ڪيترا ڪامِڻ ڪَري، سين ڳَهر ڳاريا نيڻ تو.

ڪالهه ڪَئي ٿي قَول، مُنهنجي قَتل ڪارڻ ڪارٽي!
اَج پِيارا! پَس نه سي، سَڀ پِڙ ۾ پاريا نيڻ تو.

ماڻڪيون مَحبُوب مُنهن ۾، جي رَهن ڪاريون قَريب!
اُو دونالِيَن لاءِ دارُون، دوست! ڏاريا نيڻ تو.

Gul Hayat Institute

مُون نه ماريندي مُلڪ، توکي ڏِنو توڙان تَمام،
جَڳ چَوي ٿو ڪَئين جَڏا، جانِب! ڄِياريا نيڻ تو.

ڪاهي آيو ڪو ڪَٽڪ، يا باز وِيئو مَنجهه بَدن،
سِينگ سامهين ڪا چُٽي، يا ساهه ساريا نيڻ تو.

توبچي تَحقيق آٽي، مُنهنجي مارڻ لئي مَلُوڪ!
ڏيئي بَندُوقون باغ ۾، ڦيري بيهاريا نيڻ تو.

ويو لهي اُن ڏِينهن کان، 'احمد' عُمر جو آسرو،
سَچ، جَڏهن سُرمون وِجهي، سُهڻا! سِينگاريا نيڻ تو.

*

Gul Hayat Institute

(۳۴۸)

ڏُکي دِل دَرد کان دِلبر! دَوا دارُون نہ ڏارا تو،
پُڇِن بيا پَر پِرِيَن پارا، نہ پاراپو، نہ پاراتو.

اکِيَن سان آزمايو اَڄ، تہ تو سامهُون سَڄڻ! گُم سِڄ،
نہ چاڻان ڏِئي وَراڪا وِچ، ڪِ اِن پاسي پَسارا تو.

نہ تو وَٽ حال مَنجهہ حَلوي، بيهِين سامهُون تہ پَئُو بَلوي،
جَهڪا جوهر ڪَيا جَلوي، چُڪايا چَنڊ تارا تو.

نَلهو حُورن پَرِيَن جو هُل، لِکِن توسان نہ لَعلُون ڪُل،
تُون گوهر گَنج مان، تُون گُل، سِجهايا مُلڪ سارا تو.

چَوِين راڻا! رُنو آهيان، اِنهن ماڻن مُنو آهيان،
اکِيَن ڪارِيَن کُنو آهيان، بَنايا تِير تارا تو.

وَڃي وَئي سِينڌ سَنئِين سُهڻا! موهِين مُنهن ساڻ مَن مُهڻا!
چَنڊو آئِين ٿو هَٿ ڇُهڻا، ڪَنان مُون ڪِيا ڪِنارا تو.

ڪَجل پائي تو ڪَر موڙيا، تہ بيٺل بيٺ کان توڙيا،
چُنڻ چا جو؟ جَڏهن چوڙيا، کُلهن سِر وار ڪارا تو.

نَنڊي هُوندي لِڳا نِينهڙا، اکِيَن مان بي مَهل مِينهڙا،
گُذاريا پاڻ گَڏ ڏِينهڙا، اُهي ڪي ياد يارا! تو.

ڦُري مُون کان فَهم، فَرحت، صَبر، ساڃاءِ، سُک، سَرهت،
ڏِنان هَي هَي! هُنَا ڪَر هِت، اِهي سَڀ هَٿ اُڌارا تو.

سَڄڻ! شاهِد سَڄوئي جَڳ، تہ ’احمد‘ اَڳ نہ پَرِيو پَڳ،
ڪُنس تو ڪالهہ اَڄ پڻ اَڳ، اکِيَن سان ڪِيا اِشارا تو.

*

Gul Hayat Institute

(٣٤٩)

موٽ تُون مَحبُوب مُنهنجا! مامرو ماريِ ٿو،
سُور اُڌميو، اَڌ ڪَريو، اَڌ رات اوٺاريِ ٿو.

مُنهن مُهاندِن مُحب! تُنهنجي، مُلڪ ۾ ڪو ناهِه مُور،
هِڪ سُونهپ سُهڃاڻ سِڄ، ڪِنهن ڏِينهن ڏيکاريِ ٿو.

دوست! توکان دُور ٿيان پوءِ، دَرد پَلٽيا دِل مَٿي،
ڏُور لاءِ تُون مَ ڏِينهن، ڏُک ڏِيل کي ڏاريِ ٿو.

دوست! دُنيا کان پَچي تو، دُور دَرٻاريون ڪَيون،
آهِه خِلوت خُوب ٿِي، پَر خَر وِچان ڪاريِ ٿو.

ساهه ڪِيئن صاحِب وِساري؟ جي سَڄڻ وَڏ سِڄ ڪَنان،
سَخت ڳالهائن سُخن، ته ٻه ٿَپ هِنيِن ٺاريِ ٿو.

توسين گُل! ڏِينهن گَڏ گُذاريَم، خواهه ڪَندو ڄاڻين قَريب!
ڳَل ڏِيو ڳوڙها وَهن، ڳُوڙهو سَنگت ڳاريِ ٿو.

مَهند موڪل مُون گدا کي، ٿِي نه مِيرن وَٽ مِلي،
وِک وِڃهان پُنتي ته، وَنيو واڳ نِينهن واريِ ٿو.

هَر پَکي، پانڌيءَ ڪَنان، پَر ۾ پُڇائون ٿو ڪَريان،
ڪَر خَبر، ويٺم وِساري، يا سَڄڻ ساريِ ٿو؟

آهِه اِيءُ 'احمد' اَصل کان، دوست! اَهنجي دَر غُلام،
ياد ڪِڄ، گَهٽ هيڪ گولو، ڏِينهن گَهنگهر گهاريِ ٿو.

*

Gul Hayat Institute

(۳۵۰)

جَڏهن ڪاڪُل ڪَري ڪُنڊڙا، سَڄڻ! لَوٽن تان لاڙين ٿو،
مَٿم دَر دِين جا دِلبر! تَڏهن ڏِيو طاق تاڙين ٿو.

جِيارڻ جِي سَندم جيڪر، اَٿئي مَرضي مِٺا جاني!
ته پوءِ ڇا ڪان سَدا سُهڻا! سِڪايو ساهه ساڙين ٿو؟

سَڄڻ! آئي سَبب تُنهنجي، صَفا سِج صاف ٿيو اُپري،
مَگر مَٿيو مِٺن تان وار، واريو تِنهن کي واڙين ٿو.

سُٺي سَرتاج سُهڻن جو، هَلي اِنصاف لئي آيَس،
نه ڄاڻم ڄام! تان ڪو تُون، رُڳو ناحق تي ناڙين ٿو.

سُٺائين ٿو سَڄڻ! سُوريءَ جو سَڏ ٿيندم سُپا سِر تي،
اڪيَن ڦيرڻ ۾ ڪَر فُرصت، ڦَٿيو اڳ نا ته ڦاڙين ٿو.

Gul Hayat Institute

نِهارڻ سان تُنهنجي نازُڪ! پيَس ناگاهه نيزن وِچ،
ڪُهڻ لئي ڪات بيا ڪِهڙا، اَجان اَرڏا! اُگهاڙين ٿو؟

نڪو اڳ پير 'احمد' سان، نڪِي جانيءَ سَنديون جايون،
اُٿيو ڇاڪاڻ آڏيءَ ڪَر! اَجايا پَٽ اُهاڙين ٿو؟

*

**(٣٥١)**

سَڄڻ سُهڻا! سَدا سَرڪش ٿِيِن ٿو،
نِهوڙيو ناز سين نازُڪ! نِيِن ٿو.

نَزاڪت نازڪيءَ سَبيان نِڙيءَ مان،
بَکي پاٽي، پِرِين! جِنهن پَل پِيِن ٿو.

اَٿئي مَنجهه مَغز مَغرُوري مُدامي،
دِلاسو ڪِينَ دِلبر! دَم ڏِيِن ٿو.

سَدا سارِيان، نه ڪِنهن ويلي وِسارِيان،
هُرِين هَر وَقت، هَردمِ مَنجهه هِنيِن ٿو.

وَجين ڏاڙو هَنيو دِلدار! هَر بار،
نِيِن دَمِ رُوح، دَمِ راحت نِيِن ٿو.

نَشي ڪَئين نيڪ گَدِيا تُنهنجي نيڻ،
ڏِسان مَستان مُفتيءَ مِيِن ٿو.

ڪَڏهن اَحوال 'احمد' کان نه پُڇيان،
ته مُئين يا مِيان! جاڙون جِيِن ٿو؟

*

Gul Hayat Institute

**(٣٥٢)**

سُتا جاڳائي سِج اُڀري، مُئا جاني! جِيارين ٿو،
جَڏهن محبُوب موچارا! مُنوَر مُنهن ڏيکارين ٿو.

هُدو آهي تو هَٿ سُهڻا! مِثل دائُود جي دائم،
دِليون دِلدار! لوهہ جِهڙيون، مَٿايو ميڻ ڪارين ٿو.

هَزارين ڪان هِينئڙي ۾، کُپيو رَهنم کَنِپن سُوڏا،
جَڏهن ڏِيو ناز نيڻن کي، سَمهُون نازُڪ! نِهارين ٿو.

مِٺا محبُوب! مُنهن کوليو، مَٿين هَر مَهل مُون مَهندان،
ڪَري گُهنڊ گهور سان گهايَل، گهَڙي پوءِ گَڏ نہ گهارين ٿو.

ڪَڙائي ڪانہ پُڇي ڪا، ڪَڏهن تُنهنجي ڪَلامن مان،
مَنو چَئين تہ بہ مِنو پانيان، مِٺائيءَ ساڻ مارين ٿو.

مُلڪ اَهنجي ۾ ماڻيتا! مُسافر ڪَئِين مُندُون آنديون،
ڪَڏهن گُهتو نہ ڪَئي گوهر! نہ گولا! ڪِيئن گُذارين ٿو؟

اَوهان آهر اَنجامن تي، اُپو ڦيري اکيون 'احمد'
پَدم لَک پَدمٽا! بولُون بَڌين، پَر هِڪ نہ پارين ٿو.

*



Gul Hayat Institute

## (٣٥٣)

ڪَڏهن ڳَڏ گُلبدن! ٿيندين؟ گَهنگهر ۾ ڏِينهن گُذاريان ٿو،
سُڄون سِر تي سَهيو سُهڻا! صَبر ۾ ڏِينهن گُذاريان ٿو.

ڪِٿان ٿيو جام! مُنهنجو جَم، قَضا ڪيڏانهن اَڙايم ڪَم،
مُلڪ مُنهنجو مَڪو، تو لئي مِصر ۾ ڏِينهن گُذاريان ٿو.

مُون کي بَر ۾ بيهاري وِئين، سَفر ساجن! سِڌاري وِئين،
وِڇوڙي کان ڪَريو وو وو، وَپر ۾ ڏِينهن گُذاريان ٿو.

هِنيون پُونءِ سان هَنئَي پيري، سَڄڻ! نِئَي ساهه کي سيري،
بَدن باقي رَهيو بَيران، بَر ۾ ڏِينهن گُذاريان ٿو.

وَٺيو واٺون ڪَريان وو وو، هِنيين تي هَٿ هَڻان هَي! هو،
هَنجُهون هوريءَ ڳَنان هاريان، حَشر ۾ ڏِينهن گُذاريان ٿو.

سَڄيون سالُون سِڪان ساريان، ڪَڏان ڀاڦون نه وَڻ ڀاريان،
مَگر آئون، مُحب مُنهنجا! مَگر ۾ ڏِينهن گُذاريان ٿو.

وَرڻ وارِي ڪَجا تَڪڙا، وَلِيَن مُون کي وِڌا وَڪڙا،
پَکِيَن پاڙو ٻَڌو اِن پَٽ، پَهر ۾ ڏِينهن گُذاريان ٿو.

هَليو هَفتي اڳيين ۾ ويو، حَقيقي ساهه هِيٺي جو،
پِرين! تُنهنجي پَسهه سان، هِن پَهر ۾ ڏِينهن گُذاريان ٿو.

لڳن شل! واءَ نه ڪِنهن ويرا، مَٿان پِرِيَن ڦِٽن پيرا،
ويو جِنهن واٽ، وَٺيو سا، وِندر ۾ ڏِينهن گُذاريان ٿو.

Gul Hayat Institute

قَمر قاضي قَمر سان گڏ، ڪَريان مَنجهہ رات ڪارِي سَڏ،
عُمر اَرمان اولاڪي، اَپر ۾ ڏِينهن گُذاريان ٿو.

اَمر مُوتُوا سُٽي ’احمد!‘ عُمر جو آسرو لاٿم،
ويا ڪانڌي ڪَري قابُو، قَبر ۾ ڏِينهن گُذاريان ٿو.

*

Gul Hayat Institute

(٣٥٣)

نيڻ ڏاڍي ناز مان، ٻاجهئون سَجڻ! ٻوڙين بيٺو،
مُنهنجي مارڻ لئي مِٺا محبُوب! ڪَر موڙين بيٺو.

يار! گهايَس گهور تُنهنجي، غَم ڀَريو غمزن ڪَنان،
جِيءُ، جُسي، جِند جان ۾، خُوني خَنجر کوڙين بيٺو.

سُونهن نہ تو سَيڪا سَري، پوءِ ڇا سَبب سُرمون وِجهين؟
جان مُنهنجي لئي جُڪس، جانِب! جَنجل جوڙين بيٺو.

لَئُون لڳيان پوءِ لال! تُنهنجي، ٻُت ٻَچائي ڪِيئَن سگهان؟
پاڙ کان پَرهيز ڪي ڏِس، ٿَڪ ڏِيو توڙين بيٺو.

مَنجهہ اکيَن 'احمد' چَوي، ڪي جي دونالين ڏارِيَن،
سي سِڌيون سِيني اَندر، ڇيرا وِجهيو ڇوڙين بيٺو.

*



Gul Hayat Institute

(٣٥٥)

گُل گهٽان گُلزار ۾، پَر اَڄ گَڏيَمِ گُل واهه جو!
سَروَ قَد، سِينون سَمن، سِر وار سُنبُل واهه جو!

مُنهن مِٺي مَحبُوب جو، ڪَر مَشعلو مَحلات ۾،
تِن تَجَلين تَن تَپايم، هِيءُ تَجَمُل واهه جو!

سِڄ سَدا سُهڻو گهٽون، مُنهنجو سَڄڻ سِڄ کان به صاف،
ڇا تَجَلي! ڇا تَجَمُل! ڇا ته جَمُل واهه جو!

خاڪ کان اَفلاڪ تائين، فَرش کان تا عَرش پاڪ،
ٿو هَلي هِن حُسن تي، هَر هَنڌ هُل هُل واهه جو!

ڇَوسرو ڇوٽو ڇَندن جو، ڇَشم ڇَنبن جِيئَن ڇُپن،
باز بَحريءَ ڪي ڏِٺم، پَر ۾ بيهي ٻُل واهه جو!

گهور گهُرجي گُلبدن! گهوڙا! مُيَس تان گهورِيَس،
مَوت ڪِنهن موتي هَٿان، خود موتيو ڦُل واهه جو!

ڪات ڪِهڙا ؟ ڪاٽ ڪِهڙا ؟ جي ڪَرين ڪاوڙ قَريب!
قَتل لئي ڪاريون اکيون بَس، قَيد ڪاڪُل واهه جو!

جي ڪُهن تان ڪَنڌ ڪاٽي، هيٺ قَدمن ڪِر قَريب،
تان ڪُنل جو ڪو ڪيئون، ڪيڏو قَدر ڪُل واهه جو!

آس 'احمد' کي اَحد ۾، سو ڪَندم اوڏا عَجيب،
تار تِک طُوفان ۾، تُرهو تَوڪُل واهه جو!

*



Gul Hayat Institute

(٣٥٦)

ناهِ ثاني ڪو سَدا، سُهڻي سَجڻ سَنيهار جو،
مُلڪ سارو مَٽ نہ پانيان، هِڪ مُحب مَهندار جو.

سِڪ پَڳا سَپ سُک سَندم، ساريان سَجڻ سارِي چَمار،
دَرد دِل ۾ ٿيو زِيادہ، دِلربا دِلدار جو.

ڦَٽ پيَم ڦِڦڙن مَٿان، ڪِنهن فِڪر ۾ ڳاريَس فِراق،
ڪِيئن ٿِئي مِسڪين سان، ميلو مِٺي مَٺار جو؟

ڪُرشون قاصِد! وَڃي ڪَڄ، ڪي اڳيان ڪامِل قَريب،
مَن! دِلاسو ڪو مِلي، دِلبر وَٽان دِيدار جو.

پاند پائي پوتيون، پِريَن ڳنان پانڌي! پُڇيج،
ٿِي ڀِلو سَگهندو ڀَلا، ڪو هِن بَندي بيمار جو؟

طرف ساجن جي سَدا، سَپڪنهن هَنڌان چايان سَلام،
مانَ! پَر پوئي ڳڌهن، پَيغام ڪو پينار جو.

مُون ڪَيون مِنتون مِلڻ لئي، مُنهن مَٺي مُرڪيا مُحب،
آهِہ اِن اِنڪار ۾، مُون آسرو اِقرار جو.

مُنهن ڏِسڻ مَحبُوب جي ڪان، بَند اکيون بِلڪُل نہ ٿِين،
تِير توڙي ڪو اَچي، تارن سَمهُون تاتار جو.

مَوت مُون مَنظُور ڪِيو، مَحبُوب جي مِژگان ڪاڻ،
آهِہ سِڪنديَن لئي سَدا، سُوري سَبب سِينگار جو.

لقب ڪوٺايو ڳَندائي، آهِہ 'احمد' اِن سَبب،
ڪِنهن گهَڙي ڳَڌجيم تان، مَن! گُل چَمن گُلزار جو.

*

(٣٥٧)

اَلله عالمَن جو، اِظهار هِڪ اَسان جو،
قادِر ڪَريمُ ڪُل جو، ڪَلتار هِڪ اَسان جو.

ڪونهي جَهان جَڳ ۾، جيڏو جَبار دائم،
مِڙنيان مَلُوڪ مالِڪ، مُختار هِڪ اَسان جو.

ڪِنهن ڏِس تي ڏَس نہ پِئي جو، ڏوريام ڏيهہ ڏُونگر،
سَمجهيَم نہ آهہ صاحِب، سَتار هِڪ اَسان جو.

ڳولا اُهي ڳِيهر ۾، سَردار سَرس جِن جا،
سارج سَدائين سائين، سَردار هِڪ اَسان جو.

ڳولا ڳهٽن دَرن جا، هَرڪا ڳهڙي ڳِيهر ۾،
آڳو عَجيب اَعليٰ، اِسرار هِڪ اَسان جو.

ڳولا ڳهٽن دَرن جا، ڳُوندر اَندر ڳُذارِن،
اَلحمدُ لِلہ! آهي، آڌار هِڪ اَسان جو.

ڳولا ڳهٽن دَرن جا، ڳهارِن نہ خوش ڳهڙي ڪا،
دائم دَيان، داور، دادار هِڪ اَسان جو.

Gul Hayat Institute

پِئي جِي نہ پاڄهہ پائيون، پيو بَلڪہ ڪِينَ پُڄهيون،
حاڪِم حَڪيم بَرحق، هَر پار هِڪ اَسان جو.

لَت لات ڪي لڳايون، عُزا، مَنات پڻ مات،
غالِب غَني ۽ غافِر، غَفار هِڪ اَسان جو.

عِيسيٰ، عُزير ٻانهان، مَريمِ ٻه مَحض ٻانهِي،
تَحقيق رَب تَعاليٰ، تَڪرار هِڪ اَسان جو.

ڪُل مُلڪ مِلڪ مالِڪ، ٻانهان ٻه مَلڪ مِڙئي،
جوڙي جَهان جَڳ ڪي، جَبار هِڪ اَسان جو.

پُٽ بَخشيو نه پَروَر، پوءِ پِير ڪان مَجيون چو؟
ڪونهي قُبي قَبر ڪان، ڪَم ڪار هِڪ اَسان جو.

ٻانهُون ٻَڌي نه ٻِئي دَر، ٻانهان نه ٻِئي ٻُڌايون،
ڏِينهن رات ڏات ڏِئي ٿو، ڏاتار هِڪ اَسان جو.

پُوڄِين مَڄ مَجوسي، ميلا ٻه مُلحدن ڪَم،
ڪَريون نه ڪَم ڪُفر جا، قَهار هِڪ اَسان جو.

اَللهُ هِڪ اَحد ري، آهيون اَندر اُونداهي،
صاحِب سَتار سوئي، سِينگار هِڪ اَسان جو.

اَللهُ نُور آهي، اُپ، آسمان، پُونءِ جو،
ڪونهي جَبار ڏاران، جِنسار هِڪ اَسان جو.

هِڪ راڄ ۽ ٻه راڄا، اِيءَ ڪا رَسم رَوائي؟
اِيءُ نَقل نيڪ نافِع، نِروار هِڪ اَسان جو.

مَلڪُوت مُلڪ سارا، سي مِلڪ هيڪ مالِڪ،
واندو نه وَصف تِنهن جِي، ڪان وار هِڪ اَسان جو.

سُک ساهه هيڪ صاحِب، صُحبت سُونهي نه ٻِئي جِي،
مَحبُوب خُوب مِڙنيان، مَنتار هِڪ اَسان جو.

Gul Hayat Institute

پُنهُون پِرين سَسُئيءَ جو، موکُون ميهار سُهڻي،
پَر آهِه دوست دِلبر، دِلدار هِڪ اَسان جو.

صاحِب سَتار هِڪڙو، تِنهن کي سِڪُون سَدائين،
يا رَب ياد ياور، ۽ يار هِڪ اَسان جو.

بُلبُل ڪَري ٿِي قُل قُل، ڪُل آهِه قُل هُوَ اللهُ،
گُفتو گهڻون نه گهُرجي، گُلزار هِڪ اَسان جو.

بيلي بيو نه ڄاڻون، بولِي وَٽِي نه ٻِئِي جِي،
’احمد!‘ اَحد اَحد ٿيو، اَذڪار هِڪ اَسان جو.

*

Gul Hayat Institute

(۳۵۸)

يا ڏِٺو، يا ڏِٺهن ٿيو، يا گُل ٽِڙيو گُلزار جو،
يا قَمر، يا شَمس هِيءُ، يا مُنهن مُحب مَهندار جو.

يا چَمن چَمڪار ڪِيو، يا چَنڊ چوڏهين رات جو،
يا پَري، يا حُور، يا دَرسن ڏِٺم دِلدار جو.

باغ ۾ يا زاغ، يا ڪَعبي اَندر ڪافر ڏِٺم،
يا تَماشا تِر ڪَري، جو راهڪُو رُخسار جو.

شام، يا هِيءُ دام، يا ڪو نيش هَڻندڙ نانگ آهِ،
زَهر، يا زَنجير هِيءُ، يا زُلف زيبندار جو.

تِير، يا هِيءُ توبچي، يا آهِ خَنجر خَوفناڪ،
يا ڪَمان وِچ ڪان آهي، چَشم جِي چَمڪار جو.

يا وُٺي جو واءُ وَريو، يا تار ۾ تُرهو تَريو،
مَوج، يا مِحراب، يا اَبرُو اڪِيَن جي تار جو.

جَهلڪندڙ ياقُوت هِيءُ، يا قُوت آهي قَلب جو،
يا تہ آهي لَعل لَب، غُنچا ڪَري غَمخوار جو.

يا اَمُلهہ ماڻڪ اَڇا، يا دوست جا دَندان هِيِ،
يا سَندو دِلبر دَهن، يا دُرج دُر شَهوار جو.

توف، يا طُوفان، يا لَشڪر لَڙائيءَ تي چَڙهيو،
يا عَجيبن مَنجهہ اڪِيَن، سُرمون وِڌو سِينگار جو.

Gul Hayat Institute

يا ڀلو بَيتُ المقدس، آهِ، يا ڪعبو ڪَريمُ،
عَرش، يا اُپ آهِ، يا دَر دوست جِي دَربار جو.

بُلبُلِ بيمار، يا تُوتي شَڪر گُفتار آهِ،
اَثر 'احمد' کي رَسيو، يا عِشق جي آزار جو.

*

Gul Hayat Institute

(٣٥٩)

مِنا دِلدار! وِئِين دِل تي، دُکائي داغ دُوريءَ جو،
سَليان چا ڳالهه سُورن جِي؟ سَماءُ توکي سَمُوريءَ جو.

ڪِجان ڪامان ڏِسيو خالي، اڱڻ، اَيوان، اوطاقون،
سَدا سُهڻا! سَفر تُنهنجو، سَبب ٿيو ناصبُوريءَ جو.

سَوالي ٿِي سَوين سالُون، مَٿي دَر دوست! تو دانهيَم،
نہ ڪَئي دارُون دَوا دِلبر! ذَرو هِن غَم ضَرُوريءَ جو.

سَجي ناهِم سَڄڻ! ڪا سَند، ڏِسين جي هُوند چِيري چَم،
تہ ڪَر پَوني پِرين! پاڻهين، پَتو هِن ڳالهه پُوريءَ جو.

پَلائيءَ ساڻ ڪَر پيرو، اِنهيءَ پيٽيءَ تي ڪِنهن پيري،
رَهيو جِنهن راهہ تي رائو، سَندم چِت چاڪ چُوريءَ جو.

چِٽي ڪو ڪان چَشمن سان، وَڍي، چِچري ڪَيئي چِيرُون،
اکِيَن تُنهنجن جو آهي اِيءُ، اِشارو مَٺ اَنبُوريءَ جو.

چَڙهي اِثبات کي اوري، اَنا الحق جي طرف آيَس،
سَڄڻ! صُحبت سَندئي لائق، ڪيَس سِينگار سُوريءَ جو.

مُحب! ماڻهون مِنائيءَ جا، رَهن مَنجهہ مُلڪ ماڻن جي،
خُدا چاڙهي تہ خود جاني! اَٿئي ڪيپو ڪَٿُوريءَ جو.

پَڙهيو پُختو پِرين! توکان، اکر ڪو عِشق جو ’احمد‘
سُتت وِسريَس سَبق سارو، ڪَنز، ڪافيا، قُدُوريءَ جو.

*

**(٣٦٠)**

ڪَڏهن لالڻ! لَڙي لِڪ سين، نه پُڇيان لَڪ لُڙهن پيا ڇو؟
ڇَڙهيو ڇِپيو وَڃين ٿو، پَر نه ڇورين ڇَپ، ڇُڙن پيا ڇو؟

ٻَلا! ٻُلجي نه ڪِيو ڪو تو، ڪَڏهن بيمار تان پيرو،
نه پُڇيان واٽ ويندين، واهه وَڻِيَن مان وُڙهن پيا ڇو؟

ڪَري دَر پُور وِيٺين دوست! دَر تي دَرد جُون دانهُون،
نه گهوڙا! گوڙ هيڏي ۾، ڪُڇو ٿا ڳِهند ڳُڙن پيا ڇو؟

ڏِيئي جائز جِيين جاني! نه جائز پوءِ مَنٺ هِيءَ جاءِ،
مِلن مُنهن تي مُون کي مِهڻا، نه مَن مُهڻا مُڙن پيا ڇو؟

ٻُرن ٻُلبُل، ڦُلاريا ڦُل، ڪِ مُنهنجي گُل مَٽي هِيءُ هُل؟
شَمع ڪا يا شُعاع تُنهنجو، پَتنگ پِڙ ۾ پُڙن پيا ڇو؟

ڇَيو مَحبُوب هِيءُ مَندِل، ڪِ مُنهنجي مَرحبا ۾ سَپ؟
تَڏهن مُنهنجا جُڙيا جاني! جَشن جَلسا جُڙن پيا ڇو؟

اکيَن جي هِڪ اِشاري سان، اَڏيءَ تي آهِه پيو ’احمد‘
ٿيو ٻيرا ٻه ٿي ٻيرا، اَجان ڇيرا ڇُڙن پيا ڇو؟

*

**(٣٦١)**

وِهو اِن ويڇڙائيءَ ۾، وَريو واحِد وِسارين ڇو؟
ڏِئي هِيءُ حال هاديءَ کي، هَنجُهون هَردم نه هارين ڇو؟

مَ ڪَر زورو زَبردستي، هِدايت ناهِ مَنجھ هَستي،
ڇڏي مايا سَندي مَستي، نه دِل جو هوش ڌارين ڇو؟

خَزانو ٿو لڳي خاصو، مَدد ڏِيندئي نه مَهندا سو،
ڪَريو پَرهيز ڪان پاسو، گُناهن ۾ گُذارين ڇو؟

مَٿي تي مَوت ڏِس ماري، رَهي چارئي پَهر چارِي،
ڪَندو ڇَٽ مُلڪ ڇَوڏارِي، ٿيو غافِل گُذارين ڇو؟

مَ رَک دُنيا مَٿي ڪو دَم، ڪَرڻ گهرجي گهڙي ڪا غَم،
نه اُهڪيءَ ۾ اَچن جي ڪَم، اُهي سامان سارين ڇو؟

نه ڪَم اَولاد اَڳ اِيندا، پَڇي بيزار پاءَ ٿِيندا،
ڏُکيءَ ۾ جي نه ڏَڍ ڏِيندا، تِنين تي دِل ڏُتارين ڇو؟

مَ ڪَر هِيڻ مَٿي هاٿان، نَموني نانگ جَڙ ناٿان،
پَسھ پَنهنجو اَدا! پاٿان، اِنهيءَ سَپ کي سُپارين ڇو؟

عُمر لِک عَيش ۾ آٽي، طَرف تُربت رَسيا تاٽي،
اُنهيءَ جي حال ڏي هاٽي، ڪٽي نيڻ نِهارين ڇو؟

ايندو اِيذاءُ اَجل قاهِر، مُهان سَگهندين نه ڇَئي ماهِر!
نه پَريو زَهر جو ظاهِر، پِيالو پُر پِيارين ڇو؟

Gul Hayat Institute

ڪَندين جاءِ مَنجھہ قَبر ڪارِي، وَني پوءِ ڪو نہ پوئوارِي،
وَطن ٿيندئي اڳيان وارِي، اگڙ باغن بہارين چو؟

پُرِي پُختو ڪنج پيرو، سُجي هُت ٿو ڇِپيون ڇيرو،
جِسم، جِند جان، جِيءُ جيرو، ٻهُون مَنجھہ آڳ بارين چو؟

اَصل آهين جِتان آيو، سَدا تِنهن جو رَکج سَعيو،
پَرائي ڏيھہ پَڳ پايو، وَطن پَنهنجو وِسارين چو؟

اڳيان دَرگاھہ داور جِي، سُجي سَختي سَراسر جِي،
وَني پُشتي پيمبر جِي، نہ اُهکيان مَن اُڪارين چو؟

مُحمد جام! مَنجھہ مَحشر، اَچي 'احمد' کي ڏِج آدر،
اَسان جهڙن اَڙين اَنور! اُنهيءَ ويلي وِسارين چو؟

*

Gul Hayat Institute

(۳۶۲)

جَڏهن دِيدار دِلبر، دِلربا، دِلدار جو ٿيندو،
وَري مِسڪين سان ميلو، مِني مَنٺار جو ٿيندو.

پِرين پَرڏيهه ويا پيهي، ڏني ڏاڍا ٿيم ڏِينهڙا،
هِنيان پوءِ حال ڇا هَي هَي! مُون حَيرتدار جو ٿيندو؟

مِرُون مَر ماهه ڪِيَم نه ٻه، هَلي هَڏ هوت سان گڏبا،
اَچي ڇا عِشق کي آڏو، عُذر آزار جو ٿيندو؟

جَبل اِن جوش کان يَڪدم، ٿيندو سارو ڪَڙهي ڪارو،
سِگهو اِظهار عالَم ۾، اَثر اُچنگار جو ٿيندو.

صِحت مُنهنجي نيئي سَجڻ، ڇُڪيَم ڇِيلا حَياتيءَ جا،
نه ڄاڻان ڪِيئن گُذارڻ، مَنجهه غَمن غَمخوار جو ٿيندو.

جُدايون يار جانيڙا! ڳَندين جي هيڏيون هاڻي،
نه حُب وارن سين حَب ڏاري، حَشر هُن پار جو ٿيندو.

اَڙي اَرواح عالَم جا، نه ٿيندا ڇا سَبب سوگها،
جَڏهن زَنجير ظاهِر زُلف، زيندار جو ٿيندو.

Gul Hayat Institute

اکيُن جُون عادتون آهِن، وِڃهڻ مُشتاق مُشڪل ۾،
مَنجهان تارن جي تاثيرو، تِکي تلوار جو ٿيندو.

نه سارِيان ساهه ڪِنهن سَنڌ ۾، ويئي دِل دوست جي ديري،
ڀلا ڪِنهن جي بِلي باقي، بَدن بيمار جو ٿيندو؟

سُڄي نالو نہ سِڄ، چَنڊ جو، نہ تارن کي رَهي طاقت،
جِتي جِنسار جَلويدار، جانِب يار جو ٿيندو.

پَٽي جا پاڪ پيرن جي، وِجهان نيڻن ۾ نائي نِت،
اِهو سُرمون سِڪايل لئي، سَبب سِينگار جو ٿيندو.

قَرين ساڻ ڪِج ڪانگل! وَڃي اَحوال ’احمد‘ جو،
تہ دِلبر! ڪو دِلاسو دِل، دَم دِيدار جو ٿيندو؟

*

Gul Hayat Institute

(٣٦٣)

دِل ۾ دَليل دَم دَم، اَڄ تو اَچيم ايندو،
جيئڙي جِئيم جاني! پانيان بَچيم ايندو.

مُون وَٽ ٿِئين مَنزل، حَل ٿِئين هُوند مُشڪل،
دِلبر ڏِسي ٿَري دِل، محَفل مَچيم ايندو.

حاذِق جي هَٿ حَوالي، سَند سَند پَلين سَنپالي،
نازُڪ بَدن جي نالي، ناٽڪ نَچيم ايندو.

چا جِي حَبيب! هُون هُون؟ تَن جو طَبيب تُون تُون،
مَنجهه رُوح راڳ رُون رُون، رَڳ رَڳ رَچيم ايندو.

باغ و بَهار پَل پَل! هِت هُت لَڳي ٻه هَل چَل،
جِنهن جِي پَچار پَل پَل، پَئي دِل پُڇيم ايندو.

حُورُون پَريون هُلن ۾، فَرحت اَچي ڦُلن ۾،
گُهمندي گُهٽيون گُلن ۾، گهوڙو گَڇيم ايندو.

Gul Hayat Institute

آهيم اُميد اَلبت، سُٽندو سَوال صُحبت،
هَر مَهل مَچ محَبت، مَن تي مَچيم ايندو.

مِليَم مَٽِيَن جِي مُٺ تي، جِنهن ڪان پَريون ٻه پُٺ تي،
اوني ڏِنم ڪو اُن تي، 'احمد' ٻه چيم ايندو.

*

(٣٦٤)

مَ ٿِي دِلگير اَي دِل! دِلربا دِلدار ٿِي ويندو،
لهن غَم جِنهن جي غَمزي ساڻ، سو غَمخوار ٿِي ويندو.

اَجان وَسنديءَ ۾ وَيراني، هِتي هُت هَول حَيراني،
جَڏهن ايندم جُڙيَل جاني، جَشن جِنسار ٿِي ويندو.

اکيون آهِن اَجان اُڃ ۾، مِلي جاني تہ جِيءُ جُڄ ۾،
سَڄڻ سامهان اَچن سُڄ ۾، تہ بَر بازار ٿِي ويندو.

لِڱو حاضِربنديءَ جو هُل، سَلاميءَ ۾ سِپاهي ڪُل،
گُهمائي پير گهر ۾ گُل، تہ گهر گُلزار ٿِي ويندو.

ڪَڏهن گَڏبوسِ سو گوهر، نہ جِنهن جهڙو جِهو جوهر،
اکيون اوڏهين تہ اوڏيهر، اکيَن جو ٺار ٿِي ويندو.

سِڱهو خِيمان کِلي کوڙي، ڪَريان قابُو بہ مَنجهہ ڪوڙي،
چَتيون چوڙي، اڱڻ موڙي، اڱڻ تان يار ٿِي ويندو.

اُنو اَڄ شام اوهيرو، سُونهي سَنئين سِينڌ، سوهيرو،
وَري سو حُسن جو هِيرو، هِنيين جو هار ٿِي ويندو.

*



Gul Hayat Institute

(٣٦٥)

سَدا جاني! جِيين تُون شال! مُنهنجي موءِ چا ٿيندو؟
پَچن پَروان پاڻهين، ناهِ پَرواهہ پوءِ چا ٿيندو؟

گُنهہ ڪِهڙو گُلن جو؟ بُلبُلن بَرسر ڪَندا باسيا،
پَتنگ پاڻهين پَچن پِڙ ۾، شَمع رَت روءِ چا ٿيندو؟

پِرُون مِحراب، مُنهن مُصحف، ذَقن زَم زَم، زِيارت دَم،
هوءِ تان حَج، نہ هوءِ جي، تہ هَي هَي! هوءِ چا ٿيندو؟

قِياماً ڪَنذ مُنهنجو آهِ، قَدمن سِر قَربن جي،
تَڙپَنم تہ بہ تَڏي تي، توڙ تائين توءِ چا ٿيندو؟

چَيو حاذِق ڏِسي هَٿ، آهِ هِن کي حُسن مان حَرڪت،
نہ حاجت ٻِي هِتي، پَر هُت نہ حُجت هوءِ چا ٿيندو؟

ڪَٿُوري، خُون لِڪڻان ڪِين، خَبرُون خَير جُون اُڳتي،
پَلين دامن تان رَت جا داغ، ڌوپو ڌوءِ چا ٿيندو؟

لَشس ماڙيءَ مَٿان، ماڻهون پُڇن مَحبُوب ڪان مِڙيو،
چيئين مَعلُوم ناهي، موءِ جِي ڪَڏ ڪوءِ چا ٿيندو؟

اَڳيان چاڻن نہ ’احمد‘ کي، چَوي اَنجام آهي اَڄ،
ڦِري دَر بَند کي دَم دَم، ٻيو دَر دوءِ چا ٿيندو؟

*

Gul Hayat Institute

(٣٦٦)

سَڄڻ وِڇڙيي سَڄوئي سال ٿيندو،
هَنجُهون هاريان ته هَي! ڇا حال ٿيندو؟

مَهيني هِن مِليو جي مُون نه مَحبُوب،
ته بُت پُرزا پِٽيون پَيمال ٿيندو.

اَڇو جهليان مَهل ڪِنهن مُنهن مَهندان،
ته ريتو ساڻ رَت رُومال ٿيندو.

مُحب مالِڪ سَندم مَن، مال جو آهه،
مِنو تِنهن کان نه مَڏيون مال ٿيندو.

عِبادت کان رَهڻ اوڏو پرينءَ سان،
اَسان جو اِيءُ ڀَلو اَعمال ٿيندو.

اَدا اوني! ڇَٽج اَحوال اُن کي،
ڪَڏهن پيڙي ٽِيڻ جو ڀال ٿيندو؟

سَنجهي سُورن ڪنيَس، آڏي ٿيَس اَڌ،
اَسُر جي وَقت بيو اَحوال ٿيندو.

سَدا آهي سَندو مُون ساهه سُهڻو،
جُدا تِنهن کان جِيئڻ جَنجال ٿيندو.

اَڇن سِيني سَمهان سَئو سُور چڙهندا،
هِنيون ڦَٽجي فَنا فِي الحال ٿيندو.

Gul Hayat Institute

رَندن تي رَت ڦُڙا رويو پَسان راهه،
لَڳين لُڙڪن ڳنان لَڪ لال ٿيندو.

لڌم سُهڻو نه سامهُون ٿيم سُهڻو،
فَقيراڻو نه ڪوڙو فال ٿيندو.

اُٺي وينٺي عَرض اِيءُ آهِه 'احمد'
مِلڻ مُنهنجو مُحب سان شال! ٿيندو.

*

Gul Hayat Institute

**(٣٦٨)**

سُڻان ٿو سَڏ سُپيريان جا، سَراسر ڪَن سَراهُون ڪو،
وَجي پَرڏيهہ ويٺا پاڻ، وَڳ مُون سان وِراهُون ڪو.

ٻُڌان پونرن جِي پَر پُون پُون، نہ هِت ها ها، نڪا هُون هُون،
نڪا مُون مُون، نڪا تُون تُون، ڏَسي رَهبر نہ راهُون ڪو.

سَسُئي! وَڃ ڪيچ ڏي ڪاهي، لاڳاپا ڇَڏ ٻيا لاهي،
پُنهُون تُنهنجو پَري ناهي، پِرين مُنهنجو پَراهُون ڪو.

پَري سو ناهِہ پَر پيڙو، مَگر مُشڪل مِلڻ ميڙو،
جِسم سان جَنگ ۾ جهيڙو، رُڳو هُت رُوح راهُون ڪو.

سَجڻ جِي سُونهن سِڄ جِهڙي، نہ مُون لئي عِيد اَڄ جِهڙي،
لِڪائڻ ڳالهہ لَڄ جِهڙي، سُٽي مُون ڪان سَراهُون ڪو.

سَدا سوپُون صُبح ۾ سَنجهہ، چُٽِن هَر پار هِيرا هَنجهہ،
پيا مُون پَيند پيرن مَنجهہ، چُري ڪِيئن چوگِراهُون ڪو؟

Gul Hayat Institute

گهٽيون پوڪُون هُيَم پوکيون، چَري چورِي ويا چوکيون،
ٻِنهي پاسي ٻَنيون ٻوکيون، ڏِسي سي مَر مَراهُون ڪو.

ڪَڏيا ڦوڙاءِ مُون ڦَرها، ڪِٿي ڪاهي وَڃان ڪَرها؟
سَري صُحبت نہ سَپ سَرها، نہ ٿِئي 'احمد' اَراهُون ڪو.

*

حُسن وارا ڪَئين هَزارين، مَنجهه هِنيين تُون هيڪڙو.
جابجا گڏ جان ۾، جاني! جِيين تُون هيڪڙو.

ڪوهه جاڻان آهِه ڪِهڙو، مُون ڪَميني جو قُصُور،
اڳ هِنيون لائين هِنيين، اَڄ هَٿ ڏِيين تُون هيڪڙو.

خَلق خوشبُوءِ لئي شَهر ۾، مَڻ ڪَٿُوريءَ جا ڪَپائي،
وار چوڙي وِلهه مَٿي، واسي وِيين تُون هيڪڙو.

سِير ۾ سَولو بيهڻ، سُهڻا! سِياري رات ناهِه،
سَپ سَهنج، جي ساهه سامهُون، مَنجهه سِيين تُون هيڪڙو.

هَٿ هَزارن جِي حَياتي، حَيف هَي هَي! تو سَوا،
ڏي ڪُهي تِنهن کان ڪُتين، ڪانگين، ڪِيين تُون هيڪڙو.

وِهه وَٽيءَ ۾، چُونِ وِهسي، آهِه اِيءُ آبِ حَيات،
پَرک پاڻهين، پُر پِيالو، جي پِيين تُون هيڪڙو.

خَلق مُنهنجي خُون پُٺيان، خان! خطرو جان ناهِه،
راج ساري کي رَسان، جي رَس ٿِيين تُون هيڪڙو.

Gul Hayat Institute

گُل، گوهر، سِج، چَنڊ، تارا، هَنجهه، هَرڻ، حُورُون، پَريون،
سي مِڙئي مَقصد ٻِيا، مَقصد مِيين تُون هيڪڙو.

ڪَئين اکيون اوري ڪٽڻ، 'احمد' نه اک اُن ڏي ڪٽي،
پَر نِهارڻ سان نِهوڙيو، دِل نِيين تُون هيڪڙو.

*

(٣٤٠)

دوست مُنهنجي دوستيءَ ڪان، ديس بَدلائي ڇڏيو،
ديس بَدلڻ ساڻ دِلبر، ويس بَدلائي ڇڏيو.

ديس بَدلڻ سان نہ بَدلي، دوست جِي دِل دوست ڪان،
دوست ڪي ڇَنُو، توڪان دِل، بَدليس بَدلائي ڇڏيو.

وار ڪارا سِر ڪُلهن، يا ڪار جي وِچ ۾ قمر،
ڪار وَئي ڪاڏي؟ ڪَڪر خود ڪيس بَدلائي ڇڏيو.

هِي پِرُون پالا ڪِ سِج ڪي آسمانهين اِندلٺ،
مُنهنجو مُنهن مِحراب ڪان، اِن ميس بَدلائي ڇڏيو.

مَنجهہ قيامت ڳنڍ ۾، پيو ٿي قتل مُنهنجي جو ڪيس،
پَر ڪُنڊين ڪارين اکين، ڪُل ڪيس بَدلائي ڇڏيو.

سَر سِيارو سِير ۾، سِيءَ سَخت، سَرديون سِر جهلين،
پَر لڳي ڪا لَهس لَنئون، جِنهن ليس بَدلائي ڇڏيو.

خوش هُئا خِلوت ڏيَہ ۾، پَر خَبر ناهي تہ پوءِ،
ڪِن خيالن اِن خَيالان، ڪيس بَدلائي ڇڏيو.

آئون نماڻ جِيئن نِهاريان، هُو نہ ماڻن ڪان مُڙي،
اِيءَ خودي بِهرِ خُدا، ڇَئجيس بَدلائي ڇڏيو.

اَصل ’احمد‘ جِيئن اَڪابر، هو عَقل ۽ عِلم ۾،
ڪِنهن مجازي مَوج، مجنون قَيس بَدلائي ڇڏيو.

*



Gul Hayat Institute

(٣٧١)

اَدا اوني! اَباڻن ڪيِ، اوسيئڙو مُون نہ هو يان هو؟
سَچو سَنيهو سَنگهارن جو، سُڻاءِ ڪو نہ سويان سو.

جِسمَ مُنهنجي تي جَل جَلڙو، پِڻن پَر يات پَل پَلڙو،
وَلهارن پاس وَل وَلڙو، ٻُڌمَ آلاپ اويان او.

اَباڻن گڏ اَڏيا آڻي، لڳي هُونگار هُت هاڻي،
ڪَٽي تِنهن ڪان، خُدا ڄاڻي، نہ بُلبُل بانگ گويان گو.

چِني پيرُن سَندا پيوَند، ڪُنيون ڪاراءِ يا خاوند!
نہ ٿيا مُنهنجي پَڇڻ جا بَند، جَبر ڪَم جَنگ جويان جو.

ڏَنارن ساڻ دِل ريهي، مَٿو ڏوندِس ڏِسي ڏيهي،
مَٿي تَڙ ميٽ پوءِ ويهي، لوئيءَ مِ لال لويان لو.

عُمر! مارُن نہ مَرهيندِس، ڪي ڳالهيون ڳوٺ ڳرهيندِس،
وَجي پانوَر مِ پَرهيندِس، پَشمَ پوشاڪ پويان پو.

گهڻون اَڄ گاهه گهِٽِيَن مِ، سَنگهاريون سِيند پَٽِيَن مِ،
پيو مُون ڳات ڳِٽِيَن مِ، ويڳاڻيءَ وات وويان وو.

Gul Hayat Institute

عُمر! تو ساڻ ضِد ذاتي، نہ ٿيندو غير گهر ياتي،
ڪُهڻ لئي ڪَڍ پَلين ڪاتي، نہ تِنهن ڪان ڪَند ڪويان ڪو.

پَسان مَجلس مُحمد جي، سَچي سَردار سَيد جِي،
اَحد مِ آس 'احمد' جِي، ڏُئَم سو دَر، نہ دويان دو.

*

(٣٧٢)

تُنهنجي ڏِيدن دِل ۾ لائِي، دوست! ڏُو ڏُو ڏُوبڏُو،
ڪَن پيا سِيني سَمهان، سَؤ ڪان سُو سُو سُوبسُو.

ناهہ جِيئڙو جاءِ مُنهنجو، يار وَر ڏِيو ياد ڏِين،
ڪالهوانڪر قُمرين جا، قَول ڪُو ڪُو ڪُوبڪُو.

سِر سَنواري صاحِبن، ڪِيو گُل تي سُنبُل سائبان،
ٿيا بِهشتي هِير سان، بَر، باغ بُو بُو بُوبُو.

سوجهرو سِج جو هَنيو، سُهڻي سَتر پَردن وِچان،
رَد فِڪر هِيءُ هو نہ، هُوندو حُور هُو هُو هُوبهُو.

دِل مَنجهان تِنهن دوست مُون سان، اوچتو آلاپ ڪِيو،
جابجا ڏوريَم جِنهين، جَر، جهنگ، جُو جُو جُوبجُو.

مُدعي مِهڻا ڏِنان، مُون ڪي مِني محبُوب جا،
ٿِي ويئي ٿوريءَ مَٽي، ٿَر بَر ۾ ٿُو ٿُو ٿُوبٿُو.

اِي سَندئي پَر پُٺ پُڪارُون، ڪَم نہ 'احمد!' ايندياءِ،
جي رُئل راڻي ڪي ريجهائين، تہ رُو رُو رُوبرُو.

*

Gul Hayat Institute

(٣٧٣)

اَسان اَڄ عَيش جو اِرشاد هو ڪو!
هِنيون دِلدار سين دَم شاد هو ڪو!

هُئس بُلبُل، گَڏيَم گُل، ٿيس بُل بُل،
پَلا اِن باغ ۾ بَغداد هو ڪو!

سَڄڻ جهڙي نہ ڪَئي صُورت ڪَڍهن سڄ،
نہ شامِل قَد سَندس شَمشاد هو ڪو.

بَدن مُنهنجو وِڌائين بَندخاني،
ڪيَئِين بيدِي، وَٽس بيداد هو ڪو!

هَنجُهون هاري ڪيَم هَي هَي هَزارين،
نہ هُت مَنجهہ فَيصلي فَرياد هو ڪو.

پَڇيو پَڇريو پُڇان، ڪَريان پَچارُون،
مُحب جو هِن مَهل مِيعاد هو ڪو؟

رَتي ڪا رَحم جِي راڻل نہ سِکيو،
نہ اُو اِنسان جو اَولاد هو ڪو؟

سُڄون ڏِسيو سَڄڻ ري شَهر سارو،
اَچي وِسهہ نہ هيءُ آباد هو ڪو!

نہ آهِہ ڏِيل ۾ ڏُک ڏِينهن اَجوڪي،
نہ اِن آزار کان آزاد هو ڪو.

Gul Hayat Institute

خَبر ڏي خَير جِي خاطِي! خُدا لڳ،
نہ هِيءُ پينار پِرِيَن ياد هو ڪو؟

پِيَل اِن چاڳلي جِي چانٺ مَهندان،
سَندم بي رُوح بُت بَرباد هو ڪو!

مَرين جي تان مِيان! ميڙائو ماڻين،
اِهو اُستاد ڪان اِمداد هو ڪو.

ڏَهي ڪِريو ڳَلر ۾ ڪوٽ ڪِسراء،
پَلين تِنهن جو پَڪو بُنياد هو ڪو.

اِرم جي ٻاغ جو نالو نہ نِيشان،
نہ سُڌ پَئي، شامتي شَداد هو ڪو.

مَري ٿيا مُج، مَنجهہ سُج، رُج ۽ اُج،
سَمر جِن سان نہ سَمر و زاد هو ڪو.

نَظر نازُڪ جو جِنهن ڪي ناز آيو،
پَڳيس سُڪ، خواهہ صاحِبزاد هو ڪو.

اَسان ڪان پوءِ بہ چَوندا اَهلِ اِنصاف،
نہ ’احمد‘ شِعر جو اُستاد هو ڪو!

*

Gul Hayat Institute

(٣٧٤)

جان جو، سامان جو، سَتار سان سَودو لڳو،
ساهہ سِر جو، ساهہ جي سِينگار سان سَودو لڳو.

خَلق ساري جو خُدا، جِنهن وَٽ خزانن جي نہ ڪوٽ،
تِنهن شَهن جي شاهہ، شاهُوڪار سان سَودو لڳو.

قَول ٿِي ڪُوڙو نہ جِنهن جو، ٿو ڪَري ڪوڙين ڪَرم،
تِنهن سَچي سُبحان جي، سَرڪار سان سَودو لڳو.

جان جو، سامان جو، سانگو ڪَريون ڪهڙي سَبب؟
جِن ٻِنهيءَ جو خُوب، خَلقهار سان سَودو لڳو.

هِن بَدن بيڪار جو، بَدلو ڏِنون ٻارِي ٻِهشت،
واهہ ڙي! وَهہ واهہ! وَڏي وَهنوار سان سَودو لڳو.

جان، سِر، سامان جا، سانگا نہ سُونهَن اَڄ سُڄاڻ!
ڪاڻ قُرباني جَڏهن، ڪِلتار سان سَودو لڳو.

مَهل ٿِي مَردانگيءَ جِي، مَرد! سَڏ مَيدان ڪِيو،
پير جَهليو ڇو؟ جَڏهن جَبار سان سَودو لڳو.

Gul Hayat Institute

دُشمنن سان دوستي، دِل ڏِين وارن ڪِئِيَ ڪار،
ڇا ڪَريون اَغيار ڪي؟ اَڳ يار سان سَودو لڳو.

جِن مَٽي مالِڪ مِٽو، ڪِيو مُنهن مِٽيءَ مال ڏُونهن،
تِن جو بِلڪُل بي وَفا، بيڪار سان سَودو لڳو.

مُون ڏِٺا مَرندي گهٽان، ڪي مِلڪ تي، ڪي مُلڪ تي،
پَنهنجو مالِڪ مُلڪ جي، مُختار سان سَودو لڳو.

ڪِنهن جو سَئُو واري سان سَودو، ڪِنهن جو سَٺ واري سان سَٺ،
آهِ 'احمد' جو اَحد، آڏار سان سَودو لڳو.

*

Gul Hayat Institute

**(٣٧٥)**

دوست جي دِيدار جو، اَڄ ڏِس ته ٻُل ڪِهڙو نه هو!
شَهر ۾ شمُعون ٻَرِيون، شاهي شُغل ڪِهڙو نه هو!

ڪَئي لِياقت پاڻ لالڻ، هَٿ لِڱَڻ لائي ڏِنم،
ناز پَرِيو نازڪيءَ ۾، نَرم گُل ڪِهڙو نه هو!

سِر هَٿن تان سِر نمايان، سِر ڏِنم تان سِر چِپئون،
ڏِس ته مُحِبن پيش مُنهنجو، مانُ مُل ڪِهڙو نه هو!

گُهمندي گهمندي ڪاله نِڪتس، ڪِنهن وِلايت کان وَڃي،
موڪ ميوو مُلڪ ۾، وَڻ ڦوڳ ڦُل ڪِهڙو نه هو!

اَڄ پَرِيءَ بازار ۾، مُنهن تان کنيو نِرمل نِقاب،
حُسن جو هوڪو لڳو، هَر پار هُل ڪِهڙو نه هو!

بُت سِٽيءَ ڦُل، ڪَٽ ڪوول جي، ڪار قد ڪانو ڪماند،
هُوبهُو تُرڪي ٻَتُرڪي، تُل ٻَتُل ڪِهڙو نه هو!

هِڪ پُڇيو، مُون کي، سَڄڻ تُنهنجو ڪِ سُهڻو سِج مِثال؟
سِج لڪين ليزم لِڱن هِت، هِيءَ ته لُل ڪِهڙو نه هو!

مَس اَچان مَحبُوب وَٽ، پُهتس پَڇاڙيءَ رات ۾،
تان پيئي خَر کي خَبر، چارِي چُغل ڪِهڙو نه هو!

Gul Hayat Institute

شور ڪِيو شَيطان جِهڙي، پَر وِيو ڦُل سان ڪُسي،
فائدي وارو فِراقيءَ ڪاڻ، ڦُل ڪِهڙو نه هو!

اَڄ ته 'احمد' جو اَسان کي، نَظم هِڪ آيو نَظر،
شِعر سو شَهد و شَڪر، شِيرين ڪُل ڪِهڙو نه هو!

*

(٣٧٦)

مُنهنجي مِني مَننار تان، هِيءُ سِر ويو صَدقي ٿيو،
وَڏ ڪرِيان هِڪ وار تان، هِيءُ سِر ويو صَدقي ٿيو.

جي اَچي محبُوب مُون وَٽ، مَن گھُريو مِهمان ٿِي،
ڪِنهن بہ سَنديَس ڪار تان، هِيءُ سِر ويو صَدقي ٿيو.

هاءِ! هِيڻي حال جِي، جي سُڌ لهي سُهڻو ڪٿي،
اِن سَندس آڌار تان، هِيءُ سِر ويو صَدقي ٿيو.

اَج اکِيَن جا پيچ پائي، واٽ تان ويندي ڏِٺم،
اِن اکِيَن جي آر تان، هِيءُ سِر ويو صَدقي ٿيو.

آهِ الله جي عَفو ۾، آس 'احمد' کي گھڻي،
تِنهن ۾ بَخشڻهار تان، هِيءُ سِر ويو صَدقي ٿيو.

*

Gul Hayat Institute

(٣٧٧)

وَري دِيدار دَرسن جو، دِلاسو دوست دُهرايو،
پَسهه مُنهنجي اُنهيءَ پاسي، پَسڻ لئي پاڻ پَهرايو.

چَڙهيَس چاڙهيءَ مَٿي چوري، جِتي چارئي پَهر چارِي،
ڏِجي تِنهن جِي ڏِٻيءَ ڪان مُون، ڏِکيءَ ۾ پير ڏُهرايو.

اَڙي تارا! تَڪبر ڇڏ، نه تُنهنجي جاءِ تَجَليءَ ۾،
قَمر خود قَيد ڪاڪُل ۾، ڪَري ڪيڏانهن به ڪَهرايو.

سَجڻ جا وار سِر رُخسار، سُونهن گُل مَٿان سُنبُل،
چَڙهيو ڪَس چَند تي چَنجي، ڪِ دِلبر دام نَهرايو.

چَڙهي ڪَس چَند چوڏهينءَ تي، نه اُونداهو ٿِئي اَلبت،
ڇَڏيائون ڇيلهه تي چوٽا، نه ڇَهري پاڻ ڇهرايو.

سَجڻ سامهُون جَڏهن آيو، ته جِهڙو صُبح ۽ سَبزي،
پِرين اَج پاڻ کي گُل جو، پَهي پَهراڻ پَهرايو.

سَجڻ سِينون جَڏهن ساهي، بيهي سامهُون ته جِهڙو سِج،
پِرُون پاڻيان ته، دَريا حُسن جي ۾ لَهر لَهرايو.

اُيو 'احمد' اَدب سان روز، لِيلائي، لَهو مُون وَٽ،
لَهڻ کان پَر وَجي، لَحَظي بَلحظي لال لَهرايو.

*

Gul Hayat Institute

(٣٧٨)

سَڱهو ناهيان، سِڱهو وَر ٽُون، سَدا سُهڻا! سَفر گهوريو،
لَٿو چَنڊ، ڪار ٿِي قائم، ٽُون ڪم ۾ آءُ، قَمر گهوريو.

پَري ڪان پَنڌ ڪَري آيَس، پِرين! پاڙي اَوهان جي ۾،
ڏُڪويَل ڪي لِقا ڏيکار، ڏوراپو ڏَمر گهوريو.

سَنيهڙو موڪليَئي سَڄڻا! نه ويندس سَفر صُبحاڻي،
جِتي ٽُون، مُون به مَنزل اُت، مَڪو توڙي مِصر گهوريو.

مَنع ڪَريو مُحب! وارين، وَري وَڃ مِصر ڏي مجنان!
گَهٽي، گَس، پَنڌ تُنهنجي تي، ڪَندس گُذران، گهر گهوريو.

حُضُوران جِت حُڪم آيو، بينس هَٿڙا ٻَڌي تِنهن هَنڌ،
سَڄڻ! آهِم قَبولِي سُڃ، سَوا تو سائو سَر گهوريو.

جِسم هو پَنهنجو هِڪ جاني! به ٽُڪرا ڪِيو وَڍي ويرَن،
قَضا ٿيندِي قيامت ۾، اِهو قاضي قَمر گهوريو.

مِلي جي وِهه هَٿان تو مُون، مِٺو ماڪيءَ کَنان ڄاڻان،
ڪماندن کي نه ڪَريان چا؟ شَهد، شِيرين، شَڪر گهوريو.

مُبارڪ پير موچارا، مُحب! جِنهن ماڳ تي پائين،
اَچي تِنهن خاڪ مان خوشبُوءِ، اگر، عَنبر، عَطر گهوريو.

نمازُون ۽ نَفل جيڪِي، ڪَريان نه به اِن نَفعي نِيت،
نه اوڏو تو ٿيان اَلبت، اَڳتي بيو اَجر گهوريو.



Gul Hayat Institute

هِنيِن تو ساڻ حُب پاتي، حَياتيءَ تان ڪنيائِن هَٿ،
پِيارا! تو پُڄاڻان مُون، جِيئڻ پَل ۽ پَهر گهوريو.

لڳي تُنهنجي قَدمِ ڪي ڪَڪ، نه نِڪري مُون قَلب مان ڪِيهه،
ٻيائي ڪا نه ٻُجهه ٻاجهئُون، اَندر ويهه تُون ٻَهر گهوريو.

اُپرندي سِج اُٿيو عالَمِ، نظر اوڏانهن نه ڪِيو 'احمد'
اکيون توسان اَڙيون نازُڪ! نَفر ٻِئي ڏانهن نَظر گهوريو.

*

Gul Hayat Institute

(٣٧٩)

ٿيان قُربان قَدمن تان، قَربن قُرب فَرمايو،
گوهر گهوريان، ٻہ گُل گهوريان، فِدا سِر، ساھہ، سَرمايو.

عَجب ڪِهڙو اُجهامي آڳ، جي آئي عَجين جي؟
اِنهن شُعلن شُعاعن کان تہ، بيشڪ شَمس شَرمايو.

سَتائي مُون کي ڪِيو سُهڻن، صَدين کان سَرد سَنگت کان،
وَري گهوڙن! هَنيَس اِن گُهور، گَرما گَرم گرمايو.

تَر، تِير جِيئن تارا، تِکا ڦيرين تہ تَن تُن تُن،
نِهوڙيَس نِينهن نِهارڻ ساڻ، نِرمل نَرم نَرمايو.

اکيَن تُنهنجي اِشارن سان، هَرڻ سان هاج ڪَئي اِهڙي،
تہ بَر ڏيئي پَڳو، ٻيهي نہ بَرما ۾، نہ بَرمايو.

هَزارين حُسن، تُنهنجي حُسن ۾، هِڪ هَنڌ هيڪاندا،
مَحبت جو مِڙوئي مُلڪ، مُنهنجي مَن اَندر مايو.

اکيَن مان آب 'احمد' کي، ٻيهي ڪِنهن آسري آخر؟
ڏِسيون ڏوري ڏِسڻ آيو، تہ ڏِسندي ڏُور ڏَرمايو.

*



Gul Hayat Institute

**(٣٨٠)**

مُون، پِرين اَج پاڻ ۾، پَرچي تہ پاڙو آهِہ ڪِيو،
لال لَب وارن لَطيفن، لُطف لاڙو آهِہ ڪِيو.

گُل ڦُٽو غُنچي مَنجهان، يا ڪِيو صُبح جي سِج سُهاءُ،
يا عَجائب مُنهن عَجين، اَج اُگهاڙو آهِہ ڪِيو.

دُشمنيءَ سان دُشمنن جو، آهِہ ڏاڙو ڪَم دَوام،
اِيءُ عَجب! جِيئن مُنهنجي دِل سان، دوست ڏاڙو آهِہ ڪِيو.

مُنهن مَٿي محبُوب جي، موهيَس ڏِسي مُشڪين پوَند،
چَندبہ چوڏهينءَ جي ڪي چوٽي، واهہ! واڙو آهِہ ڪِيو.

دِل ڦَٽيل مُنهنجي مَٿي، مُرڪي چَنڊيو مِينو مِٺل،
اِن سَبب سَمجهان ٿو سَنڌيَن، سوز ساڙو آهِہ ڪِيو.

عام ليکي آهِہ 'احمد' عامِلن ليکي اَحد،
ڪَم مِڙوئي ڪارگر جو، ڪَل ڪُجاڙو آهِہ ڪِيو؟

*

Gul Hayat Institute

(٣٨١)

اَج ٻه راٽي رَنگ لايا، وَڏ رُپي ڪان رُوپ ڪِيو،
پاڪ قَدمن تي ڪرڻ لئي، قَلب مُنهنجي ڪُوپ ڪِيو.

عُود عِيدن ۾ ڪِوائن، پَر عَجب عادت عَجيب،
دوست مُنهنجي دِل دُکائي، مَنجهه دَري هو ڏُوپ ڪِيو.

ڪُنپ چاڙهي ڪُوهه تي، ڌوٻي ڌوئن ڪپڙا گندئون،
دوست دِل مُنهنجي ڌَري اَڄ، ڌاٻڙي تي ڌُوپ ڪِيو.

ڪان، ڪاتيَن ۽ ڪُهاڙيَن جا ڪَپيَل ڪو پَل جِيَن،
مُحب موتي ميچ هِڪ سان، مَوت مُنهنجو ٽُوپ ڪِيو.

قُرب جي ڪاڍي اَڳيان، ڪُل قَيد، ڪوٺيون، ڪي ٻه ڪِين،
دوست سارِيندي سَندم دِل، لوهه پَڃي سَپ لُوپ ڪِيو.

عَرق جِن جو عَطر رُومي، گُل گهٽيون جِن جا گُلاب،
ڇا ڪُڇي 'احمد' اُنهن سان، ڇو پَڇو ٿا چُوپ ڪِيو؟

*

Gul Hayat Institute

**(٣٨٢)**

ساهه سَنديَن سان سَحر ۾، سوز جو مُون ساز ڪِيو،
سِر نماڻو ٿِي نمايو، يار نازُڪ ناز ڪِيو.

دِل نه لوڏِي دوست جِي، جِنهن دانهن سين ڏُونگر ڏَرن،
عاشِقن جِي آهه ڪان، آهِس نه ڪَج اَنداز ڪِيو.

ڪِنهن نموني ساڻ نائي نيڻ، نازُڪ ڪَئي نِهار،
سُوڙهه سامهُون ڏيئي چَنبي ۾، ساهه ڪي شَهباز ڪِيو.

نيڻ ڪٽيو رَهه نِهاريان، مَن! ڪِٿان نِڪري نَجيب،
رات سارِي رَت روئِي مُون، ساڻ رازِق راز ڪِيو.

بُت پُنيان پِڃري مِثل، سوراخ ٿِي سُڃ ۾ رَهيَم،
پَر پَکيئڙي جِيئَن پَسهه، پاڙي پِريَن پَرواز ڪِيو.

رُوح ۾ رابو پيَم، رِيهُون ڪَندس بيءَ رِيت سان،
هِن نه دانهَن دَم گهَڙِي، دِلبر مُون سان دَمساز ڪِيو.

آهِه سارُوٽي سَڄڻ جِي، عِشق 'احمد' ڪي ڏِني،
ٿيو اَندر اَللهُ، اِيءُ رَڳن آواز ڪِيو.

*

Gul Hayat Institute

(٣٨٣)

جِسم مُنهنجو يار جاني! تُنهنجي جَلوَن جوڙ ڪِيو،
مُنهن سَندئي سيلو پَسي، مُون ساهہ خوش مَنجھہ سوڙ ڪِيو.

شاهزادا! شَهر ۾ تو آئي، شاديون شُڪر ثناءِ
سيج تُون ساجن! چَڙهين، سِينگار مُنهن تي موڙ ڪِيو.

نيڻ ڪارا، نَڪ ڪُندو، مُنهن نُور، نازُڪ اَڱ نَرم،
حُسن ڏِسندي مُون هِنيون، گُمراهہ مَنجھہ اِن گوڙ ڪِيو.

وار چوڙُن وير، اِهڙا ٿا لڳن قد تي قَريب،
سَنئِين ڪَجي سُهڻيءَ مَٿي، حَبشي هَلن ڪَر ڊوڙ ڪِيو.

گهور گهُمري ۾ ڪڍي، گهوڙا! پِچيَس گهاٽي اَندر،
خُوبصُورت! ڪِلِ سَندئي، ڪائي اَندر مُون ڪوڙ ڪِيو.

سُور سانگيڙا ڪَري، سوگهيون وِڌيون سَنگهرن سَنديون،
قَلب کي ڪاڪُل ڪُشادي، تَنگ تائِين توڙ ڪِيو.

آج عَشوي ڪان اکِيَن جي، ناهِہ 'احمد' کي اَمن،
ناز نيڻن جي نِهوڙي، نِت نماڻو نوڙ ڪِيو.

*

Gul Hayat Institute

(٣٨٤)

سَرسي ڪٽي تہ سُونهن ۾ ساجن سَچي ويو،
حُورن جو حُسن، پيش حَبين هَچي ويو.

پَريون نہ مَٽ پِريان جو، نہ گوهر، نہ گُل گُلاب،
ڏِسندي سَجڻ کي، سِڄ بہ سَجوئي لَڄي ويو.

ڪولي نِقاب نازُڪ، ڪِيو ناز سان نَظر،
حَيرت لڳي هَرڻ کي، پِٽن ۾ پَڄي ويو.

قَدمن جِي خاڪ پاڪ جِي، پڻ سُڌ جَڏهن پيئي،
سَپ خَلق مان خِيال ڪَٿُوري ڪَڄي ويو.

هِهڙي حُسن اَڳيان نہ هَليو زور مُون ذَرو،
ڪائي جو ڪوٽ هو ڪو، ڪَڏانهنڪر پَڄي ويو.

اَلحمدُ لِلّٰه 'احمد!' آيا اَڱڻ عَجيب،
سَنڌ سَنڌ ۾ سُرُود خوشيءَ جو وَڄي ويو.

*

ردیف (ھہ)

**(۳۸۵)**

جِيءُ جاڳ، وَريو ڀاڳ، تُنهنجو ماڳ مَولي پار آهِہ،
ڇَڏ خاڪ، چَڙهہ اَفلاڪ تي، بُراق بَرقي تار آهِہ.

هِن وار جو، سَڏ پار جو، سَرڪار جو، ڏاتار جو،
اَڄ يار جو، دِلدار جو، دادار جو دِيدار آهِہ.

تُنهنجي طلب، ڪَئي پاڪ رَب، ٿيڙو سَبب، هَل هيٺ شَب،
ڪَر سَير اُپ، رَک تُون اَدب، اَڳتي عَجب دَربار آهِہ.

گُل ڦُل گَسن، لَعلُون لَسن، واديون وَسن، عَرشن رَسن،
دَرسن پَسن، جَدُ الحَسن! تو لئي جَشن تيار آهِہ.

آرام سين، اِڪرام سين، هِڪ وام سين، نَڪ شام سين،
ڏُڙ ڏام سين، گَڏ جام سين، جو نام سين نِروار آهِہ.

حُورُون پَريون، حيرت پِريون، دَرسن دَريون، ڪُليون ڪَريون،
اڪڙيون نَريون، بِجليون بَريون، جَلوَہ گَريون، جِنسار آهِہ.

Gul Hayat Instutute

پُهتا پَلڪ، طُوبيٰ تلڪ، گُهميا فَلڪ، مُلڪ و مَلڪ،
بَر، بَحر، لَڪ، جَلوا جَهلڪ، چوڏس بَلڪ چَمڪار آهِہ.

نُورُ الهُدا، مَل مُقتدا، مِليو خُدا، ٿِي مَن مُدعا،
’احمد‘ گدا، تِن تان فِدا، صَدقو سَدا صَدبار آهِہ.

*

## (۳۸٦)

صَدق سُهڻا! صَدق صَدقي، وَڃان صَدبار بِسم اللهُ،
چَوان صَد مَرحبا، مُنهنجا مِٺا مَنٺار! بِسم الله.

سِڪايل سَير نِت سوري، اَللهُ آڻي توکي اوري،
گُسن تُنهنجي مَٺان گهوري، گوهر گُلزار بِسم الله.

لِکيي لايون توسان لائون، ڪَريان هيڪر هَٿين چائون،
پِرِيَمِ! تو لئي پَٽ آئون، وِڇايان وار بِسم الله.

مُحب ماڻا ڪَريو ماري، ٿيو دِلدار دِل ڏاري،
سَنواري وار ڪِيا واري، سَڄڻ سِينگار بِسم الله.

ڪُنڍيَن پائي ڪَجل ڪاني، پَسائي پاڪ پيشاني،
اِنهن جَلوَن، جِيين جاني! جِياريَس يار! بِسم الله.

خَلق سَڀ ۾ خوشيون ڪيرُون، مِليون دِلدار جُون ڏيرُون،
اَڄن هُبڪار ۾ هيرُون، حُسن هَر پار بِسم الله.

وَسائي گُلبدن گادي، ٿيو حَق ڏي حُسن هادي،
بَرِيون شَمُعون، ٿيئي شادي، چَوي بازار بِسم الله.

Gul Hayat Institute

سَرِيَمِ صُحبت ثَوابن جي، لٿي حاجت حِجابن جي،
گُلن جي ۽ گُلابن جي، چَنين چَٽڪار بِسم الله.

پيا جَلوا جهانن ۾، وَڌي زينت زَمانن ۾،
اَگڙ ۾ آستانن ۾، عَطر اُبڪار بِسم الله.

شُعاعن شَمس شَرمايو، فِدا سِر، ساهہ، سَرمايو،
قَرِين ڪَرم فَرمايو، چوَن چوڏار بِسم اللّٰه.

لڳيون لَبيڪ جُون لوليون، ٽِلن ٽاريءَ اڳيان ٽوليون،
ٻهُون ڪَن ٻاٻيهل ٻوليون، چٽُن چِينگار بِسم اللّٰه.

ٽِڙِي گُلزار ٿيا گُل گُل، تَنواري باغ ۾ بُلبُل،
ڪَبڪ، قُمريون ڪَهن قُل قُل، ڪوئل ڪُوڪار بِسم اللّٰه.

هِنيين ۾ هَنڌ حَبِين جو، ڪَرم ڪيڏو قَرِين جو!
اَجهو اولو عَجِين جو، اُتم آڌار بِسم اللّٰه.

جِياپو جِيءُ جِسم جو تُون، عَطا ’احمد‘ مَٿي اوتُون،
ڏِنم جَهلڪار ۾ جوتُون، جَشن جِنسار بِسم اللّٰه.

*

Gul Hayat Institute

(٣٨٧)

اُتر اوت لائِي، ڇُهو، ڇرڪ، ڇَڙهہ،
اَندر سِير آئون، ٻَڏي سِيءُ ٻہ سَڙهہ.

ٿيو غَرق غَم ۾ غَريبو غُراب،
تَرن پيا مَٿي مَوج مِهراڻ مَڙهہ.

سَڄڻ! ساٿ ۾ تُون تہ سَولو سَفر،
نہ جَر، پَٽ، جَبل، ڪو نہ جَهنگل، نہ جَڙهہ.

دِلاسن تي دِيدار لئِي، دوست دَر،
لُٽائي ڇَڏيَمِ لَک، نڪا لِک، نہ پَڙهہ.

اَٿئي حال مَعلُوم مُنهنجا پِرين!
سَڄڻ! سِر وَڏي وِئِين ڪَري ڏار ڏَڙهہ.

اڪِيَن ۾ اوهيرا، اَندر ۾ اُساٽ،
ڇِڪيا چاڪ چُٽڪن، ڇُڪم چاڳ چَڙهہ.

پِريَمِ! ڏي پِيالو تہ پِي دِل ٺَري،
اَندر ۾ اُٿاريا اَٿم عِشق اَڙهہ.

اَچي اوڏهر ڪا پَٽي پاڻ ڪَج،
وَهن وِر ڪَريو ٿا ڳُجها ڳانيج ڳَڙهہ.

ڏِڪاريو دَران، دُور ٿيندس نہ دوست!
پَلين پيو هَٽين ٻِن هَٿ ساڻ ٻَڙهہ.

اَدب ساڻ ’احمد‘ اُپو اِئَن چَوي،
تہ لالڻ! لَڙي آءُ لُڳس تُنهنجي لَڙهہ.

*


Gul Hayat Institute

رديف (ء)

(۳۸۸)

مَوت مُون تي مُحب! آيو، موڪلائِين جي نہ آئُ،
دَم ڏِيان ٿو دِلربا! دَرسن دِکائِين جي نہ آئُ.

ٿا ٿِيَن پُورن مِ پُورا، اَڄ پِرين! مُنهنجا پَساهہ،
پَهر پويون آهِہ، پيشاني پَسائِين جي نہ آئُ.

پوءِ مَتان مَحبُوب! مُنهنجون، بَند وايون ٿِيي وَڃن،
ڳالهہ ڪا گُوڙها پِرين! هِن دَمِ هَلائِين جي نہ آئُ.

مُحب! تُنهنجي مُنهن ڏِسڻ سان، مَوت مُون سُهڪو لڳي،
رُوءِ پَسائي رُوح کي، راحت رَسائِين جي نہ آئُ.

ساهہ هِيٺي جو هِينئر، پُهتو هِڪيءَ ڏاري حَبيب!
غَرغرو غَمناڪ جو، ڳَن لال! لائِين جي نہ آئُ.

حُج هَلي تِن ساڻ ڪِهڙي؟ جِن جو حَج لاڳُو حُضُور،
ڪُوڪرو ڪو ڪَرم سان، ڪامِل! ڪَنائِين جي نہ آئُ.

هِن اوڏائي هِينئن نہ، دِلبر دوست! دِل تان لاهِجي،
ڪو پَچاڙيءَ جو پُچا لئي، پير پائِين جي نہ آئُ.

چا ڪَندين مُون مُئي اَچي، مِنڙا! مِٺيءَ جي ڊير تي؟
يار! جَهٽ جِيئري زِيارت، ڪا ڪَرائِين جي نہ آئُ.

ڪَر مَ چِني ڪُڙم پَنهنجيئان، وِچ ڪُتن، ڪانگن پياس،
لوڙهہ مُنهنجو لاڏلا! لِلّٰه لَٽائِين جي تہ آءُ.

ڪِيئَن پَٽڪي جِي پَٽي، ڳُرجي بَدن مُنهنجي کي بَند،
وار جو واري ڪَفن کي، وَر وَرائِين جي تہ آءُ.

پاند مُون پينار جي ۾، پاڻِي! پائي نہ آهِہ،
مُفت ڪِنهن مِسڪِين کي، لَهرِيون لَنگهائِين جي تہ آءُ.

آهِہ عَين ۾ جَهليو، ’احمد‘ اَوهان جو اُمتي،
تِنهن کي شافِع شاهہ! شَفقت سين چَڏائِين جي تہ آءُ.

*

Gul Hayat Institute

(٣٨٩)

رُوح ۾ تُنهجون رِهاڻيون، رُوح رَيحان جي بجاءِ،
گس گهٽيون، گهر گام گويا، گُل گُلستان جي بجاءِ.

تُنهجي رُوءِ سان رات روشن، تُنهجي مُوءِ سان مُلڪ مُشڪ،
تُنهجي بُوءِ سان بَر وَڻ ٿا، باغ بُستان جي بجاءِ.

مُفت مُون تي مَچ ٻرن، تِنهن کان مُحب! محلات ۾،
ساڙ سارِي رات مُون، شمع شَبستان جي بجاءِ.

جي ڪُندين ڪي قُوت گُهرجي، ڪَر ڪُهي مُون کي ڪَباب،
رَک ڪُٺي مِزگان مَهندان، مُرغ بِريان جي بجاءِ.

ڪوهه وِجهائين قَيد ۾ مُون؟ جي اَٿئي ڪاوڙ قَريب!
ڪول زُلفن کي ذَرا، زَنجير زِندان جي بجاءِ.

تِر قَدر تِر رَنگ ڪارو، پَر مَهانگي مُلهه مِلي،
جي ڪُٺي هِندُو سَڏينس، تہ بہ هِندستان جي بجاءِ.

تُنهجي صُحبت لاءِ سُهڻا! ٿيا سَفر ۾ سال مُون،
سوز، ساڙو، سُور سامهان، ساز سامان جي بجاءِ.

قَلب مُنهنجي کي قَرين، يُوسفِ مِصريءَ مِثال،
غَرق ڪِيو چاهِہ ذَقن ۾، چاهِہ ڪِنعان جي بجاءِ.

لَعل جهڙا لَب لَطيفن، لڪ لَين لَعلُون بہ اُت،
دِل لَڳي لَب لال ڏي، لَعلِ بَدخشان جي بجاءِ.



Gul Hayat Institute

عَين اکيون، اَلف قَد، ياسين خود، يا سِين ڏَند،
مِثل بِسمِ الله پِرُون، رُخ پاڪ قُرآن جي بجاءِ.

گُلبدن جِي گهور جا، گهوڙا! گُسايان گهاءَ ڪِيئن؟
مَوت مُشڪل پير ڪوڙي، ميچ مِزگان جي بجاءِ.

مُلڪ ساري سان مُقابل، بيو نہ ٿِئي مُطلق مَگر،
هِڪ پِرين مُنهنجو، پَري ۽ حُور، غِلمان جي بجاءِ.

حُسن وارا ڪَئين هَزارين، پَر هِنيين ۾ هيڪڙو،
ياد ناهِہ يار ڪوئي، ياد يَزدان جي بجاءِ.

آهِہ 'احمد' جِي عِبادت، عُمر سارِي اِن طرح،
دَست زُلفِ يار ۾، تَسبيح مَرجان جي بجاءِ.

*

Gul Hayat Institute

(۳۹۰)

اَج قبوليا قوم ڪِهڙا ڪَم، ڪِنهين ڪَم جي بَجاءِ،
مُلڪ ۾ لا مَذهبي، مَذهب مُسلِم جي بَجاءِ.

قَوم ڪُرسي چاڙِهيا، سي ڪُرسليون آيا ڪَڍي،
غَم غَريبن تان وَري ويا، خوش غَني غَم جي بَجاءِ.

مَغربي تَعليم ۾، هَر ماڳ مَذهب تان مَذاق،
مَست مَئي ۾ ماسٽر، مُسلِم مُعلم جي بَجاءِ.

سال ۾ سَجدو نه سَنپرن، مَنجهه سَينيما صُبح شام،
سَڀ سَبق بي سُود بيا، تَصوير طِلسم جي بَجاءِ.

عِلم اَبتر جَهل کان اَج، جَهل جا ڏَنڊا ئي ڏار،
مُنهن رَکن مُلتان ڏي، مَڪي مُڪرم جي بَجاءِ.

آئيني ري ٿو ڏِسان، اِسلام جو آئينُ اَج،
مَست مَيخاني ۾ مُسلِم، غَير مُسلِم جي بَجاءِ.

هِيءُ حَيا يا بي حَيائي، حاڪمياڻيون بي حِجاب،
نا مُحرم حال مَحرم، خود مُحرم جي بَجاءِ.

مال ويو، مالِڪ ڦَٽيو، پَر جي چَڙهي پُنيان پوليس،
چور نه ته چاڪي سَهي، مَجرُوح مُجرم جي بَجاءِ.

هِن زَماني ۾ هُونهين، حَقدار هيٺون پيو هَلي،
ڦاسندو فَرياد ۾، مِسڪين مُلزم جي بَجاءِ.

ڪو اَمن اِيمان جو، ايندو زَمانو اوڏڙو؟
چا چَوي 'احمد' اڪر؟ وَالله اَعلم جي بَجاءِ.

*

Gul Hayat Institute

(٣٩١)

هِنيين جو حال، حاڪِمِ حُسن وارا! آءُ ته ڏيکاريانءِ،
ٻه اَڏ دِل دَرد ۾ دِلبرا! تو ڌارا، آءُ ته ڏيکاريانءِ.

اُٿي ويٺي اَٿم آهُون، نِهاريان رَت رويو راهُون،
بَدن تي بِرهه جُون باهُون، پِلارا! آءُ ته ڏيکاريانءِ.

سَگهائي وَئي هَلي سارِي، ڇِڪيا ڦَٽ چاڪ چوڌارِي،
مَحبت جا مَٿم مَحبُوب! مارا، آءُ ته ڏيکاريانءِ.

هِنيون حَيرت وِڌم هوري، جُدائيءَ جو جَنجل جهوري،
سَنڌيَن ۾ سُور جا سوراخ سارا، آءُ ته ڏيکاريانءِ.

ڀَساهن کي وَٺيو ڀُورن، مُنيَس مَحبت جي مَذڪُورن،
سَيئي ڳالهيون سَنديون سُورن، سُونهارا! آءُ ته ڏيکاريانءِ.

لڳن اُونهيون اکيون آجُون، نه هِڪ مُون سين ڪيَئُون هاجُون،
مُئا مَيدان ۾ ڪَئين مَل مَتارا، آءُ ته ڏيکاريانءِ.

نَظر تُنهنجي سَندا نيزا، ڪَيو راڻا! بَدن ريزا،
پيَم پيڪان پاسن کان، پِيارا! آءُ ته ڏيکاريانءِ.

هَٺن، پيرن حِنائي نُنهن، مُنور ماهه جهڙو مُنهن،
ڪَڪر وانگر وُنيَس ڪاڪُل ڪِنارا، آءُ ته ڏيکاريانءِ.

پريان سين لاڏ جو لَشڪر، ڪَٽيو اکيون هَٽن خَنجر،
لڳا تِنهن جا تَراريون، تِير تارا، آءُ ته ڏيکاريانءِ.

Gul Hayat Institute

جَڳُ سارو نہ جاني مَٽ، وَٽس هَرڪو حُسن ۾ گهَٽ،
سِجهايا تِنهن سَڄڻ سِج، چَنڊ، سِتارا، آءُ تہ ڏيکاريانءِ.

گهَٽون گهايَس گهَنگهر گُوندر، چَڙيا دِلبر! ٻيا مُون دَر،
جَرح مُنهنجي جِگر ۾، جِيءَ جِيارا! آءُ تہ ڏيکاريانءِ.

ٿيو 'احمد' کي آڏيءَ سَڏ، تہ سِڪ وارا! پَڇي سِند چَڏ،
مَنجهان مَحبت مَديني جا مُنارا، آءُ تہ ڏيکاريانءِ.

*

Gul Hayat Institute

رديف (ي)

**(٣٩٢)**

وَني دوست دِل، جا دَبي، سا ڦَبي،
گهٽون ڊوڙِيَس پَر ڊَبي، سا ڦَبي.

شَفا لاءِ شَفتين عالي عِلاج،
نہ دِلبر دَوا جِي دَبي، سا ڦَبي.

هُجي دام داڻي تي، تِر وار تِيئن،
اَڏي ڊول! تو جا ڊَبي، سا ڦَبي.

پِنيءَ رات پاڻيَم، ڦَرين ڪُتو،
ڪٽي ڪابہ ڪنڊو ڏَبي، سا ڦَبي.

اَوهان ڏانهن ڪَري اک ڏِٺي اَج ڏِٺم،
ڪَمر مِ اُها اک ڏَبي، سا ڦَبي.

پَري رات پَهرين بيهاري چِڏيوم،
هَٿان ڪِنهن بہ هَمدرد بي، سا ڦَبي.

اکين کي نہ آکين 'احمد!' اکر،
ڏُران دوست هِيءَ ڏُر دَبي، سا ڦَبي.

*

Gul Hayat Institute

(۳۹۳)

مَحبُوب مِنا! موٽ، خُدا لڳ خَدمن تي،
سَنڙم تو سوا، ڪي سَئو صَدمان صَدمن تي.

دِيدار مَٿان دِل نہ ڪِڇي، دوست! ڪِنهِين دَم،
هَر مَهل مِنا! مُون ڪي، مِلڻ جِي سَڌ مَن تي.

تُون سَروَ سِڌائيءَ ۾، سَدا سُونهن ۾ سَروَر،
چِٽ آهِہ ٻَڌو اَلف مِثل، اِن قَد مَن تي.

تُون نُور اَنوَر، پَري حُور نہ مَٽ مُور،
دِل دُور، پوَن پُور، پَسڻ جا پَد مَن تي.

هَر پاس، اَچي واس، ڪُلي خاص ڪَٿُوري،
هِيءُ پار پِريَم! تُنهنجو، پَرُوڙيَم پَدمن تي.

آئون مُلڪ هَٽي ماڳ رَسان، مُحب! مَٿين تُون،
ايڏو نہ ٻَڌو زور، اَنڌيرن اَڏمن تي.

ڪِنهن وار اَگڙ آءُ، 'احمد' ٿار اڪين جا!
قُربان ڪَريان جان، ڪِري ڪَر قَدمن تي.

*

Gul Hayat Institute

(٣٩٤)

مَتان مَٽيو مُون کي مُرسل! مُربي يا نَبي عَربي!
نہ تو ري پَت پَروَر ساڻ پَربي، يا نَبي عَربي!

ڪَڏي ڏاتار! ڏُونگر مان، وَري مُون ڏيھہ ڏيکاريو،
ڏِسان ڪامِل! قُبا اَهنجا، قَبر بي، يا نَبي عَربي!

ڪِجان ڪامان اَجان خالِي خَيالن ۾ خَليل اللهؑ!
ڪَڏهن دِل نُور سان پَرپُور پَربي؟ يا نَبي عَربي!

ٻَلا! اَهنجي ٻَلي ٻُونءِ جا، ٻَجا سُرمي ٻِتر ٻانيان،
وَڏي جِنسار نيڻن جو، نَظر بي، يا نَبي عَربي!

گُناهن ۾ گَتل سارو، گُذاريَم ڏِينهن غَفلت جا،
قَريبا! ڪو ڪَرم ڪَريو، قُربي يا نَبي عَربي!

دُعا گُهرجو نہ آئون دائم رَهان سِر دِين دُنيا ۾،
گَڏڻ گُهرجي گَدائن کي، گوهر بي، يا نَبي عَربي!

اَي مُحمد! چِن مَ 'احمد' سان، لٿو اَج آجڪو عَملن،
نہ هِيٺي مان ڪَيج هَٿ، ڏِينهن حَشر بي، يا نَبي عَربي!

*



Gul Hayat Institute

(٣٩٥)

ڪِيانتل! ڪَر خَبر، اَج ڪو پِرين هِن پار آيو ٿي؟
سَنيهو سَنيهار ڪو توکي، سَڻايا واءُ! سُڻايو ٿي؟

اَدا اوني! عَرض مُنهنجو، رَسائِيئي رِيت ڪِهڙيءَ سان،
پُڇيَئون مُرڪي توڪان مَهندان، ڪِ مُحبن مُنهن مَٽايو ٿي؟

ڪُهڻ مُنهنجي جو چِيو قاصِد، قَصد آهي قَرِين ڪي،
سُڻيو مَذڪُور سو مُون کي، اَندر آرام آيو ٿي.

اَسان جا عُذر ۽ آزيون، مِني مَحبُوب جا ماڻا،
گهَڻان ڏِينهن پاڻ ۾ گڏ، اِيءُ اَسان ڪَم آزمايو ٿي.

اَلستُ بِرَبڪُم، قالُوا بَليٰ، فَرمائيو فائق،
تِنهان اَڳ دِل ۾ دِلبر، دِلربا دَرسن دِکايو ٿي.

اُونداهي رات آڌيءَ جو، حُسن چِمڪي چِٽائي ڪَئي،
پِرين پَردن ۾ جيتوڻي، لِقا لالڻ لِڪايو ٿي.

سَجڻ جي سُونهن ڏِسي، سَجدي ۾ پيا سِج، چَند، ڪَتيون، تارا،
سِپاهي ٿيا سَندس، جِن خود سِپهه سالار چايو ٿي.

نه هَرگز هِڪ وَصف ۾ ڪو، سَگهيو ٿِي جوڙ جانِب سان،
پَريان پَسندي پِرين هَر ڪِنهن، قَدم سِر ڪَند نايو ٿي.

سَدا ساراهه صُورت جِي، نه ڪِنهن کان تام ٿِي توڙان،
اِنهيءَ تَعريف ۾ توڙي، هُنر هَر ڪِنهن هَلايو ٿي.

وَصل ۾ آهِه وَس وارو، نه هَلندو زور حاڪِم سان،
مَگر اُن جي اَڳيان 'احمد' پَلئو پَل وار پايو ٿي.

*

Gul Hayat Institute

(٣٩٦)

مِٺا مَحبُوب! مُون وَٽ، ڪِنهن مَهل مِهمان ٿِي وَڃ ٿِي،
ڪَپي هِيءُ ڪَنڌ قَدمن تان، ڪَندس قُربان ٿِي وَڃ ٿِي.

بَدن ڦوڙاءِ ۾ ڦانگا، اُڏر ڪاغذ ڪٽي ڪانگا!
ٻُڌائج ٻانگ ۾ ٻانگا! چَٽُون! چَئجان ٿِي وَڃ ٿِي.

پِريَم! لاهِج پَريشاني، پَسائج پاڪ پيشاني،
جُدايون ڇَڏ جِيئن جاني! جِسم ۾ جان ٿِي وَڃ ٿِي.

تُون گُل گُلزار گُلبن جو، اَچي تَعويذ ٿِي تَن جو،
مَٿي جو موڙ ۽ مَن جو، مَٽيون مَرجان ٿِي وَڃ ٿِي.

مَزو تو دَر مَزُوريءَ جو، هَزاري ڪَم حُضُوريءَ جو،
وَڏي ويو دَرد دُوريءَ جو، دَوا دَرمان ٿِي وَڃ ٿِي.

نہ تو جِهڙو جِهو جاني! خُدا توکي ڏِني خاني،
اکيَن ۾ اِيءَ ڪَجل ڪاني، ڪُکيَن ۾ ڪان ٿِي وَڃ ٿِي.

سَڄڻ! ڪَڍ سِينڌ سِينگاري، چَٽُونءَ جِيئن چَئِج چِينگاري،
گهڙي غَمگين سان گهاري، نہ غَم غَلطان ٿِي وَڃ ٿِي.

هَٽي ڪَڍ هَٿ ۾ هَٿ واري، تُنهنجو هَٿ ٿو هِنيون ٺاري،
مِٺا مَحبُوب! تو ماري، مَران نہ ٻہ مان ٿِي وَڃ ٿِي.

مِٿيءَ ڪي وار موءِ تان، شَمع ڇَڏ يار! پوءِ تان،
چيئُون جي حُب هوءِ تان، پَڇي پَروان ٿِي وَڃ ٿِي.

ٻَلي لائين تہ ڳَرهيان ڳُجهہ، چيئَين اِيءَ ٻاجهہ ٻِئي وَٽ ٻُجهہ،
هِتان حاصِل نہ ٿيندئي ڪُجهہ، هُونهين حَيران ٿِي وَڃ ٿِي.

چَيو ’احمد‘ ڪَڏهن اِيندين؟ چيئَين جِنهن ڏِينهن دَم ڏِيندين،
ٻَلا جي بي صَبر ٿِيندين، تَڏهن تابان ٿِي وَڃ ٿِي.

*

Gul Hayat Institute

(٣٩٧)

سَنئين سَنواري سِينڌ سُهڻي، وار اَڄ واري مَٿي،
قَلب مُنهنجو پيو ڪِري، ڪاڪُل اِنهيءَ ڪاري مَٿي.

هِي سَڄڻ جُون سِينڌ پَٽيون جي تہ، سوگهو آهِہ ساهہ،
وار ڏِسيو ٿو وَڏي، وِچار ويچاري مَٿي.

ڪَن اکيون سُهڻي سَڄڻ جُون، سُوڙهہ سِيچاڻي مِثال،
لَڪ دِليون لِڪ لِڪ ڪڻَ ٿيون، لُوهہ لاماري مَٿي.

هيڪ تاري جي تَجلي، تار مان تاري ڪَڍيوم،
تَن ٿيم تُن تُن، لَڳو ٻيو تِير تان تاري مَٿي.

چَٽ وَجن ٿيو چَنڊ تارا، شَمس جو گهَٽجي شُعاع،
ٿا پوَن اِن پَر اُهاءَ، اَڌ رات اوتاري مَٿي.

باهِہ پانئي وِڪ پَري مُون، طَرف وَڻ تَرسي تَمام،
اَڪ وَجي مُنهنجي پيئي، مَحبُوب موچاري مَٿي.

جِن اَندر اَللهُ اَڪبر، تِن ڪي يَڪسان اَڪ، ڪَماند،
ڪِينَ محبت جو مَزو، مَنجي مِني ڪاري مَٿي.

Gul Hayat Institute

اوچتو اَندر لڳو، عاشِق کي آڏيءَ رات ڪان،
ٿِي سُتن کي سار، تِنهن جي سَرد شُوڪاري مَٿي.

عُمر ’احمد‘ کي نہ گهُرجي، گُل گُلابي! تو ٻِنان،
تُون اَچي ڪا ڪَهل ڪَر، ڪاهِل ڪَنڌي واري مَٿي.

*

(٣٩٨)

مُنهنجي دِل ۾ دوست ديرا، ڪِيا ڏُرائي اَج ڪِٿي؟
اک اِشاري ساڻ آخر، دِل اُرائي اَج ڪِٿي؟

موڪليان مَحبُوب ڏي، جيڪر مَجيجي ڪو مِليم،
مُلڪ ۾ گهرا گهڻان، پر گهٽگهُرائي اَج ڪِٿي؟

ويچ وِيچاري چِيو، هِن کي دَوا دِل جي کپي،
سا تہ گهوڙا! گهور ڏيئي، گوهر گهُرائي اَج ڪِٿي؟

اَج اَسُر جي وَقت کان، ڪَن تي پيَم ڪُو ڪُو تنوار،
پاپيهل بولي مِٺي، پيلي! پُرائي اَج ڪِٿي؟

واهہ! جو هو وَجهہ مِلڻ جو، ڪَر وِچان ڪاري ڏِنون،
اِيءُ بُرو بُنياد ڪان، اِن جي بُرائي اَج ڪِٿي؟

Gul Hayat Institute

هَٿ چِنڊي هَليو ويو، حُجتون پِجي مُنهنجو حَبيب،
نِت نَوان اِي ناز نَخرا، نابرائي اَج ڪِٿي؟

ڪِنهن طرح ’احمد!‘ اَمن سان، مُلڪ ۾ ماڻهون گهُمن!
مُون تہ دَر دِيوار ڏِسندي، دِل ڦُرائي اَج ڪِٿي؟

*

(٣٩٩)

ساري سَلامُ چَئِيج تُون سَنيهڙا ٻه ٽي،
پانڌي! پَيامُ ڏيج تُون پاڇيھڙا ٻه ٽي.

ناڻو وَڏيڪ آھِ نه ڏاڻو ٻه دوست! ڏِس،
ھِڪ تِر مَٽي هَزار ڏِناسين هَڙا ٻه ٽي.

اکيون عُقاب جِيئَن نه ڪِلڙ ٻه ٻُوند خُون،
شَب روز ڪَن شِڪار ھِي شِينهڙا ٻه ٽي.

ھِت ڪَن سَلامُ غُلامُ گھڻان، ڪاڪ ڏاھَن ڪير؟
سوڍا، ڪِي سُومرا، سَمان، سِينهڙا ٻه ٽي.

تو ري هَزار ٻيا ٻه ڪٽن هَٽ ھِٽان ھُٽان،
مُون ڪان نه نِپايا نه ٽِيَن نِينهڙا ٻه ٽي.

بيمار ٻِستري تي، ٻَچڻ جو نه پَروسو،
آءُ تُون اگڙ عَجيب! ڪي ڏِينهڙا ٻه ٽي.

’احمد‘ ڪي آسرو نه اُني مِينهن ٿا اَچن،
مَحبُوب! موٺ موٺ، وُٺا مِينهڙا ٻه ٽي.

*

Gul Hayat Institute

(۴۰۰)

هِت گهَٽي گُوندر نہ گهوڙا! هُت نہ گڏجڻ جِي گهَٽي،
دِل فِڪر ڦوڙاءِ ۾، گِدري جي ڦارن جِيئن ڦَٽي.

حال هِيءُ مُنهنجو هَلي ڏِئي، ڪو حَبيباڻي حُضُور،
اَي مِٺا مَحبُوب! مُون سان، چو اَٽي محبت مَٽي؟

باغ جهڙو بُت ڏِسي، لڳڙم بِرهہ بُلبُل مِثال،
حُسن هِهڙي تان هِنيون، ڪو آئون ڪٿان هاٽي هَٽي.

ڏِئي مَزو مَحبُوب مُون کي، ڪِينَ تارُونءَ ۾ طَعام،
خواهہ ڪارڪ، خواهہ کَنڊ، تو ري لڳي ڪارِي ڪَٽي.

تو هَٿان مَحبُوب! مُون کي، زهر ٿيو ماکيءَ مِثال،
جي نہ وِسهين تان وَري، ڪا ڏي پَري وِهہ جِي وَٽي.

روز رِشن مان اَندر جي، رَت ڪَيو ريلا وَهي،
پاڻ هِن پينار جِي، ڪِج ڪا پِيارل! تُون پَٽي.

Gul Hayat Institute

عِشق جي اوڙاهہ تي، آڏو نہ ڦِر مُون کي اَديب!
مُون سَچن موتِيَن جي سانگي، دِل سَمُوندن ۾ سَٽي.

آهہ ’احمد!‘ عاشِقن لئي، عِشق عِشقي ول مِثال،
وَڻ نہ واهُوندن تي موري، وَل اِها جِنهن تي وَٽي.

*

(٤٠١)

ڪوٺ ڪِنهن قِسمت ڏيکاريَم، ڪوٺيَن آهيان ڪُٺي،
هُت وَسن مارُن تي مِينهڙا، آئون ماڙيَن هِت مُٺي.

لوچ لوڙائو لڳم ڪو، ٿِيِن لارُون لُڙڪ لال،
لوڪ ڏيهه جو ڏوهه نہ ليکيان، اَنگ لِکيي آهيان لُٺي.

موڪليو مارُن ڪو ماڻهو، موٽ مارُئي! مِينهن وُٺا،
هيڪ ساڻيهه بُوند سَنهڙي، بيو ڦُٽي ساوڪ سُٺي.

خُوب ڪاهُڙ ڪي پَريو، هُوءَ جا ڪِوي هُن ڪُڻ مَٺي،
وِڄ اِها ڏيئي اُها، اَڄ پڻ اَسان جي ڏيهه اُٺي.

پَٽ اَسان جي پَٽ سَڄي ۾، ڪِٿ پَٽيءَ پَرهيِن ڪِڻ،
اِيءَ رَسم اُن راڄ جِي، هِڪ آئون نہ ريشم ڪان رُٺي.

آئون ماڙيَن، دُور مارُو، مارِيَس اِن مامري،
ساهه ڪٺيو آهه ڪَريان، سَرد پَل پَل تِنهن پُٺي.

قُفل، ڪُنجيون، ڪوٺ پَچ، ڪَي قَيد مان قادِر ڪَريِم!
ميڙ جهانگيَن ساڻ جِيئري، يا پِٽن پَر ڪَر ٻُٺي.

موڪلي مُون ڏانهن مارُن، اَڄ بہ 'احمد!' سُوڪڙي،
لَڄ پَري لوئي، پيَل جِنهن ۾ پَهر لاپي پُٺي.

*

Gul Hayat Institute

(۴۰۲)

مِٺا محبُوب! محبت ڪي، نه مُحبن سان مَٺي وَڃجي،
جَشن جوڙي ڪَجي جاني! نه جَهٽ پَٽ جِيءُ جهٽي وَڃجي.

ڪُنڍا ڪاڪُل ڪُلهن تي، ڪَر پٽون ڪارا ڪُنڍي وارا،
ڦُري دِل پوءِ ڪَجي ڦيرو، نه ڦوڙاءِ ڦٽي وَڃجي.

اَسان جي قلب سان ڪَن ڪار، جِيئَن ڪارا ڪَلاداري،
وَڍين توڙي وَٽان وارن، ڪي وانگوڙا وَٽي وَڃجي.

سَڄڻ! سَرچي نهي ساڻم، وِڇان سالُون مَ وِڄه ساريون،
ڏَمر ڏاڍو هُجي ته به ڏُور، ڏيهڙي ڏِينهن به ٽي وَڃجي.

هِنيون مُنهنجو هَٽي هاٽي، حُسن حيرت گَڏيو گُڏيو،
سَڄڻ! سارُون لهڻ گهرجن، نه سُورن ۾ سَٽي وَڃجي.

سَچو سو ڳوٺ ڳُڻ ڳالهائي، ڳُوڙهو يار مُنهنجو جِت،
پَريءَ جِهڙن جي پاڙي ۾، پَڪا پنهنجا پَٽي وَڃجي.

مَٺان ڪامِل! قَبر مُنهنجي مَنجهان، نِڪري ڪِنائي ڪا،
چَتيون چوڙي مَٺم ڪُجهه عَطر، چَٽڪاري چَٽي وَڃجي.

نه جِيئَري دوست! ڪَر دُوري، ڏِيان دَم آئون، پوءِ دِلبر!
لُطف سان لوڙهه 'احمد' جو، لَٽون ڏيئي لَٽي وَڃجي.

*



Gul Hayat Institute

(٤٠٣)

چا مال ساڻ مَطلب؟ مالِڪ مُدام گُهرجي،
ساراهہ رَب سَچي جِي، هَر صُبح شام گُهرجي.

صاحِب ڪي صِفت ساره، سَردار تي صَلواتون،
اِن ڪان عَجيب عُمدو، ڪهڙو ڪَلام گُهرجي؟

ناهي مَدح مُحمد جي جو مَٿو مُدامي،
تَعريف روز تِنهن جِي، تازي تَمام گُهرجي.

حَضرت حَبيب بَنيو، هَر دو جَهان جو حاڪِم،
اَڪبر وَزير اڳيان، عَربي اِمام گُهرجي.

پيڙا رَهيا ٿي اُن پل، باطِل ۽ بات حَق جِي،
فِي الحال تِنهن فَرق لئي، فارُوق جام گُهرجي.

جِنهن وَقت ڏانهن جَنت، جاني جَناب هَلندو،
اُن سان رَفيق عُثمان، عارِف عَلام گُهرجي.

ڪافر ڪَريو ڪَٽڪ، اَچ ڪاهِن پيا قِلعي تي،
هَشيار سُوڌو هِڪدم، حَيدر هُمام گُهرجي.

جيڪي سَڀئي سُونهارا، سَردار جا صَحابي،
اُن ساڻ يا اِلاهي! اِنعام عام گُهرجي.

اُمراءُ پيا اڳڻ مُون، چا عَيب جي نہ ايندا؟
شاهِہ شَفيع هِڪ جِي، صُحبت سَلام گُهرجي.

Gul Hayat Institute

ٻِئي مُلڪ ۾ نہ مُنهنجو، مَدفُون مَڙهہ ڪَرائج،
مَولا! شَهر مَدينو، مُون کي مُقام گُهرجي.

آگا! مُلڪ عَرب کان، ’احمد‘ کي چَڏ مَ اوري،
گوهر جي نِت گهٽيَن ۾، گولو غُلام گُهرجي.

*

Gul Hayat Institute

(۴۰۴)

ڪَري تُرهو توڪل تار، تَر اِئن جيئن تَرڻ گُهرجي،
پِريان سان پَت لنگهي پاتار، پَر اِئن جِيئن پَرڻ گُهرجي.

اَنڌاريءَ رات، اُونهان ڪُن، بيا وِڪ وِڪ مَٿي واڳُو،
سُونهون ٿِي سِير ۾ وِڪ يار! پَر اِئن جِيئن پَرڻ گُهرجي.

هَميشه ڪِينَ هُوندا هِي، وَسُون ۽ وِيءَ وَلهارن ۾،
مَيا! موڙي گُلن جا ڏار، چَر اِئن جِيئن چَرڻ گُهرجي.

قُفل پَچ، ڪوٽ پَچ، پَچ قَيد، ڪُوڙا قاصِداڻا بيا،
وَري مارُئي! ويڙهيچن پار، وَر اِئن جِيئن وَرڻ گُهرجي.

ڪُنل ڪونائين ٿو، پوءِ هَٽين پيو ڪَنڌ ڪُچاڙي ڪان؟
نه مُورهين اِي مَرڻ جا پار، مَر اِئن جِيئن مَرڻ گُهرجي.

قَربن ڪوئلا گُهرجن، ڏکين ٿُون دوڳ ڏُوڏي ۾،
اَٿئي اَخگر ٿيڻ ۾ عار، بَر اِئن جِيئن بَرڻ گُهرجي.

ٿلهيون پيٿون نه پيٺا وَقت، بيهنديون بي حُضُورن جُون،
مَٿو مَنجهه دوست جي دَربار، ڌَر اِئن جِيئن ڌَرڻ گُهرجي.

پَلر هِن پَٽ ۾ آهي ايترو، بِي سَپ اَڳيان سُڄ رُڄ،
دِلا مَٽ تِنهن مَنجهان دِلدار! پَر اِئن جِيئن پَرڻ گُهرجي.

Gul Hayat Institute

سَجڻ ڪي سِج سَڏين يا چَند، اِي سَپ اَڻ ڏِٺي جا ڪَم،
مِٺي دِلدار جو دِيدار، ڪَر اِئن جِيئن ڪَرڻ گُهرجي.

ٿلهي اَستغفِرُ الله ۾، عَفو جِي آس چا 'احمد!'
ڏِسي ڏوهن ڪي پَر ڏاتار، ڌَر اِئن جِيئن ڌَرڻ گُهرجي.

*

روز رازِق ڏِني اَلستي، اِيءَ بہ رَحمت رَب جِي،
چَڱيلائي تَندرستي، اِيءَ بہ رَحمت رَب جِي.

ڪِيئن ڪِني پاڻيءَ مَنجهان، خاوند ڪيو خاڪو تيار!
لوڙهي مان لال لَستي، اِيءَ بہ رَحمت رَب جِي.

پورِ ٻوٽي، پورِ هَڏ چَم، پورِ ناسُون ۽ نِگاهہ،
پير، ٻانُهون، دِل دُرستي، اِيءَ بہ رَحمت رَب جِي.

خَير، ڪادو ڪائي خالي، ٻهر آئين ٻن هَٿين،
پورِ ٻَدلي تُنهنجي ٻَستي، اِيءَ بہ رَحمت رَب جِي.

پيٽ ٻُکيو، اَنگ اُگهاڙو، هُئين هَٿين پيرين هَلاڪ،
هُئي نہ هيڏِي مال مَستي، اِيءَ بہ رَحمت رَب جِي.

هُونگڙين ڪان هَنج تائين، هُئين حَوالي تُون ٻين،
ڇَئو ٻَدن ۾ ڪِهڙي چُستي؟ اِيءَ بہ رَحمت رَب جِي.

پيرڙا ڪٽندي پِرين! تو پول ٻاتا ٿي ڪَيا،
ڳالهہ هاڻي خان! خَستي، اِيءَ بہ رَحمت رَب جِي.

جَس جَواني يار جاني! جوڙ جيڏن جو ڪَيئن،
ياد ڪَر تُون پَنهنجي پَستي، اِيءَ بہ رَحمت رَب جِي.

ڪِير، پُٽ، پَرٽان ۽ پوکُون، مال مينهُون، ڳَئون، مَتاع،
پُونءِ ۾ ٿيئي ٻَرڪ ٻَستي، اِيءَ بہ رَحمت رَب جِي.

Gul Hayat Institute

پوءِ قَلم سان عِلم جو، توکي ڏِنئين سِينگار سَڀ،
سَمجهه ٿِي تولاءِ سَستي، اِيءَ بہ رَحمت رَب جِي.

پوءِ مُڪئين قُرآن تو لئي، ڪِيميا جو هِيءُ ڪِتاب،
شَڪ نہ جِنهن ۾ ڪا شِڪستي، اِيءَ بہ رَحمت رَب جِي.

راهہ رَهبر رَب آندو، رَحمة اللعالمين،
هاشميءَ جِهڙي نہ هَستي، اِيءَ بہ رَحمت رَب جِي.

اِي ڪَرم قادِر سَندا، تُون پاڻ عاقِل ٿِي اَچار،
تو ڏِني ڪا تَنگدستي؟ اِيءَ بہ رَحمت رَب جِي.

بَندگي 'احمد' گُهري، بي بَندگي شَرمندگي،
زور، زاري، زيردستي، اِيءَ بہ رَحمت رَب جِي.

*

Gul Hayat Institute

(٤٠٦)

خَوف آهِہ خُون جو، ڪَٽندين خُمارِيَل نيڻ جي،
خَلقيا شايد خُدا هِي، خاص خاطِر ڪيڻ جي.

ڪان ڦَهري ڪو لڳو، جِنهن قَلب سان ڪيئي قِيام،
ڏِيل ڏَرجي ويو ڏُکن ۾، مَن مِثل ٿيو ميڻ جي.

شُڪر، ڏِين ٿو شَوق دِل کي، شوخ ٿيندي شَهسوار!
وِهہ وِهاڻِيَل وِهسندا ڪَئي، ساڻ وائي ويڻ جي.

اُوءِ پُونگا، اُوءِ پيٽيون، اُوءِ مارڳ، اُوءِ ماڳ،
ويا سَفر ڪِنهن سانگ اُڪري، ڪِيا سِڪي مُون سيڻ جي.

ديک دَرسن دوست جو، ني ڪِيمَ دُنيا ڏانهن دِل،
حُڪم وارا لَک هَٽي، ماريا ڏَيا تِنهن ڏيڻ جي.

جِن هَٿ سان هيرِيوئي، سَڳ! مَ تِن سان وَڳ وَري،
حَيف چُونئي نہ بہ هَٿي وَج، لَڄ لِحاظي ليڻ جي.

پَئي خودي آڏِي خُدا کان، جِنهن کي 'احمد!' ڏِينهن اَزل،
سو نہ لَهرِيَن مان لَنگهي، ڇيهہ تائِين وانگر ڇيڻ جي.

*



Gul Hayat Institute

(۴۰۷)

فَرشتو فَرش تي آيو، ڪِ خود فِردوس پيو ڏِسجي،
فَجر يا فَوج سُوڏو يار، يا فانوس پيو ڏِسجي.

ڪَبُوتر ڪُنگرن تي ڪو، ڪِ آهي چِڻَ جو آهُو،
مِثل موتي، ڪِ ڪو توتي، ڪِ خود طائوس پيو ڏِسجي.

رَتي مُڙندي ئي راسيو چَندر، يا بي مُند ٽِڙي مُکڙي،
پَريءَ جهڙو پِرين آيو، پَري پاڇوس پيو ڏِسجي.

سَجڻ ڏاران سَجيون سائُون، سُجڻ ۾ سِج نٿي آيو،
سَجڻ آئي نہ هِڪ سِج، بَلڪہ سَئُو جو سوس پيو ڏِسجي.

بَهاري باغ ۾ آئي، ڪِ وَريو وَڏ ڦُڙو وِيءَ تي،
اکيون نَرِيون، اَندر ۾ اَڄ، اُجهاڻل اوس پيو ڏِسجي.

پُڇايان چو پَرستان کي، پِرينءَ لئي بُت پَرستن جِيئن؟
پَري يا حُور کي پِرِيَن جو خود پابوس پيو ڏِسجي.

چَپن ۾ چاشني، جِنهن سان مُئا اُٿِيَن اڳي مَحشر،
اکِيَن مان ڪَن بہ ڪَڙڪو ڪان، ڪِن جو ڪوس پيو ڏِسجي.

Gul Hayat Institute

ڏِسي يالا پُرون پُلِيَس، نہ ڪو ڦورُو ڦِري آيو،
ڪَسي دَولت ٻيو ڏاڙيل، هِيءُ دِل ڪوس پيو ڏِسجي.

اڳي عِيدُون ڪَئِين آيون، ويون اَرمان ۾ 'احمد!'
گُهمي اَڄ يار گهر آيو، نہ گُم اَفسوس پيو ڏِسجي.

*

(٤٠٨)

جِيِين جاني! جَڏو آهيان، جِيان پيو آسري اَهنجي،
بِيَن نُسخن ڪَنان نَفرت، نِيان پيو آسري اَهنجي.

مَزو آهي مِڻائيءَ ۾، مَگر مانُهن هَٿان تُنهنجي،
وَٽيون وِهہ جُون وَني، وِهسي پِيان پيو آسري اَهنجي.

ڏِسي مَحبُوب! مُنهن تُنهنجو، مُڙي مِحراب ڪان ويو مُنهن،
خَطا ڪاڻم، خطا ڪِيندس، ڪِيان پيو آسري اَهنجي.

سَدا سُهڻا! ڏِسان جي سَئُو ڪوهن تي سوجهرو سامُهون،
تہ هِڪ ساهِي هَلي حاضِر، ٿِيان پيو آسري اَهنجي.

سَوين جائز هُجن تہ بہ ڪِنهن کي جُرئَت جاءِ تُنهنجي تي؟
اَچان اَڌ رات ڪَريو ڏَهہ هِنيان پيو آسري اَهنجي.

بَنايان هار هِيرن جا، وِڇايان هَنڌ هِندورن ۾،
مَچايان هَر مَهل مَحفل، مِيان! پيو آسري اَهنجي.

اَچي اَڌ رات عِزرائيل، ڏِئي آواز 'احمد' کي،
تہ سُهڻا! سَئُو نِندن مان، سَڌ ڏِيان پيو آسري اَهنجي.

*

Gul Hayat Institute

(۴۰۹)

گُل هُجن گلزار ۾، گَڏ پاڻ هَٿ هَٿ ۾ هُجي،
باغ ۾ بُونڊُون وَسن، توساڻ هَٿ ۾ هَٿ هُجي.

هِڪ وِچين، ٻي وَس، ٽِيون ڪَئِن واس، چوٿون واسرو،
مِهر هِڪ، ٻيو مُهر تي مانداڻ، هَٿ هَٿ ۾ هُجي.

صُبح ڪان سَبزن جي وِچ، ٽِنهن کي سَجڻ! ويو سِج لهي،
ڪَر نه هِيٺي ساڻ هاڻون، هاڻ هَٿ هَٿ ۾ هُجي.

تُنهنجي مُرڪن جو مَزو، مُون مَٿ مِٺاين جا نه ڏِين،
مَٿ نه ماٿن ساڻ موتِيَن ماڻ، هَٿ هَٿ ۾ هُجي.

مِينهن مَنديو، مُنهن لِڪائي هِن مَهل ۾ تُون مَ هَل،
چوڙ چِٽڙا، چِڏ ڪٽي چِڪتاڻ، هَٿ هَٿ ۾ هُجي.

سِج اُپرندي ساڻ اُپيون، اُپ ۾ اُبون ۽ اِندلٺ،
سَر سَجا ساوا، سُونهي سانداڻ، هَٿ هَٿ ۾ هُجي.

هَٿ ۾ موتي موتيو گُل، مَوت پوءِ ڪُل مُلڪ لئي،
مَر ٿِئي رَستن مَٿي رَت چاڻ، هَٿ هَٿ ۾ هُجي.

وار چوڙي تُون ويهين وِله تي، وِهان آئون واءُ هيٺ،
پيو وَٿان سامهُون سُڳند سُرهاڻ، هَٿ هَٿ ۾ هُجي.

سِج نِهاري جِيئَن نيلوفر، چَند پُوڄي جِيئَن چَڪور،
رُوبرُو ويٺو ڪَريان واڪاڻ، هَٿ هَٿ ۾ هُجي.

Gul Hayat Institute

اوچتو اَندر ڳِھڙي آيَس، اَسُر جي آسري،
ٻَئي ڪَرايون ڪَنڌ ۾، ڪِنھن ڪاڻ، هَٿ هَٿ ۾ هُجي.

مُنھنجي ڳولڻ ۾ مَ مُنجھ، تُون مَجمع محشر مَهل،
آهِه ’احمد‘ جو اُتي، اُهڃاڻ هَٿ هَٿ ۾ هُجي.

*

Gul Hayat Institute

(٣١٠)

تو سَوا محبُوب! مُنهنجو مَن مُنجهاڙي ۾ هُجي،
ڏِينهن گُذرن ڏُسڪندي، راتيون رَنجاڙي ۾ هُجي.

تو سَوا صاحِب صَباحت! صَبر ڪونهي صُبح شام،
سونهن تُنهنجي سُونهن جو، نِت ساهه ساڙي ۾ هُجي.

تو ڪَنان تَنها رَهن، تِن جو نه تُن تُن تَن سَچو،
ياد تُون طوطن ڪي، تُون تُون تار تاڙي ۾ هُجي.

چَپ چَپن تي ويا لڳي، پَر چَپ ڪَيڻ ڪان چُپ چَڱي،
فائدو ڪِهڙو ڦَڏي مان؟ ڦاٽ ڦاڙي ۾ هُجي.

پَنڌ ڪِهڙو ڪوهه ڪَئِين، پَر ڪوهه ڳوليان ڪوهه قاف؟
اَي پيارا! خود پَرستان، تُنهنجي پاڙي ۾ هُجي.

مِينهن ڦُڙا ڪَر مُنهن تي موتي، وار ڪارا سِر ڪُلهن،
اِئِن ڪٿي چَنڊجي نه، چوڏهين چَنڊ واڙي ۾ هُجي.

چَنڊ چوڏهينءَ جو چَڳون، پَر چيلهه، چوٽي، نَڪ نه چَپ،
پوءِ قَمر، نازُڪ ڪَمر جِهڙو ڪُچاڙي ۾ هُجي؟

دوست تي دَعوا ڪيَم، تَفصيل تِنهن جو هِن طَرح،
صَبر، صِحت، دِين، دُنيا، دِل به ڌاڙي ۾ هُجي.

جِنهن مَهل مُرڪي ڪٿن، ’احمد!‘ اکيون مُنهنجا عَجيب،
تِنهن مَهل ماٺو مَ شل! مَهندان مُهاڙي ۾ هُجي.

*

Gul Hayat Institute

(٤١١)

يار سوني رَنگ سُهڻو، صاف سِيني جو هُجي،
ڪَنڌ، قَد ڪانيءَ ۾ قَطرو، ڪِينَ ڪِيني جو هُجي.

عُمر چوڏهن سال، چَهرو چَنڊ چوڏهين چِلڪڻو،
سَروَ بالا، بُت بِلوري، آبگيني جو هُجي.

هَرڻ اکِيَن، هَنجهه ڳِچي، حُورن، پَرِيَن کان حُسن زور،
گُل ڳِلن، گُلشن حُسن، گوهر گنجيني جو هُجي.

وار وِسيَر، وات مُکڙي، ڏَند موتي، ميچ مَوت،
ڪِل سَندس هِڪ خَرچ، خاقاني خَزيني جو هُجي.

ماهه، هَڏ، چَم مان هَلائي، گُرز گوليون گهور سان،
خواهه پاهڻ جِيئن پَريان کي، پور پِيني جو هُجي.

سِج سَندس صُورت جو پَرتو، پَٽ نقل پيرن پِريان،
عَطر پَيداوار، پِريان جي پَسيني جو هُجي.

خواهه هِن جَڳ، خواهه هُن جَڳ ۾ نه جِهڙس مَنجهه جَمال،
تَخت توڙي تاج، تِنهن جي تابعيني جو هُجي.

Gul Hayat Institute

دِل سَگهي دَرسن ڪَري، پيا ڏُوڙ پائن ڏَڙ ٻَهار،
دَخل تِنهن دَر، دَم نه ڪَم، دِينار دِيني جو هُجي.

اُپ گُهمڻ آسان اُن تي، جِنهن جو 'احمد!' آڳِرو،
مِير مُرسل، مَل مَديني، گُل مَديني جو هُجي.

*

(۴۱۲)

مُنجهان ماڙيَن ۾، مارُن پاس، اَچ ڪا مُند مَلهاريءَ جي،
پِٽن پاسي پِنان بادل، اَچي ٿِي بُوءِ ٻَهاريءَ جي.

وُٺا مِينهن، مُلڪ پيا موريِ، نہ اَچ ٿَڏڪار ٿَر ٿوري،
وَري جاڳيم جَجهي جهوري، بَدن ۾ بي قَراريءَ جي.

مَندل مِينهن جا مَلهارن ۾، وَسي جِهم جِهم جهيلارن ۾،
وَلِيَن ويڙها وَلهارن ۾، سَپاڪت سِيم ساريءَ جي.

ڪَيا ڪُورِيَن، ڪَلُورِيَن ڪَم، گولاڙا، گاهہ، ٻاگَيون، ڳِم،
اوهيرا، اَچ، اُبون، آڳم، هَرن تي هُونگ هاريءَ جي.

پَڪا ڏَونرا، ڏَهُوٽان ڏُڌ، جَهليا اَچ ٻُور ٻيرِيَن ٻُڌ،
نہ توکي سُومرا! ڪا سُڌ، اَسان جي اِنتظاريءَ جِي.

نہ ٻَرهيان ڳوٺ ڏاران ڳُجهہ، پَرم پاروڙيَن ۾ ٻُجهہ،
نَماڻيءَ کي نہ آهي ڪُجهہ، ضَرُورت زَرنگاريءَ جِي.

پِٽن پاسي پِنيءَ پُڻ پُڻ، وَري سارِيَم سَڳر سُڻ سُڻ،
عُمر! آهِم اَندر اُڻ تُڻ، اِنهيءَ تارِي تَياريءَ جِي.

سِگَرُ سائِي اَٿم سارِي، مَندڙ ۾ مور موچارِي،
طَلب تيليءَ سَندي تارِي، ٻَڳي، پُوري پَٿاريءَ جِي.

سِناٽي سيج سُوريءَ ڪان، اَنيون اُهڪيون اَنُوريءَ ڪان،
ڪَٿِيريءَ لئي ڪَٿُوريءَ ڪان، پَلي بُوءِ پُون پَلاريءَ جِي.

Gul Hayat Institute

چَڏيمِ ميوات جا مُوڙا، ڪَگڙ ڪَنمال ڪَم ڪُوڙا،
نہ چانديءَ جا ڪَپن چُوڙا، نہ حاجت هَس هَزاريءَ جِي.

رَڪي دَهشت مَ ڏي دَڙڪا، اِجهو ٿا ڪوٽ ڪَن ڪَڙڪا،
ڪَندي اِيءَ باهِہ ڪِٿ پَڙڪا، اَندر جي آهہ زاريءَ جِي.

ڏَٺيمِ! ڪَر دُور ڏارين ڪي، پَسان پاڙي پَنوهارين ڪي،
سَري صُورت سَنگهارين ڪي، صَفا ئي سِج اوياريءَ جِي.

اَٿئي ’احمد!‘ هِتي اَوسر، اُٿي ساٽيهہ ساموهُون سَر،
تہ هوءِ سانوَڻ سَدا تو سَر، ٻَهاري بَخش ٻاريءَ جِي.

*

Gul Hayat Institute

(۴۱۳)

محبت جي مچ تي مَچي سو اَچي،
پَتنگ جِيئَن پڙ ۾ پَچي سو اَچي.

ٿيئي اَڄ بہ ماموئَن جي مَهل،
مَٿي نوڪ نيزي نَچي سو اَچي.

پَلي گهر گُذارِن گولا گهَٽن،
سِڪي لاءِ سائِن سَچي سو اَچي.

گَنديءَ پار ڪِشتي ڪَري قوم جي،
هَٽي هَٿ مَنجهان هِن هَچي سو اَچي.

غِلاظت غُلامي ٿيئي غير جي،
نہ اِن گندگيءَ ۾ گَچي سو اَچي.

سِسي ساهہ صَدقو ڪَري صِدق مان،
ڪَبائي ڪَنان ڪَم ڪَچي سو اَچي.

بَنيا هيڪ آدم مَنجهان آدمي،
سَچي رَنگ اِن ۾ رَچي سو اَچي.

بَچائي بُهي پوڪ پوکي بہ جا،
ڪَڍي قَلب مان ڪاف، چي سو اَچي.

سَڏيو جِنهن کي سُبحان سُوءَ العَذاب،
پَلا هِن بَلا کان بَچي سو اَچي.

Gul Hayat Institute

اکر اِنمَا المؤمنُونَ اِخوَةٌ،
پڙهيو پِرت مان جِنهن ٻَچي سو اَچي.

ڏَٺي دَر سَپن لاءِ ڪولي چِڏيو،
اَحد پار 'احمد!' اَچي سو اَچي.

*

Gul Hayat Institute

(۴۱۴)

اَج عَجيبن جي اَچڻ جي، ڦِيل ڪانگل پيو ڪَري،
ڏي ڪِنياتا ڪي خوشيءَ جا، زاغ! مُون ڏَرڏَر ڏَري.

تَن تَلاسُون، پَل پِياسُون، اَندر آسُون يار جُون،
اَندر آسُون، ڪِيون اُڪاسُون، ڏِيل پيو ڏُک ۾ ڏَري.

تات تارِي، رات سارِي، بات بارِي بِرهه جي،
دِل ويچارِي، دَرد وارِي، مَرض مارِي ٿِي مَري.

اَج بہ ’احمد‘ جي اَندر ۾، نوڪ آهِہ نيڻهن جِي لڳِي،
جِيءَ ۾ جهورِي، ناهِہ ٿورِي، هَول هورِي ٿِي هُري.

*



Gul Hayat Institute

(۴۱۵)

دوست! دِلڙي وِئين ڦُري، ڏاڙيل وانگي دَر پَيجي،
صَبر، سُک، ساجاءِ سَپ، لالڻ لُٽي لَشڪر پَيجي.

گُل سَمن، سُنبُل، سِتارا، چَنڊ، سِج سُهڻا سَدا،
اِن سَپِن جا اَج چَڏيا، اوپار تُنهنجي اَر پَيجي.

ڪُونجيون ڪوجهيون ڪَيون تو، ڪَر مَٿي واري قَريب!
پڻ رَکيئي پولِي مِنيءَ سين، پابيهن جا پَر پَيجي.

اک اِشارا آڪرا، آيم اَندر وارا عَجيب!
خُوب ڪوڙي، نِئي نِهوڙي، نوڪ نيڻن يَر پَيجي.

باهِه ٿيو بُت بِرهه ۾، پَچيو پَچاريان پِرهه ۾،
وَرهه گُذريا وِرهه ۾، ويئين وَجي تُون وَر پَيجي.

چَڏ نه اِت ويهي مَران، وو وو! وَجان ڪاڏي وَري؟
پَرڏيهي، پاڙي پِريَم! ڪَريو پَکيَن جِيئن پَر پَيجي.

پِرهه جو پَيغام پُهتم، لُطف سان لا تقنطُوا،
اِن دِلاسي دِل مَٿان، جاٽان چَڏيائين جَر پَيجي.

Gul Hayat Institute

مانَ ڪي ٿورا مَرن ڪَي، لاءِ ماني لَک هَزار،
ديگ آهي هُن دَڙي تي، چَئو نه رَکندا چَر پَيجي.

آهِه آوت لئي اَوهان جِي، عُمر 'احمد' اِنتظار،
مُنهن ڪَميني ڏي ڪَڏهن، ڪَريو ڪَرم سان ڪَر پَيجي.

*

(۴١٦)

دَر مَٿي محبُوب جي، ماڙيا مُحابا مُون اَچي،
تِنهن جِي صُحبت مان سَريو، سَيڪي ثَوابا مُون اَچي.

ڪالهہ پُونءِ تي ڪرم سان، پَنهنجا قدم رَکيا قَريب،
ياد پيو يَا لَيتَني ڪُنتُ تُرابا مُون اَچي.

گُل مِثل جان گَس جَهليَم، پانيان گهٽيَن کي ڪِينَ گهٽ،
قَسم قادِر جو ڏِنا ڪَر، پاڻ ڪَعبا مُون اَچي.

سِر ڏِيان تان سِر وَڃي ٿو، سِر ڏَريان تان سِر سَڃينِ،
ڪانہ سُئي هِن شَهر ۾، شاباس شابا مُون اَچي.

سال سِرندي ٿيم، سَرندي ناهِہ، سَرڪش يار ڌار،
شال! آخر اُو ڪندو، آجو عَذابا مُون اَچي.

موڪليو اَحوال 'احمد' عَطر جِي گهُرجي عَطاء
بَخش بُو بُو، فاطمہ بِي بِيءَ جا بابا! مُون اَچي.

*

Gul Hayat Institute

(٤١٧)

سَجڻ! صُحبت سَوا تُنهنجي، نہ ساعت مُون سَري وِسري،
ڪَندين دِيدار ۾ ديرُون، تہ زَخميَل مَنجھ ذَري گُذري.

بَدن بيمار، سَنڌ سَنڌ سُور، پَل پَل مُنهن پَسڻ جا پُور،
وِڇين ٿو ڏِينهن جِيئَن جيئَن ڏُور، تِيئَن تِيئَن ڏُک ٻَري ڏُٻري.

ٻہ اکيون مِرگھہ مَتوالا، ٻَلا جِيئَن وار، بُت بالا،
پِرُون پُرپُور گَر پالا، هَنيا پَر مان پَري سَپري.

پَريشان حال مِسڪينم، بَمُشڪين خال تَسڪينم،
نہ نُسخن مان نَفعا ٿِينم، پَلين ڏِينم ڏَري ڦَڌري.

نِهوڙي نِينهن نِت نِيندو، خَبر ڪو خَير جِي ڏِيندو؟
قَبوليَت ۾ ڪَڏهن اِيندو؟ عَرض آسيَن پَري اَپري.

لڳي حُورن ۾ حَيراني، پَريَن ۾ پَئي پَريشاني،
جَڏهن مُنهنجو جُڙيَل جاني، ڪَجل ڪاني ڪَري نِڪري.

پَسڻ ري پاڪ پيشاني، وَڌي پَل پَل پَريشاني،
جِهڄي جِيئڙو، جِيين جاني! نڪا ماني مَري ٺَري.

پِريَن لاءِ پَريشاني، اُٿڻ 'احمد!' نہ آساني،
اَڇي جِيئَري جَڏهن جاني، هِنيين تي هَٿ ڌَري، سُڌري.

*

Gul Hayat Institute

**(٤١٨)**

مَس دَوائن سان وَجي، دِل ٿاپري، تان تا پَري،
ساپرو جِهڙن ڪي سامهين، ساپري، گُم سا پَري.

دِل بہ هُئي، دَولت بہ هُئي، پڻ دِين، دانائي، دِماغ،
وِيا سَپئي اَسباب آئي، وا پَري جِي واپري.

واس وارن يار جي جو، چَئن پاسن چِينَ ۾،
دِل سَندم دَرياءَ سَندو، بَرما ٽَري، پوءِ ماٽري.

ڪِنهن قَسم ڏئي پُڇيَم، ڪاريون اکيون ڪِهڙو قِسم؟
باز بَحري، سي نہ بَحري، نابري ڪَن، نا بَري.

هَر گَهڙي هِن گهيڙ تي، تِرڪن گهٽان گهوڙي سَوار،
تِرڪندي مُون کي ڏِني، تو جا تَري، بَرجا تَري.

عِشق گولن جو بہ گولو، حُسن حاڪِم حاڪِمن،
ڪَنڌ تي ڪاتي قُرب لئي، ڪَر ڪا ترِي تي ڪاتري.

ڪَئين دِلا دِلدار! نايان، نہ بہ اُجهامي ڪِينَ آڳ،
بِرهہ آهي باهِہ دِل جِي، ٻابري کي ٻابري.

لُڙڪ لَڙهہ لالڻ! ڏِسي، اوڏو نہ ’احمد‘ کي اَچين،
ويهہ اکيَن ۾، آب پَوندو آٿري، تُون آ ٿَري.

*



Gul Hayat Institute

(۴۱۹)

جَڳ سَچو تُنهنجون سَچڻ! سارهہ ثنائون ٿو ڪَري،
سَچ تہ لالڻ! لاڏ تُنهنجو، لوڪ لائون ٿو ڪَري.

سچ، سَچڻ! تو سان نہ سَرڪو، جو سَڏيٺي گل سَمن،
اُو غَبي بَنجيو غَلط، گُلچين ڪِلائون ٿو ڪَري.

گَز ڪَمانيون گلبدن! آهين تُنهنجي ڳهور ڳڏ،
حُسن تُنهنجو سِر هِنيں، هَردم هَلائون ٿو ڪَري.

ويس ڪاري، واس ڏيهہ ڪي، وار تُنهنجا وِير! ڏِين،
مَن پُليو تِن ڪي پَلا! بارِي بَلائون ٿو ڪَري.

دوست! توڪان دُور رَهجو، دَرد وارا دُک رُوئن،
دِل ڦَٽيائون، جِيءُ جهٽيائون، جِند جَلائون ٿو ڪَري.

ڪالهہ سيرانديان سُخن ڏيئي، تُرت اُٿيارِيَ طَبيب،
هِيءُ بہ دِيوانو، ڦَٽيل دِل جُون دَوائون ٿو ڪَري.

ڪِينَ هوئِين، ڪِينَ ٿيندين، ڪِينَ ٿِي، ڪِينون وِچاءِ،
ناهِہ عاقِل، جو اِشارو، ’آئون آئون‘ ٿو ڪَري.

جي اڳيان اوٺي! پُڇن اَحوال ’احمد‘ جو تہ چَئيج،
تو ڪي دِلبر دِلربا! دَم دَم دُعائون ٿو ڪَري.

*

Gul Hayat Institute

(۴۲۰)

مِنو مَحبُوب مُنهنجو ڪَنڊ، ماڪي، گُڙ، مَکڻ، مِصري،
ڪِلڻ مِصري، مِلڻ مِصري، نہ مِصريءَ ساڻ مَٽ مِصري.

پُريندي پُور، گهايَس گهور، ماريَس مُور، ڪِنهن مَغرُور،
مِلي مَنظُور، نيڻن نُور، پانيان دُور بي بَصري.

بَدن گُل باغ بادامي، اکيون اِسرار آسامي،
نہ جِهڙو شِڪل ۾ شامي، نہ بُسطامي، نڪِي بَصري.

سَندم گهر هِن گهڙي اِيندا، قَدم ڏِيندا، ڪَرم ٿِيندا،
ڪِلن ڪَر سي ڪَلا ڪِيندا، لَفي وِيندا، لَفي خُسري.

نہ وِسرن ناز نَخرا نَٽ، اِهي گهورُون، اِهي گهونگهٽ،
ڏِسي تُنهنجي قَدم جِي ڪَٽ، پُراڻان ڦَٽ پيا پَسري.

اکيون هَردم هَنجُهون هارِن، سَڙن ڪامِن، سَجڻ سارِن،
وَٽي ميڙِن يا مارِن، ڪَسر سارِن ڪي ڪَسري.

ڪُهين مُون ڪي تہ ڪِهڙا ڪيس؟ پيا لَک لَک مَرن مَنجهہ ليس،
پِريَمَ! تولئي پُچان پَرديس، وو وو! ويس ويا وِسري.

سَجڻ! توکي ٿو ساري ساهہ، تُون مُنهنجو چَنڊ چوڏهين ماهہ،
مَحبت ۾ گِري ويو ماهہ، اَجان تان آهہ بي اَٿري.

خوديءَ کي ڇڏ، خُدا لَڳ ڪِل، اگن موڙي، اگڻ تي ٿِل،
ڏِنون دِلبر دِلاسو دِل، ڪَريَل ڪاڏِي بيٺي ڪَسري.

بَدن ۾ سَروَ سُوڌي قَد، پِرُون نَڪ تي نِشاني مَد،
صَفا سي ڏَند سوني شَد، لِک 'احمد!' پَڙهہ اُسري.

*

Gul Hayat Institute

(۴۲۱)

ٿيا مِرُون مارڳ جا مُون تي، مُحب! مارا، آءُ وَري،
ڪَهل ڪانهياريءَ تي ڪَر ڪا، ڪَهل وارا! آءُ وَري.

وات واسينگن وِڏا، ويڙهي وِڇُونءَ وانگر ويام،
نيش مارڻ لاءِ نِڪتا، نانگ ڪارا، آءُ وَري.

ڪانگ ڪانگورا ڪَري، وَريا مَٿم وَريام وِير!
رِڇ، بَلائُن، پولڙن، پِيڙيَس پَلارا! آءُ وَري،

مُون ڏِنيون ڏيهه ۾ ٻه چِيزُون، هوت، ٻيو ري هوت، موت،
ساهه سَنديَن مان چَڏي، ٿيا سال سارا، آءُ وَري.

باغ ۽ بُستان، پَٽ، ٻَيبان هاٽي ٿيو ٻَنپور،
ڪِنهن اُندي اَرمان ۾، آهِن اوتارا، آءُ وَري.

ڪالهه ڪاغذ ۾ لِکيم، تو ري ٿيئي ڪامِل! قِيام،
اِيءُ پَڙهي پُرزو سَندم، پُنهل پِيارا! آءُ وَري.

تان نہ آرامن اکيون، جان جان نہ ايندين تُون عَجيب!
نيڻ نِرمل! ٿيام تو ري، نِت نِهارا، آءُ وَري.

هِڪ ڪَري ساڻم حَشر، هاڙهي هَليو وِئِن هوت! تُون،
بِرهه ٻارڻ ٻيا مَٿم، ٻاريا ٻِپارا، آءُ وَري.

هَر طرح جا حُسن وارا، ٿا لِبن هَند هَند هَزار،
دِل پِري ڪِنهن سان نہ دَم، دِلبر! تو ڏارا، آءُ وَري.

Gul Hayat Institute

ٻيا سِڪن سُهڻن جي لئي، تو لئي ته سُهڻا خود سِڪن،
ٿا سِڪن مُون جِيئن سَدا، سِج، چَنڊ، تارا، آءُ وَري.

آهِه ’احمد‘ ڪي اَصل، عَربي! اَوهان جو آسرو،
سَڏ سَواليءَ جا سُڻي، سَيد سُونهارا! آءُ وَري.

*

Gul Hayat Institute

(۴۲۲)

مُون مُسافر ساڻ چَڏِ، مَحبُوب! ماڻا، آءُ وَري،
نيڻ ٿِمندي ويا ٿَري، وَصل ٿاڻا، آءُ وَري.

حُب ڪيَس حَيران هَٽي، ٿِي ڳالهه گُوندر جِي گَهٽي،
ٿيو بَدن پُرزا پَٽي، تو پُڇاڻا، آءُ وَري.

جِسم پيو جهوري جِهڄڻ، ساهه ويجهو ٿيو چِڄڻ،
توکي سِڄ کان وَڌ سَڄڻ! سَچ سُڃاڻا، آءُ وَري.

اِيءَ قَضا آئِي ڪيهي؟ ڏِينهن وِجهي وينا ڏيهي،
شَب وِهايان سَپ ويهي، وِهه وِهاڻا، آءُ وَري.

ڏُور توکي ڏِينهن ٿِيا، مُون تي ماتم مِينهن پِيا،
نيڻ مُنهنجا نِينهن ڪِيا، نِت نماڻا، آءُ وَري.

دِل سِڪي ٿِي دَم بَدم، پُور پُونم لَڪ پَدم،
ساهه، سَنڌيون ڪِيا سَندم، سوز ساڻا، آءُ وَري.

عُمر وَئِي آهُون ڪَندي، ڪَر ڪو پيرو سِر بَندي،
پار پينون تو سَندي، پاڪ! پاڻا، آءُ وَري.

پاڻ پانئڻ جا پَڳا، ويس وِسريَم ۾ وَڳا،
دَرد جا دِل ۾ لَڳا، ٿاڪ ٿاڻا، آءُ وَري.

مُون مُحب! ماري مَرض، ڪَر ڪو غَريباڻو غَرض،
عَبد 'احمد' جو عَرض، سُڻ سِياڻا! آءُ وَري.

*

(٤٢٣)

وِجهي سُرمون سَمهُون آيم، صِفون سُهڻم صَنم چِيري،
چَڙهيَم چَمڪار چَشمن جا، هِنيون، هَڏ، ماهه، چَم چِيري.

قَمر ڪَڪرن مَنجهان نِڪتو، ڪِ راسيو راتڙيءَ مان سِج،
ڪِ سِينگاري ڪَڍي سَنئين سِينڌ، سُهڻي زُلف خَم چِيري.

خَطا جي مُشڪ خَط ڏِسندي، خَطا ٿيو خَط لِکڻ ۾ هَٿ،
ڏِسي قَلمي ڪُنڊا چِيريَل، وِڌم ڪاغذ قَلم چِيري،

رَهيَم صُورت سَجڻ چِٽجي، سَنڌيَن، بُت، ساهه، سِيني ۾،
سَچي اِن شاهِديءَ لئي مَر، ڏِسن شاهِد شِڪم چِيري.

پُڇايس پَل نه پِرين، قُرب جِن ڳاري ڪيَس ڪاغذ،
ڦِٽو ڦاڙي ڪَيائون ڪَر، ڪو ڪاغذ جو قِسم چِيري.

اَنديشو آهه سُهڻن ڏي، وَجڻ ۾ سِر وِڃائڻ جو،
ڪُڄاڙو ٿيو ڪَندي پَنڌ جي، وِڌم قافن قَدم چِيري؟

پِرين مُون کي پُڇائن ڪِين، پَر پاڙي سَندن پُڇي،
ڪُتن، ڪانگن کي ڏِيندس جِيءُ، جِگر، جيرا، جِسم چِيري.

چَوان مَذڪُور مُنهنجي تُنهنجي، مَحبُوبيءَ مَحبت جو،
هَنيو ناظِر! نه نِت تُنهنجو، نَظر مُنهنجو نَظم چِيري.

مُئان پوءِ جيڪڏهن مَحبُوب، وَر مُنهنجي مِٽيءَ تان ڪَن،
اُٿيان جيڪر قَبر مان ڏَڪ، ڪَفن ڪَلمي قَسم، چِيري.

شُڪر اَلحمدُ لِلّٰه! اُجريو آڏي اَڱڻ 'احمد'
سَجڻ آيو ڪِ سِج اُڀريو، سِياهي صُبح دَم چِيري.

*

Gul Hayat Institute

(٤٢٤)

مُون مُسافر جِي مِٺا! دِل اوچتي توسان اَڙي،
سُور صَدمان سَئو سَنم، صُورت وِئَم سارِي سَڙي.

تُنهنجي دَر ديرا هَنيا مُون، دوست! وِسريَم ديس ويس،
يار جانِب! جِيءَ جِيارا! جِيءَ جِي توسان جَڙي.

مُلڪ وِسريَم، مِلڪ وِسريَم، مال وِسريَم، ماڳ، ياڳ،
يار ڳاڙهي رَنگ ڳوڙها! ڳهار گَڏجي ڪا گهڙي.

صَبر ساعت ڪونه ساريان، تو سَوا سُهڻا پرين!
لَک وَهايم لُڙڪ تو لئي، آءُ لِک تائين لَڙي.

صُبح ۽ سانجهي سَدا، تُنهنجون سَنياروُن مَنجهه سَرير،
ڳُڻ سَنياريو ڳالهڙيون، ڳوڙها پِوَن ڳَل تان ڳَڙي.

گهور سان غرقُور ٿيو، گُوندرن غَم ۾ غريب،
ناز کان نازُڪ مَتم ڪَئي، نِينهن جِي نَوبت ڪَڙي.

مُنهنجي ظاهِر کان مُخالف، آهِه مَعنيٰ مَن مُراد،
خواهه ڪَڱڻ ڪَنمال ڳايان، خواهه ڳايان ڪَپ ڪَڙي.

اِسم تُنهنجي سان ’احمد‘ شِعر شايد ڪِيو شُروع،
ڳالهه ڳَت تِنهن ڪَر سَندس، ڳُڙ آهِه يا مِصري ڳَڙي.

*



Gul Hayat Institute

(٤٢٥)

جِيءُ، پَلين آئين پَلا! اَڄ پَل پَليري راتڙي،
ڏِينهن ڪَئي مُنهن سان، مِٺا مَحبُوب! ميري راتڙي.

تُنهنجي چَهري ساڻ چَمڪي، چَندُ چوڏهين رات ۾،
تُون نه جي آهين تہ، ساڳي اُو اَنڌيري راتڙي.

روز راڻا! تُون چَوين، پَنهنجون رِهاڻيون رات ۾،
تُنهنجو مُنهن ڏِسندي مَگر، تيري، نه ميري راتڙي.

شُغل شاديون سَنيران سَڀ، شَبِ قَدر يا شَبِ بَرات،
خَير، هِهڙي خَير ڪا هُئي، ڪابہ خَيري راتڙي.

سِڄ اُڀرندي تُون نه اُڀين، هِڪ به اوپر اُپ زَمين،
سِڄ سَڄڻ ڪان سِر لِڪائي، سِر سَويري راتڙي!

ڏِينهن آهي شِينهن، پَر تُنهنجا مَزا توسان لڳن،
دوست آيو دَر مَنجهان، ڪِجِ دير ديري راتڙي!

عَين اُونهاري اَندر، آئي اَسُر جو هِير ڪِيئن؟
مُنهنجي لُڙڪن ساڻ لالڻ! ٿِي ٺَڏيري راتڙي.

وار ڪارا سِر کُلهن، يا چَندُ تي ڪارا ڪَڪر،
گُل مَٿان سُنبُل، ڪِ سِج سِر ساڻ سيري راتڙي.

نار نيڻن جا وَهن ٿا، نار نيڻن! تو سَوا،
مُون نہ ڪَٽ تي، پَر نَڪٽ ڏِسندي نِبيري راتڙي.

عِشق 'احمد' جو اَحد سان، عِشق توڙي حُسن بيا،
چار ڏِن ڪِي چاندني هَي، ڦِر اَنڌيري راتڙي.

*

Gul Hayat Institute

(٤٢٦)

ڪُلهن سِر قَرِبن، چَڊيا وار چوڙي،
ڪَئي دِل دِيواني، وِجهي وَر وَڪوڙي.

اکيون باز بَحري، ڪَتڪ ڪان ڦهري،
ڪِلي سي ڪنيائون، مَنجهان ٻاجهه ٻوڙي.

تُفنگ، تِير، تَبرُون، هَٽِن زور زَبرُون،
چَڊيا دِل ۾ دِلبر، ڪُتا ڪان ڪوڙي.

مِڙي لڪ لُهارن، هَنيا ڌَڪ هَزارن،
لڳي تان نه لوڙي، رَڳُون رُوح ٽوڙي.

سِج، چَنڊ، سِتارا، هَمہ گل هَزارا،
نَظر ناز نُقطي، نِيا سَپ نِهوڙي.

سَجڻ! ساهه ساڳي، بَدن مُون بِراڳي،
هُجان ڪِيئَن حَياتي؟ وَڃن جي وِڇوڙي.

وِجهي ڪَجل ڪاني، پَسائڻ پيشاني،
آيو لاءِ 'احمد' جَنجل يار جوڙي.

*

Gul Hayat Institute

(٤٢٧)

هِڪ پِرين هَر ڪِنهن هَنڌان، بينم هِنيين سامهُون هَسي،
وَڻ، پَهڻ، وَڻڪار، واديون، ساڻ وَحدت پيا وَسي.

دوست جي دِيدار هِڪ، ڪِيو بي قَدر باغِ بِهشت،
گهٽ ٿيون حُورُون، هُنَا جِن هار، هِيرا، دُر، هَسي.

مَشعلا مَحلات ۾ پانيَم، مَگر هو مُنهن مُحب،
دَر مَنجهان دَرسن پَسائي، دِل مِني دِلبر ڪَسي.

سِر ڏيڻ سُوري چڙهڻ، سَڀ لاءِ سِڪ وارن سُڪُون،
قُرب جي ڪِشتي جِنين سان، سي ڪَسن پانئن ڪَسي.

ننڊ مان جاڳيس ته، ناگهه وِيا ڦهوڙي مُون نيڻ،
رات راڻي زُلف چوڙيا، رُوح کي پيڙم رَسي.

جاءِ جانِب جابجا، آئون جُدائيءَ ۾ جَلان،
آرسائيءَ کان مَٺم، شايد اڱڻ ٿيو ڪوهه اَسي.

گُلبدن مُنهنجي بُڌي، ڪَڍيو بَغل پاڪر ڪَنان،
چاڳ واري چاڪ چوريا، ڪا نه ڏئي چڙ کان چَسي.

جِنهن جُدائيءَ ۾ جِياڻو، مَنجهه سَندس ميڙاءِ مَوت،
شال! پَرچي سو پِرين، مُنهنجي پَشيماني پَسي.

طرف ڪوهياري قُريشي، ڪانوَ قاصِد ٿو ڪَريان،
وَڃ وَنيو واتون عَرب جُون، ڪِج نه وِچ مان واپسي.

اُمتي 'احمد' جو آهي، هوت! هَرڻيءَ مِثل حال،
چاڙهه رَستي، ڪَڍ رَسيءَ مان، يا رَسُول الله! رَسي.

*



Gul Hayat Institute

## (۴۲۸)

تُنهنجي جَلوَن يار جاني! جوت جوهر ڪَئي جهڪي،
مَٽ پِرين! توسان نه پَريون، ڳالهه اِيءَ پُختي پَڪي.

گُل بَرابر تُنهنجي بُت سان، مَنجهه بِهشتي باغ ڪونه،
حُسن تُنهنجي ڪان حَيا ۾، حُور پَئي هَر هِڪ هَڪي.

ڪُڻ اُتر تي ٿِئي ڪِوڙ، اَڄ اڪ ڪَٽي تُون ڪِل خَليل!
سِج سَڄڻ جي زُلف چانيو، سُج سَڄي سَبزي يَڪي.

سِج سَوين اُپرن سَمهان ٿِي، ته به سَمهان مُون تو سُهاءُ،
يار! توسان آهه يَڪسر، مُنهنجي ياراني يَڪي.

دوست! پيَم دَرد جِي ڪاهِ، دانهن دِل ۾ اوچتي،
ڏِيل مُنهنجو ٿيو ڏُکيو، ڏُونگر به ويا ساڙَس ڏَڪي.

ساءُ پِرايم سُونهن مان، جِيئَن دانهن نِڪري دُونهن سان،
ڪَر دَوا دارُون، تو ڏاران، دَرد ڪِيندي دِل ٿَڪي.

آئون ساريان، سار لهه تُون، سُور ساڙي ٿو سَرير،
ڦَٽ هِنيون ڦوڙاءِ ڪِيو، ڏي ڪا فَضل جِي تُون ڦَڪي.

عَيب 'احمد' ۾ گهڻان، پَر آڳ داخِل اُن مَ جاڻ،
مَهند شافِع جِنهن جو مَحشر، مِير موچارو مَڪي.

*

Gul Hayat Institute

(٤٢٩)

مُون سَچي جَڳ مان سَڄڻ، ڪِيو هيڪ سِڄ جِهڙو سِڪي،
حُسن وَڌ حُورن پَرِيَن کان، هِيءَ وَصف سَنديَس هِڪي.

وار چوڙي وِلهه اَندر، واسيا پِرِيَن وَڻ ٽِڻ ويهي،
دِل ڏِني دِلدار ڏانهن، دِيدار ديکيندي ڇِڪي.

سِيندِ، سُرمي ساڻ سُهٽي، سَهي سَنپِئي سِينگار ڪِيو،
زُلف لوڙَن تي لَڙيا، لَڄ کان لِکِه پيو چَندِ لِڪي.

ميٺ وارِي مُرڪ سَنديَس، مَرڪ مِصريءَ جا پِڳا،
چاڳ سان چُڻ پُڻ ڪِيائين، چاڪ چِت ۾ پيا چِڪي.

گهاءَ اِشاري ساڻ اُڇليا، بِن اکيَن تُنهنجي عَجيب!
هِڪ هِنيين کان ڪان لنگهيَم، ٻِئي جَهلي هِڪدم هِڪي.

ڏَڙ وِڏم دَرپيش ڪانگن، سِر مُڪم سُهٽي سَلام،
وَصل ٿيندو يا نه مُون، اِن وَقت لئي سَپ وَٺ وِڪي.

جِت اَڙيو اَرواح ’احمد!‘ ساڻ سُغلاتي صِفات،
دوست سو ٻِئي ديس ويو، دِل پڻ نه دِلبر ري ٽِڪي.

*



Gul Hayat Institute

(٤٣٠)

دِل سِڪي دِلدار کي، دِيدار کي، دَربار کي،
يار گُل رُخسار کي، گُلزار کي، گُلنار کي.

ناهِه راحت ڪا رَتيءَ جي، رات سارِي رَت رُنوم،
ياد آئي يار کي، جِنسار کي، جُوبَهار کي.

واهه! صُورت جِي صَفائي، واهه! سِيرت جِي صِفت،
آهِه اکِين ثار کي، اَبرار کي، آثار کي.

پِير پايان، جِت پَسان ڪو شَمع، شُعلو، يا شُعاع،
مَن! مِلان مَنثار کي، مُختار کي، مَهندار کي.

دوست جو دِيدار ڳُنڍي، دَر مَنجهان دُشمن ڏِنوم،
وَئِي مَنيان مُردار کي، مَڪار کي، مُنهن ڪار کي.

مُشڪلن ۾، مَنزلن ۾، مَحفلن ۾، هَر مَهل،
ڪونيان ڪَلتار کي، قَهار کي، ڪوهيار کي.

اَي صَبا جِي واءُ! سَنياري، چَئج سائل جا سَلام،
ساهه جي سِينگار کي، سالار کي، سَردار کي.

طرف ڪان 'احمد' اَحد کي، چَئج آخر ڏِنهن عَجيب!
بَخش هِن بَدڪار کي، بيڪار کي، بيمار کي.

*



Gul Hayat Institute

(۴۳۱)

بَنايو هِن حُسن حاڪِم، هَزارن تي حَبين ڪي،
ڏِنم مَحبُوب جي مُنهن لئي، مُنارن تي مُجين ڪي.

چُپن ٿا تِير جِيئن تارا، سَندم گهَٽ، گهور ڪِيا گهارا،
خَطا ڪَن زُلف خَم وارا، خُمارن تي خَطين ڪي.

ڳَڙا ڳاڙيان ڳُڻ ڳَٽيو، هَٽن ڪُوري اَندر ڪَٽيو،
رُوان هَر حال هَٿ هَٽيو، نِرارن تي نَصين ڪي.

سِپاهي آئون سَندن ساڳيو، وَران ڪِيئن؟ مَن وَڄن واڳيو،
تَوجُهه تِر نه ڪو جاڳيو، تَنوارن تي طَبين ڪي.

مَري ويئي وَفاداري، بَدن ۾ بِرهه بيماري،
نه دِلداري، نه غَمخواري، غُبارن تي غَريبن ڪي.

تَڏي آيَس تَڙين تَڏهن، نه هيڏِي هوڏ حَق هَڏهن،
قَلم ڦيرڻ ڪَپي ڪَڏهن، مَيارن تي مُجين ڪي.

وَڏا وَعدا ڏِنئون وِيندي، اَللهُ شل! اُو ڏِسان اِيندي،
ڪَڏهن ڏِسندس قَدم ڏِيندي، قَرارن تي قَريبن ڪي؟

نِهوڙيَس نِينهن، ناهِم ٿَڏ، پَسان شل! مُنهن، نه مُهلت وَڏ،
ڏِنون اَحوال ’احمد‘ اَڏ، اِشارن تي عَجين ڪي.

*

(٤٣٢)

پِريَمَ! اَهنجي پَسڻ جا پُور، پِيا مَن تي، پَيامن تي،
وَري سِڪ جا ٿيا ساوا، سَلا مَن تي، سَلامن تي.

ڏَڪايو مُون ڏُکيءَ جو ڏِيل، ڏُوران پَنڌ ڏوراپن،
ڪَيا غَفلت سَبب غَم، غُل غُلا مَن تي، غُلامن تي.

نماڻن ڏي نہ ماڻن ڪان، نِهارين پَر نِهوڙين ٿو،
خوديءَ کي ڇَڏ، رَکي خَوفِ خُدا مَن تي، خُدامن تي.

گُهرن ڪي مال، ڪي موتي، ڪي موتيا گُل، مَگر مُون ڪي،
مِٺي مَحبُوب جو ميلو، مُدعا مَن تي، مُدامن تي.

قَريِن ساڻ گُهرجي قُرب، ڪَر سِر مال قُرباني،
نہ سَرچن سي ٿلهن سَجدن، قِيامن تي، قَيامن تي.

اَدا اوٺي! عَجيبن ساڻ، ڪَج اَحوال اِيءُ اَوَل،
نہ تو ڏاران نہ ٻيا دارُون، دَوا مَن تي، دَوامن تي.

مِٺي ٻولي سَندن، ڪَر ٿا ٻُرن ٻيلي ۾ ٻاٻيها،
ڪَبُوتر ڪُجھہ وِڏي تِنهن جِي، ڪَلا مَن تي، ڪَلامن تي.

اَگڻ 'احمد' اُٺا اَج مِينهن، نہ پايو تِن نِپايو نِينهن،
وَري اُن ياد اڳيان ڏِينهن، آيا مَن تي، اَيامن تي.

*

(٤٣٣)

اَڄ ٻه دِل کي دَردناڪي، دوست دِلبر ڪان لڳي،
مَست اکِيَن جي اَٽِيَن جِي، آڳ اَندر ڪان لڳي.

هيڪ سيلو، ٻيو صَفا، ٽِيون تِر، ترِوڪڙيون مَشِ،
اِن مَلُوڪت ساڻ مَحبت، مُنهن مُنوَر ڪان لڳي.

هِيءَ هَوَس مُون ناهِه تان، هَر هَنڌ هيرايان هِنيون،
ڪا دونالِي دِل اَندر، دُنيا ۾ هِڪ دَر ڪان لڳي.

قَلب ڦاٿو قَيد ۾، ڪِنهن جو ڪَريان ٿو ڏوهه ڪِين،
وِک وَڌائي پاڻ لنگهيَس، وار جي وَر ڪان لڳي.

ميٺ ڳالهيَن مُحب جي جو، مُون نه ماٽيو ڪِنهن مَڪان،
ڪالهه اِن ڪَم لئي وَريَس، خود حَوضِ ڪَوثر ڪان لڳي.

قُرب وارن ڪاڻ تُنهنجي، ڏيهه نه ٿورا ڏورِيا،
موٽِيا مُشتاق تُنهنجا، مُحب! مَحشر ڪان لڳي.

دوست ڏاڍي دير لائي، ويو ٽَري ٽاٽو وِصال،
خَوف آهِم، خُوبرُوءَ کي، ڪِنهن خَصم خَر ڪان لڳي.

نيڻ جُون نوڪُون نَمن، سِر ساهه 'احمد' جي عَجيب!
سِينگ سُوڌي اِيئن نه ڪا، سُهراب، سَنجر ڪان لڳي.

*

Gul Hayat Instutute

(۴۳۴)

تار تَند تَن مَن ۾ تُون تُون، تُون تہ تُون تُون، تُون لڳي،
لال لالڻ ساڻ لُون لُون، لُون تہ لُون لُون، لُون لڳي.

دَم دَريچي مان بيهي، دِيدار دِلبر جو ڪيَم،
تان هَڪل هَر پار هُون هُون، هُون تہ هُون هُون، هُون لڳي.

مُون چيَس چُمني ڪپي، اَي نُور نيڻن! نُون ري،
تان اَڳيان اِنڪار اُون اُون، اُون تہ اُون اُون، اُون لڳي.

مُون ڪي جِيئريون جاڳنديون، جَلنديون جَبل پاسي ڏِنيون،
مَنجهہ چَپر چُونچاٽ چُون چُون، چُون تہ چُون چُون، چُون لڳي.

دوست! تُنهنجا دِيد دِلڙيون، ٽا جُري وانگر جهٽيِن،
چوٽ سان چَوڏار چُون چُون، چُون تہ چُون چُون، چُون لڳي.

رُوح مُنهنجو روز راٽا! راج تُنهنجي ۾ رَهي،
پَونر جِيئن مَنجهہ باغ پُون پُون، پُون تہ پُون پُون، پُون لڳي.

قَلب 'احمد' ڪِينرو ٿيو، قُرب اَهنجي ۾ قَريب!
روز رُنڻ رُنڻ راڳ رُون رُون، رُون تہ رُون رُون، رُون لڳي.

*



Gul Hayat Institute

(٤٣٥)

مُون مِٽي مَحبُوب سان، مَحبت مَزي واري لڳي،
غَرض ناهِہ غَير سان، هِڪ يار سان ياري لڳي.

جِن پَٽن تي پير ڏنئي، پَر پيارل ٿي لنگهيو،
مُشڪ ڪان مُون کي مِٽي، تِنهن ماڳ موچاري لڳي.

قَلب قابُو قيد ۾ پيو، جان ڏِٺم ڪاڪُل قَريب،
طَرف تارن جان ڏِٺم، تان توب تاتاري لڳي.

چاڳ وارا! چَشم سان، چِيري ڪيَئي بُت چاڪ چاڪ،
ڪان ڦَريءَ کان ڪَراري، اک ڪُندي ڪاري لڳي.

هَر مَهل، هَر ماڳ تي، مَحبُوب سان گُهرجي مَقال،
ڪِل خوشي بِي خَلق سان، آهِہ ڪَٽي ڪاري لڳي.

وَئي رُڳو خوشبُوءِ تي خَلقت، زُلف ڪوليا جان خَليل،
بُوءِ بِهشتي باغ جِي، بي قَدر، بي ڪاري لڳي.

مُحب جِي مَحلات مَهندان، اَڄ نہ بيٺل پائنجيم،
اِن اڱڻ تي آهِہ 'احمد' کي عُمر ساري لڳي.

*

Gul Hayat Institute

(٤٣٦)

ميڙ مُون مُحتاج ڪي، جي مِهرباني ٿِي سَگهي،
ٻِي ذرو جُرِيَت نہ توسان، يار جاني! ٿِي سَگهي.

ڪوهہ گهڙائين گز ڪمانيون؟ ڪوهہ گهڙائين گُرز ٻيا؟
ڪُندِ ڪُنديَن اکيَن جِي پيچ، تان ڪان ڪاني ٿِي سَگهي.

ڪول مُنهن محبُوب! مُرڪي، آءُ مَلهي ميدان ۾،
تان پَڌر پنبڻيَن جِي پِڙ ۾، پَهلواني ٿِي سَگهي.

سِرِ، صَبرِ، دِل، ساهہ جو، چائِم چوڪيدار ٿي،
پَر پَسڻ تُنهنجي پُٺان، ڪِيئن پاسباني ٿِي سَگهي؟

جيترِي پَٽ ۾ پوَن ٿا، پَرتوا تُنهنجا پِرين!
تِن هَندَن هَرگز نہ ٻِئِي ڪان، حُڪمراني ٿِي سَگهي.

چڍُ ٻَهر ٻولِي ويهڻ جِي، ويهہ هِنيِن ۾ هَند وَنِي،
جاءِ تو جِهڙِي جِي ڪا، جِيءَ ڏار جاني! ٿِي سَگهي؟

آئون هَليو ويندس هِتان، تُنهنجي حُڪم موجب حَبيب!
دُور پڻ تُنهنجي دَران، ڪِيئن دِل دِيواني ٿِي سَگهي؟

ڪُفر جِيئن ڪاڪُل اُٿيا، ڪارُون ڪَرِي ڪَعبي ڪَنان،
هاڻ ڪِيئن محڪُوم مُون کان، مُسلماني ٿِي سَگهي؟

ڪِيمَ قَهرِي ڪَهہ مُون ڪِي، تان ڪوهہ ڪُهي ڪَئِي دِل ڪَباب،
تو جِهي ماٺوءَ جِي ٻِي ڪا، مُحب! ماني ٿِي سَگهي؟

Gul Hayat Institute

ٿو ڳَهان ٿُنهنجي ڳسن تي، هَر گهڙي مُنهن گُلبدن!
مانَ! نَڪ تي نيٿ ڪا، نِينهن جِي نِشاني ٿِي سَگهي.

ٿو وَٺين ’احمد‘ ڪان اَت، پَر لڳي پاٽان ڏَمر،
جي دِلِي مَقصد ذَرو، ظاهِر زَباني ٿِي سَگهي.

*

Gul Hayat Institute

(٤٣٧)

اکيَن آرو ٻَڌو اَڄ پڻ، اَباڻا ياد آيا ڪي!
اُتر ڪُڙ ڪان ڪِوي ڪاهُڙ تي ڪِوٽِيَن ڪيل لايا ڪي!

سَنپاريِمَ سانگ سيٽِن جا، ٻَلا ٺِيا پاڳ پيٽِن جا،
ٺَماٽي نار نيٽِن جا، ٺِمارِيَن تان ٺِمايا ڪي!

چَڙهيَمَ مَن تي ميها ميٺي، وَطن ويندِس جِيان جي ٿي،
ڪِوڻ ڪاهُڙ اُهاءَ ڏي ٿي، وَريا هِي واءَ سَٽايا ڪي!

چُٽا ڏولاءِ مان ڏوٿي، اُنو آڪاڙ جِي چوٿي،
وِڄون وَرنديون ڏِسان هو ٿي، ٻَهاري رَنگ ٻَنايا ڪي!

پَسند مُون پَٽ، نه گُهرجي ڪَٽ، نِشاني لَڄ لوئيءَ تي لَٽ،
ڪَڏهن پَرهي پَٽِيهر پَٽ، لوياريَن مِٽ لَڄايا ڪي؟

پِٽن پاڳيَن جِي پُونگن پِت، چَمر چانئون چَنن جِي چِت،
پَچر ڪوڙي پَنوهارن تِت، پَروڪا پَڌ وَسايا ڪي!

ڏَٽي وَس واهه! جِي جوڙِي، پَلر پَئي پاڙ ڪِهه ڪوڙِي،
چَبر چِب چِب مَٿي ڊوڙِي، ڪِوايَن سَر ڪِوايا ڪي!

سَوِين سَر گاهه ساماڻا، لِچڻ، لَنب ۽ لُلر، لاڻا،
مَنديئڙا، مُرٽ، مانداڻا، مَندل مَڪٽيءَ مَچايا ڪي!

پَيون پوٺا پَلوٺن ۾، لَسيون مَوجُود لوٺن ۾،
اَباڻا اَڄ اَلوٺن ۾، ڏَنارن دَم دَمايا ڪي!

Gul Hayat Institute

ڪِڙيا ڪاهُڙ ڪَبڙ، ڪيرُون، پُسيون پِس ۽ پِپون، پيرُون،
ٻهُون ٻُوهہ، ٻاوريون، ٻيرُون، سِگر سُڻ ٿيا سَوايا ڪي!

پَڪو ساٽيهہ ۾ سائون، ٿيون ٿَر ۾ ٿَڏيون ڇائون،
ڪَڙهان ٿِي ڪوٽ ۾ آئون، جُدائي جَل جَلايا ڪي!

پَنا ريا وَڻ، وَليون ڦُليون، جِهلن وِچ جيڏيون جُهليون،
ڇَگان ڇَونرا، چِٽيَل ڇُلهيون، ڏُونهان دِل تي ڏُکايا ڪي!

وُٺا بادل مَنجهان پَرتيَن، ڦُٽي دَورا ڪَيا ڏَرتيَن،
ڪٽي سِر ٻيلڙا سَرتيَن، پَلوَ لوِيَن لُڏايا ڪي!

نَظر چَڙهيَم نِگاهن تي، ٿيا ٿُهہ گاهہ گاهن تي،
ڪَئِن ڏَڻ ڪاهہ ڪاهن تي، نَبيسر ڪان نَمايا ڪي!

سُڪيو ڏَڻ گاهہ ۾ گهاري، چِيهي ۾ چَنگ چِينگاري،
سَنگهارِيَن پاڻ سِينگاري، وَري چُوڙا چَڙهايا ڪي!

تَنوارڻ ۾ پيا تاڙا، لَٻهہ اِن لئي تي ڪِيا لاڙا،
ٻَڌا پاڙيچِيَن پاڙا، لَٻو لَٻ گَهر لَڳايا ڪي!

گولاڙي مُند گَونرن جِي، ٿِئي ڏُو ڏُو ٿِي ڏَونرن جِي،
ڏَهُوٽي ڳالهہ ڏَونرن جِي، وَليَن وَڪڙا وَرايا ڪي!

Gul Hayat Institute

مَنهہ مارُو اَٿم مَن تي، ڪَڪيءَ جِي ڪِڙڪ پَئي ڪَن تي،
وَري چانگون هَليون چَن تي، ڏِئي وَر ڏور ڏايا ڪي!

پَچي پيَڙا پَکهہ پَٽ ۾، نہ ٻيهي ماڻڪي مَٽ ۾،
ڏِڪو ڏِڪ ڏولِيَن ڏَٽ ۾، ڏَهُوٽان ڏُڌ ڏُهايا ڪي!

وَڏي سائي مَٿي سائِي، بَگي، پُوري مِڙي پائِي،
رَنبي آئِي رَتي، رائِي، ڪَنان ڪَرسيَن ڪَڍايا ڪي!

چَڏيمَ هِيرُن هِنيون واسي، لڳن پانوَر جي پارا سي،
رِهاٽيون ريلڙيَن پاسي، ڳَنوارن ڳاڇ ڳايا ڪي!

نہ وَنَنديَس مِير! تُنهنجي مَت، سَچو سُبحان رَکندمِ سَت،
پَنوهاريَن ساڻ پَرنديمِ پَت، عُمر جا ڪَمِ اَجايا ڪي!

نہ مُون کي وِسرٽيون ويڙهيون، مِيان! مَج ڪي مِنٿ ميڙيون،
ٿيَن پيٽون وَري پيڙيون، جِنين سان رُوح رايا ڪي!

عُمر! تُنهنجو ڦِٽي اَڏيو، اَٿئي مُون ڪوهہ گهنگهر گَڏيو؟
ڪَٿيرِيَن ڪُوهہ اَڇڻ چَڏيو، ڦَارن بَر ڪَنبايا ڪي!

حُڪم حاڪِم! نہ مَجِٺو مُون، ڪِنهين پَت بَند پَجِٺو مُون،
وَطن ڏي ڪِيئَن بہ وَجِٺو مُون، پِرهہ کان پَهہ پَچايا ڪي!

جَهٽيون ڳهاٽيون لڳن گهوٽا، ڦُليون، اَڪ، لَونگ ۽ ڦوٽا،
اَچا تِن جا اَڳڻ اوٽا، رَحمِ سين رَب رَچايا ڪي!

رَکي لَج پَنهنجي لوياري، ڪيَس مَولا مَددگاري،
هُئي جِن، ٿِي بہ تِن واري، پَکي ۾ پير پايا ڪي!

اَسين جِن جي ڳُڻن ڳولا، مِلايا مُحب سي مولا،
لٿا ’احمد!‘ اکيَن اولا، عَرض آڳي اَگهايا ڪي!

*

Gul Hayat Institute

(٤٣٨)

مَيج مِنت محبُوب! مُنهنجي، مُنهن مُنوَر ڪَڻ ڪِلي،
ڪَر ڪَرم پَنهنجي ڪُٺل تي، ڪُونج جيئن ڪَر ڪَڻ ڪِلي.

شام شَب ٿِي شائقن تي، شاهہ! ري تُنهنجي شُعاع،
پاڪ مُنهن تان پوش پَردو، پاڻ ڪِنهن پَر ڪَڻ ڪِلي.

مُحب! موتيءَ جا ڪَٽان، تولئي ڪيم مَنظُور مَوت،
خُون جِي خواهِش اَٿي، تان خان! خَنجر ڪَڻ ڪِلي.

ماهہ، هَڏيون، پير مُون، حَيوان ڪائي ويا حَبيب!
هاڻ سَرڪش! پَنهنجي سَڳ لئي، هِيءُ سَندم سِر ڪَڻ ڪِلي.

رُس مَ راڻا! سِر سَندم تان، راس ڪِهڙي آهہ رُوح؟
بُت وَڍي وِجهہ پال سان، پالو بَرابر ڪَڻ ڪِلي.

جي مِلين مُون کي نہ مُرڪي، تان بہ مارڻ لاءِ مُون،
دوست! دِلبر ڪا دونالي، دَست اَندر ڪَڻ ڪِلي.

مُنهن مَٽيندين ڪيترو، محبُوب! ماڻُن سان موهي؟
آهہ عاشِق جِي سُٺي، اڪ يار! آخر ڪَڻ ڪِلي.

ڏَڙ سِسيون پيڙا نہ ديکيم، دوست جِي دَربار ۾،
آسرو اَرواح جو، ’احمد!‘ اِنهيءَ دَر ڪَڻ ڪِلي.

*

Gul Hayat Institute

(٤٣٩)

اَلف ٿِي، چِن اَلف سان، رَک اَلف سان اُلفت دِلِي،
تان مِني محبُوب مَهندان، مَرتبو ماٽين مِلِي.

جان شِڪاري ٿو سَڏائين، شير سَٽ کو مَنجھ شِڪار،
هِي ڪُتا تان ڪيترا، بيلي! سَگهي ماريو ٻِلي.

نِينهن نوڙِي ناهِہ، جِنهن چِنندي نَصيحت ناصِحن،
قَلب مُنهنجي کي لڳي، قابُو قَرِين سين ڪِلِي.

هِڪ ڳَيون سانوَڻ سِڻائون، بيو سُونهَن ساوا سَوِين،
آءُ تہ راڻا! رَس رِهاڻيون، ريل ۾ ڳَريون رِلِي.

تُنهنجي صُحبت لاءِ سُهڻا! ٿو سِڪان ساري جَمار،
خَستہ خاطِر ڏي خُدا لڳ، ڪَڻ اکيون خُوني کِلِي.

اَي قَرِين جا ڪَبُوتر! قَلب تو ڏي ٿو ڳَڏي،
آءُ اڱڻ 'احمد' اُڏامي، ويهہ مَٿي ٽارِي ٽِلي.

*

Gul Hayat Institute

(۴۴۰)

تو جهو جِهڙو نہ جاني! جِنس جُملي ۾ مِلي،
پڻ نہ مُوصل، مِصر ۾، يا رُوم، رَملي ۾ مِلي.

ڏيهہ ڏوريَم، ڏُور ڏوريَم، ڏِينهن ڏوريندي لڳم،
اِيءَ صَفا صُورت نہ سُورت، شَهر شِملي ۾ مِلي.

اک اِشاري ساڻ آندئي، چَندِ چوڏهين چانڊ تي،
هِيءَ حُڪومت حاڪِمن کي، هِيئن نہ حَملي ۾ مِلي.

هِن مَهل ڪي مِينهن مَلهاريون، مُلڪ سارو ئي مَليم،
چا لپي جي يار، چَم چَم ساڻ چَملي ۾ مِلي!

گُهور تُنهنجي گَرم ڪِهڙي؟ آهِہ گَرميءَ ۾ گُلاب،
غَم گَهٽان پَر تُنهنجي غَمزي ساڻ غَم لي ۾ مِلي.

دوست! تُنهنجو دَست، هَر دَستُور سان دَستار ۾،
سِر ڏيَڻ سان سوپ سَپ، چا شان شَملي ۾ مِلي؟

دِل گُهريي جي گَهر هَلي وَڃ، يا گُهراءِ گهر اَندر،
اِيءُ اَمُلهہ ماڻڪ نہ ’احمد!‘ عام عَملي ۾ مِلي.

*

Gul Hayat Institute

(۴۴۱)

جَلد مِل جاني مِٺا! نہ تہ جِگر ويندم جَلي،
ٿيا هَزارين هَول مُون، حال ڀائي! آءُ هَلي.

قَلب سين ٿِي ڪَربلا، بُت بِلاتو مَنجهہ بَلا،
پير پِرِيَن جِت پَلا، پُون بِلاشڪ سا پَلي.

ٿيو هِنيون هاڃي هَجي، خواب، ڪاڏا ويا ڪَڃي،
سَنڌ نہ آهِہ ڪا سَڃي، دِل نہ داغن ڪان ٽَلي.

سِڪ وِڏم سَڪرات ۾، مَن ڦَٿيو فِڪرات ۾،
هِن طرف هِڪ رات ۾، تُون چَنڊ جِهڙا آءُ چَلي.

عَرض آزيون سُڻ اَجها! ڪَڍ مُون کي مُشڪل مَنجها،
تو ڏِني ٿيا ڏِينهن جَجها، جان جهوريءَ ۾ جَهلي.

بُت بِرهہ ۾ ٿو پَچان، آسرو آهِہ اَچان،
اُن وِلايت شل! وَڃان، جِت وِلايت جا وَلي.

آهِہ ’احمد‘ جي اَندر، سِڪ سَندي سَيد سَڌر،
بُو بَڪر اَڪبر، عُمر، يار عُثمان، شَهہ عَلي.

*

Gul Hayat Instute

(٥٥٢)

جُدا ٿِي مَ جِيئَري، جُڙيا يار جاني!
ڳندي دوست! تو ڏار، ڪِيئَن دِل دِواني؟

سَدا ساڻ سُورن، پَچان پيئي پُورن،
ڪَئي ڳاهَ ڳُورن، پَري ڪَجل ڪاني،

جَبل وان جَلڻ جِي، چَڏيمِ حُج هَلڻ جِي،
مُون تي ڪَر مِلڻ جِي، مُحب! مِهرباني.

پِرين پير پاتو، لِڳو نينهن ناتو،
سَڄڻ جِن سُڃاتو، نہ ڪَن سِڄ ڪِي ثاني.

’احمد‘ جِي آزي، سُٺي ٿِيج راضي،
پَساهن مِ پازي، پَسائج پيشاني.

*

Gul Hayat Institute

(۴۴۳)

آسري ۾ آهيان، اِيندين نہ اِيندين ڇِئو ڪٿي؟
دَرد دُوريءَ جي دَوا، ڏِيندين نہ ڏِيندين ڇِئو ڪٿي؟

واسَوا وِچ جو وَني سَگهندو نہ ٻيو ڪو وا سَوا،
واءُ! خُدا جي واسطي، وِيندين نہ وِيندين ڇِئو ڪٿي؟

دَرد دُوريءَ جي دَوا، دَر دوست جي جِي خاڪِ پا،
خاڪِ پا، خاڪِ شَفا، ڪِيندين نہ ڪِيندين ڇِئو ڪٿي؟

سڄِ! سَڄڻ جا تُون ڪَرِين ٿو، صُبح ۽ سانجهي سَلام،
پَر نِياپا نِينهن جا، نِيندين نہ نِيندين ڇِئو ڪٿي؟

آهِہ ’احمد!‘ عِشق ۾ اَڄ، عاشِقن جو اِمتحان،
ڪِير بَدران وِهہ ڪِلي، پِيندين نہ پِيندين ڇِئو ڪٿي؟

*

Gul Hayat Institute

(۴۴۴)

ڪِيو هِنيون حَيران مُنهنجو، هَي! حُسن تُنهنجي هَٽي،
دوست! ڪِنهن دَستُور سين، دَستَ مَنجهان وِئين دِل ڪَٽي.

سِج ڪَڏهن اُبري نہ صُورت ڪَئي سَڄڻ سُهٽي مِثال،
واهہ! صُورت، واهہ! سِيرت، وَهہ! سَندس سُونهن مُون وَٽي.

جِيئن ڪُهن ڪاريون اکيون، سو ڪَمُ نہ ڪاتِيَن ڪان پُڇي،
گُز بہ گهائي ٿا چوَن، پَر ڳالهہ گهورن جِي گهٽي.

ناهِہ بُت مُنهنجو ٻَلا! مارينس تہ بہ تُنهنجي مِلڪ،
ساهہ تُنهنجو، ماهہ تُنهنجو، تُون سَڄڻ! دِل جو ڏَٽي.

شاهہ آهين شَهر ڪِنهن ۾، جي پَوي مُون سُڌ سَماءُ،
تان اُنهيءَ پاڙي ۾ پينون ٿِي پِنان ڪَر پَنج ڪَٽي.

وار ۽ واسينگ آهِن، ٻِن صِفاتن ٻَئِي شَريڪ،
هيڪ ڪاري رَنگ ڪُل، ٻيو هُن سين ڦَڻ، هِن سين ڦَٽي.

هُونئن تہ ’احمد‘ چَئي اَصل، اوڏو نٿو چِڏين عَجيب!
هاڻ پيرن هيٺ پَوندس، پاڻ ٿِي پُرزا پَٽي.

*



Gul Hayat Institute

(۴۴۵)

يا بَناءِ مُون طُوئَ، يا طُورِ، جِيئَن توکي وَڻي،
نار ٿِي ڏيکار يا خود نُورِ، جِيئَن توکي وَڻي.

دُور دَر کان ڪَر نه مُون کي، دوست! باقي دَر مَٿي،
رَک مَزن ۾ خواهه رَک مَزدُورِ، جيئَن توکي وَڻي.

سُورِ، سُوري تو هَٿان، سِينگار ۽ صِحت مِثالِ،
رَنج لاهين خواهه رَک رَنجُورِ، جِيئَن توکي وَڻي.

دَرد تُنهنجو دوست! دارُون، دوستيءَ جي دِين ۾،
شاهِ خُوبان! ڏي شَفا يا سُورِ، جِيئَن توکي وَڻي.

آءُ پريمَ! تولئي پَٽ، ويھ تان وِڇايان وار سِيندِ،
يا اکين ۾ ويھ اکين جا نُور! جِيئَن توکي وَڻي.

آئُون سَڃي جَڳ مان سَڃڻ! توکي سُڃاڻان ٿو صَحي،
کول مُنهن يا ٿِي مُحب! مَستُورِ، جِيئَن توکي وَڻي.

زُلف جِي ظُلمات ۾، مُون لوڪ کان لالڻ! لِڪاءِ،
خواهه غَبغب ۾ ڪَرين غَرقُورِ، جِيئَن توکي وَڻي.

ڪَم اَسان عاشِق کُھڻ ٿيو، آهِ 'احمد!' اَڄ تو وارِ،
مُون چَيو، مُون کي مِنا! مَنظُورِ، جِيئَن توکي وَڻي.

*

(٤٤٦)

تُنهنجي جلوَن کان جِسم ۾، جهور جهوران ٿي پوي،
قلب ۾ ڪُنديڙيَن اکيَن جي، ڪور ڪوران ٿي پوي.

سَير تي سِينگارجي، چڙهيو سَجڻ سج جي مِثال،
گَنج گوهر جِي گسن تي، گهور گهوران ٿِي پوَي.

بُت بَچايان ڪِيئن پَلا؟ وارن پَنين ڪَئي بَند دِل،
بيو ٿيا تارا تَراريون، تور توران ٿي پوي.

ڪَن گهٽان ڪاڏام قاضيَن، پَر قبوليان ڪِيئن ڪَري؟
حُسن وارن جي هِنيين ۾، هور هوران ٿي پوي.

شَهر تُنهنجي جو ٿيان ڪِيئن تو سَوا سُهڻا! سُونهون؟
دَرد دُوريءَ کان مَٿي ۾، دَور دَوران ٿي پوي.

آئون اُٿي آڏي، عَجيبن سان اَندر جُون اوريان،
بَدسُلُوڪن ۾ پِٽِڙ جِي، پور پوران ٿِي پوَي.

هوت حاصِل مانَ! ٿِئي، جِنهن لاءِ هاڙهو، حب هَٽان،
ڏيهه ڏُونگر ۾ ڏِهاڙي، ڏور ڏوران ٿِي پوي.

مُون نه مَرضيءَ سان مَٺو، ماريءَ اڳيان مَنديو مَگر،
زُلف جي زَنجير ۾ دِل، زور زوران ٿي پوَي.

اَج جو اَج 'احمد!' گهُراءِ، تُرت تِرياقِ عِراق،
نانگ جي ڦَڻ ڪي ڦَٽيءَ سان، ڦور ڦوران ٿي پوي.

*

(۴۴۷)

ڪِيئن رُئين راڻا! نه ڄاڻا، مارِيَس مُشڪل اِنهي،
سُک ڦِٽم سوڍل سِياڻا! مارِيَس مُشڪل اِنهي.

ڏِينهن ساريندي سَڄوئي، سِج لٿو، سانجهي ٿيام،
رات پيڙم تو پُڄاڻا، مارِيَس مُشڪل اِنهي.

قَلب ڪاتيَن ۾ ڪُسي، تَن پڻ ڇَڏي طاقت تَمام،
ڪَئم سَپ اڳ سُور ساڻا، مارِيَس مُشڪل اِنهي.

رُوح کي راحت مِلي، جِنهن وَقت راڻي ڪَئي رِهاڻ،
اَڄ ٿَري ويڙم سي ٽاڻا، مارِيَس مُشڪل اِنهي.

رُوپ رَنگ ڇَڏيا رَتولن، ڪاڪ ڪُوماڻي قَريب!
ٿيا پَلنگ پَئجي پُراڻا، مارِيَس مُشڪل اِنهي.

سِر نه رَکنديَس سيج تي، سَپ رات سوڍل! تو سَوا،
ڇا ڪَندم وِڇڙي وِڇاڻا؟ مارِيَس مُشڪل اِنهي.

کِهه کَٽولن کي لڳي، خالي اڱڻ تو ري خَليل!
وِئين پَڄي مُومل جا ماڻا، مارِيَس مُشڪل اِنهي.

ڪارڻي! ڪارُون ڪَندي، ڪامِل! ڪَٿيون آيم ڪَپار،
وِهه وِهاڻيءَ سين وِهاڻا، مارِيَس مُشڪل اِنهي.

آءُ ڪِ آڏي اَسُر ٿُون، آئون آهيان اِنتظار،
ڪَر نه هيڏا هاڻ ماڻا، مارِيَس مُشڪل اِنهي.

Gul Hayat Institute

مِهربانيءَ ساڻ مُنهنجون، ميٺ مَديون مينڌرا!
رَهہ اَچي ڪا رات راڻا! مارِيَس مُشڪل اِنهي.

چا ڪَندو اِظهار ’احمد‘ تو اَڳيان اَحوال عَرض؟
تُون ٻُجهين پِريَم! ٿو پاڻہ مارِيَس مُشڪل اِنهي.

*

Gul Hayat Institute

(۴۴۸)

مُنهنجون مِنتون، تُنهنجا ماڻا، مارِيَس مُشڪل اِنهي،
خُون لايا سُنهن خُدا جو، خان! تُنهنجي ڪِل اِنهي.

ڪالهه ڪَئِي ٿي قَول، ڪُهندس قُرب وارا ڪُل سَڌي،
مَحبتي آيا مِڙِي، مَهندئي مَٿي مَنزل اِنهي.

نيڻ نازُڪ يار! تُنهنجي، شَوق رَکيو سِر شِڪار،
شير، شَمشيرُون، شَڪيلا، سَڀ ڪَيا شامِل اِنهي.

سِچ سَچو سارو سَڄڻ! ڪارو ٿِي پيڙو مَنجھ ڪَڪر،
موهِيو تِنهن کي مَگر، تُنهنجي مُحب! مَحفل اِنهي.

جو پِياريَئِي مَنجھ پِيالي، پُر ڪَرِي مُون کي پِرين!
ذَوق وارِي زِندگي، ڪارِيَمِ زَهر قاتِل اِنهي.

ناهِه ’احمد‘ چَئِي اَچڻ مُنهنجو عُذر ذاران عَجيب!
هَٿ اَٽِي جا دوست دِلبر! دَر تي آندس دِل اِنهي.

*

Gul Hayat Institute

(٤٤٩)

آڻ ساٿي! سو صَحيفو، جنهن مَٿي ساجن صَحي،
هَٿ اکر تنهن هوت جا، جنهن لئي هنيون پيو هيءُ ڏهي.

خَيريَت خوش عافيَت جو، خَط خَليلن کان لِکاءِ،
هِن ڪُنل پاسي ڪرم سان، پوءِ آءُ قاصِد! تُون ڪهي.

مُهر سين مَحبُوب جِي، مَضمُون هِيءُ هوءِ مَنجهس،
سار لهنداسُون سُپاڻي، سُور ويندا سَڀ لهي.

مُهر سان مَحبُوب جِي، تِنهن ۾ مِنو مَذڪُور هِيءُ،
جَلد ايندا سُون اَوهان ڏي، تاهه ڏاڍي سان نهي.

دَستخط دِلدار جو، داخِل دِلاسو هِيءُ مَنجهس،
تان گنداسُون رَس رِهاڻيون، رات ريلن ۾ رَهي.

مانَ! ديکائين دَرس، دَرد سِر پاريُ دُونهان،
وِرهه اَندر وَرهه گُذريا، وَئي وِڇوڙي ۾ وَهي.

عَرض 'احمد' تو ڪَري، پَر عاجزي ۽ عِجز سان،
وَر سَجڻ سُهڻا! سِگهو، آئون ڇُڪس سَختيون سَهي.

*

Gul Hayat Institute

(٤٥٠)

دِل ٻہ وَئي، دِلبر ٻہ ويو، آئون ڪِيئن سَهان اِي سُور ٻَئي؟
خواهہ ميڙين، خواهہ مارين، مُون ڪَيون مَنظُور ٻَئي.

خاص خِدمت ۾ رَهيا ٿي، چَنڊ چوڏهين ماهہ، سِج،
دَر تي دَربانيون ڏِٺم، پَل پَل پَري ۽ حُور ٻَئي.

اَڄ سَجڻ سُرمون وِجهي، سَهسين ڪَيا سِينگار هار،
گُرز گَز گهائن پَلين، گهوڙا! نہ مَٽ هِڪ گهُور ٻَئي.

پيچ پائي مَنجهہ پَسهہ، قابُو وِڌم ڪاڪُل قَرِيب،
مَن مَڙهيَم مَحبُوب سين، جِيئن مينهن ڪُنديءَ جا پُور ٻَئي.

پَهلوانن جُون پَٽيون، لاهيو لَڙائيءَ ۾ وِجهن،
جَنگ ۾ جاڙا پِرُون، پالا هَٽن پَرپُور ٻَئي.

پِنبڻيون ڪِنهن پَر نہ پُوريون، ڳالهہ هِڪ هَرگز هَلن،
دَم چِڪينم، دَم تَڪينم، دَم ڏِڪينم دُور ٻَئي.

جان جَليم جوش ۾، جَلوو پَسي جانِب جَمال،
جوت جاڳي اُت، جِتي گڏجن تَجَلي طُور ٻَئي.

عِشق 'احمد!' عُمر سارِي، نِت رُئاڙيَم رَت ڦُڙا،
مُحب ۽ مَحبت گڏيَم، مِيثاق ڪان مَغرُور ٻَئي.

*

Gul Hayat Institute

(٤٥١)

يار! توتان گُل ڪِ گوهر، گهور گهوريان؟ گهور ٻَئي،
چِن مَ جِيئري، نہ تہ جِسم يا جان جهوريان؟ جهور ٻَئي.

حُسن ۾ حُورن پَريَن جهڙا، هَزارين هَٿ ٻَڌن،
سِج سَڄڻ سان سُونهن ۾، يا چَنڊ توريان؟ تور ٻَئي.

تُون اَمُل يا گُل گُلابي، هِڪ بَحر، ٻيو باغ ۾،
ڪِيئن ٻَلا مِلندين، بَحر يا باغ ڏوريان؟ ڏور ٻَئي.

هِڪ تہ اولهہ ڏي اوهيرا، ٻيو تہ اوپر ڏي اُهاءُ،
ڪِنهن طرف مُنهنجا سَڄڻ! چَئو سَير سوريان؟ سور ٻَئي.

هِڪ ٻِتر هِن پير هيٺان، ٻيو ٻِتر هُن پير هيٺ،
هِڪ اکِيَن لئي اُن مَنجهان، پانيان تہ ٻوريان؟ ٻور ٻَئي.

اِي اکيون ڪاريون گهُرن، قِيمت ٻنان قِيمون ڪَباب،
هِن ڪُلهي يا هُن ڪُلهي تان، ماس ڪوريان؟ ڪور ٻَئي.

هُت وَڃڻ ويري نہ ڏِينَم، هِت وَرڻ وارِي نہ ڪا،
هَٿ ڪَنان هيڏِي ڪِ هوڏِي، پير چوريان؟ چور ٻَئي.

اِي ٻہ ’احمد‘ جا عَرض آهِن، تہ اَچ يا آئون اَچان،
اِن مَنجهان ڪِهڙو عَجيبن ساڻ اوريان؟ اور ٻَئي.

*

Gul Hayat Institute

(٤٥٢)

سَجڻ! زُلف زَنجير جِهڙو اَٿئي،
نظر توب ۽ تِير جِهڙو اَٿئي.

نه ٻي ڪَر اَٿم، ڪير آهين قَريب!
مُهاندو نه ڪِنهن مِير جِهڙو اَٿئي.

ڪَڙو ساڻ ڪاوڙ، ڪَرين جي ڪَلام،
سُخن سو شَڪر شِير جِهڙو اَٿئي.

حُسن ۾ نه تو ساڻ حُورن جي حاج،
لِڱن ۾ لَٽو لِير جِهڙو اَٿئي.

ڪَندين قُوت مُون کي ڪِ ٿيندينم قُوت،
نمونو نه نَخچِير جِهڙو اَٿئي.

سَجڻ! تُنهجي صُحبت ڪِيَس سونُ صاف،
اَثر يار! اَڪسير جِهڙو اَٿئي.

Gul Hayat Institute

نمازئي نه نِيتي جَڏهن يار پار،
تَڏهن نفل تَعزير جِهڙو اَٿئي.

اَميرن سين 'احمد!' ڪَرين عِشق راند،
نه اِيءُ طَور تَدبير جِهڙو اَٿئي.

*

(۴۵۳)

آءُ چَنان چانيون، وَسايون، چو چَپر چوليو اَٿي؟
دَرد سازِيَم دِل، اَجان دِلبر! نہ دَر کوليو اَٿي.

مِحنتون مَحبُوب! مُنهنجون، ٿيون مِٽي مَهندُوٽيون،
تُون گُذارين گهر اَندر، مُون ڳوٺ ۾ ڳوليو اَٿي.

گُرز جِهڙي گهور سان، گهوڙا! ڏِنئي گهر وِهہ ڪَري،
رَمز غَمزي ساڻ راڻا! مَنجهہ رِڻن روليو اَٿي.

مَهند مُون سان هيترِي مُدت هُئين مُڪڙِيءَ مِثال،
ٻاجهہ سين ٻارهين مَهيني، ٻابيها! ٻوليو اَٿي.

ڪَڻ اکيون خُوني نہ تُون، نہ تہ خُون ٿيندا، ڪِل مَ پاڻ،
اِن اکِيَن جِي آج سان، عالمَ اگِي اوليو اَٿي.

دانهن ڪَئي دِيدار لئي مُون، دوست دَهشت سان چَيوم،
پاڻ کي پاٿين وَجي، ٺَڪرن مَٿي ٺوليو اَٿي.

ويو اُٿي ’احمد‘ وِچان، اُن جاءِ آيو ٻيو اَمير،
راءِ سو راڻو سِياڻو، ڏَٿ ڏَٽي ڏوليو اَٿي.

*



Gul Hayat Institute

(٤٥٤)

اُٺ! مَ ويھہ، مَحبُوب جي مَحلات مَهنديري اَٿي،
چور هِڪ، ٻيو چانڊڪي، چَوڪي ٻہ چَوڦيري اَٿي.

خُوبرُوئيءَ جو خَزانو، خاص تُون آهين خَليل!
زُلف زَنگي فَوج، چَوڪي چوطرف ڦيري اَٿي.

چَشمِ هِن دَر دِل وِڃايم، ڪِيو جڏهن سُهڻي سَوال،
روز هِت چو هَلڪڙا! ڦيريءَ پُنيان ڦيري اَٿي؟

مُون تہ مِيندِن جي مَکيءَ ۾ دِل لِڪائي، دوست چِيوم،
هاڻ ليکي ساڻ لَهندين، هُو پَرِيان پيري اَٿي.

ڪِيئَن ويھن توسان گدا! گوڏو گَڏي گادي ڏَٺي؟
حُسن وارن سان هُونهِين، حَيران دِل هيري اَٿي.

ماڻڪيون ٻَئي مورچا، ڦَهرِي اکيون ڪَلتار توب،
جان مُنهنجي يار جاني! گھور سان گھيري اَٿي.

آهِہ 'احمد' اَڄ مَرڻ ۾، آءُ تہ آخر مُنهن ڏِسان،
دوست چِيو، دَم تَرس ڪُجھہ، دِيدار ۾ ديري اَٿي.

*

Gul Hayat Institute

(٤٥٥)

شِڪل سِينگاري سَجڻ! سِج ساڻ ثاني تو ڪَئي،
دِل سَندم دِيدار سين، دِلبر! دِيواني تو ڪَئي.

سَروَ سِر نايو سَجڻ! تُنهنجي سِڌائيءَ پيش پَئي،
ٽيو جَهڪو جوهر، نِگهہ جِنهن وَقت جاني! تو ڪَئي.

ويو قمر ڪُومائجي، تارن ڪَٽيَن سُودو قَريب!
جان ڪُنڊيَن ڪاريَن اکيَن ۾ ڪَجل ڪاني تو ڪَئي.

خاص خِدمت ۾ بيهاريون، ناز پِرا! تُنهنجي پَريون،
حُسن سَبيان حُور، ٻانهُن جوڙ ٻانهي تو ڪَئي.

خَلق خالِي هُئي گهٽان ڏِينهن، خُونريزيءَ ڪان خَليل!
نوڪ قيرڻ ۾ قَتي، فِي الحال فاني تو ڪَئي.

ڪير آئون، ڪير تُون، پَر قَلب قاتو سين قَضا،
مُت مِٽيءَ جِي تي مِلڻ جِي، مِهرباني تو ڪَئي.

تار 'احمد' جي اَندر تي، پيو صَحيفن مان صَحي،
خَط لِکي ڪِيئنءَ جو مَشق، نازُڪ! نِشاني تو ڪَئي.

*

Gul Hayat Institute

(٤٥٦)

دَرد تُنھنجي دوست! دِل ۾، دَست اَندازي ڪَئي،
دَم اَٿم ڪو دَم اَجان، تو دَم نه دَمسازي ڪَئي.

قُرب تُنھنجي، ساڻ ڪاتِيَن، قُرب وارن کي ڪُٺو،
شائقن سان شَوق تُنھنجي، شاھ! شَھبازي ڪَئي.

جِيئن پَسن توکي پِيارا! تِيئن اُداسِيَل اُڃ مَرن،
ڪِنھن نه دَرسن تُنھنجي ڪان، دِلدار! دِل تازي ڪَئي.

دِل ڏُتارڻ لاءِ تِر، داڻو ٿِي بِيٺو دام ۾،
پوءِ پَکيءَ وانگر پَسھ، اِن پار پَروازي ڪَئي.

مُون مَٿي مُصحف جي پانيو، آھِ پاڪيزو ڪو پوش،
پَر اِھا مِيندِن تو مُنھن جِي پَر جَھلي بازي ڪَئي.

ڪَنڌ رَکيو تُنھنجي قَدم تي، مُون ڳَڙي ڪاڪُل مِثال،
پير ۾ پازيب جِيئن پاٽل پَسھ پازي ڪَئي.

زور زوراور! نه توسان، موٽ زارِيَن تي ضَرُور،
اَڄ اَسُر ويلي اُٿي، ’احمد‘ اِھا آزي ڪَئي.

*

(۴۵۷)

دَرد تُنهنجي دوست! دِل ۾، دَست اَندازي ڪَئي،
مُون سين نازُڪ! تُنهنجي نازن، نيٺ ناسازي ڪَئي.

اِن هِندُو لايون هَلائون، جِيئَن هَلان هِند تي هَلي،
مُحمدي مَحمُود سُلطان، غَزنوي غازي ڪَئي.

مُون رَکي مَحبت گُجهي، تو پڻ خَفي ٿي خُون ڪِيا،
تو تي غَمزن، مُون تي غَم، پوءِ غَرض غَمازي ڪَئي.

جِيءَ ۾ جوڙيُمِ جاءِ جانِب! قَلب ڪُرسي تو قَريب!
سِر سُڪا صَدقي نِيت، تو لئي پِرين! پازي ڪَئي.

مُون مَنجهان مَحبُوب ويهي، چِيو اَنا الحق آشڪار،
پوءِ قَضا قَضيي ڪَرڻ جِي، ڪِنهن طرف قاضي ڪَئي.

مُور مُونجهارو نہ مَن تان، لوڪ ڏِسندي جِن لٿو،
دِل رَنجاڙيل تن جِي رانجهن، رَمز سان راضي ڪَئي.

Gul Hayat Institute

هِت هَلي هَرگز نہ ڪِنهن جو زور، زاريءَ ري ذَرو،
اُو اَگهيا آگي جي دَر، جِن عِجز سان آزي ڪَئي.

اَحد جِي اِمداد سان، 'احمد' ڪَهيو ڪو جو ڪَلام،
شِعر ڏِسندي شَرط سو، شاباس شِيرازي ڪَئي.

*

(۴۵۸)

مامري مارُن جي مارِي، ماڙِيَن ۾ مارُئي،
رَگ رَتولن کي ڏِنئين، رَت ساڻ راتو ڏِينهن رُئي.

لال لوئي ڪِينَ لاهيان، پَٽ نہ پَرهيندِس پَٽيءَ،
سُومرا! سيجن جِي سُمهندڙ، ڪا نہ سانگياڻي سُئي.

مُون ڏِنا، ٿي مِينهن وُٺا، جِنهن مُلڪ ۾ مارُو مِٺا،
بَر وُٺا ۽ ٿَر وُٺا، پانوَر وُٺا مِينهن، وَس هُئي.

مُرٽ، مانڌاڻيون، مَنڌيئڙا، موڪ موريا مَنجهہ مَلِير،
لوڪ ڪانهي روڪ، لاشڪ پوک لوِيارِيَن لُئي.

سانگ سانگيئڙا سِڌاريا، ساوڪُون ساڻيهہ ٿيون،
سُور تِن سوراخ ڪِيو تَن، جِيئن سِيِي تُن کي سُئي.

سِڪ سَنگهارن جِي سِڪان، سَن گهار ڪِهڙي سانگ ويا؟
مُون مَٿو ويڙهيو نہ ويڙهيان وار ڏارِيَن ۾ ڏُئي.

ڪَنڌ جهڪا ٿيا جهانگِيَن جا، ڪوٺ آئي مُون عُمر!
مِير! ماڙِيَن ۾ اَچڻ کان، ڪوهہ نہ آئون مَهند مُئي.

عَرض ’احمد‘ چَئي، عُمر! سُڻ، ڪَر نہ اَرڏايون اَمير!
مِير! ڪَڏ ماڙِيَن مَنجهان، مارُن مِڙِيي مَر مارُئي.

*

Gul Hayat Institute

(٤٥٩)

مُون کي شال! مَولا مُحمد مِلائي،
جُدائي ٿِي جانِب جِي جِيئڙو جَلائي.

ڪَريان ڪاف ۾ ڪاھ ڪافن ڪَشالا،
ڇُمان مَن! ڇَڳن ڇانٺ ڇانگو ڇَلائي.

سِگھو شال! سِڪندي ٿِئي سِند مان سَڌ،
هِتان حاجِيَن سان مُون هادي هَلائي.

عُمر سارِي 'احمد' اِهو عَرض آهي،
پَجي ويھ مَ پيرو پَلا! مُون پُلائي.

*

Gul Hayat Institute

(٤٦٠)

سَدا سُبحان! ساريون خاص تو ڪي،
صُبح سانجهي سَنپاريون خاص تو ڪي.

صُبح سانجهي خواهه سِج لٿي دَم،
اَندر جو ڏُک ڏيکاريون خاص تو ڪي.

نہ ڪَريون حال جي ٻِئي سان حَقيقت،
عَرض ڏُک جا ڏِياريون خاص تو ڪي.

سَدا تُون ساهه ۾، سِيني، سَندِين ۾،
نہ ويلو ڪو وِساريون خاص تو ڪي.

مَدد ٿِي هَر مَهل مَحبُوب مُنهنجا!
يَقينئُون ياد ڪاريون خاص تو ڪي.

مَدد ٿِي هَر مَهل مَحبُوب مُنهنجا!
ٻَڌان ٻانهُون ٻِپاريون خاص تو ڪي.

مَدد ٿِي هَر مَهل مَعشُوق مُنهنجا!
ٻِنان زوريءَ جي زاريون خاص تو ڪي.

مَدد ٿِي هَر مَهل مالِڪ اَسان جا!
ڏِيون داهُون دوباريون خاص تو ڪي.

مَدد ٿِي هَر مَهل مَولا اَسان جا!
ٻِنون پَروَر! پُڪاريون خاص تو ڪي.

Gul Hayat Institute

مَدد ٿِي راهہ ۾ رازِق اَسان جا!
سَڏي پيڙو بيهاريون خاص تو کي.

مَدد ٿِي خاص اَي خالِق اَسان جا!
صَدائون صُبح واريون خاص تو کي.

مُدامي ٿِي مَدد، بِيا ڪِنهن نہ ڪم جا،
اَسان جُون اِنتظاريون خاص تو کي.

مَدد تُنهنجي مُدامي آهہ، هُوندي،
تَڏهن پَل پَل پَچاريون خاص تو کي.

مَدد پَنهنجي ڪَر مُدامي، ميٺ مَديون،
عَرض گَڏجيو گُذاريون خاص تو کي.

اَسان تي ٿيو نِپاڳو نَفس غالِب،
عَدُوءَ تي ٿا اُٿاريون خاص تو کي.

جَهانن ۾ تو جيڏو نہ تو جِهڙو،
سَدا قُوَتون قَراريون خاص تو کي.

جَهانن ۾ نہ تو جِهڙو ڪو ڏاڍو،
زِياده زورداريون خاص تو کي.

جَهانن ۾ نہ ڪِنهن جِي جاءِ تو سان،
جُڳائن ٿيون جَباريون خاص تو کي.

مِنا تو وَٽ مِڙئي مومن مُسلمان،
ڪَڙيون قَومون ڪُفاريون خاص تو کي.

Gul Hayat Institute

وَسي دُشمن تي تُنهنجي ڏُوڙ دائم،
سَدا صِفتون سُونهاريون خاص تو کي.

سَدا توسان نہ ڪِنهن جي سَگ شَراڪت،
سَنديون دِل دوستداريون خاص تو کي.

اَسان ڏي آهِہ ميرائي، نہ مِيري،
ڀَلا! صِفتون ڀَلاريون خاص تو کي.

رَهيو نِت رُوح ۾ رَحمان! آهين،
نہ اَندر تان اُتاريون خاص تو کي.

قَوي قَيوم تُون قُدرت قَرارو،
نہ بِلڪُل بي قَراريون خاص تو کي.

پُڇي ڪوئي نہ آن کي قُوت ڏِئي ڪير؟
ضَمانت تِنهن وَقت واريون خاص تو کي.

اِلاهي! عَرش، ڪُرسي، اُڀ، زَمين ۾،
نِهايت سين نِهاريون خاص تو کي.

مَڃُ تو کان نہ مالِڪ! مُنهن مُناسب،
اَندر دِل دوست ڌاريون خاص تو کي.

اَحد سائين! اَٿئي 'احمد' جِي پارت،
سَنديئي ٻانهون سُپاريون خاص تو کي.

*

Gul Hayat Institute

عطر آنست کہ خود ببوید، نہ آنکہ عطار بگوید. عطر پنهنجي ابڪار سان پاڻ کي پڌرو ڪندو آهي، نہ ڪہ عطار جي چوڻ سان. اسان جو ممدوح مولوي احمد ملاح رحہ ان مثال تي مِن و عَن پورو اچي ٿو.

قوم: مسڪين ملاح

جاءِ پيدائش: ڪڇ جي رڻ جو ساٿ ڏيندڙ ڳوٺ ڪنڊو

تعليم گاهہ: غريباڻا مدرسا

صحبتي: ويلي لاءِ محتاج علماءُ ۽ مفلس عوام

مقابل: وڏا زميندار، جاگيردار، تاجر، گادي نشين پير، ان وقت جي انگريز سرڪار ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ باطل جي نمائندگي ڪندڙ مفڪر

وسيلن جي محتاج دنيا ۾ بي وسيلي مولوي صاحب کي شڪست اچڻ کپي، پر هتي مقابل سندس قادرالڪلاميءَ کان پنهنجي تحريڪ کي ٽٽندو ڏسي ميدان ڇڏيندي نظر اچي ٿو. بيان جو ڏٽي، معانيءَ جو مير، علم بديع ۾ بي بها، سلاست ۽ بلاغت جو بحرِ بيڪران هئڻ جي حيثيت ۾ سندس ڪلام موزون شاعريءَ ۾ هڪ اعجازي رتبو رکي ٿو.

پروفيسر ضرار رُستماڻي کيرون لهڻي جنهن هن خاتم الشعراءِ جو ڪلام تحقيق ۽ ترتيب سان پيش ڪري سنڌي قوم تي خصوصاً ۽ مسلمانن تي عموماً احسان ڪيو آهي.

الله تعاليٰ سندس ڪيل پورهيو قبول فرمائي. آمين!

Gul Hayat Institute

**مولانا عبدالرحمان جمالي**

عمرڪوٽ